
# مان جي مُئس پنڌ ۾



سهيڙيندڙ

رکيل مورائي

ثقافت کاتو

حکومت سنڌ

# مان جي مُئس پنڌ ۾

(محترمه بينظير ڀٽو شهيد کي منظوم ڀيٽا)

سهيڙيندڙ
رڪيل مورائي

ثقافت کاتو حڪومت سنڌ
ڪراچي. 2010ع

ڇپائيندڙ جا حق ۽ واسطا قائم

| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | مان جي مُئس پنڌ ۾ |
| موضوع: | شاعري |
| سهيڙيندڙ: | رڪيل مورائي |
| پهريون ڇاپو: | 2010ع |
| ڪمپوزنگ: | امتيازانصاري |
| ڪمپيوٽر لي آئوٽ: | نديم احمد سولنگي |
| ڇپيندڙ: | سنڌيڪا اڪيڊمي، ڪراچي<br>فون: 32737290_021 |
| ڇپائيندڙ: | شمس جعفراڻي<br>سيڪريٽري ثقافت کاتو<br>حڪومت سنڌ |

قيمت: 500/- رپيا

ڪتاب حاصل ڪرڻ لاءِ
ثقافت کاتو بوڪ شاپ
سامهون ايم پي اي هاسٽل
سر غلام حسين هدايت الله روڊ
ڪراچي 74400
فون: 99206063_021

# فهرست


پبلشر نوٽ 13

سميڙيندڙ جو نوٽ 15
*شمشير الحيدري*

وائيءَ ڪيو ورجاءُ 21
*شمشير الحيدري*

ڪينجهر جي اڪيلي ڪونج 22
*قمر شهباز*

اجا ڪيترا لاش گهرجن توهان کي؟ 23
*قمر شهباز*

تير 26
*تاجل بيوس*

جنري رهندينءَ تون جهانَ ۾ 27
*تاجل بيوس*

شهيد بينظير کي خراج 28
*تاجل بيوس*

ملير جي مارئيءَ کي خراج 29
*يوسف شاهين*

بي مثل - بينظير 31
*يوسف شاهين*

سنڌ سڏڪن ۾ 38
*تاج بلوچ*

اڏمو 39
*علي بابا*

اوينيور ڌرتيءَ جي گهنگهور عورت! 41
*نواز علي شوق*

بينظير جي شهادت تي 47
*مرتضيٰ ڏاڏاهي*

شهيد راڻي بينظير لاءِ عقيدت جا گل 48
*احمد خان مدهوش*

هڻ هڻ بينظير 50
*شيخ عبدالحليم جوش*

بينظير آئي ۽ هلي بروئي 52
*شيام جيسنگهاڻي*

ننڍي واپس موٽي وئي 54
*سليمان سولنگي*

هيٺي پاڻ وهيٺي 55
*سليمان سولنگي*

يوم الحساب 56
*غلام نبي "گل"*

جمهوريت جي سرواڻ 57
*عبدالغفار تبسم*

ڪروڙين دلين منجهه وسندڙ سنڌياڻي 59
*هدايت بلوچ*

پلئو ونبا - پلئو ونبا 67
*تاج جويو*

هوءَ نه هيٺي ٿي 70




www.bhutto.org

*ملهار سنڌي*
سنڌ راڻي بينظير 278
*نويد سنڌيلو*
شهادت بينظير جي 279
*خواجه ذوالفقار*
سنڌ جي نياڻي 282
*سجاد مهر*
بينظير ڀٽو جي نالي؟ 285
*ستار سروهي*
شهيد راڻي کي لفظن جي ڀيٽا 286
*واحد پارس هيسباڻي*
يتيم ديس ٿي ويو! 289
*وفا ٻرڙو*
شهيد ڀٽو جي بهادر نياڻي 290
*ارشاد لغاري*
ڀٽائيءَ جو گيت 293
*دانش اياز سومرو*
سا ڀيڻ اسان کان وڇڙي وئي 297
*مختيار شيخ*
جمهوريت جي امام جو قتل 298
*غني غمدل*
چڱو الوداعي، ادي! الوداعي 300
*عبدالحق ساريو*
ستاويهين ڊسمبر! 302
*وحيد سمون*
ڪائنات ٿي تڙپي 304
*نسيم بخاري*
سنڌ سوڳوار آ 305
*امتياز عالم*
عجيب احترام آ 306
*امداد حسين هيسباڻي*
چوٽم هو بينظير هئي 307
*منصور مگسي*
قاتل 308
*فراخ جانوري*
او بهادر بينظير! 309
*اڪبر ڪرل*
شهيد محترم جي ياد ۾ 310
*ڊاڪٽر جئپال چاٻڙيا*
تنهنجي تڏي تي! 312
*حيدر ملاح*
سنڌ جائيءَ شهيد کي ڀيٽا 314
*مسيح*
هر دور آ شهادتون.....!؟ 317
*مسيح*
ڪيڏاري سنڌيون هوائون 319
*فرخ جوڻيجو*
ڀٽائي جون اکيون ڀنل آهن 321
*لياقت مولائي ملاح*
شهيد ڀيڻ بينظير کي ڀيٽا 322
*واحد سومرو*
راڻي راڄ رناري وئينءَ 324



www.bhutto.org

*ذوالفقار ٻھڻ*

ذرتي لاءِ اعزاز 412

*حميد مهراڻوي*

اڄ ويڙهو آويران ٿيو 414

*عاجز ڪوڪر*

دشمن لئہ ڇڻ تير هڻي 420

*آزاد انور حسين مهر*

هنجون هاري سنڌڙي 421

*محمد صفدر ٺٽوي*

سياست بينظير جي 422

*عليم چنو*

پيڻ بينظير ڪي ارپنا 423

*خاور قبولائي*

نياڻي موٽي آ 424

*امر انصاري*

جام شهادتَ پيتو جنهن 425

*شوڪت شيخ*

شهيد بينظير ڀٽو 426

*بيخود بلوچ*

وڻ وڻ رنو واڻ جو.... 427

*بيوس چانديو*

شهيد ٿي وئي 429

*شوڪت ميمڻ*

تون بينظير تون بينظير 430

*فرحت نور*

هوءَ ويس مٽائي ورٽي آهي 432

*نذير ناز*

شهيد راڻي 433

*انور ساگر ڪانڊڙو*

سنڌڙيءَ جي راڻي 436

*امتياز مومن*

27 ڊسمبر گلابي راڻيءَ جي شهادت 438

*عظيم آديسي*

بيگناهہ هڻي بينظير 439

*زخمي چولياڻي*

نہ جهڪي ظالم اڳيان 440

*احمد نواز ذاهري*

ڪٿي اڄ آ راڻي 441

*نور الدين نفيس*

شهيد راڻي کي خراج 445

*رضا آڪاش خاناڻي*

توکي پيئي سنڌ ساري 447

*اداس سنڌيلو*

ڇو قتل ڪيو تو ظالمو؟ 449

*ملڪ وحيد*

وڇوڙو سنڌ راڻيءَ جو 451

*صغريٰ سرهاڻ گل*

سلام 453

*غزل ملاح*

هر منظر سُڄ لڳي ٿو 454

*عبدالجبار "عاجز" منگي*

شهيد سالار 456




www.bhutto.org

*مخمور مهيري*
شمع جمهوريت ٻاري ويئي! 457
*ثمينا بلوچ*
منهنجي شهيد ڀيڻ نماڻي 460
*عبدالرحيم عزمي*
عقيدت جاگل 463
*بابر علي گذاٺي*
شهيد جمهوريت 464
*ميوو خان حاجاڻو*
ذوالفقار! تنهنجي نياڻي 465
*ارشاد سعيد عباسي*
باوفا سنڌ جي ڄائي 466
*روشن شيخ*
مستقبل ڳوڙها ڳوڙها 468
*رياض راهي*
سنڌ ڄائي بينظير 469
*فوزيہ بانو*
درد جي ڪٿا 471
*نبيلہ*
اٿي رائو ريل 473

*شهناز بلوچ*
منهنجو عڪس 475
*وفا الهڏنو چانڊيو*
انصاف ڪرهڻ سان 476
*وفا غلام نبي اڃڻ*
سنڌ جي راڻي الوداع.... 477
*محمد جوکيو*
اي بينظير 480
*ڪاظم امير بخاري*
سنڌ جي نياڻي 482
*زبيده شورو*
حياتيءَ جو عڪس 483
*نظر حسين ملاح*
ڀيڻ منهنجي بينظير 484
*رکيل مورائي*
زندگيءَ جي فتح 485
*الحاج شاهنواز ”مسافر“*
شهيد بينظير ڀٽو (سوانح عُمري) 486




www.bhutto.org

## پبلشر نوٽ

ثقافت کاتي حڪومت سنڌ کي اهو اعزاز حاصل رهيو آهي تہ ان سنڌ جي ثقافت کي نہ صرف هٿ وٺرائي آهي بلڪ سنڌي ادب جي ترقي ۽ ترويج لاءِ عملي اقدامات ڪيا آهن. هٿ جي هنرن جي تحفظ ۽ هنرمندن جي حوصلا افزائيءَ سميت سنڌي علم، ادب ۽ تحقيق جي ڏس ۾ ڪم ڪندڙ شخصيتن ۽ سنڌ سان لاڳاپيل عالمي پائي جي مدبرن، دانشورن ۽ محققن کي خراج پيش ڪرڻ لاءِ مختلف پروگرام منعقد ڪيا ويا آهن. ثقافت کاتي طرفان سنڌ جي صوفياءَ ڪرام سان گڏوگڏ عالمن، دانشورن ۽ فاضلن جي پيغام ۽ فڪر کي عام ڪرڻ لاءِ ڪيترائي ڪتاب شايع ڪيا ويا آهن.

شهيد محترمہ بينظير ڀٽو پڻ انهن شخصيتن منجهان هڪ آهي. جنهن جو فڪر ۽ ڪردار عالمي پائي جو رهيو آهي. سندس مدبراڻي شخصيت جتي پوري دنيا کي پنهنجي ڌاهپ ۽ فهم سان متاثر ڪيو آهي اُتي سندس اوچتي وڇوڙي پڻ دنيا تي پنهنجا گهرا نقش ڇڏيا آهن. جنهن جو ثبوت هزارن جي تعداد ۾ لکيل اُهي مضمون، مقالا، تاثر، رپورٽون، شاعري ۽ ڪتاب آهن، جيڪي سڄي دنيا ۽ دنيا جي مختلف ٻولين ۾ شايع ٿيا ۽ ٿي رهيا آهن.

عالمي پائي جي هن بلند ڪردار دانشور ۽ سنڌ ڄائي ڌاهي شهيد محترمہ بينظير ڀٽو کي خراج پيش ڪرڻ لاءِ هن ٻوليءَ ۽ خطي جي ماڻهن بہ وسان ڪين گهٽايو ۽ مختلف انداز سان ڪيس ڀيٽا پيش



www.bhutto.org

ڪئي. سنڌ جي تخليڪارن شاعريءَ جي مختلف صنفن ۾ مختلف وقتن تي محترمه بينظير ڀٽو کي جيڪا پيتا پيش ڪئي، ان کي گڏ ڪري ڇپائڻ لاءِ ثقافت کاتي جي متحرڪ وزير محترمه سسئي پليجو صاحبه خواهش ظاهر ڪئي. سنڌ جي نوجوان اديب محترمه رکيل مورائيءَ ان سڄي ڪم کي سهيڙي ڪتابي صورت ڏني آهي جڏهن ته ان جي نظرثانيءَ جون سموريون ذميواريون کاتي جي ڊائريڪٽر، ڊاڪٽر محمد علي مانجهيءَ سرانجام ڏنيون آهن. ثقافت کاتي لاءِ هيءَ ڳالهه باعث فخر آهي ته هيءَ ڪتاب شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي 57هين جنم ڏينهن جي موقعي تي پڌرو ڪيو پيو وڃي. هي خراج آهي اُن عظيم شخصيت کي جنهن جي تدبر ۽ ڏاهپ جو دنيا اعتراف ڪري ٿي. اميد آهي ته پڙهندڙ پڻ انهيءَ اتساهه ۽ عقيدت سان هن ڪتاب کي پنهنجي مطالعي جو حصو بڻائيندا.



ڪراچي
21 مئي 2010ع

**شمس جعفراڻي**
سيڪريٽري
ثقافت کاتو
حڪومت سنڌ

www.bhutto.org

## سهيڙيندڙ جو نوٽ

محترمہ بينظير ڀٽو ننڍي کنڊ جي وڏن ليڊرن، مدبرن، اڪابرن ۽ روشن خيال سياستدانن ۾ هڪ اهم نالو پر سندس شهادت جو غم ۽ ڏک سيني کنڊن کي ڏکوئي ويو. موجوده وقت ۾ دنيا ۾ شايد ئي ڪو اهڙو اڪابر، ڏاهو، سوچيندڙ شخص هجي، جنهن جا سندس شهادت تي نيڻ نہ پِڳا هجن. هونئن هن ننڍي کنڊ جي نڌڻڪائيءَ جو داستان تي عجيب آهي. ويهين صديءَ ۾ جيترا ڏک هن کنڊ ڏٺا آهن، اوترا ٻن مهاڀاري جنگين کي ڇڏي دنيا شال ئي ڏٺا هجن.

۽ وري هيءُ ننڍي کنڊ جو ننڍڙو بنهہ ننڍڙو ديس، جنهن جي وچ مان سنڌو ندي وهي ٿي ۽ جنهن دنيا کي پنهنجي وس ۽ وِتَ کان وڏا سياسي اڳواڻ ڏنا. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد بينظير ڀٽو انهن منجهان بہ اهم ۽ نمايان نانءَ. هي ننڍڙو ديس اڌ صديءَ کان بہ ٿوري عرصي ۾ هڪ ئي گهر جا بہ وڏا اڳواڻ وڃائي ويٺو ۽ ڪجهہ بہ ڪري نہ سگهيو. شايد اهو سچ آهي تہ هن ديس ۾ رهندڙ ماڻهو ڏک پسند آهن. جو هو وڏي ۾ وڏي ڏک کي بہ سهي ويندا آهن ۽ ايئن هو تازي پنهنجي شهيد ٽيل ڀيڻ جي ڏک کي بہ سهي ويا. ممڪن آهي تہ اها سهپ وقتي هجي ۽ سندن اندر ۾ دکندڙان دک

15

جي آڳ ڪڏهن پڙڪو ڪائي ٻري پوي. اهو احساس مون کي هن ڪتاب کي وري وري پڙهندي شدت سان محسوس ٿيو آهي.

هونئن لطيف فن جي ڪنهن به شاخ ۾ اظهاريل وارتائون ان فنڪار جي شخصيت ساڻ گڏ، سندس ملڪ ۽ ان جي ماڻهن، سندس ڳوٺ جي ڳلين ۽ شهر جي رستن جون وارتائون به هونديون آهن اهو نه وسارڻ گهرجي.

شاعري فنِ لطيف (Fine Art) جي هڪ سگهاري شاخ آهي. تنهن ڪري ان ۾ اظهار ڪيل احساس دنيا جو سگهارو ترين اظهار آهي، جيڪو شايد ٻئي ڪنهن به آرٽ ۾ ممڪن نه هجي. ادب جي حوالي ۾ اهو به قبول ڪيو ويو آهي ته، نثر دماغ سان لکيو ويندو آهي ۽ نظم دل سان لکيو ويندو آهي. انهيءَ ڪري مان سمجهان ٿو ته هيءَ ڪتاب دلين جو داستان آهي.

اهو سچ آهي ته ويجهي ماضيءَ ۾ منهنجي شعوري عمر ۾ بينظير ڀٽو صاحبه جي شهادت اهڙو سانحو آهي، جنهن کي شايد اسان جو نسل ته سڄي ڄمار وساري نه سگهندو پر هن سانحي کي ايندڙ ڪيترا نسل به وساري نه سگهندا. ٻيو اهو ته هن سانحي تي دنيا جي الڳ الڳ ٻولين ۾ خاص ڪري انگريزي، اردو ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ ايترو ته لکيو ويو آهي، جنهن جو اڳ مثال ملڻ مشڪل آهي. جتي گهڻو لکيو ويو آهي، اتي گهڻو ڇپيو به ويو آهي، پوين ٻن سالن ۾ محترمه بابت مٽي ڄاڻايل ٻولين ۾ ڳڻپ کان ٻاهر ڪتاب شايع ٿيا آهن ۽ مسلسل ٿي رهيا آهن. پر هيءَ ڪتاب هڪ منفرد ڪتاب آهي، جنهن ۾ فقط دلين جو اهو اظهار آهي جيڪو دلين ۾ درد پيدا ٿيڻ کان پوءِ ڳوڙهن جي صورت ۾ اکين جون ڇنبڻيون پسائي ويو هئو.



www.bhutto.org

هن ڪتاب ۾ اهي سڀ پيٽائون آهن جيڪي دلين مان دانهن جي صورت ۾ نڪتيون هيون ۽ جن جو عمل اڃا تائين جاري آهي. جيتوڻيڪ هيءُ ڪتاب هڪ سياستدان کي پيٽا آهي، پر ڪتاب ۾ ڪا به سياست نہ آهي ۽ جيڪو ڪجهہ هن ڪتاب ۾ نظمن جي صورت ۾ آهي، اهو آهي پيار، ڏک، غصو ۽ ڪجهہ ڳوڙها. جيڪي، هر تخلقيڪار پنهنجي شهيد اڳواڻ کي پيٽا طور آڇيا آهن. ڏنو وڃي تہ سور جو سوين صورتون آهن ۽ هيءُ ڪتاب انهن مان هڪ صورت آهي. هيءَ ڪتاب منهنجي ٻن سالن جي لڳاتار محنت ۽ سهيڙ جو ثمر آهي، جنهن جي ڇپجڻ تي فطري طور مون کي بيحد خوشي ٿي رهي آهي، مرتب طور مون هنن پيٽائن ۾ ڪا بہ پاسخاطري نہ ڪئي آهي. مون کي احساس آهي، ان ڪري اها وضاحت ضروري ٿو سمجهان تہ مون ڪجهہ نظم اهڙا بہ ڏنا آهن، جن ۾ شاعراڻيون گهرجون پوريون ڪيل نہ هيون پر جيئن تہ مان پهريائين چئي آيو آهيان تہ جيئن، تہ اهي پيٽا هئا ۽ ان پيٽا پويان جيڪا معصوم دل روئي رهي هئي، اها مون لاءِ شاعري جي فن کان وڌيڪ اهم هُئي، جيئن تہ هن ڪتاب ۾ شامل نظم هر تخليقار جي دل جي دانهن هُئي ان ڪري مون اهي شامل ڪيا آهن. ممڪن حد تائين منهنجي ڪوشش هئي تہ نظم هٿ ڪري سگهان پوءِ بہ ڪي نظم رهجي ويا هوندا، جن تائين منهنجي رسائي نہ ٿي سگهي هوندي. ايئن گهڻو ڪجهہ ميڙيندي، ڪجهہ رهجي بہ ويندو آهي، اهو اوس ٿيڻو آهي.

سنڌ حڪومت جي ثقافت واري کاتي جي سيڪريٽري سائين شمس جعفراڻيءَ هن ڪتاب ڇپائڻ ۾ بيحد دلچسپي ورتي آهي مان سندس ٿورائتو آهيان. پنهنجي دوست ثقافت کاتي جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر محمد علي مانجهيءَ مڪمل سهڪار ڏنو جنهن



www.bhutto.org

لاءِ پڻ مان سندس ٿورائتو آهيان، سدائين جيان پنهنجي دوست تاج جوئي جون صلاحون ڪتاب کي سهڻو بڻائڻ ۾ ڪم آيون.

مان سمجهان ٿو ته هيءَ ڪتاب محترمه بينظير ڀٽو کي سندس ستونجاهين جنم ڏينهن تي هڪ اهڙي ڀيٽا آهي جيڪا ڪيس سندس ديس واسين پاران ڏني وئي آهي، هيءَ ڪتاب ان ڳالهه جي گواهي آهي ته هوءَ هن ديس جي دلين ۾ وسي ٿي ۽ سدائين لاءِ هن ديس جي دلين ۾ ڌڙڪندي رهندي.


**رڪيل مورائي**

ڪراچي.

28 مئي، 2010ع



www.bhutto.org




www.bhutto.org

## وائيءَ ڪيو ورجاءُ

ڪربل جي ميدان جو عجب سڏ سماءُ،
تند ڪتاري ڪنڌ ۾، جڏهن ٿيو پرچاءُ،
ڪنڌيءَ تان فرات جي، اُيريو هي پڙلاءُ،
پسي تيغن تاءُ، ڪو آهي جو مدد ڪري.

امامن جي ڪالهه جو اڄ بہ اهو پرياءُ،
"هل من ناصر أنصرنا"، وائيءَ ڪيو ورجاءُ،
ڪنڌيءَ تان سنڌوءَ جي، اچي ساڳيو ساءُ،
آهي ڪوئي ياءُ، ڪري مدد بينظير جي.



www.bhutto.org

# ڪينجهر جي اڪيلي ڪونج

زبان گونگي،
اکين ۾ ڳوڙها،
ڪنن ۾ گولين جي گونج آهي:
هي ڪير آڪاس ڏي اُڏاڻو
اُداس صدين جي سونجهه آهي!

هوا ۾ بارود جي ڌماڪن جي تيز بدبوءِ
گهٽين ۾ بيهوش آهي خوشبو:
سڄي شهر جي دلين دماغن ۾ ساهه سينن ۾ مونجهه آهي

امن جو ڳيرو صبح سواري،
اُڏاڻو سنڌوءَ جي ڀٽي ڪناري:
اونڌيري اڌ رات جو ٻُريا ٽي جي سڏ پڙاڏا،
اُهي اُمالڪ الوپ ٿي ويا:
وڇوڙي پنهنجي ولڙ ڪان مڪار مارين بيقصور ماري
اڪيلي ڪينجهر جي ڪونج آهي!



www.bhutto.org

# اجا ڪيترا لاش گهرجن توهان کي؟

اجا ڪيترا لاش گهرجن توهان کي؟
اجان ڪيترا؟
اسان جا هي سندر سُهڻا ۽ مُهڻا
۽ ڳڀرو جوان
اوهان جي بکايل نگاهن جو
بک ٽيندا رهندا؟
اجا ڪيترا
مائرن، ڀينرن ۽ ڌيئرن جا سهارا
اُجارا ٻُڪارا،
ڏامر جي ميري ۽ کهري
۽ اڊڙيل بدن کي
پنهنجو خون هاري، ڏئاري، اجاري،
پنهنجي مختصر، بي وس ۽ بي رس
۽ اٽيي حياتيءَ کي
پوئين پهر جيئن گذاري،
تڙپي ۽ ڦٿڪي
۽ وڙڪي ۽ سڙڪي،
اوهان جي خوشين لاءِ مرندائي رهندا؟
اجا ڪيترا لاش گهرجن توهان کي؟



www.bhutto.org

چئو ڪيترا؟
اسان وٽ تہ لاشن جو ڪاٿو ئي ڪونهي!
اسان وٽ گهڻائي زندهہ لاش آهن،
جي ”تنظيم، اتحاد ۽ ايمان“ جي پيڙهہ ۾
ڪٽيل ڳڪري ۽ واري ۽ بجري
۽ گارو ٿيڻ لاءِ
هر پل هر دم تيار آهن،
ونگار وهندا.
اسان وٽ تہ لاشن جا انبار آهن!
چئو ڪيترا لاش گهرجن توهان کي؟
اسان وٽ گهڻائي
مايوس، مفلس، واندا ۽ ماندا
۽ بيزار بيڪار لاشا بہ موجود آهن:
گولن ۽ گولين ۽ بندوق جي باهہ ۾
اوهان جي انگل تي
سڙي جان ڏيندا.
نہ ڪڇندا نہ پڇندا،
نہ چُرندا نہ سُرندا،
نہ ڪا آهہ ٿيندي، نہ ئي دانهن ٿيندي،
نہ انصاف گُهرندا.
چئو ڪيترا لاش گهرجن توهان کي؟

هي سنڌي،
جي سنڌڙيءَ ڪان اڻ ڄاڻ آهن،
هي سادا، جي سئودو سکيا ئي نہ آهن،
هي جيئرا جنازا جواني ڇا ڄاڻن؟



www.bhutto.org

انهن کي حياتي ڪيئن راس آئي؟
انهن جي جواني تابوت ۾ بند
آئي ڪي آئي،
اجها ڇاڻ آئي،
اسان وٽ تہ لاشن جا انبار آهن،
ڇئو ڪيترا لاش گهرجن توهان کي؟

✲



www.bhutto.org

# تير

تنهنجيءَ اياڳيءَ بندوق مان،
نڪتل هوءَ گولي.
منهنجي اندر جي،
نظر جي، جگر جي،
هُن پار اتري تہ وئي آ،
هر جيءَ جي آس وڪري تہ وئي آ،
۽ تارن ڀري رات گذري بہ وئي آ،
تون پنهنجو فڪر ڪر!
اي آمر ۽ جابر ۽ قاتل ۽ ڪانئر!
تون پنهنجو فڪر ڪر،
تون پنهنجو فڪر ڪر تہ ان تير کي
ڇا ڪندين،
جو اڏندو اچي ٿو،
۽ ان ٻيڙي جو ڇا ٿيندو،
جو ٻڏندو وڃي ٿو؟



www.bhutto.org

## جئري رهندينءَ تون جهانَ ۾

بينظيـر منهنجـي پـيڻ!
جئري رهندينءَ تون جهـانَ ۾.
تنهنجي فڪر، فـراق ۾
نـہ ٿـا سـگـهـن هـي نـيڻ.
جئري رهندينءَ تون جهـان ۾.
تـوکي سـدائين سنڌ ۾،
سـاريندا رهنـدا سـيڻ.
جئري رهندينءَ تون جهـانَ ۾.
ٻـڌبـا گهوٻاٽـا، گوليـون،
آوَسِ اسـان جـا ويـڻ.
جئري رهندينءَ تون جهـانَ ۾.

✲



www.bhutto.org

# شهيد بينظير کي خراج

(1)

سالڪ، سياڻي، برحقُ بينظير هئي.
وائي شاهہ لطيف جي، سنڌوءَ جو پاڻي،
ٻڌجي وئي جا بهشت ۾ جيجل جوڳياڻي،
حورون چمندس هٿن کي، ڄاڻي، سُڄاڻي،
ساري جنهن کي سنڌ جي، تي مڪلي، مياڻي،
سهڻي، مارئي، سسئي، نوري نماڻي،
صنم، خوشبوءِ، منڙ ءِ، نصرت نياڻي،
سمو جوکيو راڄپر، چنو چنڊاڻي،
روئي ڦڙا رت جا، تو ٺَنيو تيغاڻي،
سليم، نديم، عبدالحق، اوٺي، آرياڻي،
ڳوٺُ اعتبار خان جو، شوڪت، شاهاڻي،
بيوس ٻڌبي بهشت ۾ جا راڻين جي راڻي،
اصل آڪاڻي، رهندي سونهاريءَ سنڌ جي.

(2)

بيشڪ بينظير، سهارو هئي سنڌ جو.
خوشبوءِ سنڌ ساڻيهہ جي، ڳالهين جي ڳهير،
ڪڏهن ٻڻي جا ڪينڪي، انا جي اسير،
هئي آوَسِ اخلاق ۾ فيضوند، فقير،
بيوس هوندي بهشت ۾ سنڌڙيءَ جي سفير،
پارس جهڙي پيءُ سان، ملندي ماهہ منير،
برحق باضمير، رهندي جوت جهان جي.



www.bhutto.org

## ملير جي مارئيءَ کي خراج

سالڪ سنڌ راڻي، مارئي ملير جي.
وائي شاهه لطيف جي، نانڪ جي باڻي،
مٺي وَڏِ ماڪيءَ کان، مکڻ جي چاڻي،
سانديي رکي جنهن ساهه ۾، پرت پُراڻي،
اجان جنهن جي آس جي، آڳ نه اُجهاڻي،
وئي ڪري ويران جا، هالا، هالاڻي،
ساري جنهن کي سنڌ جي تي، نصرت نياڻي،
خوشبوءِ، صنم، سيما ۽ نوري نماڻي،
ڪيري ڪنهن ته "ڪين" ۾ هاڪ حميراڻي،
ڪيري ڪنهن "ڪين" ۾ ڏَرِ جي ڏياڻي،
پسندي پنهنجي پيءُ کي، اوس آرياڻي،
اصل آ ڪاڻي، رهندي سنڌ ساٿيهه جي.

فاني ڙي، فاني، دنيا انا جو اولڙو.
وچايم ويساهه ۾ جوت جسماني،
پائر، پارس پونءِ جا، ۽ جکرو جاني،
ملندو جن جو مشڪل سان، سنڌ ۾ ڪو ثاني،
برحق بينظير جا، لائق، لاثاني،
رهي جن لئي رات ڏينهن، ڏهاڳڻ ڏاني،
لکي لاڙڪاڻي جا، غازي، گياني،
راحت ڪسي ويا روح جي، حالت ترخاني،



www.bhutto.org

ڪر ڪسڪائي ويا سنڌ جو مکڻ مٿاني،
بيوس هوندا بهشت ۾ نرمل، نوراني،
ڪيري پئي ڪين ۾ هيبت حيراني،
ملي شال مٿي کي، عامل امڪاني،
ڪندي سوايو سون ڪان، طلب تاباني،
ڪندو پارس لوهہ کي، آتت انساني،
ڪندو پارس لوهہ کي، سايو سُبحاني،
مون پڻ آهِہ نصيب ٿي، ڪوڙر ۾ ڪاني،
منهنجي مزماني، برحق ٿيندي بهشت ۾.

✵



www.bhutto.org

# بي مثل- بينظير

لکان تہ کيئن لکان، لفظ ليلائين.
سُڏکا سِٽَ پري، اکر آلاپين،
پاتاڙيو پاڏائين، جي اوريان حالُ اندرَ جو.

لکان تہ کيئن لکان، سُڏکا سِٽَ پري.
يوسفُ حالُ دل جو، کري تہ کيئن کري،
پاکر منجهہ پري، اکر ڏين اوچنگارون.

لکان تہ کيئن لکان، سُڏکا پري سِٽَ.
ڏاڍا، ڏونگر، ڏهلا، مڙوئي سڏائين مِٽَ،
ڏيئي پاراتا پِٽَ، تين دعاڳي دَرَ تي.

لکان تہ کيئن لکان، احوالُ اڙانگو.
جن ناہ سِرَ سانگو سي هلن پيلهہ مون سين.

لکان تہ کيئن لکان، لفظ للڪارَ.
قلم پورا کري، ڪٽي تيغ ترارَ
هٽي نعرا پُڇن پارَ ڏي اُهڃاڻ آزاديءَ جا.

لکان تہ کيئن لکان، لفظ لهٽيدارَ.
هيءَ متي، هي مارڳُ، هي پَٽَ پالٽهارَ
ڪن پل پل هيءَ پچارَ قرض لاهِ هن ڪيچ جو.



www.bhutto.org

لڪان تہ ڪيئن لڪان، لفظ لفظ لوري،
هيءَ امڙ هيءَ جيجل، هي سانئڻ سڳوري،
ٻڌي ٻانهون چوي سدوري، ننڍڙا ٿڃ نياءِ.

لڪان تہ ڪيئن لڪان، احوالُ اُتاهون.
سوريءَ مٿي موهجي، لڏيون جن لانئون،
ويندي چيائون، اي وٺج واٿ وڏاندري.

لڪان تہ ڪيئن لڪان، احوالُ اڏورو.
آزادي انصاف، ڏي پيغام پورو،
ٿي نئون نڪورو، ڦاٿُ ڪاءِ تہ ڦَٿَ ڇُٽن.

لکڻ ڪاڻ لاڏا، مون وڏا وس ڪئا.
اکر سڀ اُڏامي، وٺان مون ويا،
ڪي اهڙا ڪيس ٿيا، ٻري هن ٻنيور ۾.

لکڻ ڪاڻ لاڏا، مون وڏا ڪئا وَس.
جُڙيا تنين جَس، جي ڪاتب ٿيا لوح قلم جا.

الا ڪهڙيءَ ڪاڻ، مُلڪ مڙوئي مانڊاڻ.
آڏا اُبتا حاڪمُ، حُڪمَ هلائي هاڻ،
جو ڪنيو هلي ساڻ، ابليس اندر ۾.

هر ڪنهن سُس پُس، هرڪو سورَ سلي.
ظالم جابر ڪي، ڪو تہ هاڻ جهلي،
جو ڪنيو ساڻ هلي، ابليس اندر ۾.



www.bhutto.org

هر ڪنهن سُس پُس، هر ڪو سلي سورَ.
هت قاضي ڪوٺايو ڪانئر ڪن ڪلورَ
سڀ پڇائين پور، ڪيئن آجا تين آنگڙا.

آجا تين انگ، سڀ جي آسَ ايا.
ڪين گهرجن مون، ٻيلي ڏَسَ ٻيا،
هاڻ هر ڪنهن ڳالهه اها، حقُ نه ڇڏڻو هيڪڙو.

حقُ نه ڇڏڻو هيڪڙو توڙي ڪن تِر تِر،
اها تان تان ۾ تِر تِر، لهندي نيٺ لوڪ تان.

آجا تين انگ، سڀ جي اها آسَ،
ورد، وظيفا، واسَ، ڪيان اُن گهڙيءَ لئه.

آجا تين انگ، سڀ ڪي اها تات،
ان ري وائي وات، ڪا وري ڪينڪي.

آجا تين انگ، شل! اهڙو واءُ وري،
هر ڪو ڳالهه ڪري، وڇايل وجود جي.

آجا تين انگ، شل! اهڙو وري واءُ،
آهي سنجهه سُياءُ، آسَ اهائي هيڪڙي.

آجا تين انگ، هر ڪو چوي هاڻ.
بارودي بوٽن جي، ڪڏي ڪو مَ ڪاڻ،
سي سِرَ ڪٽي ساڻ، ويندا جاڻ وڃائجي.



www.bhutto.org

هاڪاندا هُل ڪري، ڪو سورَ ڪٽي ساڻ.
آڏو ٿي عامَ ڪي، پڌائي پاڻ،
وڏا ڏيئي وَڏَ، ڪري رتو چاڻ،
ائين هلائي هاڻ، بادشاهي بوٽ جي.

بادشاهي بوٽ جي، واڄٿ وڄايا.
پرهَہ تان نہ ڦُٽي، اهڙا حڪم هلايا،
پوءِ رڙي پڇي رايا، ڇو آهِہ تات وڃڻ جي.

بادشاهي بوٽ جي، ڏڙ ڏڙ آهِہ ڏوڙ
ڪُٽي ڪُٽي ڪوڙ ڪُشتا ناهين "طاقت" جا.

هيڪاندا هُل ڪري، اٿياري آزارَ.
ڏڪوئي ڏيهہ ڪي، ائي پهر اپارَ
ڪري حيلا هزار، بچائي بادشاهي بوٽ جي.

هيڪاندا هُل ڪري، ڪو هاتڪُ هچاري.
ماري مومل ڪي، چوي "مون نہ ماري"،
پوءِ بار ڪٽي باري، لڪو بدبخت بوٽ ۾.

لُٽڪ لُٽڪ لوڪُ، وڻ وڻ واويلا.
هلي آءُ هيڪر، هلن تان نہ حيلا،
هي مارڳُ، مَتا ميلا، راهَہ تڪن توهجي.

شهادت شاهاڻي، پينر! آهي پلي.
اُتم ريت اباڻي، توءِ پينگهن منجهہ پلي،
پوءِ آئي پاڻ هلي، ٿي مقابل موت ڪي.

34

www.bhutto.org

لُــڙڪ لُــڙڪ لــوڪُ، در در ٿيــون دانهـــون.
ڪـــو امـــلُ اڪـــابر، ويـــو وٺـــائون،
ڪي روبو پڇن راهون، ڪي سُڏڪيو سَڏڪن.

ايءَ ريت اباڻي، تـہ ڪـيڏي ناهِـہ ڪـاڻ.
ڏڪئـي هـن ڏيهـہَ جـا، پـوءِ سـورَ ڪٺـي سـاڻ،
پيهـي هلـي پـاڻ، ٿـي مقابـل مـوت ڪـي.

ڪيڏي نـاهي ڪـاڻ، ايءَ ريت اباڻي آهـي.
مـرڻ جيئڻ جـا مـامرا، سُـڏڪيو سـمجهائي،
تہ ڪو ڏونگر ڏهڪائي، ڪو آجا ڪري انگڙا.

مـوت آهِـہ برحـق، سورهيہ چيـو صـليب تـي.
ابتـــدا انـــاالحق، انتهـــا الحمـــد ســـين.

الـــوداع الـــوداع، لـــوڏي هَـــٿَ چيـــائين.
مارن سين منهنجو رهي، رهي ساٿُ سدائين،
پـوءِ ويهـي لکيـائين، وصـيت وڃـڻ جـي.

ويهي لکيائين وصيت، تـہ لکيـو تـان نـہ تـري،
حڪم ٿيو هلڻ جـو، هـاڻ سـاعت ڪيـئَن سـري،
پـوءِ پاٽـا پنـڌ ڪـري، ٿـي مقابـل مـوت ڪـي.

امالـڪ ڪـا ڳالهـہ ڳـري، آئـي پـٽ پرانهـون.
بينظيـــر، بينظيـــر، دَرِ دَرِ ٿيـــون دانهـــون،
لچـــي اٿيـــو لـــوڪ، ووڙينـــدي واهـــون،
ڪي رُنا، ڪـي رَڙيـا، ڪِـنين ڪيـون آهـون،
ڪـن پٽيـو پليـت ڪـي، بيـئي ڪٺـي بـانهون،
ڪن ميرجي متـانهون، ڏنـي بـاهـہ ينيـور ڪـي.



www.bhutto.org

ڪا تہ راھہ نجات جي، پيلي پڌايو.
قضيو ڪربلا جو، جو ويرين ورجايو،
جو انمول اُتاهون، ڪنڌ ڪيرايو.
پوءِ هنڌ هنڌ هُلايو، هاڻ حق نہ رهيو هتهين.

راڄ راڻيءَ ڪاڻ، هر ڪو پڇي هاڻ.
سا جيجل، سا امڙ، سا عاقل، سا اڳواڻ،
جا بي مثل، بينظير، هئي اسان ساڻ،
الله انهيءَ آڻ، هيڪر هن پونءِ تي.

راڄ راڻيءَ ڪاڻ، سڀ واتون واجهائين.
ايندي جاڻ ايندي، ائين روح ريجهائين،
ڪي سُڏڪي سَڏ ڪن، ڪي اکيون وڇائين،
ڪي ڏئي اوڇنگارون، پاڻئون پرچائين،
ڪي وَر ور ورجائين، ان الله مع صابرين.

راڄ راڻي، هيرن هاڻي، سا سوڍل سياڻي،
جا سنڌ ڄائي، سورن ساماڻي، جا نرمل نياڻي،
تنهن منزل اُها ماڻي، جا ڪنهن ڪنهن نصيب تي.

هيءَ جان قربانُ، جيجل تو مٿانءُ،
سبق شهادت جو سکيو تو وٽانءُ،
ڪٽي تنهنجو نانءُ، جنگ رهندي جاري.

جنگ رهندي جاري، ايءَ پولي پڌايون.
جا اٿياري عام ڪي، سا تندُ تپايون،
پائي حق پلئہ ۾، ڪي ميڙا مچايون،
ائين واڳ ورايون، وري هن وطن جي.



www.bhutto.org

جنگ رهندي جاري، تکا کٽي تير.
لاهبا لوڪ تان، زوريءَ جا زنجير،
پڃائبا هن پونءَ تان، سڀ بندا بي پير،
ڪندا هادي ۽ حمير، هاڻ هڪ هڪاٽي.

جنگ رهندي جاري، جاسين جُڙي حق.
اهو چاڙون تا، آهي موت برحق،
جو خون ٿيو ناحق، اهو مور نه معاف ڪرڻو.

جنگ رهندي جاري، جاسين حقَ جڙن.
اُهي يار يوسف جا، جي گهاٽي منجهه گهڙن،
مور نه سي مُڙن، ڏسي موت مُقابل.

جنگ رهندي جاري، تان هٽي ڪبو هنڌُ.
وڃ يار يوسف جو پري آهي پنڌُ،
جي ڪيڏي ڏين ڪنڌُ، سي تابع ڪن تقدير کي.



www.bhutto.org

# سنڌ سُڏڪن ۾

سنڌ سُڏڪن ۾ الااج آهي.
ويچن ڪاڻ واتون، ويٺي واجهائي،
پاتاڙيو پڌائي، ڪيس ڪانئرن جا.

وڏ جي وڻ ويا، گهُمن هِت گهوڙا.
اچا ڪين ٻوڙا، سُٽين سَڏ سنڌ جا.

سنڌ سُڏڪن ۾ آئون اوائي.
نہ ڪچان نہ لچان، نہ وري ڪا وائي،
اهڙي ئي آئي، ساعتَ ٻڌي سندرا.

ڪانئر هن ڪيچ ڪي، ويا والاري،
سنڌو انهي سور ۾، ٻهہ ٻهہ ٻاڪاري،
پاڻ ئي هٽي پاڻ ڪي، ڪنڌيءَ ڪناري،
لچي، لُڙهي، لُرَ ڪري، ڳڙڪيو ڳوڪاري،
هنڌ هنڌ هاڪاري، تہ ويچ رهيو نہ وَڏجو.

ويچ رهيو نہ وَڏَ جو، هينئڙي پون هولَ.
ڪاڏي ويا ڪانڌي، سي آلودا انمولَ،
وجهن جي ولولَ، وڏي ويرين وچ ۾.

ڳالهہ ڳجهائتي، ويڙهي مون ويئي.
پچان پاڻ ڪان، پاڻا منجهہ پيهي،
چو سورَ سيئي، پلئہ سنڌ پيا.



www.bhutto.org

## اُڏمو

هڪڙو اڏمو جو نڙيءَ ۾ اچي اٽڪيو آهي،
نئون ابلاغ ٿو چاهي سو نڌٽڪو اڏمو.
بي حسيءَ جو ڪو حوالو هوندو.
روح سان جسم جي سهڪار ڪي روڪي ٿو پيو
لفظ اڏمي جي جوالا کان شناسا آهن.

ظلم ۾ ڏاڍ جي قيدي لفظن،
پنهنجو ويساهه وڃايو ناهي.
اِهي آزاديءَ جي منشور جو نقشو لکندا،
حون جهمور جو چهرو لکندا،
سانحو ڏاڍو المناڪ قبول!
پر هيءَ الفاظ نئين موڙ تي سرموڙ تي بيهي رهندا،
نئين ادراڪ سان نچندي ٽپندي،
لفظ آزاديءَ جي احساس کي ماٽي ويندا.
روشني بڻجي اهي لفظ سيهه رات جو مرثيو لکندا.
اهڙي آدميءَ کي وڏي ساهس سان،
نئين ترتيب ۾ تشڪيل عطا ٿي ويندي،



www.bhutto.org

لفظ وئشيا جي بدن جيئن ڳڱايل ڪاتي،
رت جي راند سي ڪيڏي ويندا.
رت بي حس ڪي نوان چهڪ عنايت ٿيندا.

سانحو ڏاڍو المناڪ آهي،
رَتُ ليڪن نہ اجايو ويندو.
نئون سورج وري اڀري پوندو،
هڪڙو اڏمو جو نڙيءَ ۾ اچي اٽڪيو آهي،
نيئن ترسيل ٿو چاهي اهو نڏٽڪو اڏمو.

✵



www.bhutto.org

# اوينيور ڊرتيءَ جي گھنگھور عورت!

او چنڊ ڪربلا جا!
تو ڇا ڏٺو...؟
منهن ۾ ٻرندي مچ، تو ڇا ڏٺو...
۽ تون ڇا ٿو چئين..
سنڌ ۾ اڄ
شهيد جو ميڙو متو آ،
اڳي ڪان ٻه اڳرو
اڳي ڪان ٻه نگرو
نئين سِر
ڳجهاندر ڪا للڪار آهي،
وري سنڌ ۾ اڄ متو آهي ماتم،
وري يزيد سان جهيڙو آ
وري سنڌ ۾ اڄ
شهيدن جو ميڙو متو آ.
”وتواصو باالحق، وتواصو باالصبر“
الا مان الامان، ڇڏبو نہ دامن
يا امن يا امان، يا امن يا امان،
ٻاجهہ ٻيلاڻي ياڻئيان. ٻاجهہ ٻيلاڻي ياڻئيان.
او چنڊ ڪربلا جا!
چئہ سچ، تو ڇا ڏٺو؟



www.bhutto.org

منهن ۾ ٻرئي مچ،
تو ڇا ڏٺو؟
ڪجهه ته ڪچ، ڪجهه ته پچ،
تو ڇا ڏٺو؟
۽ تون ڇا ٿو چئين
تون ڇا ٿو چئين...

ڏاڍي ڪا ڪاري هئي اها شام،
ڏاڍي ڪا هَچاري هئي اها شام،
صدين تي ڀاري هئي اها شام،
چرڪ پريو هوندو موهن جي دڙي،
هڙپا کي لڳي هوندي موت هڏڪي،
ڏاڍو اوچنگاريو هوندو اروڙ
ڪسي مسي ويو هوندو ڪاهوءَ جو دڙو
۽ مهر ڳڙهه
ڀگتيءَ جيان مري ٿري ويو هوندو،
پيو هوندو ننگر پارڪر ۾ پٽڪارو،
ويا هوندا ايسٽر آءِ لينڊ جا وڻ وڃي،
پيا هوندا ڪوٽ ڏيجيءَ ۾ ڪرٽ،
ڪريا هوندا ڪنگرا رني ڪوٽ جا،
آمريءَ رت رنو هوندو.
سنڌ جنهن وير ڏٺا هوندا ڀَساهه،
”ڪل نفسن ذائقن الموت“ اِيءُ فائق جو فرمان.
الامان الامان...
يا امن يا امان، يا امان...
ٻاجهه ٻيلاٽي ڀانئيان، ٻاجهه ٻيلاٽي ڀانئيان.



www.bhutto.org

او چنڊ ڪربلا جا!
مون جو ڏٺو سو ڏٺو.
منهن ۾ ڀرئي مڇ، تو ڇا ڏٺو؟
۽ تون ڇا ٿو چئين؟
تون ڇا ٿو چئين...
وڏا ڏينهن ٿيا،
ڪنهن فيض کي چيو هو:
”رت جا داڳ
مينهن ڌوئي نہ سگهندو“
رَت تہ ڌوپندو ئي ناهي.
ڇا ڌوئي سگهيا آهيو اوهين،
ڪربلا ڌوئي سگهيا آهيو اوهين،
ڪربلا جو ميدان...
هيءَ لوءِ، هوءَ گوءِ
هيءَ گوءِ، هوءَ لوءِ
رَت ٿهڪندو آ،
رت ٻهڪندو آ،
ٻرندو ٻرندو ۽ ٻڙڪندو آهي رت.
وڏي ڇڪ ڇڪيندو آهي شهيدن جو رت.
اپ ڏانهن اڏارون پريندو آ رت.
۽ هوءَ تئونساري،
ڪرڙي ڪيچلي،
يت نہ ڳڙهيس وات ۾
پٽيندي آهي رڳو رت، رڳو رت
۽ هو ڪاڇو
جڻ ڪربلا جو پاڇو.



www.bhutto.org

هوءَ مڪلي، هوءَ مياڻي ۽ هو مليٽان
هو دبو ۽ هوءَ جنگ شاهي،
هو اروڙ ۽ هو ڏرول جو ميدان.
۽ هو چوڪنديءَ جو شهر خموشان،
سڀ نعرا ٿي نعرا ٿيندا وڃن ٿا،
ڏکن جا پڙاڏا اتر کان اچن ٿا،
اتر جا پڙلاءَ ڏکڻ کان گجن ٿا،
اپرندو الهندو پيا واڪا ٿيا.
او سونهن ديوي!
سچي جو سچو
گونجار جي ويو آ منهنجو وطن.
يا امن يا امان، يا امن يا امان.
ٻاجهه ٻيلاتي پانئيان. ٻاجهه ٻيلاتي پانئيان.



او ينيور ڌرتيءَ جي گهنگهور عورت!
او گهنگهور ڌرتيءَ جي ينيور عورت!
روهيڙي جي رت ۾،
تون ڪاڏي هلين آن!
گلابن جي صورت، موتئي جي مورت،
سنڌوءَ آ نهريءَ ۾،
ڇا پسين تون ۽ ڇا ٿي ڏسين؟
ڇا ڏسيو پئي ٺرين ۽ ٻريو پئي ٻرين.
او راڄپوت عورت، او راڄاڻ عورت،
او هارين، اوٺارن، ڌراڙن، لهارن جي عورت!
اٿي جي هوائن
جيهو واس تنهنجو

www.bhutto.org

سکي لاڙ ڪاٽي،
هو ٻٽواس تنهنجو.
سنڌ ڇا آهي؟
آهي ڇا مندا...
پنهنجي عورت پٽي ۾
ايڏو وشواس تنهنجو!
مرڻا اڳي
تو مري جي ڏيکاريو.
ڏاڏا جيئاريئي،
پڙ ڏاڏا، تڙ ڏاڏا جيئاريئي،
او راڄپوت عورت، او راڄاڻ عورت!
او مارن، سگهارن، پنوهارن، راءِ ڪنگهارن جي عورت،
او ڀنيور ڌرتيءَ جي گهنگهور عورت،
او گهنگهو ڌرتيءَ جي ڀنيور عورت!
ڇپر ڪان ڇُلي آن،
يا اتر ڪان گهلين آن،
اسرار اسرار، وڏا ويس تنهنجا،
اقرار اقرار سڀ سينگار تنهنجا،
اکين ۾ ايڏا ڪامڻ،
ڪنهن لئه ڀرين ٿي!
ڪهڙو سانگ ساري،
سوريءَ چڙهين ٿي.
هن گهگهه ڪاريءَ ڪربلا ۾
ڇو ڌوڪي پئي آن،
مڃين ڇو نٿي ۽ مڙين ڇو نٿي...
(مهلائتو ڪي - ڪ مهلائتو)



www.bhutto.org

چا اڙانگو سفر تي آسان بڻائين،
جُڙي وچ، مُڙي وچ،
ڪنهن تاري ٽري وچ،
رُت ناهي مرڻ جي
تون ڪنهن لئہ مرين ٿي.
ڇا ڏسيو پئي ٽرين،
۽ ٻريو پئي ٻرين،
رُڪ وهنديءَ راند ۾،
ٿي گها گهائي گهڙين!
ٽرٽلي وچن ٽا، سڀ تنهنجا ويري،
پير ڏرتيءَ تي، جڏهن تون ڏرين ٿي،
او سياچن، پامير، سليمان، کيرٿر جي عورت!
او ينيور ڏرتيءَ جي گهنگهور عورت،
او گهنگهور ڏرتيءَ جي، ينيور عورت!

✵



www.bhutto.org

# بينظير جي شهادت تي

بيبي بينظير لئہ، رُئان راتيان ڏينهن،
اکين منجهان مينهن، وسايم وڏ ڦڙو!

◆

بيبي بينظير لئہ، رنم ساري رات،
”هِنئين ۾ هيهات، سدا شهيد راڻي ءَ جي

◆

بيبي بينظير لئہ، رئان صبح ۽ شام،
من اندر ماتام، پيرڻ بينظير جو.

◆

او ڳڙهي خدابخش جي، تنهنجي متيءَ کي سلام.
شهيدن جي سڪ ۾، جت اچي خاص ۽ عام،
صبح توڙي شام، سوين سلامي تنهنجا.

ڳڙهيون هونئن تہ گهڻيون، پر ههڙي ڳڙهي ڪٿي،
بيشڪ هن جو ماڻ متي، ڪيو شهيدن سر ڏئي.

او ڳڙهي خدابخش جي، تون جنت سندي جُوءِ.
عطر ۽ عنبير جي، جت اچي تي خوشبُوءِ،
تنهنجي هاڪ ۽ هوءِ، آهي ساري جڳ ۾.



www.bhutto.org

## شهيد راڻي بينظير لاءِ عقيدت جا گل

آ وڏو احسان تنهنجو ءِ عنايت بي نظير!
ملڪ و ملت لاءِ تو ماڻي شهادت بي نظير!

هٿ ۾ تسبيح هر دم، پانهن ۾ ضامن امام،
ويئي مولا کي وڻي، تنهنجي عبادت بي نظير!

ڪو نه هو ڪو ڏوهه تنهنجو، تون بلاشڪ بي قصور،
ٿهر ڪڙڪي تن مٿي، جن ڪئي قيامت بي نظير!

سچ تي تو سر ڏنو پر سر ڏيڻ سولو نه آهي،
ڪير آهي جو ڪري، اهڙي سخاوت بي نظير!

رات ڏينهان راج راڻي، راج پيا تولئه روئن،
پيئي ڳٽتين منجهه ڳاري، تنهنجي فرقت بي نظير!

علم توڙي عقل ۾، تنهنجو نه مٽ ڪوئي سُجهي،
تي سڄي دنيا مڃي، تنهنجي ذهانت بي نظير!

سنڌياڻي سر مٿان، پوتي نه تو لاتي ڪڏهن،
واهه وا تنهنجي فضيلت ءِ شرافت بي نظير!

www.bhutto.org

ڪو نہ ٿو آڳر ڪٿي، ڪوئي سنڌ ۾ ڪردار تي،
صاف ۽ سُٿري سچي، تنهنجي سياست بي نظير!

تون بهادر باهمت، بي خوف بلڪل بااصول،
توکي سوڀارو ڪيو، تنهنجي صداقت بي نظير!

توکي سارن ۽ نهارن، ساهہ ۾ ساندييو وتن،
تنهنجا مارو من اندر، تنهنجي محبت بي نظير!

مرتضيٰ جي آ دعا، صبح و مسا تولئہ اِها،
شل ڪري توکي عطا، رب پاڪ جنت بي نظير!



www.bhutto.org

# هئہ هئہ بينظير

قوم جي تقدير! هئہ هئہ بينظير.
پيءُ جي تصوير، هئہ هئہ بينظير،
پيار جي زنجير، هئہ هئہ بينظير،
ملڪ جي توقير، هئہ هئہ بينظير.

تو ۾ آبائي ڪشش ڪيڏي ڪثير،
ذوالفقاري ذهن تو ۾ ۽ ضمير،
تو ۾ جيجل ماءُ نصرت جو خمير،
مير جي همشير! هئہ هئہ بينظير!

تنهنجي آمد سان هئا، احساس خوش،
واهپا، ويچار خوش، وشواس خوش،
هو سڄو عام خوش ۽ خاص خوش،
ڪنڌ ۾ جيئن ڪير، هئہ هئہ بينظير!

اوچتو ئي سڌ ڪيو توڪي قضا،
ڪربلا پويان اچي وئي ڪربلا،
وئي وطن مان ڇڄ وسامي آهہ ڪا،
نور جي تنوير! هئہ هئہ بينظير!



www.bhutto.org

واءِ حسرت آ بلوچستان ۾،
ملڪ سارو ويو پڏي سنسان ۾،
انڌيا پئجي وئي ارمان ۾،
ٿي ڪري ڪشمير، هئه هئه بينظير.

توکي مان عوام جو عاشق چوان،
سنڌ راڻي، دُختر مشرق چوان،
تنهنجي شهرت بي بها برحق چوان،
شان جي تشهير، هئه هئه بينظير!

رتُ ڏنو تو آ، امن جي واسطي،
آشتي آندءِ سين جي واسطي،
پر لٽيرن ڪانئرن جي واسطي،
حيدري شمشير، هئه هئه بينظير.

روح جا تو رابطا جوڙي ڇڏيا،
قرب جا تو قافلا جوڙي ڇڏيا،
حوصلن سان حوصلا جوڙي ڇڏيا،
هوش جي تعمير، هئه هئه بينظي!

وَتُ امينن جي امانت جو انعام،
عاشقيءَ جو ۽ عقيدت جو انعام،
عزم جي ساري امامت جو انعام،
اي نشان تير! هئه هئه بينظير!

توکي مان مدهوش نياڻي تو سڏيان،
دل ڏياڻي، روح راڻي تو سڏيان،
سمجھ هاڻي ۽ سياڻي تو سڏيان،
فهم جي تدبير! هئه هئه بينظير!



www.bhutto.org

# بينظير آئي ۽ هلي بہ وئي

لوڪ کي ڪيترو اداس ڇڏي،
ڪيئي بيحال آسپاس ڇڏي،
نيٺ دنيا ۾ پنهنجو واس ڇڏي،
بينظير آئي ۽ هلي بہ وئي.

ملڪ ۾ آئي بيوسيلن لاءِ،
بي اجهن لاءِ بيسهارن لاءِ،
ڪيس احساس هو غريبن لاءِ،
بينظير آئي ۽ هلي بہ وئي.

سوچ جنهن جي تہ روشنيءَ وانگر،
جنهن جي گفتار هئي نديءَ وانگر،
جنهنجي رفتار زندگيءَ وانگر،
بينظير آئي ۽ هلي بہ وئي.

پنهنجي مقصد کي مان ڏيئي وئي،
ديس کي پنهنجي جان ڏيئي وئي،
درد جو داستان ڏيئي وئي
بينظير آئي ۽ هلي بہ وئي.

www.bhutto.org

موت کي جيڪا ڏيئي ويئي مات،
ظلم جي رات مان ڦٽي پرڀات،
روشني جي ڇڏي وئي سوغات
بينظير آئي ۽ هلي بہ وئي.

ڪيس رتبو مليو شهادت جو
شان جو مان جو ۽ عزت جو
هي تہ آهي مقام عظمت جو
بينظير آئي ۽ هلي بہ وئي.

ڪنهن ٻئي روپ ۾ هلي ايندي،
بينظير آهي، مر ڪندي ايندي،
ڪيس احساس هو غريبن جو
بينظير آئي ۽ هلي بہ وئي.

✵



www.bhutto.org

## نندي واپس موٽي وئي

منهنجي امان،
جڏهن پاڻي پيئندي هئي،
سنڌو ڏارا ـ
سندس شفاف گلي مان،
وهندي نظر ايندي هئي.
بينظير آمان،
جڏهن سنڌ واپس موٽي آئي،
تڏهن لڳو
هڪ شهزور ڏارا،
سنڌو ڏارا وهڻ لڳندي
مان پياسو ـ اوڪڙو
ڪ کولي آسائتو ويٺو رهيس،
اوچتو ڌماڪو ٿيو
وچ ڪري، زمين چيرجي ويئي،
۽ ندي واپس موٽي وئي.

✵



www.bhutto.org

# هيٺي پاڻ وهيٺي

قول ڪيل پارڙي،
هاڙهي لتارڙي،
هيٺي پاڻ وهيٺي.
خون ڪٺوري، ڪجري،
مٿي اگهارڙي
هيٺي پاڻ وهيٺي.
متي مُنڍ سين جا ڪئي،
جتن ڪجارڙي
هيٺي پاڻ وهيٺي.
ڪرندي مُنڍ چڙهي وئي،
اجها ايهارڙي
هيٺي پاڻ وهيٺي.
ويندي ويئي پاڻ سين،
صديون سلهارڙي
هيٺي پاڻ هٺي.



www.bhutto.org

## يوم الحساب

اج وري سڏايا ويا آهيون.
تنهن جي ورسيءَ جي گڏجاڻيءَ ۾
ڪنڌ جهڪائي هليا آيا آهيون.
ڪورٽ جو سڏ آهي...!!
قسم آهي.
لڱ ڪاندارجي ويا آهن.
سُن آهيون...!
شعر پڙهڻ لاءِ چيو ويندو.
سنڌ سان وفاداريءَ جو قسم نامو ڏنو ويندو.
ڪوڙو قسم کڻي—
اکين ڏٺن شاهدن کي.
چڪر ڏئي ٻوليءَ جو—
بچي ويندا سين،
۽ پوءِ رات جو اڱڻ پنهنجي ۾—
جڏهن چنڊ جي روبرو ٿيندا سين،
سمهي ڪيئن سگهندا سين...!؟
وري تنهنجي ورسيءَ تائين—
اڻين پٽرن تي هلندائي رهندا سين.



www.bhutto.org

## جمهوريت جي سرواڻ

جڏهن جمهور جي صورت بڻي آ.
نہ آمر کي اها صورت وڻي آ.

انهيءَ کي موت جي پرواهہ ڪهڙي،
سدائين جنهن جو سِرُ نيزي اٽي آ.

سلام آ سرخرو تيو سِرُ ڏئي جو،
تبرڪ ٿي وئي ان جي پٽي آ.

نہ جيڪو ماءُ ڌرتيءَ جو آ ڄائو،
اهو بڻجي ويو ڌرتي ڌڻي آ.

مٽيندڙ رنگ دنيا تنهنجي توکي،
اسان کي هڪ رنگي دنيا گهٽي آ.

رهڻ خاموش پي هڪ جرم آهي،
اسان جي خاموشي پيو ويو کٽي آ.



www.bhutto.org

چئو ٿا اهل ڪو ناهي اوهان وٽ،
تہ پوءِ هيءَ سنڌ جي ڇائي ڄٽي آ.

ڪيو جن سرخ آ سنڌوءَ جو پاڻي،
انهن ڇهرن ڪي وئي سياهي هٽي آ.

ڳجهن جيڪا هٿن گولي هلائي،
ڳجهن تاريخ جي ڳوڙهن ڳٽي آ.

اتر ڪان بيرحم آيون هوائون،
ٽڙيل تاريءَ مٿان ويو گل ڇٽي آ.

✵



www.bhutto.org

# ڪروڙين دلين منجهہ وسندڙ سنڌياڻي

او ڌرتيءَ جي ڄائي!
او مٽيءَ جي ڄائي!
تنهنجي رت سان ريٽيل،
سرخ ٽيل هيءَ مٽي،
روئي، سڏڪي، پٽڪي،
گواهي ڏئي ٿي.
تہ ڌرتيءَ کي تنهنجي نسب جي هيءَ پهرين،
يا ڇئجي تہ پوئين ارپنا پڻ ناهي.
هُو جو ڪالهہ ڦاسيءَ جي ڦندي کي چمندي،
امرتا جي ٻانهن ۾ جهولي پيو هو.
هُو جنهن پنهنجيءَ ريشم ڪان سهڻي ڳچيءَ ۾،
حسين، نرم، بخمل جهڙين آڱرين سان،
جا مرڪي سرڪڻ ڦاهي سوڙهي ڪئي هئي.
سا اڄ پڻ ازل ڪان ابد ۾ مٽائي،
اڄا آمرن کي شڪستون ڏئي پئي.
اصل ۾ آدرش ۽ اهنسا جي عادين،
تنهنجي لڳ لاڳاپن، مزاجن ئي تنهنجي،
گهراڻي کي ايڏي پسارين وڌو هو.
هُو لاڏائو
ٻي پاڙيا ماٺهو جي ڪنهن پڻ،
مٽيءَ يا مريادا جي خوشبو نہ ڄاڻن،



www.bhutto.org

اهي جي پتائيءَ، حمل يا گرهوڙيءَ،
نہ ساميءَ سندو سگ سياڪو سچاڻن.
انهن ئي ويرين،
پنهنجين آدرشي وستين ۾،
پستين جون ڪيڏيون نہ ويرانيون آنديون.

تنهنجي پياري پيءُ ڪلهہ جو خوشحالين جون،
هن ڌرتيءَ واسين کي نويدون ڏنيون هون.
هُن بارِ ايت لا پڙهيل،
ماڻهوءَ جي من ۾
سنگهارن، پنوهارن واري بهتريءَ لئہ
جو بي انت امنگن ڳڏي ڪر ڪنيو هو.
صدين بعد ڪنهن اهڙي ڏنوان پنهنجي،
گوتم جهڙي گيانيءَ واري عمل سان،
ليڙون ليڙون ٽيل گوڏ گنجيءَ واري کي،
چيهاڙيل، لٽن سان، ننگين پيرين هلندڙ
ڪنهن منشائپ يا ماستريءَ کي ئي پنهنجو
لکيو سمجهندڙ هَرِ آياڻي سنڌيءَ کي،
رئيسن، نوابن، پيرن پئسي وارن،
جي موروثي سٽيپيءَ سکيءَ زندگيءَ جان،
خوشين کي ماڻڻ ڪاڻ موقعو ڏنو هو.
۽ مخصوص طبقي جي آسودگين مان،
ڪنهن عاميءَ کي پي ٽورو حصو ڏنو هو.
ڪنڌن ۾ هميشہ ڪليون رکندڙن کي،
سدا تنگٽين ۾ تنگيل شخصيتن کي،
مٿيءَ، مر هٽي عام محنت ڪشيندڙ
جي عزت ڪرڻ ڪاڻ تلقين ڪئي هئي.



www.bhutto.org

تڏهن ڀڙڪي، ڀٽڪي،
ڏمرجي ۽ ڏئونڪي،
انهن خارون کائي اهو طي ڪيو هو
تہ محڪوم، مفتوح، قبيلي جو ماڻهو،
جو جَٽ ۽ نہ رنجيت پارٽي جو ماڻهو
سو پورهيت، جيالي ۽ ورڪر جي ڏِي تي،
حويلين، قلعن ۽ ايوانن جي حلقن،
کي للڪاري، حيران پريشان ڪري ٿو.

۽ هو جي U.N.O جي اجلاس دوران،
پنهنجي بينڪي راڄ واري خطي جي،
اُچي ڳاٽ واري، گرجدار جانٺي،
اڪابر قداور ماڻهو کي،
ايڏين بي ڊپائين ۽ بي باڪين سان،
پنهنجي سامهون بيهي،

جو گنجندي ٻڌن ٿا.
تہ ڳٽتين ۾ ايندڙسين وينلن کي،
هن هاتڪ، هٺيلي،
جوشيلي مٿان ڪين،
مارٽن لوٿر جو گمان ٿيڻ لڳي ٿو.
سندن ڪنبٽين ۾ سيئاندا پون ٿا،
۽ هن، جنهن خارن مان،
ايجنڊا کي ڦاڙي،
چيهاڙي، اڏاري،
دنيا کان پُڳل هن اهم عيوضين جي،
منهن تي، جو مهذب ترين منطقن سان،



www.bhutto.org

دليلن جون دل ڪولي ٿڦڙون هنيون هون.
هن هيڏي ساري،
مجموعي ڪي پڪاري،
ببر شينهن وانگر،
گجي، گرجي، للڪاري،
ساري دنيا جي،
استحصالين کي،
وڄائي چيو هو:
"منهنجي ديس جي انگ اگهاڙن ماڻهن جون،
ٻُکن، افلاسن ۾ نپل زندگين جون،
وائيٽ هائوس وارن اشارن تي ڪُڏندڙ
U.N.O يا ان جهڙيون ٻيون سنستائون،
ڪڏهن ٻيي اندازا هڻي ڪو نہ سگهنديون.

وسڪين، برگرن، بي ايم ڊبليوءَ جي عادين،
ڪن ڊانسنگ فلورن تي راتيون ڪٽيندڙ
جوسن، بيئرن ۽ برانڊين تي پلندڙ
يورو پائونڊ، ڊالرن جي گهمنڊن تي هلندڙ
معاشي ديائن کان آجيون ٿي رهندڙ
اهڙين ڪير جهڙين ڇسين خلقتن کان،
ٿي بين، يرقائن، ڪينسرن منجهہ ورتل،
ڏکن جي لڪن ۾ رجي ڪاريون ٿيندڙ
ايشيا، آفريڪا يا سنسار جي ٻين،
ڏيوالو لکيندڙ قومن جون ڪٿائون،
اٿاهہ غربتن وارين سنگين مفلسين،
بيحالين، بيمارين ۽ فاقہ ڪشين جي،
مسلسل نہ ڪٽندڙ تسلسل جي پيڙا،



www.bhutto.org

المناڪين واريون اوندوهناڪيون،
ساوَن بند شيشن جي بلڊنگ ۾ ويٺل،
پاڙيتين تنظيمن جي ڪوڙن تي هلندڙ
جڳاڙين ڪان ڪڏهين بہ ڪتجي نہ سگنديون.“
هن پهريون، ها تاريخ ۾ پهريون ڀيرو!
پينٽاگان ۽ ڪريملن جي مڪينن،
ڪي نڳين، ڪوڙائين، ٻنن معيارن تي،
سنڌائتين چوٽن سان سجائي رکيو هو.
ايشيا جي اونداهي ۽ تابع خطي مان،
ايندڙ عيوضيءَ ڪي ايڏين جرئتن تي،
سندس جوهري سگهہ ٽيڻ جي سڌن تي،
هن معصوم، قابل ۽ شهزور ماٺهوءَ،
ڪروڙن جي آدرشي ڪردار ماڻهوءَ،
ڪتين، ڪهڪشائن، ستارن ڪان اُجري،
اڇي صاف ستري مسيحا نما ڪي،
اونداهن جي سوداگرن گڏجي سڏجي،
سندس حوصلن حشمتن ڪان دهلجي،
پنهنجي پالتوءَ ۽ پنوءَ ڪي هُشي ڏئي،
پيشہ ور دروهن، ڊوهن، رهزنن ڪان،
ڦاسيءَ گهاٽ تائين پهچڻ ڪان اڳيئي،
عدالت جي متضاد راين هوندي پي،
ٻريلُ، سڄُ اماوس جي گهيرن ۾ آٽي،
هن ٿولي رڳو ايشيا جي ئي نہ پرچڻ،
دنيا جي گولي ڪي اونداهو ڪيو هو.

پرستارن جي پار واري او راٽي!
ڪروڙين دلين منجهہ وسندڙ سنڌياٽي!



www.bhutto.org

اُن ارڏي، عظيم ۽ اڪابر جي نياڻي!
او نازڪ پري سنڌ ڄائي نماڻي!
جو ڪلهه شاطرن آڏو شينهن تي گجيو هو.
جنهن ڪُل ڪوٽ ڪنيائي لرزان ڪيا ها.
جنهن جيون پڄاڻان بہ ڌهڪاءُ بڻجي،
غُرورن، گهمنڊن کي تاراج ڪيو هو
اهو بيو نہ، پر تنهنجو پيارو پپا هو.
ايڏين عظمتن، شهہ زورائين سان جيئندڙ
فاشستن ۽ آپيشاهين کي ڏوڏيندڙ
او پنڪي!
سو تنهنجي بابا هٿن سان گڏ،
الائي تہ ڪيڏن لکن ۽ ڪروڙن،
سياسين، غير سياسين اميرن، غريبن،
جي پهرين ۽ پوئين حسين التجا هو.



پيرن، پنڊتن، سياسي گرنارين جو،
اسم اعظم رکندڙ پُرش پيشوا هو،
پر اُن تنهنجي بابا!
۽ لوڪن جي "ذلفيءَ"
تي جنهن رات قاتل،
راتاهو هڻن تا،
اتان اونداهيءَ وٽان ئي پو تنهنجي،
انوکيءَ کهاڻيءَ جو آغاز ٿئي ٿو.
شاعرن جي شهنشاهہ پٽائيءَ چواڻي:
"سامائينءَ تہ سک ويئہ، سنجرينءَ تہ ساڻي،
پورن ۽ سورن جي پنڌن تي هيڪاڻي،
او پورب جي ڄائي! او گوندر جي گهاڻي!"

www.bhutto.org

تنهنجين ٻنهن سهڻين اکين جا ستارا،
ٻئي ڪوپا، ٻئي ڪونڊڙ ٻئي ارڏا آسارا،
جن جي هوندي ڪاڏيارا ڪنبندا رهيا پئي.
سي زهرن ۽ شب خون ۾ ماريا ويجن ٿا.
تون پوءِ پڻ رڻن جي سفر منجهه هلندي،
ڪا جهٽ رڪجي، روئي، پٿيهر ڳلن تان،
پنهنجا لڙڪ ڏوئي به وڌندي رهين ٿي.
۽ تنهنجن نه ڪٽندڙ نه ٽٽندڙ ارادن،
فولادي، اٽل، پُرعزم حوصلن ڪان،
خاڪي وردين، لانگ بوٽن وارن جا،
دهشتگرد تنظيمن ۽ چوڌرين جا،
فاشسٽن جي پُشتن پناهن تي هلندڙ
لاغر ۽ لوڻيا جسم لرزڻ لڳن ٿا.
تڏهن تن تنهنجي هئڻ جي دهشتن ڪان،
ڪنهن خودڪش بمبار ۽ ڪنهن ڀاڙيتي قاتل،
جي بزدل پٺي جو سهارو ورتو هو.
تون مرڪي، کلي الوداع چئي،
او پنڪي!
هزارن، لکن ۽ ڪروڙن کان وڇڙي،
او سارن جي اُپ ڏاريندڙ آوازن ۾،
شهيدن جي اُن پار اُڪري وئي آن،
جِتي ڪربلا جي لٽيل قافلي جا،
اڃا نقش پا جڻ ته تازا لڳن ٿا.

ستاويهه ڊسمبر واري واقعي مان،
ڀانئجي ٿو فطرت اڃا پڻ يزيديت،
کي نندي حُسينيت نکارڻ گهري ٿي.



www.bhutto.org

صرف هن ئي گهر مان شهيدن جي لاشن،
ڪي هڪ ٻئي جي پويان ڪلها ڏيندي ڏيندي،
لڳي ٿو وفائن جي پيڪر گهراڻي،
ڪان نئين عهد نامي جي گهر ٿي رهي آ!
باطل ڪي انڏين بيعتن جا نشا ڏئي،
جرنيلن ڪي سفاڪيت جا ڀلا ڏئي،
وري ڪنهن نئينءَ ڪربلا جي بهاني،
سنڌين جي اڪيليءَ ۽ ارڏيءَ سائڻ،
جو سر سامراجين ڪي مطلوب ٿيو آ.
۽ هوءَ بي بي زينب ع جي پيروڪاريءَ ۾،
سارا ساٿي، سنگي لٽائڻ ڪان پوءِ پي،
سوئڙ نيل، هڊسن، ٿيمز ير جي وستين،
اٽڪ، سنڌوءَ، ستلج ۽ دجلي جي ڪپرن،
تي رهندڙ ۽ ايندڙ زماني جي خلقن،
ڪي ويندي وداعي وصيت ۾ چئي ٿي،
”جمهوريت ئي هڪ بهترين بدلو آهي.“



www.bhutto.org

# پلئوونبا- پلئوونبا

اي ڳڙهي خدابخش!
اي مڙهي خدابخش!
ڳڙهيءَ کان هاڻ – ڳڙهه ٿيندي وڃين ٿي.
مڙهيءَ کان هاڻ مڙهه ٿيندي وڃين ٿي.
شهيدن جي گرم رت،
توکي گرمائي ڇڏيو آهي.
۽ بزدل قاتلن کي خوب،
شرمائي ڇڏيو آهي.
اهو رَتُ ديس جي مٽيءَ ۾
گڏجي رنگ لائيندو.
اهو داڻو
مٽيءَ ۾ جو مليل آهي،
گهڻائي سنگ آڻيندو.
ڪٽي مان ڪيچ تي ويندا،
گهڻا سرويچ تي ويندا.
بلاول پنهنجي نالي جيئن،
جهيڙي ۾ ڪڏي پوندو.
۽ ڪوڙن سان اڏيل هي ڪوٽ،
واريءَ جو لڏي پوندو.



www.bhutto.org

ننڍو ڏُلفي وڏو ٿيندو،
ڦڏو پيءُ کو ڦڏو ٿيندو.
اهي پرمار قاتل ۾،
انهن جا سازشي ٽولا.
ڇڏي هي جوءِ
ٻاهر سي ڀڄي ويندا.
سندن ارواح سياست تان،
سدائين لئہ ڪڍي ويندا.
اڳي گهاٽن ۾ پيڙيائون،
هينئرن گولين سان گهايائون،
۽ سمجهيائون تہ،
گهاٽن ۾
۽ گولين سان،
سنڌين جا سر- ڪٽي ويندا.
اهي سڀ ياڙتو ياڙيا،
هميشہ لئہ ڇُٽي ويندا.
ائين ناهي ائين ڪونهي،
سيئي گڏجي ڇٽو مون سان،
ائين ناهي –ائين ڪونهي،
اسان سنسار ۾ آهيون،
مگر ڪجهہ وقت سوچن ۾،
ٻُڌل ماٺار ۾ آهيون.
جٿين آنڌي اچڻ کان اڳ،
سڄو ماحول سڪتي ۾ اچي،
چپ چاپ ٿيندو آ،
انهيءَ کان پوءِ جو طوفان ايندو آ.



www.bhutto.org

اهو طوفان ڪوڙن ۽ لٽيرن کي ڪٽي ويندو،
انهن کي سمنڊ ۾ داخل ڪري،
ماٺار ۾ ايندو.
انهيءَ ۾ وقت لڳندو پر،
خدا جو سنهن پلئو وٺبا.
مٽيءَ جو سنهن پلئو وٺبا،
شهيدن جو قسم آهي،
پلئو وٺبا، پلئو وٺبا.



www.bhutto.org

## هوءَ نہ هيٺي ٿي

تو باھہ لڳائي جا، سا باھہ نہ جھيٽي ٿي،
تو "ٻانهن" ڀڳي سنڌ جي، سا ٻانهن نہ ٻيٽي ٿي.

تو وَس ڪيا ڏاڍا، جئن هوءَ جهُڪي جابر!
تو وارَ ڪيا ور وَر پر هوءَ نہ هيٺي ٿي.

تو لاءِ اڙي آمر! هوءَ تيرُ ٻٽي اڪ جو
تو ڪين سٺو اُن ڪي، جئن "ڀاڙ وهيٺي" ٿي.

✵



www.bhutto.org

## لڙڪن ڀيڙا

تـو ييڻُ جـي مرقـد تـي، مـون چـپ رکيـا آٽـي!
سـپنن جـا سـمورا گُـلَ، رُتِ ـ سـرءَ ڇـڏيا ڇـاڻي!

ڪلهہ رَت ۾ لَتِ پَتِ تي، جنهن وقت پُڳين ءَ گهر ۾
هـر اک پُڇـي وينـي، هـڪ سـوال، پـرون تـاڻي!

هـوُ خـوش نـہ ٿئـي قاتـلُ، هـي خـونُ نـہ سسـتو آ،
هـيءَ رانـد نـہ پـاراڻي، تـو ڏيهـہ سـڄو ڄـاڻي!

تـو صـاف ڏسـان چهـرو، ”مـوهن“ جـي ”پروهـت“ جـو
تـاريخ جـي ورقـن تـان، ماضـيءَ جـي مٽـي ڇـاڻي!

هُـن ”جهـورِ ڪـراڙي“ ڪلهـہ، جـو خـوابُ ڏٺـو ”سَـنَ“ ۾
تعبيـرُ اُنهـيءَ جـو ڏِس! اڄ وقـتُ پيـو آٽـي!

هـيءَ درد ـ ڪٿـا سـاري، مـون تـاج! لکـي رَت سـان،
لـڙُڪن جـي ڏنـي ييڻـا، هـن يـونءِ ينـيءَ ـ تـاڻي!



www.bhutto.org

## سنڌوءَ کي سڏ ڪن هو ٻوڙيو

اوير مان آواز هو اُڀريو،
جنهن ۾ ها طوفان سمايل،
سمنڊ نديون ۽ جهرڻا جنهن ۾،
سورج جا ها ڪرڻا جنهن ۾،
چانڊوڪيءَ جا چارا جنهن ۾،
جاڳرتا جا نعرا جنهن ۾،
ٿرن برن ۾ جيڪو گونجيو
سيني ڪان آواز انوکو،
۽ انهيءَ آواز تي هر هنڌ،
هاري ۽ مزدور هزارين،
شاعر ۽ فنڪار مصور ڊوڙي آيا،
۽ گهبرايا وحشت ڇايا!
انسانن جي احساسن جا انڪاري،
آمر جا ڪي درٻاري،
۽ اُنهن پوءِ چار اُٿيا ها سازش جا،
پر ڪير ڪندو آواز کي قيدي؟
قاتل ڪو اُٿڇاڻ هيو،
جو هن سمجهيو هو:
”شايد اهو آواز مري ويو،
اڄ ٻه اهو آواز وطن ۾ گونجي ٿو،



www.bhutto.org

جنهن لئہ درد دلين ۾ جاڳيا،
ڪوٽ منڊ ۾ ماٺھو مونجھا،
روھيءَ ۾ پڻ روڄ متو ھو.
ماھوٽن ۾ ماتم ھن جو،
زيتونن جا باغ، انهن ۾
پنڇي بہ چڻ ويا ڪل ھا.
پٽ ڏٽيءَ جي پونءِ ھئي پونچال ۾
سچل جي درگاھہ تي جوڳي سڏڪيو ھو.
ديس سمورو گھاءُ ٻٽي پيو
سنڌوءَ ڪي سڏڪن ھو ٻوڙيو
راويءَ جي دل چاٽي تي وئي،
جنھن جي ڪا بہ پڇاڻي ناھي،
ھوءَ اھڙي امر ڪھاڻي تي وئي،

✲



www.bhutto.org

# هوءَ چڏي وئي روشني

ڌرتيءَ جي انسان کي،
نئون درد ڏئي،
هوءَ چڏي وئي روشني.

جاڳرتا جون لوڪ کي،
ڳالهيون چار چئي،
هوءَ چڏي وئي روشني.

چمڙا پوشن ديس ۾،
جڏهن ٻات ڪئي،
هوءَ چڏي وئي روشني.

اکين ۾ اتهاس جي،
اڏري ڏوڙ رئي،
هوءَ چڏي وئي روشني.

ڳوڙهن جي درياهه ۾،
ٻوڙي جڻ ته وئي،
هوءَ چڏي وئي روشني.

ڪيڏيون هن جون عظمتون
هاٺي سڌ پئي،
هوءَ چڏي وئي روشني.



www.bhutto.org

# شهيدپيڻ لاءِ خراج

هوءَ جا آئي ديس ۾،
زندگي جاڳي پئي،
خودڪشي اوندهه ڪئي،
روشني جاڳي پئي.
۽ صدين جي ننڊ مان،
چڻ خوشي جاڳي پئي.
عظمتون هن جون ڏسي،
دشمني جاڳي پئي.

❊

تنهنجي لئه هر هنڌ هٿن ۾
چوڏاري گلدستا آهن.
جوش ۽ جذبو جاڳرتا سڀ،
سنڌ راڻيءَ جا تحفا آهن.
توکي ارپڻ لاءِ اسان وٽ،
ڳوڙها ۽ ڪجهه سڏڪا آهن.
توکان پو ويران ويا ٿي،
ديس جا سارا رستا آهن.

❊



www.bhutto.org

هـــر طـــرف مـــايوس مـــاڻهو
حوصـــــلا ڏينـــــدي وئـــــي.
ڪـــينَ هـــا ڳوڙهـــا سُـــڪا،
ڪـــــربلا ڏينـــــدي وئـــــي.
ديـــس جـــي پُرمـــار ڪـــي،
زلـــــزلا ڏينـــــدي وئـــــي.
وينـــدي وينـــدي ڏيهـــ ڪـــي،
ڪـــا دعـــا ڏينـــدي وئـــي.



www.bhutto.org

## اي شهيد عوام...

ڪوئي دنيا ۾ تنهنجو
نہ آهي نظير،
سنڌ راڻي! سدائين
تون آن بينظير!!
اي شهيد عوام!
توکي لک لک سلام.
موت تنهنجو
جهالت کي ماري ويو.
ڪوئي سورج،
نئون اُڀاري ويو.
تنهنجي همت، جرئت
۽ عزم، حوصلو
آهي راڪاس، ڏائڻ ۽ ديوَ کي،
سڀ لوڙهي ويو.
ڪوڙ ٻوڙي ويو.
سچ ۽ حق جي،
هن ويڙهاند ۾،
اڄ بہ ساڳيو يزيد.
۽ حسيني فڪر،
ٻول تنهنجا ٻريا.



www.bhutto.org

چڻ تہ هيڪار تي،
تنهنجي مهڪار ۾،
سنڌ سرهي ٿي وئي،
مٽي مهڪي پئي.
قوم رت سان ڏيا ٿيون ٻاري پئي،
لڙڪ پنهنجا، اکين مان هاري پئي،
توکي دنيا سموري ئي ساري پئي،
اي شهيد عوام!
توکي لک لک سلام.

✡



www.bhutto.org

# شهيد محترمہ بينظير ڀٽو کي ڀيٽا

پربت پربت جنهن جون پيڙهيون،
دل درياءَ، رڪائون جيرو!
جيئي جيئي نئون ڏيرو!
ڪارونجهر ڪيلاش جو گهوريو
جهڪي جهڪي آڪاش بہ گهوريو
سنڌو تنهنجو مان مٿيرو
جيئي جيئي نئون ڏيرو!
دنيا جي اڳواڻن گهوريو
سوريءَ تان سرواڻن گهوريو
واھ ڳڙهيءَ جو تاب تکيرو
جيئي جيئي نئون ڏيرو!
چاهت چاهت چارڻ گهوريو
جيءَ جهروڪن جارڻ گهوريو
اک اک ٻٽجي وئي آکيرو
جيئي جيئي نئون ڏيرو
راتين جي رولاڪن گهوريو
دل دروازن تاڪن گهوريو
ڪهڙو هيءَ ڦِريو ڦيرو
جيئي جيئي نئون ڏيرو!
مرڪي مرڪي مائن گهوريو
ڀيڻن گهوريو ڀائن گهوريو



www.bhutto.org

وهوا تنهنجو نينهن نبيرو
جيئي جيئي نئون ديرو!
مومل گهوريو ڪاڪ ٻه گهوريو
واءِ ۾ اڏري خاڪ ٻه گهوريو
چوڏاري ا گهورن گهيرو.
جيئي جيئي نئون ديرو!
هنجن گهوريو، مورن گهوريو
چهڪي رات چڪورن گهوريو.
وسريو سپني ڪان واهيرو
جيئي جيئي نئون ديرو!
ٽڙندي جيئن گلابن گهوريو
انساني آدابن گهوريو
موهه تہ ٿيڻو ناهي ميرو
جيئي جيئي نئون ديرو!
مانجهن ۽ معمارن گهوريو
علم ادب، شهپارن گهوريو
امن حيا جو آب اچيرو
جيئي جيئي نئون ديرو!
حاويلين جي عصمت گهوريو
همت عظمت غيرت گهوريو
حسرت ۾ هر سگهه سگهيرو
جيئي جيئي نئون ديرو!
پٽ پٽيهر ريشم گهوريو
سرهاڻين جي دم خم گهوريو
سوپ ڪري وئي لوڪ ڪٽيرو
جيئي جيئي نئون ديرو!



www.bhutto.org

بادل گهوريو بجليءَ گهوريو
اپ اپاندڙ تجليءَ گهوريو
هارائي ويو هر انڌيرو
جيئي جيئي نئون ديرو!
هرڻ هنيلا گهورن بيتا،
بي چينيءَ ۾ چنچل چيتا،
حيرت ۾ آ واڳهه وچيرو
جيئي جيئي نئون ديرو!
مشرق گهوريو، مغرب گهوريو.
اک اک پر کيو لب لب گهوريو.
اجرو تنهنجو سانجهه سويرو
جيئي جيئي نئون ديرو!
اپ تان چنڊ ستارن گهوريو
جڳ جڳ جي جونجهارن گهوريو.
فر فر ڦڙڪيو جيت فريرو
جيئي جيئي نئون ديرو.

✲



www.bhutto.org

## الوداع اي شهيد النساءِ الوداع

الـــوداع اي شهيد جلسي گاهہ الوداع!
الـــوداع ڏک درِ جمهوريـــا الـــوداع!
الـــوداع بنت امن خير خواهہ الوداع!
الـــوداع رهمـــاءِ بـــي ريـــاءَ الـــوداع!
الـــوداع مـــادر محرمـــا الـــوداع!
الـــوداع اي شـــهيد بينظيـــر الـــوداع!
الـــوداع قائـــد باضـــمير الـــوداع!
الـــوداع مـــادر بـــر صـــغير الـــوداع!
الـــوداع پخـــت مرتضـــيٰ ميـــر الـــوداع!
الـــوداع اي شـــهيد بـــي قصـــور الـــوداع!
الـــوداع نـــامور قائـــد جمهـــور الـــوداع!
الـــوداع سنڌ جي حسين حور الـــوداع!
الـــوداع بي الخصوص باشعور الوداع!
الـــوداع دل پذير خـــاص و عـــام الـــوداع!
الـــوداع پيرڻ منهنجي بينظيـــر الـــوداع!
الـــوداع ماهـــ نـــاز باضـــمير الـــوداع!
الـــوداع اي شـــهيد النســـاءِ الـــوداع.

✵

## هاءِ هاءِ بينظير...!!

هاءِ هاءِ بينظير!
هاءِ هاءِ بينظير!
مادر برصغير،
دختر دلير وير،
اي شهيد با ضمير،
درد دل جي دادگير،
عام خاص دل پزير،
اي نواءِ سرت سير،
سنڌ جي قيام گير،
سچ ۽ سونهن جي سفير،
برد بار ۽ بارگير،
جنتن جي سرد هير،
نيڻ نيڻ آهه نير،
ذوالفقار جي مشير،
مرتضيٰ جي همسفير،
شاهنواز جي مدير،
اي نشان تاج تير،
اي نظام ملڪ گير،
اي غريب ۽ فقير،



www.bhutto.org

قيد بند جي اسير،
اي خطيب جو غفير،
هانءُ هانءُ چاڪ چير،
ٽڪرا ٽڪرا هر سرير،
ٽڪرا ٽڪرار هر سرير،
هاءِ هاءِ بينظير!
هاءِ هاءِ بينظير!

اي شهيد جان نثار!
پاڪ باز ديندار،
سنڌ جي تون خاڪسار،
تون نساءِ نامدار،
تون نويد اقتدار،
تون فضاءِ شاندار،
تون رضاءِ ڪردگار،
تون صداءِ ذوالفقار،
قوم جو تون افتخار،
ڪربلا جي سوڳوار،
فاطمہ جي پيروڪار،
تون غريب جي غم گسار،
مومنا ۽ تون زوار،
تون شريف باوقار،
حادثن جو تون شڪار،
تو ملهايو ڪار زار،
هاءِ هاءِ بينظير!
هاءِ هاءِ بينظير!



www.bhutto.org

تون دعاءِ مستجاب،
تون حيا جو آب تاب،
تون حسين تر گلاب،
تون فقير تن شباب،
تنهنجو ناهہ ڪو حساب،
تنهنجو ناهہ ڪو جواب،
تنهنجو ناهہ ڪو هم رڪاب،
تون فصيح تر خطاب،
پيو ڏيو تو هر عذاب،
هاءِ هاءِ بينظير!
هاءِ هاءِ بينظير!

تو ملهايو آ ملير،
تو ملهايو نير ڪير،
تو ملهايو ساءُ سير،
تو ملهايو وير وير،
تو ملهايو دير دير،
تو ملهايو تاج تيرُ،
تو ملهايو ماءُ پيءُ،
تو ملهايو ويءُ ويءُ،
تو ملهايو سنڌ هنڌ،
تو جلايا جيءُ جند،
تو ملهائي لوءِ لوءِ،
تو ملهايا اڱ ۽ پوءِ،
تون شهيد رهگذار
امن جي تون پاسدار



www.bhutto.org

تون وڪيل راست گار،
تون متيءَ جي گل عذار،
تون خريم خير ڪار،
تنهنجو ڪو بہ آرپار،
تو ملهايو تخت گاهہ،
تو ملهايو خير خواهہ،
تو ملهايو ماڳ ماڳ،
تو ملهايو آ سهاڳ،
تو ملهايا سڀ شهيد،
خود بخود بہ تي شهيد.
هاءِ هاءِ بينظير!
هاءِ هاءِ بينظير!



www.bhutto.org

## سلام بينظير کي....

سلام بينظير کي،
سلام شاهنواز مير کي،
سلام اُن جي تيرَ کي،
سلام خاندان بينظير، جي ضمير کي
سلامُ سنڌ جي خمير. کي

لهوءَ جي روشني ڏئي،
سُڪاڄ جَن سنوا ڪيا.
گلاب جن نوان رکيا،
وفا جي واٽ واٽ تي،
۽ گُهگهه گهاٽ گهاٽ تي،
جلائي جن ڏيئا رکيا.
جنين نہ ڪوبہ آسرو،
نہ واهرو ڪو آجپو
تنين لئہ در کليا رکيا.
دلين کي جستجو ڏني،
وطن کي آبرو ڏني،
۽ خواب جابجا رکيا.
۽ اس ۾ اُساٽيل،
۽ راهہ ۾ وڃائيل،



www.bhutto.org

گهپ ۾ گهگهاٽيل،
مسافرن کي ماڳ جا،
آتا ڏنا پتا ڏنا.
۽ سج کوانهن منجهان،
تہ ڪوئي چنڊ جي سمان،
اها جا ساري ڪهڪشان،

ڪٿو ڪٿو تي ساٿيو
ٽُٽي چُڪا ڇُٽي ويا.
لهو لباس، ديس جي-
زمين ۾ لهي ويا.

مگر قطار در قطار-
جنهن طرف نظر ڪٿو
سنيهہ، سِڪ چاهہ مان-
تا چئوطرف ڏيئن پيا.

سيئي اڄ جيئن پيا.
سيئي اڄ جيئن پيا..

✵



www.bhutto.org

## سنڌ جي راڻيءَ جي شهادت تي....!!

باهہ جي درياهہ مان
تارئون تري
سنڌ راڻي،
موت جي ڏوليءَ چڙهي
جنت الفردوس ۾
پهتي وڃي،
باغ جنت،
هن جي لئہ هو
منتظر....!
ٺيڪ آ.... سڀ ٺيڪ...!!
پر...!؟
جيئرن ۽ مرڪندڙ
ماڻهن ڪاڻ هيءَ ڌرتي،
جنت الفردوس جان،
سهڻي، حسين،
باغ ارم جان بهترين.
جنت الفَردِوس جي،
چڻ پيڻ آ...
وقت ڪان اڳ،
چو ڇڏائي ٿي وڃي...!؟
دهشتون ۽ وحشتون،



www.bhutto.org

هٿ ۾ ڪٽي، ماڻهوءَ نما وحشي درندا،
بم ۽ گولا... گنيون ۽،
باهه جا شعلا...!!
حياتين کي ٻچي،
چو مماتيءَ ۾
مٿائن ٿا پيا،
شهر، وستيون،
گهر، ڏهر،
پنجر ٻڻائڻ ٿا پيا،
انسان کي مٽيءَ ملائن ٿا پيا،
چو پلا...؟ برباد ڪن ٿا،
سونهن کي، سرهاڻ کي،
۽ سرت کي،
سچ تي گوليون هلائن ٿا پيا،
شاد ڪن ٿا، ڪِرَپ کي ۽
ڪوڙ کي....! ڏپ ڏوڙ کي...!!
پوءِ پي ماڻهو
سڏائن ٿا پيا...!
ماڻهپي کي ڪيئن، لڄائن ٿا پيا...
ماڻهپي جي مانَ کي،
لينگهو لڳائن ٿا پيا...!!
سنڌ راڻيءَ جي مٿان،
هي بم ڌماڪو...
ڪنهن پي ڪيو..؟
جنهن پي ڪيو...!؟
سو ماڻهپي جو....
سونهن جو ۽ سچ جو



www.bhutto.org

ويري هيو.
ڪوڙ جو ۽ ڪريٽ جو
ساٿي هيو.
پاپي هيو.
جانور هيو... پر نہ...!
هي تہ ڪو وحشي
درندو... ديٺُ هو
مردود هو... نابود هو
ڪو بہ هن جو دين،
يا مذهب...
نہ ڪو منشور هو
هي آدميت کان،
درندو دور هو!!
هي نہ نائون ۽ نياڳو،
هي سماجي سورُ هو....!
ناسورُ هو.
جو موت پنهنجي ئي،
مُئو مردود ٿي نابود ٿي،
۽ ويو مري
پر مُڪو آ،
جنهن انهيءَ مردود کي،
تنهن بري بي سود کي
"ماسٽر مائينڊ" کي،
ڳولهڻ کپي....!!
ڳولهڻ کپي....!!



www.bhutto.org

# پيٽا بينظير کي

هيءَ جي چند خيال، پيٽا بينظير کي،
چڙ تہ مون ملال، لاٽا پنهنجو پاڻ تان.

هيءَ جي چند خيال، پيٽا بينظير کي،
چاهت واري چال، هي تہ منهنجو پورهيو.

هيءَ جي چند خيال، پيٽا بينظير کي
مون کان سئو سوال، ساڙو ڪن ٿا ساڙ مان

راڻي تنهنجي رت مان، ڏيئا ڏيئاريون،
هاڻ نہ انڌاريون، رهنديون پنهنجي راڄ ۾.

راڻي تنهنجي رت مان، پيو اچي پيغام،
ڪوڙ سندو قيام، آهي ٿورا ڏينهڙا.

راڻي تنهنجي رت مان، نڪرندا نعرا،
ظالم هي سارا، ملي ويندا مٽيءَ ۾.

راڻي تنهنجي رت مان، ايندا انقلاب،
گهر گهر ۾ گلاب، هوندا تنهنجي نام جا.



www.bhutto.org

راڻـي تنهنجـي رت مـان، بـوءِ اهـا آئـي،
سـنڌ هونـدي سـائي، سـرخ گلابـن وچ ۾.

راڻي تنهنجي رت مان، ايري آئي سوچ،
سـنڌي ۽ بلـوچ، پـائر هڪـڙي پيـڙ جـا.

راڻـي تنهنجـي رت مـان، جُڙيـا جيـالا،
پـالا ئـي پـالا، سـنڌ، ڪُـرو ڪيتـر جيـان.

راڻـي تنهنجـي رت مـان، تلـوارون تيـار
هـو هـوڏي نهـار، جيـالا جـڙ جنـگ ۾.

سـرُ ڏنـائون سـچ تـي، بنـا لالـچ لـوڀ،
تنين جي لاءِ سوڀ، آهي مرڪ عوام جي.

سـرُ ڏنـائون سـچ تـي، ڪُليـو ڪلايـو
تنيـن تـي سـايو آهـي رب عظـيم جـو.



www.bhutto.org

# سنڌ جائي

ڏٺي ڏينهن ڄڻ روشنائي وئي،
يقين ئي نہ پئي آيو آئي وئي!؟

ڪروڙين اکيون آليون ٿي ويون،
ڪروڙن جي ڄڻ حال پائي وئي.

خدا جو قسم، هن سڄي لوڪ کي،
بنائي ڇريو ڪا ڇريائي وئي.

ڇٽايو قبر جي انهن کي مٽي،
هئي بزدلي جن کي کائي وئي.

اگر ڪنهن کي ڪا بد.گماني هئي،
ڌئي خون سان، سا صفائي وئي.

رتي راند وئي، اوچتو ئي ڇڏي،
متي ميل مان موڪلائي وئي.

اها جيڪا سچ پچ هئي ڪئي سورميون،
پڇو ٿا تہ سا سنڌ جائي وئي!



www.bhutto.org

# شهيد راڻيءَ جي نالي

رَهندي هيءَ تاريخ ۾ سدا آڪاڻي
سنڌ جي نياڻي، پاڻ ملهايو پريت ۾.

هر هڪ گهر جي چوڻت تي آ تڏو وڇايل
هر ڪا دِل گهايل، ياد بينظير ۾.

پنهنجي سُهڻي سنڌ جي شهزادي، راڻي
جنهن آهي ماڻي، هوءِ شهادت شام جو.

تُنهنجو ڪو ناهي مِثل، تُون ئي بينظير
هرڪو ميرُ ۽ پيرُ، تُنهنجي لئہ راڻي رُنو.

رُڳو نہ ڳڙهي خُدا بخش، نہ ئي نئون ديرو
هر ڪا دِل ديرو ۽ پيرُ بينظير جو.

سُهڻي جيڪا سُورمي، اکيون چَرڻ رابيلَ
وچڙي وَئي آ هيلَ، اهڙي صُورت سِنڌ ڪان.

قدآور شخصيت هُوءَ پورب جي جائي
آهي سمائي، هر هڪ دِل پاتالَ ۾.

تُنهنجي سوچ فِڪر ۽ گُفتن جو اندازُ
۽ سُهڻو آوازِ وسري ڪيئن او سُورمي!



www.bhutto.org

# سنڌ راڻي

ساڻ (واڪاڻ) ڪهڙي ڏر ڏيڃاڻيءَ جي ڪجي.
ڳالهہ ڪهڙي سنڌ راڻيءَ جي ڪجي،

ڇا ڏجي ڪهڙو ڏجي هن جو مثال،
علم پرور، محترم، روشن خيال،
تخت هن جو تي ويو ڇڻ لازوال،
جس اڃوڪيءَ يا پراڻيءَ جي ڪجي،
ڳالهہ ڪهڙي سنڌ راڻيءَ جي ڪجي.

آس مارن جي هئي آواز هئي،
ماڻهپي جو لا مثال انداز هئي،
بي ڊپي هوءَ شير دل شهباز هئي،
هاڪ ڇا سورهيہ سياڻيءَ جي ڪجي.
ڳالهہ ڪهڙي سنڌ راڻيءَ جي ڪجي.

سحر هئي جادو هئي ڪو منڊُ هئي،
رات ڪاريءَ ۾ هوءَ چوڏهينءَ چنڊُ هئي،
ڪو سريلو آڇپي جو گهنڊُ هئي،
وصف ڪهڙي سانگياڻيءَ جي ڪجي.
ڳالهہ ڪهڙي سنڌ راڻيءَ جي ڪجي.



www.bhutto.org

هوءَ يزيدي روح جو ڪو وڍ هئي،
۽ حسيني قافلي جو ڏڍ هئي،
ڇڻ ته مارن جو اباڻو پڌ هئي،
هئي، ڪٿا ڇا ڏر سڪاڻيءَ جي ڪجي.
ڳالهه ڪهڙي سنڌ راڻيءَ جي ڪجي.

شام جيئن ڦهري وري ٿي سانوري،
جر ڪندي سامهون اچي ٿي بانوري،
روح ۾ ٿڏ ڪار جهڙي ڇانوري،
وقت جي هاڻي وراڻيءَ جي ڪجي.
ڳالهه ڪهڙي سنڌ راڻيءَ جي ڪجي.

هاءِ هاءِ شاهزادي سنڌ جي،
سوڳ ۾ جنهن جي آ وادي سنڌ جي،
ڇئو ڏسائن ۾ منادي سنڌ جي،
سوءَ لڪن سان سهاڻيءَ جي ڪجي.
ڳالهه ڪهڙي سنڌ راڻيءَ جي ڪجي.

ڳالهه ڏاڙي جي يا پاڻيءَ جي ڪجي،
بم گوليءَ منجهه ڪاڻيءَ جي ڪجي،
زلزلي واري پڃاڻيءَ جي ڪجي،
يا ته ماڳهين هڪ هڪاڻيءَ جي ڪجي.
ڳالهه ڪهڙي سنڌ راڻيءَ جي ڪجي.

سوهڻي، او موهڻي او روشني!
تو پڃاڻا حيرتن ۾ زندگي!
منظرن مان وئي ڇڏي سا دلڪشي!
هاڻ مومل، تو ڇواڻيءَ جي ڪجي!
ڳالهه ڪهڙي سنڌ راڻيءَ جي ڪجي.



www.bhutto.org

اڄ يتيائيءَ کي سڏي ٿي بينظير،
سور پنهنجا کيس ڏي ٿي بينظير،
سڀ پلو هن ٿي ڇڏي ٿي بينظير،
اوڄ مرشد، ڪا نماڻيءَ جي ڪجي.
ڳالهه ڪهڙي سنڌ راڻيءَ جي ڪجي.

عهد نو جي ڪا سکيو ٻولي يزيد،
ساڻ ڦيري بم ۽ گولي يزيد،
پاپ جي ٽولي پيو ٽولي يزيد،
هاڻ تن سان هڪ هڪائيءَ جي ڪجي.
ڳالهه ڪهڙي سنڌ راڻيءَ جي ڪجي.

آسرن جا سڀ رکي ويا قافلا،
هانءَ ڦاٽي پيا، ڪٿي ويا حوصلا،
ڪربلا، اي ڪربلا، اي ڪربلا،
اڄ يزيدن جي پڄاڻيءَ جي ڪجي.
ڳالهه ڪهڙي سنڌ راڻيءَ جي ڪجي.

اي پري، اي حور جهڙي ماهرو!
خوبرو تون پاڻ تنهنجي گفتگو!
نانءَ تنهنجو هاڻ ونجي باوضو!
بس ڪچهري صوفياڻيءَ جي ڪجي.
ڳالهه ڪهڙي سنڌ راڻيءَ جي ڪجي.

آجپي جي ليڪ جڻ ڊهجي وئي،
آسرن ۾ سنڌ پڻ رهجي وئي،
ڳاهه ۾ هئه مارئي ڳهجي وئي،
ڪوڪ سانئڻ سنڌياڻيءَ جي ڪجي.
ڳالهه ڪهڙي سنڌ راڻيءَ جي ڪجي.



www.bhutto.org

شاهزادين جان پلي هئي يا ڇمار
ڏوجهرن ۾ جا ڪلي هئي يا ڇمار
جوڳ ۾ جيڪا هلي هئي يا ڇمار
سارَ سهڻي ساميائيءَ جي ڪجي.
ڳالهہ ڪهڙي سنڌ رائيءَ جي ڪجي.

گفتگو جو راز ڪو هُن ڪان سکي،
چاهہ جو انداز ڪو هُن ڪان سکي،
عجز جو اعجاز ڪو هُن ڪان سکي،
وارتا ڇا تنهن اڏائيءَ جي ڪجي.
ڳالهہ ڪهڙي سنڌ رائيءَ جي ڪجي.

خون جنهنجي عرش ۾ لالاڻ ڪئي،
نانءَ جنهن، دنيا سڄي سرهاڻ ڪئي،
جنهن شهادت جي عليءَ واڪاڻ ڪئي،
بس ثنا تنهن رت هائيءَ جي ڪجي.
ڳالهہ ڪهڙي سنڌ رائيءَ جي ڪجي.

جنگ تنهنجي دشمنن سان ديدو!
تون هجين مخفي يا ظاهر هوبهو!
قوم تنهنجي آهہ تنهنجي روبرو!
خُون تنهنجي جي پرائيءَ جي ڪجي.
ڳالهہ ڪهڙي سنڌ رائيءَ جي ڪجي.

ڪين پوري ٿي ڪٿا اي دادلي!
سنڌ جي محبوب جيجل پرجهلي!
تون منگهائيءَ جي ازل کان ڇاڳلي!
ڪيئن پچائي هن ڪهائيءَ جي ڪجي؟
ڳالهہ ڪهڙي سنڌ رائيءَ جي ڪجي؟



www.bhutto.org

## ڳڙهيءَ جي گلن جي خوشبوءِ

هڪ گهري ڊنل خاموشي،
هڪ اڌوري خواب مان جنم ورتي،
هڪ خواب جيڪو زمين جي،
متحرڪ خلين مان،
سائي سلي جيان ساهه کڻي ٿو۔
جنهن جي خاموش ساوڪ مٿان،
سج جا روشن ڪرڻا،
هڪ پرامید پيغام ڏين ٿا.
پر پوءِ به ڏرتي ڊنل رهي ٿي.
پنهنجي ڪک ۾ سانڍيل ڏک ۾
هوريان هوريان ساهه کڻي ٿي.
هن جي سهميل ساهن ۾
صدين جي ٿڪ جو پڙلاءُ،
ان خاموشيءَ کي ٽوڙي ڇڏي ٿو.
۽ خاموشي ڳالهائڻ لڳي ٿي.
ڌرتيءَ جي سينڌ، هو سنڌو
لهرون، ٻيڙي ۽ سڙهه جا پاڇا،
موهن جي مٽيءَ جي هر خوشبو،
ڪيتن ۾ سارين جا رنگ،

www.bhutto.org

چنگ چرڻ سان مرڪي پيون ٿا،
هوا جو ڍنل هلڪو گيت،
پيهر فضا ۾ ٻري اٿي ٿو.
ڳڙهيءَ جي گلن جي خوشبو،
درد جيان مهڪي پوي ٿي.
بي وس اکين ۾ ڪرندڙ لڙڪن جو
هڪ جيئري قبرستان رابطي ۾،
تعلق جي جيڪا رمز ملي ٿي،
ان منظر جي گهرائيءَ مان،
ساهن جي سگهرن ۾ جڻ،
ڳيرن جهڙا گيت رچن ٿا.
خالي اکين جي پنبڻين هيٺان،
پيهر سپنن جو سنسار جڙي ٿو.
هڪ گهري خاموشيءَ مان ڪيئن،
سچ جي طاقت جنم وٺي ٿي!

✲



www.bhutto.org

# شهيد راڻي سلام توکي

اي غـــواص بحـــر سياســـت، ســـلام تـــوکي!
اي پاســـدار همـــت و شـــجاعت، ســـلام تـــوکي!
اي دختـــر وطـــن صـــاحب فضـــيلت ســـلام تـــوکي!
اي رشـــڪ حـــوران، رشـــڪ جنـــت ســـلام تـــوکي!
عظيم تو آ منزلت جا ماڻي، سلام توکي سلام توکي!

تمـــام شـــهداءَ ۾ منفـــرد ٿيـــو مقـــام تنهنجـــو!
وساري توکي ڪڏهن نـہ سگهندو عـوام تنهنجـو!
صـدين تـي ثابـت سـدائين رهنـدو دوام تنهنجـو!
پکـــن، پنهـــوارن پکڙجـــي وينـــدو پيـــام تنهنجـــو!
رمـــوز دنيـــا وئـــينءَ تـــون ڇـــاڻي ســـلام تـــوکي!
ســـلام تـــوکي شـــهيد راڻـــي، ســـلام تـــوکي

تـون پنهنجـي نـالي جيـان، مـوت ۾ پڻ بـي مثـال!
تـا قيامـت زنـده رهنـدو تنهنجـو جـذبو ۽ جـلال!
تنهنجـي قضـئي جـي ڪـري اقـوام عـالم پـر مـلال!
تـاريخ جـي ورقـن ۾ لکبـو نـام تنهنجـو لازوال!
عهـد هـڪ جـي تـون پڄـاڻي، ســـلام تـــوکي!
ســـلام تـــوکي، شـــهيد راڻـــي ســـلام تـــوکي!



www.bhutto.org

شهادت سنڌ ۾ اڄ صحافت جو موضوع بڻي آ!
اوهان سان عقيدت، سياست جو موضوع بڻي آ!
خوءِ سرفروشي، سخاوت جو موضوع بڻي آ!
جان نثاري اوهانجي جمهوريت جو موضوع بڻي آ!
سياءَ سلڇڻ، سچي سياڻي، سلام توتي!
سلام توتي شهيد راڻي، سلام توتي!

سوين سلامن ساڻ هي ”سيف“ جو آهي سلام،
جنت الفردوس ۾ لاريب اعليٰ ٿيو مقام،
ناگهاني قتل تي حيران دنيا جا حڪام،
مات ڏيئي موت کي فاتح بڻايو تو عوام،
وطن جي جائي سنڌ نياڻي، سلام توتي!
سلام توتي شهيد راڻي، سلام توتي!



www.bhutto.org

## اسان يتيم ناهيون

جنهن ۾
معصوميت ڪان ملي لولي آهي،
اها سنڌي ٻولي،
اسان جي ماءُ آهي،
جنهن ۾ سمجهه واري وهي ڪان،
شعور جا مليا شعلا آهن،
اهو انقلابي ادب اسان جو پيءُ آهي،
سنڌ ڌرتي، اسان جي ڏاڏي آهي،
سنڌو دريا، اسان جو ڏاڏو آهي،
اسان انهن جي پناهه ۾ آهيون،
اسان انهن جي ساهه ۾ آهيون،
اسان انهن سان پيار ڪيون ٿا،
اهي اسان سان پيار ڪن ٿا،
ماڻهو ايندا ويندا آهن،
ماڻهو نه مرندي ڪٽنندا آهن،
اڃا وڌندا رهندا آهن،
ڌرتي هوندي دريا به هوندو،
اسان يتيم ناهيون،
اسان يتيم ناهيون،
اسان اڻ هوندا ناهيون،
سنڌ جون زمينون اسان جون آهن،
اسان ڪان ڪسيون ويون آهن،



www.bhutto.org

اسان کي واپس ونڻيون آهن،
نيٺ اسان کي ملڻيون آهن،
ڳوٺ اسان جا شهر اسان جا،
سمنڊ اسان جا جبل اسان جا،
ٿر اسان جا، بر اسان جا،
تن جا سڀ خزانا پنهنجا،
اسان اڻ هوندا ناهيون،
اسان اڻ هوندا ناهيون،
اسان لا وارث ناهيون،
عوامي اڳواڻن جي،
قرباني جي طاقت،
مفڪر اڳواڻن جي،
پيغامن جي بي باڪي،
انقلابي اڳواڻن جي،
تحريڪ جا قافلا،
شهيد بينظير ڀٽو جي،
جمهوريت جي جنگ جا طوفان،
اسان جا وارث ۽ نگهبان آهن،
اسان جا رهبر ۽ پاسبان آهن،
اسان لاوارث ناهيون،
اسان لا وارث ناهيون،
سڀ ڪجهه اسان کي آهي،
سڀ ڪجهه اسان جو آهي،
رڳو اهڙو ميلو مچائڻو آهي،
جو وارثي جو حق سجائڻو آهي،
اسان کان صدين تائين،
سنڌ نه ڪو ڪسي سگهندو،
سنڌ نه ڪو مٽائي سگهندو.

✵



www.bhutto.org

## سنڌ ڄائي شهزاديءَ کي قتل ڪرائڻ تي

اهڙي سويرن جي سياست کي،
اهڙي لوڪ پريت عبادت کي،
اهڙي ترب ڀري قيادت کي،
اهڙي ڏيهي ڏاهپ کي،
اهڙي وطن جي سڄاڻپ کي،
اهڙي موهيندڙ مورت کي،
اهڙي خوبصورت عورت کي،
قتل ڪرائڻ تي،
بم هٽائڻ تي،
توهان جي مردانگي،
اڃان تائين ٻڌي ناهي،
تہ هاڻي باقي حياتي،
هي توهان لاءِ،
عذابناڪ سزا آهي.
هيءَ توهان لاءِ،
اذيت ناڪ سزا آهي.
موت توهان جي،
نجات آهي،
توهان کي،
فطرت شل،
قدرت شل،
جلدي موت نہ ڏي
جلدي موت نہ ڏي
جلدي موت نہ ڏي



www.bhutto.org

# چاليهي تي چوڪيدار

چاليهي تي چوڪيدار
ايندا آهن ويس بدلائي-
روئڻ وارن سان روئندا آهن،
کلڻ وارن سان کلندا آهن،
ملڻ وارن سان ملندا آهن،
ڪائڻ وارن سان ڪائيندا آهن،
پيئڻ وارن سان پيئندا آهن،
ڏيڻ وارن کي ڏيندا آهن،
شهيد قبر ۾
بيوس ۽ باندي آهي،
قاتلن جي چاندي آهي،
شهيد قبر ۾
بيوس ۽ باندي آهي،
نہ تہ
پوين کي ہڏائي ها،
ڪير؟
توهان جي ماءُ جو قاتل آهي،
توهان جي پيڻ جو قاتل آهي،
توهان جي ڌيءَ جو قاتل آهي،
توهان جي ساٿي جو قاتل آهي،
توهان جي اڳواڻ جو قاتل آهي —



www.bhutto.org

شهيد قبر ۾
بيوس ۽ باندي آهي،
قاتلن جي چاندي آهي،
شهيد قبر ۾
بيوس ۽ باندي آهي،
هاڻي ڪنهن کي،
خبر نہ پوندي،
جن کي خبر آهي،
هاڻي چڙ،
تن کي بہ خبر نہ پوندي۔
ڪي خبرون،
ڪي اخبارون ڪن،
ڪي صحافي،
ڪي سارون ڪن،
ڪي پيپر،
ڪي پڪارون ڪن،
نہ تہ،
سالن تائين صدين تائين،
قاتلن جي،
ڪنهن کي بہ،
خبر نہ پوندي،
جن کي خبر آهي،
هاڻي چڙ،
تن کي بہ خبر نہ پوندي



www.bhutto.org

# ٿي شهيدن جي ديس جي راڻي

”بينظير“ بينظير ٿي رهندي
سنڌ! تنهنجو خمير ٿي رهندي

هن جي يادن جي هڪ لٽيل دنيا،
سڏ سڏڪا ۽ نير ٿي رهندي

ٿي شهيدن جي ديس جي راڻي،
ساري جڳ کان امير ٿي رهندي

هيءَ ڪسجڻ جي جا ڪهاڻي آ،
دل تي خنجر جو چير ٿي رهندي

هن جو ڪردار سچ جهڙو ۽
هوءَ رهزن لئِ تير ٿي رهندي

پنهنجي بيوس ابوجهه ماُرن لئِ،
زندگيءَ جو ضمير ٿي رهندي

هن جي خوابن جان سنڌ جي ڌرتي،
ڪيستائين اسير ٿي رهندي؟

جنهن مٿيءَ مان گلابُ ٿي جائي،
هاڻ ان جو سرير ٿي رهندي



www.bhutto.org

# ڏرتي ڦاٽي ڏوڙ اُڏاڻي

ماڻهو جيڪي پنهنجي من جي،
مٽيءَ ۾ مد فون ٿيا.
جاڳ بہ جن جي جيئري ناهي،
خواب بہ جن جا خون ٿيا.

پريت ڦندي ۾ ڦيئي جن جي،
تن سان توکي هلڻو پوندو.

ننڊ قتل ٿي ويئي جن جي،
تن سان توکي هلڻو پوندو.

فردن جا اڄ درد هزارين،
هڪ ٻئي سان گڏ گڏجن پيا.
ڏرتي ڦاٽي ڏوڙ اڏاڻي،
ڪير هوا ۾ سڏجن پيا.
ڳوڙن ڳنڍ ڇڏي جن ڏيئي،
تن سان توکي هلڻو پوندو.

ننڊ قتل ٿي ويئي جن جي،
تن سان توکي هلڻو پوندو.



www.bhutto.org

ساهہ سسيءَ مان نڪتو يا نہ،
چُپ چوي پئي اچڻا آهن.
رت جي ليڪ لڪل جي پرسان،
بيٺا آهن بچڻا آهن.
ڳوڙهن ڳالهہ آ ڪيئي جن جي،
تن سان توکي هلڻو پوندو.

ننڊ قتل ٿي ويئي جن جي،
تن سان توکي هلڻو پوندو.

موٽيا ناهن جيڪي ماڻهو
پنهنجي گهر ۾ گهاٽ وٽان.
واپس ناهن ٽيٽا جيڪي،
وقت وصل ۾ واٽ وٽان.
پڙڪيل آڳ اڳيئي جن جي،
تن سان توکي هلڻو پوندو

ننڊ قتل ٿي ويئي جن جي،
تن سان توکي هلڻو پوندو.



www.bhutto.org

# نئين روايت

قصو صرف تازيءَ قبر جوئي ناهي.
روايت جي پويان ڪا تاريخ آهي.
روايت ۾ اتهاس جي چيخ آهي.

روايت منجهان رت جي سنڌو وهي ٿي،
روايت ۾ سورج کو مصلوب ٿئي ٿو.
روايت اندر چنڊ نيزي چڙهي ٿو،
روايت ۾ تارا اجهايا وڃن ٿا،
سويرا انڌيرن تان واريا وڃن ٿا.

روايت منجهان رت ٻوندون ڇڻن ٿيون،
روايت مان قاتل لڪيرون لنگهن ٿيون،
روايت جي ڪنڌ تي ڪتارون هلن ٿيون.

ڪٿي سونهن ڌرتيءَ جي ڌيءَ ڪا ڪُٺي آ،
لهوءَ جون پڪارون هوا پي وئي آ،
لڪل هٿ آهن روايت ۾ پڌرا.

روايت اندر خون جو خالق ٻـ آهي،
رڳو فرد هڪڙي جو هي موت ناهي،
سڄي ايشيا جو هي ڇڻ انت آهي.

سيئي ڪنڌ اُپڪنڌ ڪيا ٻڪ گوليءَ،
سيئي خواب جا گهر ڪيا ڪَکُ گوليءَ،



www.bhutto.org

لڳي ڪاله گولي، لڳي اڄ ٻـ گولي،
لڳي ڪينيڊيءَ، شاهه فيصل کي گولي،
۽ گانڌيءَ کي گولي لممبا کي گولي.

لڳي مرتضيٰ کي ۽ اندرا کي گولي،
لڳي آسرن انتظارن کي گولي،
سنڌ ۽ نيڻ نيرن نهارن کي گولي،
لڳي ديس جي چڻ بهارن کي گولي.

ڪروڙين اکيون اشڪباريءَ ۾ آهن،
ڪروڙين دليون بيقراريءَ ۾ آهن،
سيئي هٿ سينه زنيءَ منجهه آهن،
سيئي پير ماتم ڪدي منجهه آهن،
اگڻ عذر خواهين سان آباد پنهنجا،
سيئي سچ آتش ڪدي منجهه آهن.

دفن ڪائناتن جو محور ڪيو ويو،
خطِ استوا ۽ سمندر ڪيو ويو،
دفن چڻ تـ پنهنجو مقدر ڪيو ويو،
دفن ڪاله هڪ پيو قلندر ڪيو ويو.

گلن کان تـڙڻ جي آ فطرت رُسي وئي،
۽ سورج مکيءَ کان کسي مرڪ ويئي،
وڻن کان کسيا ويا سندن چانورا ۽،
ندين کان قديمي رواني کسي وئي،
سين موسمن جي جواني کسي وئي.



www.bhutto.org

ڪيو قيد ذهنن ضميرن کي ويو ۽،
زنجيرن ۾ جذبن کي قابو ڪيو ويو،
اميدن کي آڙاهه ۾ ويو جلايو،
تڏهن وقت کي تو هي انداز بخشيو،
تو سوچن صليبن کي اعزاز بخشيو،
مٽيءَ تي تڙيل هُن جي رت جي لڪيرن،
صدين جي خموشيءَ کي آواز بخشيو،
زماني جي تاريخ ۾ هيءَ شهادت،
امر بڻجي رهندي، نئين هڪ روايت.



www.bhutto.org

## نئين شامِ غريبان

ستاويهين ڊسمبر، نئين شامِ غريبان.
نئين يزيد جو لشڪر، نئين شامِ غريبان.

وفا جو ديس دانهون، رڙيون سڏڪا ۽ ماتم،
گهٽي هر گام گهر گهر، نئين شامِ غريبان.

لياقت باغ ڪهڙوا پنڊي ڪهڙي، چوان مان،
نئين ڪوفي جو منظر، نئين شامِ غريبان.

رتو رت ٿيا ڪبوتر، رُنا رابيل پوپٽ.
لڳو فطرت کي خنجر، نئين شامِ غريبان.

اسان جي روح جي حالت، خدا ڄاڻي تو "جاني"،
ويا ٿي نيڻ ڪنڊر، نئين شامِ غريبان.



www.bhutto.org

# جيئاريو جنهن قوم کي

سپنا سُندر ماڳ جا، ساڻ کڻي راڻي،
آئي پر پائي وئي، پلڪن ۾ پاڻي،
سنڌڙيءَ جي نياڻي، رستي ۾ ماري وئي.

رستي ۾ ماري وئي، منهنجي سورهيه ڀيڻُ،
وک وک ڏي تي ويڻُ، دلڙي منهنجي مات تي.

پنهنجي جان ڏئي، جيئاريو جنهن قوم کي،
نياڻي ناهه مئي، امر آ اتهاس ۾.

روڊن تان ڌوتو ويو هَئِي هَئِي هن جو خون،
ڪاتي هو قانون؟ انڌو تي انصاف ويو.

✵



www.bhutto.org

# هجين ها جي زنده

(نظم)

هجين ها جي زنده!
ڏسي سوڀ پهنجي،
تون ڪيڏو نه خوش ٿي،
ڪلين ها!
ٽڙين ها!
۽ ڪرسيءَ تي ويهي،
نئين سر حڪومت،
سنڀالي هٿن ۾،
اٿي ۽ لٿي سان،
گڏوگڏ اجهي ڪان،
محروم ماڻهن،
جي خواب ڪي تون،
تعبير ڏين ها!
بندوق جي زور
توڙي مروڙي
وحشيت ۽ دهشت جون پاڙون پٽين ها!
قيدي امن،
۽ نظر بند ڪوت،
تنهنجي اشاري سان آزاد ٿين ها.
هجين ها زنده....!
هجين ها زنده....!



www.bhutto.org

# سنڌ جي ڌيءَ

ڳڙهي خدابخش،
هڪ نئين ڪربلا.
تي شهزادا ۽ هڪ شهزادي
نئين دور جي يزيدن هٿان،
شهادت ماڻي،
دائمي زندگيءَ جو مفهوم سمجهائي ويا.

اي سنڌ!
تو پنهنجي سلڇڻي ڌيءَ کي سيني سان لڳايو،
پر اسان جي دلين جون ڳليون ويران ٿي ويون،
اسان جي ڏک جي عمر طويل ٿي وئي.
اسان اڳ وارن سانحن جو تڏو به نه ڪنيو هو،
ته هڪ نئون درد اسان جي هنيانوَ کي چيري ويو
هن راڻيءَ جي اچڻ سان،
سڀ مظلوم ماڻهو جاڳي پيا ها،
هو ڪيتن ۾،
ميدانن ۾
پهاڙن ۾
صحرائن ۾
سهرا ڳائڻ لڳا هئا.
هنن کي پڪ هئي ته، هاڻي هو سکيا ٿيندا،



www.bhutto.org

پنهنجن پٽن کي گهوٽ بڻائيندا،
۽ سک جون باسيل سڪائون پوريون ٿينديون،
پر ستاويهين ڊسمبر تي،
سنڌ راڻيءَ جي شهادت جو گيت ٻڌي،
دنيا روئي پئي.
هڪ پيرڻ پنهنجي رَئي جي پلوَ ۾،
ساري ڪائنات جو درد ٻڌي ويئي.

هُن پنهنجي ديس سان وفا جو قسم کنيو هو،
هُن جي زندگي عبادت هئي،
هُن سياست کي مقدس بڻايو
هُن هر مظلوم جو مقدمو وڙهيو
هُوءَ وڙهندي ماري ويئي،
هُوءَ پنهنجو قسم پاڙي ويئي.
سنڌ توکي مُبارڪ هجي.
تنهنجي ڌيءَ
تنهنجو نانءُ
ساري دنيا ۾ نکاري ويئي.



www.bhutto.org

# سنڌ مٽي ۾ خاڪ وڌي

سنڌ جي ڏيءَ،
سياري جي منڊ ۾
ڳڙهي خدابخش ۾
پنهنجي اباڻي گهر پهتي.
پٿائيءَ آسمان کي گهوري ڏٺو
سچل سرمست ميار ڏني،
شاهه عنايت زمين تي مُڪ هنئي،
سنڌ مٽي ۾ خاڪ وڌي
مايون مرد مٽو پٽڻ لڳا،
ٻارڙن سڏڪا ڀريا،
۽ دنيا جون اکيون،
ڳڙهي خدابخش جي ڳٽر کيءَ مان،
سنڌ ۾ موجود
شهيدن جا شهر ڳڻڻ لڳيون.

❋



www.bhutto.org

ايوب کوسو

# شهيد بينظير ڀٽوکي سلام

اُداس رات ۾ جتي،
سمورو ديس هو لُٽيل،
گهٽن جا سر هئا جُهڪيل،
سڏن جا پير ها ڪپيل،
جتي نہ آس هئي اُٽيل،
اتي تو سوجهرو ڪيو
ٿهر ۾ تون اميد ٿئين،
تڏهن تہ تون شهيد ٿئين!

عجيب ذلتون رهيون،
مٿي جو من وڪيو ويو
غليظ وحشتن اندر
صبح پري ڌڪيو ويو،
خمير پئي ڦريا رڳو
سفر سمورا درد ها،
نيون نہ دلبريون هيون،
اکين جا خواب زرد ها،
وڏا عذاب ها مگر،
نہ ڪنهن کان تون خريد ٿئينءَ
تڏهن تہ تون شهيد ٿئينءَ!



www.bhutto.org

زماني جي اکين ڏٺو
هوا تان سنگهرون لٿيون،
پرهه اڇڻ جي آس تي،
عوام کي اکيون مليون،
ڪٽل دلين جي سوڳ تي،
وفا جا تو پيها رکيا،
پگهر ڦٽن جي ماٺ تي،
گلاب تو نوان رکيا،
انڌين اکين جي ديد ٿئين ءَ،
تڏهن تون شهيد ٿئين!

شهيد تنهنجي هانءَ کي،
سلام آ، سلام آ
شهيد تنهنجي نانءَ کي،
سلام آ، سلام آ.



www.bhutto.org

## پنکيءَ جي پيءُ کي چئجان!

ستاويهين ڊسمبر تي،
اڌندي ڏنڊ تي آڙي،
پنڊيءَ جي توبچيءَ تاڙي،
لڳي گولي گهٽائن کي،
اتر جي ڄڻ هوائن کي،
چيو هيئن چاندنيءَ روئي.
امن ءِ آجپائي جا،
ڏٺا ها ڏيهه جي سپنا،
ويا ٿي واٽ تان اغوا.
پرهه جي پيار جا پنڇي،
اڏاڻا ڏار تان ڀڙڪي،
امالڪ وڄ ڪا ڪڙڪي،
جهپي ويو باز ڄڻ پنڇي.
مري ويا مور موهر جا،
هنئيان هرڻن سندا ڦاٽا،
ڪري پيا ڏار ڪونيت جا،
ٽٽي زيتون جي ٽاري،
وئي ان باغ کان وڇڙي،
جتي جهولي هئي، ٻي، ٻي.
انهي وڻ جهوڙ پوڙهي پي،
ڪئي اڄ خودڪشي آهي،



www.bhutto.org

رهيو هيرڻ، نڪي هُريو،
وئي مرجهائجي ميندي،
سُڪا سورج مکي سيئي،
وڃايو واس مُرون پيِ،
جُهريو جهمپير جون ڪجيون،
سرينهن ڦولار پي سڏڪي،
رُنا ان رات روهيڙا،
پتن پينا ڏني پٽڪي،
سٽي هُن جي شهادت جو،
هتن ۾ تانوَ پيا ٿڙڪي.
بدن ۾ باهہ جيئن پڙڪيا،
سوين شعلا بغاوت جا،
متي مهراڻ ۾ هلچل،
ٿيا آڪاس مان تيڙو
گهڙيءَ ۾ سنڌ تي گيڙو.
ڏٺي هُئي ديس جي ڌرتي،
لُڏي هئي لاڙڪاڻي جي،
قبر هڪڙي قديمي ۾،
پيو ٿڙپي اتي ويٺو.
ڏٺائين ڏيهہ جون سيئي،
هيون مائيون مزارون پر،
سمورا لاش پي لڇيا،
مگر ڪجهہ ڪين ٿي ڪڇيا،
مُٺي مائي هئي مڪلي،
ڪراڙي ڊِنڊ ڪينجهر جي،
تماچي تڙ متي تڙپيو
عنايت جهوڪ ۾ ڪاميو.



www.bhutto.org

نديءَ ڏي ڇام واجھايو
سنڌوءَ جي ٻي ڪناري ڏي،
جتي جھونو پيو جاڳي،
ٻلاول گھوٽ گھاٽي مان،
ڪئي للڪار قاتل کي،
لٿو سج لاڙ تي ريٿو،
ٻڏي رت ۾ ويو ڪاڇو.
ڪري پيو ڪوھ ڪارونجھر،
رنو تي روپلو ڪولھي،
ڀڳي چوڙا ٻڌيڻي جي،
ڇني ھر ڇوڪريءَ ڇڏيا،
ٽڪون ۾ ٽنئور ڪنجريءَ جا.
سُمھاري ٻار نيرانا،
ڪري دانگي ڇڏي اونڌي،
مُٺيءَ ھر ماءُ ٿي ھوندي،
ٻڏي نصرت جيان ٻيواھ،
ڍھا ڳُڙ ڏيھ جي ڌرتي،
سنڌوءَ جي سينڌ پي اجڙي،
پُراڻي پڳ تي پرزا،
سڙي سورج جيان اجرڪ،
اجھامي چنڊ ويو اپ تان،
ستارا رات جا ڇاڻي،
ڪٿا ھيءَ ڪير ٿو ڇاڻي؟
ڏکي اڄ ديس ڇو آھي؟
ٻلا ھن ڪربلا کان اڳ،
مٿا، ھيءَ ماتمي ڪارو
حسيني قافلي وانگي،



www.bhutto.org

حياتيءَ تان بہ هٿ ڌوئي،
ويا سڀ وارجي جيڪي،
مٿيءَ لاءِ مارجي جيڪي.
اباڻا شهر اُنهن جا
اڙيا لاڙڪاڻا تون،
ڀُٽي سائين کي هي ڇئجان،
ستي آ ننڊ گهريءَ ۾،
اوهان جي گود ۾ جيڪا،
اسان ان سنڌ راڻيءَ جي،
ڪٽوريءَ خون مان پوڙي،
ٻئي هٿڙا ملي مک تي،
ڪنئي آ ساک سنڌڙيءَ جي.
پٽائي گهوٽ سان پيڙي،
”پڇاڻان اي پرين! تنهنجي،
ڏجن پنيور کي باهيون“
تهان پوءِ تند توبن سان،
هٿين خالي وڙهي آهي،
رتين پيرين رڙهي آهي.
انهي منظر سندي هڪڙي،
ڏٺو جنهن جلوو جذباتي،
وئي تن کي وئي ڏڪڻي،
لڪي ويا لوڪ جي ڊپ کان،
سمورا شينهن سرڪاري.



www.bhutto.org

## درد بينظير آهي

درد جو پنهنجو هڪ شهر آهي.
جنهن جون سرحدون بہ الڳ ۽
جنهن جون لاحدون بہ الڳ
دريون دروازا گهٽيون ۽ بازارون بہ الڳ،
باب ابواب بہ الڳ
درد جي شهر جي خاموشي،
موت کان ڀاري هوندي آهي.
۽ جي شور غل آهي تہ،
آسمان پيو ڏڏندو آهي.
زلزلي جو سمان هوندو آهي.
الامان الامان!!
درد جو پنهنجو درياهہ آهي.
پنهنجو سمنڊ آهي.
پنهنجا پهاڙ ۽ جهنگل آهن.
درد جون واٽون بہ پنهنجون ۽
واٽن تي پانڌيئڙا بہ پنهنجا،
درد جو ڪو انت ناهي،
ڪا ڏاهپ ناهي،
ڪا سمجهہ ڪا منزل ناهي.
درد جي ڪهاڻيءَ جي ذات بہ الڳ،
ڏانوَ بہ الڳ،



www.bhutto.org

جنهن جي ڪنهن کي بہ خبر ناهي.
ڪڏهن درد لڳندو آهي،
لفظن ۾ رکيو آهي.
ڪڏهن درد لڳندو آهي،
درد لاءِ ڪو حرف موجود ئي ناهي.
ڪو چرڪ آهي،
اوچتي جو اڌمو آهي،
بي وسيءَ جي انتها آهي،
پڇي پيل آئينو آهي،
صدين جي دز آهي جيڪا پنبڙين ۾
ڄمي پئي آهي.
۽ اکين کي ڏوئڻ واري ڳالهہ ڳوڙهن کان،
وسري وئي آهي.
درد ويسر آهي،
ٿڌو ساهہ آهي،
وڇوڙو آهي.
پناهہ کان وانجهيل صحرائن جي گونگي،
ڪوڪ آهي.
درد جو نہ اَتو نہ پتو آهي.
خالي لهر آهي، جنهن کي پهرين لهر پويان،
اُيرڻ وسري ويو آهي.
درد تاريخ آهي،
تاريخ جو سُڏڪو آهي،
جيڪا من مان ڪڏهن نہ ايري سگهي.
ڪائنات جي راز جي ٽٽل ڪڙي آهي
جنهن جي خبر ئي ناهي ڪڏهن ۽ ڪٿان ٽٽي،



www.bhutto.org

ڪڏهن ۽ ڪٿي ختم ٿيڻي آهي.
درد وجد آهي.
وجد ۾ اچي ڦيراٽي پائڻ دوران،
هڪ ٽڪ ٿي ويل نظر آهي.
حيرت آهي،
ڪشف آهي،
جنهن کي ڪڏهن بہ منعڪشف ٿيڻو ناهي.
محجوب ٿي هٽو آهي،
جنهن کي ڪا تند تار ڪانهي،
ڪو ردم ناهي،
درد اهڙي سيفني آهي،
جيڪا لکي ڪا نہ وئي،
نہ ئي تنبوري جي تارن ۾ ڪڏهن درد،
وچڙي سگهيو
نہ الو ميان جي آلاپ آهي،
نہ جيجل ماءُ جي لوري،
درد ڦتل پتڻ جو ڪو مسافر آهي،
جنهن کي ڪيڏانهن بہ وڃڻو ناهي،
نہ ڪنهن ملاح کي سڏڻو آهي،
نہ ڪنهن سان ملڻو آهي،
نہ مسافر کي ڪنهن جو انتظار آهي،
نہ مسافر وٽ ڪو سوال آهي،
نہ ئي ڪو جواب ٿو چاهي،
نہ هن کي انڌيري ڪان ڀؤُ ٿو لڳي،
نہ هن کي صبح جو اوسيئڙو آهي،
درد ڦاسي گهاٽ جو جهولو آهي،



www.bhutto.org

درد زهر جي ذري آهي،
درد ستر ڪلفتن جي اڳيان،
چاڙهيءَ واري گولي آهي،
درد ڪربلا آهي،
ڪربلا جو ماتم آهي،
نيزو آهي ۽ نيزي تي رکيل سِرُ آهي.
شام غريبان،
هاءِ حسين!! هاءِ حسين!!
درد سنڌ ديس آهي،
درد لاڙڪاڻو آهي
درد شهيدن جو آستان آهي،
درد بينظير ڀٽو آهي.

✡



www.bhutto.org

# لهوءَ جي سرخ لالائي....

ڇچوري، چلولي، چالاڪ چنچل ٻار جيئن جهوتو
صبح جي هير جو ويڙهي ٻني خوشبو.
اجالو ٻاک جي پنهنجي پلاندن ۾ پڳو آهي.
نئين ديري جي پرسان آجپي جي راهہ ۾،
قربان ٿيل ڇٽني شهيدن جي مزارن تي،
سراپا خون ۾ لت پت مگر،
تاريخ ۾ هڪ ڏينهن ايندو جو.
هنن جو رت ڌرتيءَ جي اجارن برپٽن تي،
مينهن جان برسي اپائيندو
سک ۽ ساهہ جا موتيا.
مٽيءَ جي سرخ سيني تي،
شهيدن جي وهايل رت ۾ ڳاڙهو
پلي اپريو نہ آ سورج،
مگر بدڪار ۽ باسي ڀيانڪ رات پوري ٿي.
ڦٽن ٿا ٻاک جا ڪيئي تڏا ڪرٽا.
پڳو آرس دلين ۾ دفن ٿي ويل آجپي جي آسوند نغمن،
سُندوري زرد موسم جي پڇاڻان گونج نڪرن ٿا،
بهارون شال پنهنجي ڀاڳ جي آڳنڊ ۾ پلجن،
ندوري رات مان بي داغ روشن صبح مرڪي پئي،
ايامن کان ڏٺل بي انت پنهنجا خواب،
تعبيرون ڪٿي مرڪن،
اسان جي ڀينگ ٿي ويل ڀاڳ جي بيرنگ چهرن مان،
پوي اُپري شهيدن جي لهوءَ جي سرخ لالائي.

✲



www.bhutto.org

## درد جو رشتو

طويل ساعتون ويتر وڏي طويل ٿيون،
ڪتو نہ پنڌ صدين جو صدين پچاٽا پي،
ڏکن جي راهہ ايا ڳي وجي ڏکهي ٿيندي،
جڳن ڪان پل بہ اسان کي قرار ڪو نہ مليو
الائي دور ڪتيا ڪيترا عذابن ۾،
پهاڙ جهد جا ۽ رت جا سموند تپي،
وهائي خون جا ڳوڙها انيڪ پيڙهين ڪان،
هزار سال اگهاڙي عذاب جا ڪاتي،
اسان جو درد رسيو عهد نو جي چائٺ تي.
اڃا بہ دور نئون درد جي علامت آهہ،
مگر اميد جو ڪرڙو اڃان سلامت آهہ،
وراءِ واڳ متان خواب ڪٿ رلي نہ پون،
طويل ساعتون ويتر طويل ٿي نہ پون.

✵



www.bhutto.org

## سفاڪ عهد

سفاڪ عهد جو هڪڙو نياڳ جو لمحو
هزار سال جي ڀاڳن تي ٿي پيو حاوي.
غريب ديس جي پُر خواب آس جو تارو
ڪري پيو جو امالڪ بئلڪ هول متان،
ٿيو شعاءُ ڪو لخطو ۾ پوءِ تاريڪي،
ڳهي ڳهي بہ وئي دل جي هر سويري کي،
نظام خواب جو ساڀيان ڪان ڇڙ ويو ڪنجي.
سفاڪ عهد وڏو امتحان ورتو آ،
اسان ڪان پوڻ ڪسي آسمان ورتو آ،
سفاڪ عهد ۾ ڳورو نياڳ جو لمحو
هزار سال جي ڀاڳن تي ٿي پيو حاوي.



www.bhutto.org

## ستاويهين ڊسمبر!

وري سنڌ جي گلستان مان،
ڇني ويا هو گل نرگس،
اکيون آڪاس جون آليون،
ستارا سوڳ ٻڌجي پيا،
سموري ڪائناتي سونهن کي،
ويڙهي اداسي وئي،
اتر جي سرد برفيلي،
هوا نمڪين ٿي ويئي،
ڏکي فطرت ردا ڪاري،
خدائي ٿي پئي نوحو
ڪروڙين خواب هئا منسوب،
جنهن جي خواب هڪڙي سان،
جلاوطنيءَ جي پيڙا پي،
نہ هاريو حوصلوان جو،
لٽيو ويو قافلوان جو،
انهيءَ جي زندگيءَ جي ورق کي جو
وقت اٿلايو
وري اتهاس جو پيهر،
تسلسل ياد ڪو آيو



www.bhutto.org

الائي ڪيترا، احساس،
جذبا خواب آهون،
سڀ صدائون
تيون نشانو هاڻ، ڪنهن،
ڇڙواڳ گوليءَ جوو
"ستاويهين ڊسمبر" جو
لٽو جيئن سج سانجهيءَ جو
ڪٽي ويو پاڻ سان ميڙي،
وطن جي روشني ساري،
ٻڌي وئي رت ۾ اي سنڌ!
تنهنجي مارئي آخر!!!.



www.bhutto.org

## موت ويو اغوا ڪري

امن جي اڇي ڪبوتر،
ساک هن جي هٿي ڏني.

هوءَ امام ضامن جي،
چانوَر نڪتي هٿي.

سج لٿو هو شام ٿي هئي،
پر پکيڙي سڀ پکيئڙا.

ماڳ پئي پنهنجي وريا،
ها مگر هڪڙي ڪبوتر،

۽ امام ضامن کي،
موت ويو اغوا ڪري
موت ويو اغوا ڪري!

www.bhutto.org

## پرديسياڻي ڀيڻ جو سنديس!

منهنجا ڀـ ڪروڙ ڀائرو!
مون کي ياد رکجو!
ياد رکجو تہ توهان جي ڀيڻ،
اونداهين ۾ ويڙهيل،
اوهان جي زندگين لاءِ،
خوشحاليءَ جي سحر ونڻ ويئي هئي.
مگر وقت جي حاڪمن،
ان جي مٿان گولين جو مينهن وسايو.
منهنجي ڳچي،
جنهن ۾ اوهان هر نئين موسم جي گلن جا،
هار وجهندا هئا،
ان ۾ گولين جو فصل پوکيو ويو.
توهان ڄاڻو ٿا تہ منهنجو شهيد بابا،
مون کي پنڪي چوندو هو.
۽ مون پنهنجي گلابي خون سان،
سندس ڏنل نالي کي،
معني ڏني!
مان دنيا جي اڪيلي ڀيڻ آهيان،
جنهن جا ڀـ ڪروڙ ڀائر آهن.
۽ منهنجا قاتل تہ ڄامڙا آهن.
جن جي دماغن ۾



www.bhutto.org

پاڳل ڪُتن جون اوناڙون پلجن ٿيون،
پر ڇا توهان ڄاڻو ٿا،
تہ جيترا اوهان وٽ لڙڪ آهن،
ايتريون جيڪڏهن بندوقون هجن ها،
تہ منهنجا دشمن،
مون کي مارڻ کان اڳ ۾،
هزار دفعا ضرور سوچين ها.
پر ڇا ڪجي
اوهان وٽ تہ فقط لڙڪ آهن.
جن سان دلين جي آڳ تہ وسائي وڃندي آهي،
مگر شعلا ڀڙڪائي ناهن سگهبا.
پر مان تہ چوان ٿي،
توهان مون کي ياد رکجو.
ٿڌن ءِ بي جان لڙڪن ۾ نہ!
لاچار ءِ بيوس سڏڪن ۾ نہ!
پر هماليہ کي ڏوڏين.دڙنعرن ۾ ياد رکجو.
آخري وڙهندڙ جنگ جي نغارن ۾ ياد رکجو.
منهنجي لحد ۾ ايندڙ هير،
جڏهن مون کان منهنجو نانءُ پڇندي،
تہ مان کيس اهو ٻڌائيندي مرڪي پونديس ،
تہ مان اُن ديس جي راڻي آهيان،
جنهن ديس جا ڀائر مون کي،
بينظير چوندا هئا.
پنهنجي تقدير چوندا هئا!
منهنجا ڀائرو!
اوهان جا سڏڪا،



www.bhutto.org

منهنجي قاتلن جي ٿهڪن ۾،
گم ٿي رهيا آهن.
هاڻي اوهان جي،
گجگوڙ گهرجي ٿي،
لڙڪ روڪي رکو،
۽ شينهن جيان گجي اٿو.
اڄ ئي اٿو!
جڏهن ٻه اوهان جا قدم،
دشمنن جي ٻمن آڏو لڙڪڙائڻ لڳن،
۽ اڳتي وڌي نه سگهن،
تڏهن توهان مون کي ياد رکجو.
منهنجا ٻه ڪروڙ پيائرو!
مون کي ياد رکجو
منهنجي ڳچيءَ ۾،
گهاءَ گوليءَ جو،
هاڻ اوهان ڏي ڏسي ٿو.
پنهنجي پرديسياڻي پيڙ جو
آخري سنديس ٻڌو،
مون کي ياد رکجو!
منهنجا پيائرو!
مون کي ياد رکجو!



www.bhutto.org

## خوشبو ڪڏهن مري نٿي!

لياقت باغ جي دروازي تي،
جو سنڌ جو لاش رکيو آهي،
ڇا تنهنجي اکين پسيو آهي؟!
تون ڳورها جيڪي ڳاڙين ٿو
۽ ديس واسين کي رئاڙين ٿو
تن جو ملهه پکين کان پڇ.
لڙڪ ڇا ٿيندا آهن؟
اها ڳالهه صدين کان پڇ.
ڪالهه به پنڊيءَ ۾ ڦاهيءَ جي،
هڪ جهٽڪي مٽڪو ٽوڙيو هو
ڀُٽي جي صورت ۾ هُن،
مٽ ۾ گل مروڙيو هو.
ڇڙ ته سنڌ جي ماٿي تي،
هن ڪوڪو ڪوئي ڪوڙيو هو.
اڄ به ساڳئي شهر ۾ هُن،
گولي سحر ۾ لاٿي آهي.
بينظير بدران لڳي ٿو
هن سنڌ قبر ۾ لاٿي آهي!
تنهن قاتل جي هر ڦهر مٿان،
تون روئين ڇو ٿو مقدر مٿان!
تون لڙڪ پنهنجا سنڀالي رک!



www.bhutto.org

هي ڦڙا پاڻيءَ جا ناهن،
اکين منجهہ پالي رک.
درياهن جو روپ وٺي،
نيڻن مان هي ورندا نيٺ،
ڪڪ پن جهڙا انڌا ٻوڙا،
رنجيت الاهي، ٻوڙيندا نيٺ!
هو ڏس دور!
خدا بخش ڳڙهيءَ ۾،
گل جهڙي هڪڙي قبر،
توکان لڙڪ گهري ٿي
جو تہ خوشبوءَ ڪڏهن مري ٿي!!

✵



www.bhutto.org

# نيڻ پٽرائجي ويا

ستاويهين ڊسمبر تي
وقت جي ڳچيءَ ۾ گولي لڳي.
تاريخ
رت جو اجرڪ اوڙهي سمهي پئي آهي.
ڊسمبر جا نيڻ پٽرائجي ويا آهن.
ليڪن!
خدارا توهان مايوس نه ٿيو!
ڌرتيءَ جي سرد جسم ۾
هڪ نئين حرارت پيدا ٿي رهي آهي.



www.bhutto.org

# هوءَ تہ اڃا موجود آ

شام ڊسمبر جي اچي، ڊاهي ٿي مون کي،
ڳٽتين جي ماحول ۾، ڳاهي ٿي مون کي،
کاهي ٿي مون کي، ڳڙهي خدابخش ڏي.

هي ڪهڙو ماحول آ، هيءَ ڪهڙي موسم!؟
بدبو آ بارود جي، اکين تي آگم،
گهاوَ ڏکُهاءِ غم، جاڳن تا جذبات ۾.

هوءَ تہ اڃا موجود آ، نيڻن جي آڏو
سنڌ سموري تي رکي، سرتيءَ جو چهرو،
نِکري ٿو نقشو سنڌ راڻيءَ جي سُونهن جو.

ڍير گلن جا ٿي ويا، ماڻهن جي وچ ۾
دردن جو آواز هو جذبن جي وچ ۾
چهرن جي وچ ۾ شهيدن جو شهر هو.

ڳڙهي خدابخش ۾ ڳوليان ٿو بيٺو
مون کي نظر ٿو اچي، هر سوهڪ چهرو،
آٿتُ ڏئي جيڪو روئڻ کي روڪي پيو.



www.bhutto.org

ڇا ڪي ٿو ورجائِيان، ڇو ٿو درد اُٿي،
کھڙي ڳالھہ آچي سدا، اندر ٿي جھوري،
ڪو بہ نہ ٿو پرڪي، مُنھنجي ديدَ اٻُاٽڪي.

ادا!! اڄ منداٿو ڪاٿئون آيو غمُ،
ڪنھن آندي ھيءَ ڪربلا، ڪنھن آندو ماتمُ،
مُلڪ تي محرمُ، آيو محرم ڪان اڳي.

ھوءَ سدا تقدير ڪي، بدلائيندي ھُئي.
سانگيئڙن جي ساٿ ڪي، جرڪائيندي ھُئي،
جاڳائيندي ھئي، مُرڪون ھر ڪنھن مُلڪ تي.



www.bhutto.org

# اسان سڀ يتيم ٿي وياسين....!!

اوچنگار جهڙي ان خبر تي ڪيئن ويساهه ڪيون ته،
”هوءَ هاڻ اسان ۾ نه رهي آهي“
(هوءَ جيڪا هر جابر جي اک ۾ ڪنڊي جيان سدائين رهي).
ڪيئن اعتبار ڪيون ته،
”غريبن جي اُميدن جو آخري سج الهي ويو؟“
منهنجي پر ۾ ويٺل سڀ ايڊيٽر دوست،
سرد آهه ڀري چوي ٿو،
”شهيدن جو ڪورم پورو ٿي ويو...!“
هن جي پارٽيءَ جا اڳواڻ،
سندس شهادت کي،
تاريخ جو ڪارو باب ۽ سياست جي پڄاڻي چون ٿا؟
(پر ڇا ڏک جي به ڪا پڄاڻي ٿيندي آهي..؟)
انهن ڪروڙين دلين جا گهاءَ هاڻي ڪير ڀريندو؟
جن جا ڪڏهن پار،
وقت جي دل ڏاري رهيا آهن!
ڇو ته هوءَ رڳو ڀٽو خاندان جي آخري اميد ئي نه،
ديس جي سورهن ڪروڙ عوام لاءِ،
آجپي ۽ جيئڻ جو ويساهه هئي!
سياسي بيان،
شهيدن جي عظمتن جو پورائو نه ٿا ڪري سگهن!
وقت، ڪڏهن به،



www.bhutto.org

ڏاهپ جو متبادل تي نہ ٿو سگهي!
گهڙيون ڪڏهن بہ،
گهاءَ جي دل پري نہ ٿيون سگهن!
قوم جي ڪاوڙ
تاريخ جي ڪاري پيشانيءَ جا گهنج تہ بڻجي سگهي ٿي،
پير پيارن جي شهادتن جو ڏک،
صرف طويل خاموشيءَ ۾ئي محسوس ڪري سگهجي ٿو!
هن ڪي لڱل گولين تي،
”سنڌ“ لکيل هيو!
هنن سنڌ کي قتل ڪرڻ جي آخري ڪوشش ڪئي،
ان درد کي اهي محسوس ڪري سگهن ٿا،
جن جي رڳن ۾ مخدوم بلاول ۽
هوشوءَ، هيموءَ جو رت ڊوڙي ٿو!
هُنن هڪ پارٽيءَ جي قائد جو نہ،
ان سنڌ جو خون ڪيو
جنهن جي خمير مان هوءَ ڄائي هئي!
ڇو تہ هوءَ سڄي دنيا ۾ سنڌ جي ڏاهپ جو حوالو هئي!
هُنن ڪالهہ، پُٽي کي بہ ان ڪري،
دار جي دل ۾ دفن ڪيو هو،
ڇو تہ ان جي روح ۾ بہ سنڌ هئي!
هُو
هر ان ماڻهوءَ کي مارڻ چاهن ٿا،
جنهن جي رڳن ۽ اکين ۾،
سنڌو درياهہ جو جوڀن جيئي ٿو!
هُن جي شهادت،
رڳو آصف، بختاور ۽ بلاول جي اکين لاءِ،



www.bhutto.org

مستقل سوڳواري نہ آهي،
پر هاڻ سموري سنڌ،
ان جا خاموش پهاڙ ساوا وڻ، اڇا ڪبوتر،
۽ ڏاهپ جا حوالا يتيم ٿي ويا آهن!
اي سنڌ!
تون اڃان ڪيترن شهيدن لاءِ جهولي ٻڌجندينءَ!
ڪو آهي؟
ڪو آهي سنڌ ۾ اهڙو...!؟
جو سنڌ جي سياسي يتيميءَ کي دور ڪري...!؟
افسوس!
هوائون رت روئي رهيون آهن،
۽ آسمان اکيون پوري ڇڏيون آهن....!؟
سمنڊ،
سنڌ جي اکين ۾ اوتجي پيو آهي...؟

✵



www.bhutto.org

Tribute to Daughter of earth

# امن، جنهن جو نالو آهي بينظير...!

هوءَ جيڪا صبح جي اميد آ بڻجي وئي،
هوءَ، جيڪا ڇن صدين جي ديد آ بڻجي وئي.
نيڻ، جنهن جا،
آسمانن کان آڳاهين،
ڪنهن سفر ـ سنديس جو هئا سوجهرو!
نيڻ، جن ۾،
هن سدائين سانڍيا هئا،
ديس جي خوشحال آئيندي جا خواب...؟
نيڻ جن ۾
هڪ بلاول، آصفہ ۽ نہ بختاور هئي،
نيڻ، جن جي جهول ۾
ديس هن مظلوم جا محڪوم ڪيئي پارڙا،
مامتا جو موهہ ماڻيندا هئا.
نيڻ، جن جو گهاءُ،
هڪڙي مير جو مقتول سڏڪو ڪو نہ هو،
نيڻ، جن جي هر شفق ــ لالڻ ۾،
خودڪشيءَ جو خيال سانديندڙ هزارين پاتڙا.
زندگيءَ جو گيت ڳائيندا هئا.
نيڻ، جن لئہ
بس صنم جي هيڪلائي،
زندگيءَ جو روح روليندڙ ڪوئي قصو نہ هئي،



www.bhutto.org

نيڻ جن جي هر دُعا ۾،
ديس تي تاڻيل ڪهاڙيءَ خاتمو،
چڻ تہ ڪوئي ورد هو بڻجي ويو.
نيڻ، جن لئہ،
پاجهہ جو واحد وسيلو
سانت ۾ تحليل ٿيندڙ ماءُ جو ڇهر و نہ هو.
نيڻ، جن لئہ ديس جون سپ مائرون،
چڻ تہ مريم جان ازل جو روح هون!
نيڻ، جن لئہ بس رڳو
ديس جي ارڏي سپاهي، پيءُ جي،
دار کي پاتل چميءَ جو ٽي ڪسارو ذائقو آخر نہ هو.
نيڻ، جن جا لڙڪ سارا،
انقلابي هر سپاهيءَ لاءِ بارش وانگيان،
چڻ تہ فطرت جو سگهارو ساٿ هئا!
نيڻ، جن جي معرفت.
ديس خاطر، چند قدمن تي هو بيٺل انقلاب!
نيڻ، جن جي ڇانو ۾
ماڻهپي هو ماڻ ماڻيو ساٿيو!
نيڻ، جي هر دور جي،
فرعون، فاشسٽ قوتن لئہ،
جنگ جو اعلان هئا بڻجي ويا.
ديس جي مقتول موسم!
درد جي تفسير تون ڇو ٿي پڇين!؟
درد، جنهن جو نانءُ آهي، بينظير!
سنڌ صدين تائين رهندي،
روح جنهنجي جي اسير!
سچ، جنهن جو روپ آهي، بينظير،
باطلن ۽ قاتلن جي ڪرم لئہ،


www.bhutto.org

هوءَ پوئين ويڙهه جو اهڃاڻ هئي!
هوءَ ساري ديس جي پياسن چپن لئه،
آب زم زم کان به وڌ مهراڻ هئي!
هوءَ، جيڪا،
ملڪ، مذهب ۽ سرحدن کان مٿاهين موج هئي!
وقت! تون آهين زوالن جي پنجوڙ
هوءَ آئيندو هئي ۽ اوج هئي!
وقت! تنهنجا پاليل شيطان سارا،
قوم سان ڪيئين ملائيندا اکيون؟
هوءَ، جنهن جون موسمون ۽ سانوڻيون رهنديون سکيون،
ڪا به گولي، ڇا ڪڏهن تاريخ ۾ درد کي ماري سگهي ؟
ڪائنروا؟
ها مگر هر دور جي نمرود کي،
لوڪ جي لڙڪن، لهوءَ لوڙهي ڇڏيو
جي امر تاريخ ۾ هن تي ويا،
تن شهيدن، وقت جي زنجير کي توڙي ڇڏيو.
ٻڌ! اي عالم انسانيت جا ضمير!
درد، جنهن جو نانءُ آهي بينظير،
سنڌ صدين تائين رهندي،
روح، جنهن جي اسير!
سا نه هڪڙو فردهئي،
ڇو ته هن جي سنڌ جهڙيءَ دل پٽيان،
عالمي احساس جو هو سج اُڀريو
سج جيڪو هر جبر ۽ ڏاڍ جي،
رات جي لاءِ مات رهندو.
رات جي لاءِ مات رهندو...!!
آڄپي جي ڇانوَ آهي بينظير،
امن، جنهن جو نانءُ آهي بينظير،



www.bhutto.org

## شهيد جمهوريت ڪي پيتا

پنڊي! پهاڙ تنهنجا،
اڄ سرنگون آهن،
مقتول موسمن جو،
نوحو پڙهي رهيو آ،
تهذيب، سونهن، ساڃهه
ڏاهپ جو خون توڪان،
عدل گهري رهيو آهي

او وقت! نيڻ تنهنجا،
پٿرائجي ويا ڇو؟
موهن جي ديس جي هوءَ،
جنهن جي رڳن ۾ پاڳهل،
ڀٽو خون مارئيءَ جو،
جنهن جي اکين سجايا،
او ديس! خواب تنهنجا،
صديون سنيار بڻجي،
پنکيءَ جو پيار بڻجي
ڳائيندين ڳات ڪٽنديون
ڪي انقلاب تنهنجا،
پنڊي! پهاڙ تنهنجا
ويري ڇو سنڌ جا ٿيا؟



www.bhutto.org

وارث ۽ بلي شاهه،
اڄ شرمسار آهن؟
راوي، چناب ، ستلج،
اڄ اشڪبار آهن،
هُوءَ جا ڪئي وئي آ،
اوندهه سان ويڙهه وڙهندي،
هُن جي لهوءَ مان ڪيئي،
ڏياتيون ٻري پيون هن،
چوڌس تي روشني آ،
اوديس! تنهنجي خاطر،
خوشحال لوڪ خاطر،
ماٽي وئي شهادت،
هر فرد، هاڻ چاهي،
ٿو انقلاب ساٿي!
هن جي لهوءَ سان ٿي ويو
رنگو گلاب ساٿي!
هر فرد هاڻ چاهي،
ٿو انقلاب ساٿي!



www.bhutto.org

# مات ڏئي وئي موت کي

هوءَ جا، ساري سنڌ جو اونهو هئي احساس،
پنهنجي ريتي رت سان، جوڙي وئي اتهاس،
وڏي ويو وشواس، هاڻ نه ٿيندو سوجهرو.

هوءَ جنهن ساري سنڌ جو اوچو ڪيو ڳاٽ،
ان جي ريتي رت مان، روشن ٿيندي لاٽ،
ڪانئر لاءِ چماٽ، بڻجي وئي تاريخ ۾.



ڪنڌ جهڪائي سوچيو بابا بلهي شاهه،
”ڪانئر منهنجي ديس کي، ٿاهيو مقتل گاهه،
تو آڏو الله! ٿينداسين ڪيئن سرخرو؟“

روئي وينو راتڙيون، هو جو وارث شاهه،
”ڪنهن آهي بارود سان، رت ۾ رڱي راهه؟
ٿين شال تباهه، ماري جن آ مارئي!“

مات ڏيئي وئي موت کي، للڪاري هڪ ڀيڻ،
مرڪي پيا تاريخ ۾، سنڌڙي! تنهنجا سيڻ،
هن جا نرمل، نيڻ، تارا، ڪتيون ٿي ويا.

ڪڙندا ڪيئي گلاب، راڻي تنهنجي روح مان،
ساڀيا ٿيندا ساٿيو! سانگيئڙن جا خواب،
لهندا سڀ نقاب، ويرين جي بي وجود تان.

www.bhutto.org

جڙنديون جوڏن جنڊڙيون، راڻي سنڌو مان!
ورنديون مارن مک تي، مرڪون ڪي منڙيون،
اندر جن اگڙيون، سي چا چاڻن سنڌ مان.

سي چا چاڻن سنڌ مان، اندر جن اگڙيون،
مون چيو هر چنڊ سان، ڪرڻن جان ايران،
مؤرخ! تو لکجان، مارن ۾ مُون ساه هو.

✵



www.bhutto.org

# سنڌ راڻي بينظير- راڄ راڻي بينظير

نئهڻ ۾ چانوَ جهڙي، بينظير،
ڪنهن تدبيري تانوَ جهڙي، بينظير،
ڪنهن جي جهڄيل هانوَ جهڙي، بينظير،
ڪنهن پريءَ جي نانوَ جهڙي، بينظير،
سنڌ راڻي بينظير – راڄ راڻي بينظير.

جنهن پهاڙن کي پگهاريو بينظير،
جنهن وفائن کي جيئاريو بينظير،
جنهن سچاين کي سنواريو بينظير،
جنهن آلوڪن کي روئاريو بينظير،
سنڌ راڻي بينظير – راڄ راڻي بينظير.

رُڪَ وانگر سخت هئي جا، بينظير،
يوءِ جو ڪو بخت هئي جا، بينظير،
تاج هئي ڪو تخت هئي جا، بينظير،
ڪوئي ويندڙ وقت هئي جا، بينظير،
سنڌ راڻي بينظير- راڄ راڻي بينظير.

جنهن جي مرڪن مان ڦٽا ڳاڙها، گلاب،
جنهن جي هلچل مان ڦٽا ها، انقلاب،
جنهن جي اوسيئڙي ۾ ڪيئي، ماهتاب،
جنهن جي مک مان ايرندا ها، آفتاب،
سنڌ راڻي بينظير – راڄ راڻي بينظير.



www.bhutto.org

هوءَ وطن جي ويڙهه جو اتساهه هئي،
هوءَ ايري لوڪ جو ويساهه، هئي،
هوءَ جيڪا درد جو درياهه، هئي،
هوءَ جا ساٿيهه واسين ساهه، هئي،
سنڌ راڻي بينظير-راج راڻي بينظير.

هوءَ جيڪا پونءِ جو هڪ پرم، هئي،
هوءَ جيڪا نيڪين جو ڪرم، هئي،
هوءَ جيڪا ايشيا جو شرم، هئي،
هوءَ جيڪا ڌرتتيءَ جو ڌرم، هئي،
سنڌ راڻي بينظير – راج راڻي بينظير.

هوءَ جيڪا ماڪ راتوڪي، هئي،
هوءَ جيڪا چنڊ چاندوڪي، هئي،
هوءَ جا ذلفيءَ سندي پنڪي هئي،
هوءَ جيڪا اڪ آڏوڪي، هئي،
سنڌ راڻي بينظير- راج راڻي بينظير.

هوءَ جيڪا پيڙ هئي جا ماءُ، هئي،
هوءَ جيڪا جنتن جو واءُ، هئي،
هوءَ جيڪا لوڪ جو ڪهڪاءُ هئي،
آمرن جي اکين ۾ اتڪاءُ هئي،
سنڌ راڻي بينظير- راج راڻي بينظير.



www.bhutto.org

# جنهن کان موت بہ هارائي ويو

روح روئاريندڙ اهڙي ريهہ واري خبر تي ڪيئن اعتبار ڪجي!؟
هوءَ جيڪا وقت جي ڪائنر اکين ۾ ڪنهن چيت جيان کپي وئي
هئي!؟
ان جي مرتئي جي اهڙي خبر تي ڪئين اعتبار ڪجي!؟
مسڪين مارو مٺهن جي مستقبل، جوا پرندڙ سج گرهڻ جي ور
چاڙهيو ويو.
پرسان گذرندڙ ماٺهو اوچنگارون ڏيندي گذرن ٿا.
ڪنهن رت جا ڳوڙها ڳاڙيندي پنهنجي ساٿي کي چيو تہ،
ڀٽو خاندان نوجواني ۾ ڇو ٿو ماريو وڃي؟
اها شهيدن جي روايت آهي تہ پنهنجون زندگيون قربان ڪندا
رهن، روئڻهار ڪي موت.
اهڙي روايت تي ملڪ ۾ سنڌ جو عوام سدائين سوڳوار رهيو آهي.
اهو فطرت جو فيصلو آهي ۾ شهيدن جي قبوليت جي تاريخ آهي.
تاريخ جو ڪارو باب لکندڙ اهڙي خبر تي ڪهڙو اعتبار ڪجي!؟

ڇا لطيف سائينءَ اهو بيت شهيد بينظير ڀٽو لاءِ لکيو هيو تہ:
"الا! ڏاهي مر ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن"
پر هن تہ لطيف جي انهن سٽن کي معنيٰ ڏني تہ:
"عاشق اجل سامهون، اوچي ڳاٽ اچن.



www.bhutto.org

سنڌ جي جهريل وجود کي نئين سر اڏيندڙ جي لاڏاڻي جي،
اهڙي خبر تي ڪيئن اعتبار ڪجي!؟

شهيد بينظير ڀٽو جنهن جي وڏڙن جو تعلق
”تند، ڪنارو ڪنڌ - ٽيئي پرتا پاڻ ۾“
واري ڏرتي سان هجڻ ئي ڪيس،
قربان ٿيڻ لاءِ اتساهيندو رهيو آهي.
المياتي پس منظر رکندڙ شهيد بينظير ڀٽو جي شهادت جي،
خبر تي ڪيئن ٿو اعتبار ڪري سگهجي!؟

هوءَ جيڪا ڪروڙين عوام جي اکين ۾ پلجندڙ
خوشحالي واري خواب جي سون ورني ساڀيان هئي.
هوءَ جيڪا ساوڻ ۾ ڏکڻ جي هير ۽ سياري ۾ سج جي
تڙڪي جيان هڪ آٿت ۽ هڪ اميد هئي.
ان جي موت جي خبر تي ڪيئن اعتبار ڪجي!؟

هوءَ جيڪا علم ۽ ڏاهپ، جدوجهد ۽ حاصلات،
اتساهه ۽ ويساهه جو مڪ ڪردار هئي،
ان جي قتل جي خبر تي ڪيئن اعتبار ڪجي!؟
غريبن ۽ مسڪينن جي اميدن جو اپريل سج اوچتو الوپ ٿي
ويندو.
اهڙي خبر تي ڪيئن اعتبار ڪجي!؟

هوءَ جيڪا پيءُ جي دعا ۽ ماءُ جي مامتا سان ٽمٽار
سنڌو درياهه جو ڏيک ڏيندي هئي.
هوءَ جيڪا مهين جي دڙي واري مادرانه سماج جي،



www.bhutto.org

علامت ۽ ڏاهپ جي سچائپ هئي.
هوءَ جيڪا درد جا درياهه پار ڪري به منزلون آسان ڪندڙ اڳواڻ
هئي.
ان جي وڇوڙي جي خبر تي ڪيئن اعتبار ڪجي!؟
هوءَ جنهن جي ڏکي ڇمار لاءِ لکين دليون ڌڙڪنديون هيون.
۽ ڪروڙين هٿ آسمانن ڏانهن دعائن لاءِ کڄندا هئا.
هوءَ جيڪا وقت جي ڪنهن به آمر کان ڪڏهن به ڪا نه ڊني،
پنهنجي سموري سگهه سان لوڪ راڄ لاءِ جهيڙيندي رهي.
ان جي وڇڙي وڃڻ واري خبر تي ڪيئن اعتبار ڪجي!؟

جنهن جي هڪ جهلڪ ڏسڻ لاءِ ڪروڙين اکيون
انتظار ۾ اوسيئڙو ڪندي
ڪڏهن به نه ٿڪبيون هيون.
جنهن جي مرڪ سان لوڪ جي چهرن تي،
اميدن جا گلاب ڦٽي پوندا هيا.
جنهن جي ڳالهائڻ تي وڃ وراڪن جو پسمنظر چٽو ٿي پوندو هيو.
جنهن جي هلڻ سان شينهن جي هلڻ جو ڏيک نظر ايندو هيو.
جنهن جي لباس مان ڪوهه ڪاف جي پرين جو گمان ٿيندو هيو.
جنهن سموري زندگي علمي ۽ عملي سفر ۾ گذاري.
ان جي وڇوڙي جي خبر تي ڪيئن اعتبار ڪري سگهجي ٿو!؟

ڪروڙين اکين مان وهندڙ سمنڊ جون ڇوليون محسوس ٿيون
ڪرائين ته،
شهيد بينظير ڀٽو اڳيان موت به هار ڪائي ويو آهي.



www.bhutto.org

# اڪ اڪ مان لڙڪ پئي لڙيا

اڪ اڪ مان لڙڪ پئي لڙيا، دل دل هتي رڙي هئي،
سا بينظير جي قتل جي، ماتمي گهڙي هئي.

سڏڪا پريا ها سِجَ پئي، هو چنڊ درد ۾ چريو
ڏاڍو هو ڏينهن ڏک ۾ ۽ رات جا لڙي هئي.

نقصان صرف هي نہ هو جو قيمتي شيون سڙيون،
هڪ سچُ، سونهن جي سچي، ڪا آس پي سڙي هئي

ڏاڍي جي ڏاڍ کي ڏسي، هُتا مرد مات ۾ جتي،
عورت مگر اِها اُتي، مضبوط خوش ڪڙي هئي.

امداد سولنگي

## ڌرتيءَ جي عظيم ڌيءَ کي ڀيٽا

بــادلن جــو روپ ڌاري، هــوءَ ويجــي ٿــي.
سـانوڻين جـا سـانگ سـاري، هـوءَ ويجـي ٿـي.

وقــت کــي ۾ ســرحدن کــي مــات ڏئــي،
جـوت جـنمن جـي جيـاري، هـوءَ ويجـي ٿـي.

ڏزاڪـــڙين ۾ ســـجائي ديـــس جـــي،
آرسيون ســاريون اجــاري، هــوءَ ويجــي ٿــي.

لفــظ معنــي، ٿــا وٺــن ڪــنهن جهــول ۾،
سينڌ سنڌڙيءَ جي سنواري، هوءَ ويجي ٿـي.

چنــڊ تــارا ٿــا نــوائن نــيڻ پنهنجــا،
ڪهڪشـائن جـي ڪنـاري، هـوءَ ويجـي ٿـي.

هــاڻ ٽڙنــدا ڪيتــرا ڳاڙهــا گــلاب،
ســج لهنــدڙ ڏي نهــاري، هــوءَ ويجــي ٿــي.

✲



www.bhutto.org

## تو روشني آندي هئي

موت جي منهن ۾ وجي تو زندگي چاهي هئي.
هن انڌيري ديس لئہ تو روشني آندي هئي.

سنڌ ساري رقص ۾ هئي، جند ساري پئي کلي،
۽ وري پوءِ اوچتو هر، اڪ تي آلي هئي.

ديس جي پرندڙ بدن لئہ، جو پها آيو کٽي،
منتظر تنهن لاءِ گولي، يا وري ڦاهي هئي.

خواب ساپيا تي ويو پر نہ سي اڪيون رهيون،
جن اکين ان ساپيا جي، آبرو چاتي هئي.



www.bhutto.org

# نذرِ بينظير شهيد

احترام! اي سنڌ ـ ڄائي، تنهنجي عظمت تي سلام!
ثبت تي وئي دائما، دنيا ۾ رفعت تي سلام!

زندگي هر ساهه واري کي سراسر آ عزيز،
تو نہ ڪئي پرواهہ ڪائي، تُنهنجي همت تي سلام!

موت کو مهڻو نہ آهي، هلڻو هڪ ڏينهن آ اوس،
مستقل ماڻئِہ حياتي، تنهنجي جرئت تي سلام!

”شان واري زندگي“ اهل وطن لئہ تي سبق،
توتي الڳ ۽ پڻ ججها، تنهنجي تہ عزت تي سلام!

انسان جي حقن جو تحفظ تو نشانبر خوب ڪيو،
معترف عالم سڄو آ، تنهنجي خدمت تي سلام!

خلق جي خدمت جي دوران، ڪيئي ٿيا مدو جزر،
تنهنجي بخشيل حوصلن، واري تہ دولت تي سلام!

آدرش تنهنجا اجهل ۽ پڻ اصولن تي آٽل،
اخلاق ۽ ڪردار سان، تنهنجي سياست تي سلام!

تنهنجو ڪوثاني نہ ٿيندو تون سراپا بينظير،
چنڊ جڙ تارن ۾ چهڪي، تنهنجي حرمت تي سلام!



www.bhutto.org

## حفيظ باغي

# پنڊيءَ جي سرءُ

هاءِ مٺي، محبوبہ وانگر،
تنهنجون ٻانهون ٿهليل آهن.
پر هي تنهنجا نيڻ تہ ساڳيا،
ڪالهہ جيان ئي آلا آهن،
سڏڪن جي پڙلاءَ ڏکي ۾
ڪنهنجو هيءُ جنازو آهي؟
جنهن ۾ هيٺ فرشتا ويهي،
انسانن سان ڌڪ ونڊن ٿا.
هيڏي ڪاري رات ڏکيءَ ۾،
وحشت وات پٽيو آ ويٺي،
هر پاسي کان آهہ اٿي ٿي،
جيڪا دل ۾ گهاءُ ڇڏي ٿي.
هاڻ نئين ديري جي ڏرتي،
تنهنجا چيٺ اجاڙيل آهن!
تنهنجي خوشبوءِ جي راٺيءَ کي،
آهي پنڊيءَ جي سرءُ جهپي وئي.
سنڌ سڄيءَ جا خواب نماڻا،
پيڙي ويا ڄڻ ڏک جا گهاڻا،
ڇا هوءَ ٻيهر موٽي ايندي؟
جيئن سياري جي منڊ کان اڳ،
واءُ اتر جو ايندو آهي.
يا ڪر منجهہ پرندو آهي!!



www.bhutto.org

# بينظير

گهڻو گستاخ چوندو هو،
اسان کي لوڪ، پر پينرا!
اسان هر بار هي چيوسين،
تہ ٿورو خيال ڪر پينرا!
سنڌ جي خيالن جي خيمن مان،
اها زيتون جي خوشبوءِ،
اهي القاب پائر جا،
انهن بي ايمان ماڻهن لئہ،
اهو سيڪجهہ اجايو آ،
سدا توکي ٻڌايوسين،
انهن دستور هي منڙي!
گهڙي هيڏانهن اُماٽيو آ،
اسان جا گهر اجاڙيندڙ
تنبو آچن تہ ٿورا چئون!
اسان جي جوان ٻچڙن کي!
هٿن سان موت ڏيندڙ جي!
ڪفن آچن تہ ٿورا چئون:

سدا توکي ٻڌايوسين،
هتي زنجير جي معني!
هٿن جي هٿڪڙي آهي،
اها زنجير ٽوڙڻ لئہ،



www.bhutto.org

هتي هر دل ڪڙي آهي.
مگر تو ڳالهڙيون پنهنجون،
نڪو ڳايون نہ ورجايون،
نڪوئي پيڻ او منڙي،
اهي جن جي زبانن تي،
حسيني فلسفو آهي،
انهن جي روح تي ڇانيل،
يزيديءَ ڪي اوهان سمجهيو!
رڳو بس شوق هو توکي،
ڏکهي زنجير ٽٽڻ جو.
انڊي هن ديس جي خاطر،
نئين تقدير بنجڻ جو.
بگهڙ سان واڙ ۾ ڪري،
سلهاڙڻ تي گهريئي ليڪن،
انهيءَ جي ڇا پڇاڻي آ،
سموري ديس جي دل ۾
عاشورن جي سُمهاڻي آ.
پنڊيءَ تي ڏنڏ سانجهيءَ جو
جڏهن نوحہ خوان آهي،
تڏهن اڄ تنهنجي يادن جا،
اُڀرا ڏڻ وارينڊي،
سين رت ڇاڻ روحن جي،
اڪيلي هيءَ صدا آهي.
تہ رستن تي لهو تنهنجو،
صبح جي آجيان آهي!
صبح جي آجيان آهي!.



www.bhutto.org

## ماتم تي ڪري ڌرتي!

هي ڪير هتان ويو آ؟
منهن مير هتان ويو آ؟
آ سوڳ ۾ هر سر تي.
ماتم تي ڪري ڌرتي!

ڪنهن گام تي گڏجڻ ٿئي،
ڪنهن شام تي گڏجڻ ٿئي،
هن هجر جو ڇيڙو ٿئي،
ڪنهن ڏينهن ڪو ميڙو ٿئي،
شايد ٿي ڪٿي ملجي،
تو وات اها ورتي.
ماتم تي ڪير ڌرتي!'

تو جيڪي ڇڏيا پُٺتي،
سي اڄ به جيئن جُٺ تي،
سي اڄ به ستا بڪيا،
بي گهر هو ننگا ڏڪيا.
تنهنجي هجڻ جو حاصل هو
ڇڏي وقت وٺي جهڙتي.
ماتم تي ڪري ڌرتي!



www.bhutto.org

تنهنجا تي وٽيس ماڻهو
هن کو نہ کيو ماڻو
تو نينڊ ڏني هوندي،
هن سينڊ ڏني هوندي،
هوءَ تنهنجي محبت هئي،
توکي ٿي مٿي پرتي،
ماتم ٿي ڪري ڌرتي!

آ خون کٽوري ٿيو
قاتل لئہ نموري ٿيو
تو چيرڪ پري ظالم،
تو جاڙ مري ظالم،
مقتل ڏي قطارون هن،
آ "يون، ڪئي پرتي"
ماتم ٿي ڪري ڌرتي!.

✵



www.bhutto.org

# قيامت جي گهڙي

بيان ڪيئن ڪريان،
سچو داستان.
شهيدن جي رت سان،
ڳاڙهو آسمان.
لهي سج آيو
نيزي پاند تي،
قيامت جي آئي،
گهڙي سنڌ تي.
تپي ٽامو ٿي وئي،
زمين اوچتو.
بيان ڪيئن ڪريان،
سچو داستان.
انهيءَ ڪان اڳ به
”ٿي لاش“ آيا هئا......



www.bhutto.org

## جيئڻ اڇي ٿو مرڻ اڇي ٿو

جُهڪي نہ سگهندڙ ڪُسي وڃن ٿا.
اسين ڪٿي هون؟
!سين جي تاريخ ـ چيخ آهيون،
ڏسي رهيا هون،
انيڪ ڪومل، ڪويءَ جي خوابن مثل،
هي لاشا....
الا! ڪٿي هون؟
هي ڪير ٿوڙي ٿو دل جي تسبيح،
هي ڪير هينئڙا چراٿي ٿو پيو
اسين ڪٿي هون؟
خدا جي بستيءَ مٿان هي گهوڙا!
الاءِ ڪيسين؟
هي آدميءَ جي مهانڊي سانڊا،
اڃان بہ رهندا
اکين ۾ گوڙها، نڙيءَ ۾ سُڏڪا،
اڃان بہ رهندا
ڇنائي سگهندا، هي سور سنگهرون،
ڇنيءَ جا ڇورا؟
هتي !سان وٺ اڇي بہ سگهندا،
جمالا مورا؟
هيءَ رات ڪيسين گلن جا لاشا ڏٺي سگهي ٿي،
وٺي سگهون ٿا؟ اڃان بہ پنهنجن جا پرڻ،



www.bhutto.org

لاشا!!
اڃا بہ رهندا اکين تي ڇانيل سراب ڪارا؟
اڃان بہ رهندا هي سوڳ، سنڌڙيءَ جي سينڌ سارا؟
الاءِ ڪيسين؟
ڪٿي صبح جو رهيو بسيرو
هي ڏنڌ، اوندهہ، انڌول ڪيسين؟
هي سڏڪا، سسڪيون، ابول ڪيسين؟
اسين ڪٿي هون؟
اگر هتي هون تہ ڪيئن آهيون؟
سيان بہ ساڳي هي نوحا گيري تہ ڪو نہ رهندي!؟
اگر جي رهندي تہ سنڌ رهندي،
او لاڙڪاڻا!
سلام الفت،
نُکون وڇايل، دليون وڇايل،
اکيون پسيون ئي، دليون تتيون ئي،
نجون نڇاور او لاڙڪاڻا!
سلام_الفت....
او سنڌ ڄائي،
اسين لڇي پي لُڙهيا نہ آهيون
ڦڙيءَ ڦڙيءَ جو حساب چڪتو
ڪرڻ اڃي ٿو
او سنڌ ڄائي!
جيئڻ اڃي ٿو مرڻ اڃي ٿو.



www.bhutto.org

# سنڌ جي اي سورمي!

سنڌ جي اي سورمي! سورهيه سگهاري باضمير!
اي سياڻي! راڄ راڻي! بي مثل اي بي نظير!

سنڌ جي سيني منجهان، گذري ويو ڪٽڪا ڪري،
جنهن به ظالم اڇليو تنهنجي سيني ڏانهن تير.

چانو گهاتي ٻڙ جئان، ڪنهن جي ادي ڪنهن جي امان،
تيز اُس ۾ سائبان، ساهه ٿڌڙي لئه سڌير.

سنڌ توکي عالمي ليبر ڏنا، پر اي وفاق!
خون ۾ لت پت ڪري تو موڪليا تن جا سرير.

تو ڏني اڳتي وڌي، جيڪا شهادت کي چُمي،
تنهن جهنجهوڙي آ ڇڏيو اقوامِ عالم جو ضمير.

موت جنهن تان زندگيون، سَوَ دفعا صدقي ٿين،
زهر سو اهڙو مِٺو مفتون! جهڙو کنڊ کير.



www.bhutto.org

# بينظير جي ياد ۾...

هڪ شهادت مقتل جي تصوير تي ويندي،
آجائي پوءِ سنڌ جي تقدير تي ويندي،
وطن جو ياءُ پو بلاول تي اٿندو
۽ ديس جي ڀيڻ ڀيڻ بينظير تي ويندي!

اسان گل اماڻياسي جن ڏي، تن ڪنڊا موڪليا
هر دور ۾ حقارتن جا تحفا موڪليا
او بابا بُلها، وارث شاهه، او فريدا ڏس،
راولپنڊيءَ وارن سنڌ ڏانهن لاشا موڪليا!

ها ـ سنڌ آجي ٿيندي، هيءَ آس پوري ٿيندي
او ڀيڻ بينظير! تنهنجي رَتُ ڪٿوري ٿيندي



www.bhutto.org

# ادي او بينظير توتي الله جون رحمتون

ادي او بينظير توتي، الله جون رحمتون هونديون،
ڪيو جن خون اوهان جو آ، انهن تي لعنتون هونديون.

ستاويهه شام ڊسمبر جي، ڇنو ويو پرجهلو آهي،
يزيدن کان وري لٽيو حسيني قافلو آهي،
شهادت جو اهو ساڳيو هليو هيءُ سلسلو آهي،
ڏسي هيءَ ڪار ڪمينن جي، زمين ۾ زلزلو آهي.
انهن پنڌيءَ جي پاپين تي، سدائين شامتون هونديون،
ادي او بينظير توتي، الله جون رحمتون هونديون،



پليت پاپين هٿان آهي، ڪٺي شهزور شهزادي،
وري ويران ڪئي ويرين، سموري سنڌ جي وادي،
مٺي هوءَ پيڻ ماري ڪئي، بدڪارن آ برٻادي،
ريهون راج ۾ پوندن، ڪندو رب پاڪ هو هادي.
انهن نانگ نياڳن لا، رڳو ئي نفرتون هونديون،
ادي او بينظير توتي، الله جون رحمتون هونديون.

سڄي سنڌ ڪربلا تي ويئي، ماڻهن مرڪڻ آ ڇڏيو
لڳو آ گهاءُ گلشن کي، گلن مهڪڻ آ ڇڏيو
ڪئي جا هوءَ ڪوئل آهي، ڪونجن ڪرڪڻ آ ڇڏيو.
بنيا هي لاش ماڻهو سڀ، دلين ڌڙڪڻ آ ڇڏيو.

www.bhutto.org

دنيا دوزخ بڻي ساري، رڻيون سڀ راحتون هونديون،
ادي او بينظير توتي، الله جون رحمتون هونديون،

مٽي هن قوم پنهنجيءَ تان، اوهان هي سر ڏنو آهي،
اوهان جي الوداعيءَ تي، هر ماڻهو رنو آهي،
چيو روئي ته پئي ماڻهن، ڇا هي گل چنو آهي،
سڄو هي ملڪ مٽي پنهنجو لڙڪن ساڻ پنو آهي.

اوهان کي رب عطا ڪيون، سموريون جنتون هونديون،
ادي او بينظير توتي، الله جون رحمتون هونديون.

جمهوريت جي امر ديوي، سياست جو ستارو تون،
ڏکويل ڏيهه واسين جي، سانئڻ هئين سهارو تون،
قدم ڪنهن انقلابيءَ جو، گجندڙ ڪو ته نعرو تون،
عدل انصاف آزاديءَ جو هئين بلڪل نغارو تون،

جيئندو جڳ پيو جيسين، اوهان جون عزتون هونديون.
ادي او بينظير توتي، الله جون رحمتون هونديون.



نه سگهيو آ موت ماري تو، توئي موت کي ماريو
مسڪين مجبور ماڻهن سان، ڪيل آ قول تو پاريو
ڪڏهن ڪنهن ڏاڍ جي آڏو شينهڻ هانءُ نه تو هاريو
تو هر آمر ۽ جابر کي، وڏي ئي واڪ للڪاريو

اي عالم آ جيسين، اوهان جون عظمتون هونديون.
ادي او بينظير توتي، الله جون رحمتون هونديون.

سنڌي ماڻهن سمورن جي، وڏي واڪي هئينءَ وارث،
ڪري جو لوهه کي سونو پياري تون اُهو پارس،
امن انصاف آزاديءَ جا، ڏاهي تو ڏنا هاڏس،
صدين تائين زنده هوندينءَ، ڏيان جوڏي ٿو توکي جس،

www.bhutto.org

تيندیون بارگاھہ رب ۾ اوھان جون نصرتون ھونديون.
ادي او بينظير تـوتي، الله جـون رحمتـون ھونـديون.

ھنيون گوليون گڏيءَ کي تو ڏکيا تنھنجا نہ ھٿ ظالم،
کري ھيءَ سنڌ راڻي شھيد، مچائي تو چڏيو ماتم،
نـاحق خـون جنھن جي تـي، اداس آھـي سڄو عـالم،
حشـر کـان اڳ حشـر ويـو ٿـي، سڄي خلق خـدا آ گم.
انھـن واڊوڙ وحشـين تـي، سـدائين ذلتـون ھونـديون،
ادي او بينظيـر تـوتي، الله جـون رحمتـون ھونـديون.

کنيو جنھن ھٿ نياڻيءَ تـي، سڏبو سو تہ پيو درنـدو،
ذليـل ۽ خـوار تينـدو سو، کتي جـو مـوت اھـو مرنـدو
اجاڙي سنڌ آھي جنھن، سک سان سو نہ سمھي سگھندو
فضـاءَ ۾ ٿـي فنـا ٿينـدو نـہ ڌرتـيءَ ۾ دفـن ٿيـنـدو.
ڌرتيءَ ماءَ جي سيني تي ، نہ تـن جـون تربتـون ھونـديون،
ادي او بينظيـر تـوتي، الله جـون رحمتـون ھونـديون.

اوھـان جـي رت ۾ ريجـي، چڙھـي پـروان پـي پـي آ،
شـھيدن جـي شـھادت جـو چٽـو نيشـان پـي پـي آ،
سـين مسـکين مـاڻھن جـو وڏو کـوشـان پـي پـي آ،
ھـاري مـزدور پـورھيتن ۽ جھـانگين جـان پـي پـي آ.
ٽرنگي ھن جھنـڊي سـان گڏ عـوامي طـاقتون ھونـديون،
ادي او بينظيـر تـوتي، الله جـون رحمتـون ھونـديون.

قاتـل ليـگ لـوٽن جـي، نـہ کٽنـدي ووٽ چونـڊن ۾
ھمـت غيـرت حيـا وارا، نـہ ڏيـنـدن مـوٽ چونـڊن ۾
ھـي فـاتح تيـر ٿيـڻـو آ، وجھنـدن ڦـوٽ چونـڊن ۾
وھايـل رت ادي تُنھنجـو، وجھنـدن ٺـوٺ چونـڊن ۾



www.bhutto.org

سمورن سائيڪل وارن جون، تہ ضبط ضمانتون هونديون.
ادي او بينظير توتي، الله جون رحمتون هونديون.

ٽيو اسلامي ڪل عالم صفا، اڄ بي سهارو آ،
جتي ڪٽ روڄ راڙو ۽، سڄو ئي ڏيهہ ڏڪارو آ،
زمين ۾ زلزلو آيو رنو آسمان سارو آ،
پنڊيءَ جي ڪل پاپين تي، ڦٽڪارن جو وارو آ.
رنيون راڻي اوهان جي لئہ، سموريون امتون هونديون.
ادي او بينظير توتي، الله جون رحمتون هونديون.

آ اجڙي گود نصرت جي، لڇي آهي وري ممتا،
صنم ۽ فاطمہ تي ڏس، وري طاري ٿيا سقطا،
جونيئر ۽ بلاول جي، نچيو نيٽن منجهان رت آ،
بختاور آصف سان گڏ، ڏکويل آ سڄي جنتا.
ڪيو هي ظلم جنين آهي، انهن تي زحمتون هونديون،
ادي او بينظير توتي، الله جون رحمتون هونديون.



چوي پئي قوم ڪاوڙمان، مٽي آ پيڙ جنين ماري،
سڄي هن سنڌ ڌرتيءَ تي، ڪئي آ قيام جنين ڪاري،
انهن بي رحم بگهڙن کي، ڏجئين معافي نہ زرداري،
انهن جالاش ڦاهين تي، ٽنگڻ جي بس ڪيو تياري.
مرن جو ماس پٽڻ لاءِ، مانديون خلقتون هونديون،
ادي او بينظير توتي، الله جون رحمتون هونديون.

اوهان جو وير ويرين کان، وڏي ئي واڪ وٺنداسين،
سزا انهن تہ سورن کي، عبرتناڪ ڏينداسين،
وڏي چيري ۽ چچري تن، وڏا ڪي ڇڪ ڏينداسين،
وجود انهن تہ وحشين جو، ڪري بس خاڪ ويندا سين.

www.bhutto.org

پوپا پسـم ڪـرڻ لاءِ، پڙڪيـل بغـاوتون هونـديون،
ادي او بينظيــر تــوتي، الله جــون رحمتــون هونــديون.

اوهـان جـي ئـي قبـر پرسـان، متـل هونـدا سـدا ميـڙا،
اوهـان جـي قـاتلن جـا هـت، سـدا ويـران هونـدا ويڙهـا،
ملنـدن ڪـو نـہ ڪـو لاشـو، ذريـون ٽينـدا اهـي ذرڙا،
مِـرو مـردود مرنداسـي ۽ پونـد جـيءَ مِ ڪيـڙا.
انهـن جـي ڪل عيـالن تـي، سـدائين آفتـون هونـديون.
ادي او بينظيــر تــوتي، الله جــون رحمتــون هونــديون.

مليو تئي شرف شهادت جو جنت ۾ جر ڪندي هونـدينءَ
گـڏ خـاتون جنـت سـان، جيجـي جهومنـدي هونـدينءَ
بيبي زينب جي پر ۾ تـون تـہ ڏاڍو ٽهڪندي هونـدينءَ
سڳورين ڪل سونهارين ساڻ، سانئڻ سـونهندي هونـديءَ
ڪنديون حورون هزارين ات، اوهان جون خدمتون هونـديون
ادي او بينظيــر تــوتي، الله جــون رحمتــون هونــديون

بهادر شينهن بـابي سـان، ملـي هونـدينءَ جـڏهن منڙي،
چـرين وانگـي چمـي تـوکي، پيـو هونـدو صـفا چنبـڙي،
شـاهنواز ۽ مرتضـيٰ پـڻ، مليـا هونـدا اچـي ادڙي،
ٽيا سرويچ سـانگي خـوش، ڏسـي گيـتن سـندي گُـڏڙي،
انهـن سـيني ڏنيـون تـوکي، ڏاڍيـون محبتـون هونـديون.
ادي او بينظيــر تــوتي، الله جــون رحمتــون هونــديون.

سـا مـارئي مـاڳ پنهنجـي تـي، وري واپـس تـہ ورڻـي آ،
سـراپا جهـد هئـي جيڪـا، اهـا سـوڍي نـہ سـمهڻي آ،
ڪـرڻ بـس خـاڪ خنزيـرن، آتـش ٽـي سـا اچڻـي آ،
انـڌاري رات ويـنـدي ۽، صـبح روشـن تـہ ٿيڻـي آ،

178

www.bhutto.org

جنمر نئين سان وري ان جون، هتي ئي آوتون هونديون.
ادي او بينظير توتي، الله جون رحمتون هونديون.

جيئڻ هاڻي جڏن جهڙو "سورج" ساهه پيو نڪري،
بنان تو پيڻ جي هاڻي، نه تو ڪو پل هڪڙو گذري،
روڪي هي لڙڪ نه ٿا رڪجن، صفا راڻي نه ٿي وسري،
دلين جي سا ته ڏرتيءَ تي، وڏا ڪي نقش وئي اڪري،
ملڻ جون تو ته منڙيءَ سان، هينئين ۾ حسرتون هونديون.
ادي او بينظير توتي، الله جون رحمتون هونديون.

❋



www.bhutto.org

## اي سج! اڄ تون نہ اُڀر جان!

اکيون کليون تڏو ساھہ پريم،
رات جو پوئيون پهر،
هلڪو ڦلڪو پکين جو آلاپ،
خاموشيءَ ۾ ڪنهن ويل هلڪو ڌماڪو!
وچي بيٺس دريءَ وٽ،
هٽ متي ڪٽي عرش ڏي ڏٺم!
اندر مان سُڏڪن ڀريل آواز نڪتم،
اي اٺاويهن ڊسمبر جا سج!
اڄ تون نہ اُڀر جان!
ڪجهہ خيال ڪجان، ڪجهہ حيا ڪجان!
ڇو تہ اڄ سنڌ جي ماروي، سهڻي،
باگهل ٻائي، نوري،
سنڌ جي راڻي، سونهن جي شهزادي،
اڄ توکي نہ ڏسندي، اڄ هوءَ ساھہ نہ کڻندي!
اي اٺاويهين ڊسمبر جا سج!
اڄ تون نہ اڀر جان!
ڇو تہ جي تون اڀري پوندين!



www.bhutto.org

تہ پوءِ تنهنجي اُلهڻ جي وقت تائين،
سنڌ جي راڻي جيڪا چنڊ وانگر،
سنڌ ڌرتيءَ تي چمڪي پئي،
هلي ويندي، گم ٿي ويندي،
مٽي مٿين جي هيٺان لٽجي ويندي،
اي اٺاويهين ڊسمبر جا سج!
مان هٿ ٿي ٻڌان ۽ پيرين ٿي پوان!
اڄ نہ اڀرجان! اڄ نہ اڀرجان!



www.bhutto.org

# سچ خود بينظير آهي

وري تي چڙهي دل کو خواب ڏسجي،
قبر تي هن جي گلاب رکجي،
اکين جو ساروئي آب رکجي.

آئي تہ للڪار بڻجي آئي،
پاتئين نہ ڇاتيءَ تي زره ڪائي،
ماڻهن لئہ آئي ماڻهن مان ويئي،
وئي ڏکي هڪ "تاريخ" ڏيئي.

هوا ۾ لڏندڙ هٿ ڪريا ها،
ڳچيءَ مان قطرا سرخ ڪريا ها،
لکن پريا ها چرڪ ڪريا ها،
هاري هاري لڙڪ ڪريا ها.

رڳ رڳ منجهہ لهي پيا تاندا،
ماڻهن چاهيا رت جا راڳا.
لڙڪ لڙڪ ۾ لهو پريل هو
سڏڪو سڏڪو سڏ بڻيو هو.

گولي تہ هن کي کهي هلي وئي،
خود بہ منجهي قاتل پيو ۽ هوءَ،
عشق انتها ڇهي هلي وئي.



www.bhutto.org

اڪيون به بي شڪ پريل اسان جون،
مگر وچن هيءَ ورجائڻو آ،
پنڌ جو رهجي ويو آ اڌ ۾،
عوام تو ڪي ڪٿائڻو آ.

سچ چئي چا خطا ڪئي هُن،
سچ جي قيمت ادا ڪئي هُن،
لهوءَ لڙهندي وفا ڪئي هُن.
اسان اوهان جو وارو آ هاڻي،
اڳيان امتحان سارو آ هاڻي.

راهه تي رت جا ڦرا ڇنٽي ويئي،
سچ چوڻ آ مگر ڏسي ويئي،
ڳري آ قيمت گهڻي ڳري آ،
مگر اها ئي ته دلبري آ،
مٿيءَ سان محبت ماڻهن سان محبت،
وئي هيءَ بڻجي سندءِ عبادت.

ڪري قدر هن جي همتن جو
ڪٿون قسم هن جي حوصلن جو.

سڪائي ڳوڙها اکين ۾ سارا،
ڪروڙ سارو بڻائي شڪتي،
عَلم عشق جو ڪيون ڪو اوچو
حق جو هر واتِ پڌجي هوڪو



www.bhutto.org

ڪنهن ڪُند ڪانئر سندو نہ چرچو،
تاريخ ثابت ڪري چڪي آ،
تاريخ ثابت ڪندي هي پڪ آ.

سچ جو قاتل حقير آهي.
سچ تہ خود بينظير آهي.
شهيد پي بينظير آهي.
۽ سچ پي بينظير آهي.



www.bhutto.org

گلشن لغاري

# شهيد بينظير ڀٽوکي نظم جي ڀيٽا

دکي هن ديس جي زخمن تي، مرهم جان،
هيو تنهنجو وجود،
تنهنجي هستي پاڻ ۾ ئي پاڻ هئي،
جڻ تہ ڪوئي معجزو جڻ تہ ڪوئي انقلاب.
اي پورب ڄائي! هن ديس لئہ تون جڻ هئينءَ
اميدن جو مڪمل آفتاب!
جو اوچتوئي اوچتو
ڌرتيءَ جي سيني ۾ لهي ويو!
۽ اسان جي بيوسيءَ کي آسمان،
چپ چاپ ڏسندو ئي رهيو!
تنهنجي ناحق خون تي هن ديس جي،
رت رڳو نيڻن منجهان ناهي ٽميو.
درد جا ٿوهر دلين کي گهائي ويا،
الفاظ ويا مضلوب ٿي،
درد کي اظهار پورو ڪين پيو.
ديس واسين جون دليون، ٿيون درد ۾ائين چور چور،
جڻ تہ ڪي ڏونگر ڏري پيا،
اُڀ تان تارا سڄا سارا ڪڙي پيا!
دردن جي ماريل ديس لئہ،
تون ئي اڪيلي آس هئينءَ.
ٻاٽ اونداهين ۾يي،
هر طرف جرڪيو پئي تنهنجوئي نور،
توڙي منزل هئي اسان کان اڳ بہ ڏاڍي ڏور ڏور،



www.bhutto.org

تو مگر بخشيو وري هن ديس کي حق جو شعور!
تو آ پنهنجو رت ڏيئي توڙي ڇڏيو
ازل کان ڇانيل انڌيرن جو غرور
تون روشني هئينءَ، روشني....
هڪ ڏينهن ورڻي آن ضرور!
هڪ ڏينهن ورڻي آن ضرور!
جڏهن به هن ديس ۾
ڪنهن بي ڏوهيءَ کي
ڦاهي چاڙهيو ويندو
تون پڪ ساڻ اتي هوندينءَ!
جڏهن به ڪنهن ڪونڌر کي،
شهر جي چوڪ تي ماريو ويندو
تون پڪ ساڻ اتي هوندينءَ!
جڏهن به ڪنهن وَرَ کي،
ونيءَ کان وڇوڙي،
جيلن ۾ واڙيو ويندو
تون پڪ ساڻ اتي هوندينءَ!
جڏهن به ڪنهن ٻالڪ کي ماري،
ڪنهن جيجل جي هنج کي اجاڙيو ويندو
تون پڪ ساڻ اتي هوندينءَ!
جڏهن به هن ديس جي ماڻهن تي،
ڪنهن جابر کي مڙهي،
کين ظلم جي گهاڻي ۾ پيڙايو ويندو
تون پڪ ساڻ اتي هوندينءَ!
ڪيئن مڃون تون هاڻي ناهين سائڻ!
تون تہ وسين ٿي ديس سموري جي دلين ۾!

✵



www.bhutto.org

حميره نور

# ارپنا

اسان جي
وس ۾
ڪجهه بہ ڪونهي.
سواءِ ان جي تہ،
اسان توکي دل سان،
دعائون ڏيون.
وفائن جي بدلي،
وفائون ڏيون.
محبت ۾
انتهائون ڏيون.
پيار پريون،
ادائون ڏيون.
تنهنجي سڏ کي،
صدائون ڏيون.
آڏيءَ مانجهي هڪ ڪري،
معنائون ڏيون.
جن بہ توتي ساهہ ڏنو
تن کي ڪجهہ تہ،
جزائون ڏيون.
پنهنجي ڪل حاصلات جون،
توکي ئي،
ارپنائون ڏيون!



www.bhutto.org

## تون زنده آن

تاريخ جي
پنن ۾
ماڻهن جي ڏک ڏک ڪندڙ
دلڙين ۾
لڙڪن هاڻين
ڳاڙهين ڳاڙهين اکڙين ۾
لُڏندڙ ڏڪندڙ
ميرانجهڙن هٿڙن ۾
سڪل ٿوٽ
خاموش چپڙن ۾
ايڪي ۽ ٻڏي ڪان انڪاري،
باغي ذهنن ۾
پنهنجي ارڏي پيءَ وانگر،
تون،
زنده آن!
زنده آن!
اوينٽي جي پنڪي،
تون زنده آن!



www.bhutto.org

# قلم جو ماتم

آدرش تنهنجي زندگيءَ،
تاريخ هئي قومي بکي،
ست جُڳ ڪئي تو روشني،
سک آجپي جي راهه جي!
اي! سنڌ جي راڻي شهيد!
تون سورمي آن شاهه جي!

قائد عوامي ڏيهه ۾
تون بي مثل پرڏيهه ۾
سُرهاڻ هن ساٽيهه ۾
سچ سونهن ۾ ساراهه جي!
اي! سنڌ جي راڻي شهيد!
تون سورمي آن شاهه جي!

ارڏن ارادن جو عزم
بي باڪ، باغي ڪو نظم
تون پرجهلو يون ءَجو يرم
هر ذات تُنهنجي واهه جي!
اي! سنڌ جي راڻي شهيد!
تون سورمي آن شاهه جي!



www.bhutto.org

سنڌو سيپيتا جو حسن،
تون انقلابن جو ذهن،
تحسين لک سوچون چون،
ميجتا ميجن ويساهه جي!
اي! سنڌ جي راڻي شهيد!
تون سورمي آن شاهه جي!

توکان وڇوڙيل گهر رُئن،
مسجد رئي، مندر رُئن،
انسان جا اندر رئن،
پيئتا ڏين ساڃاهه جي!
اي! سنڌ جي راڻي شهيد!
تون سورمي آن شاهه جي!

لڙکن نَون نوحا لکيا،
سي گيت کيڏارا ٿيا،
ڳائي خوشي ٿي مرتيا،
ٿي شام غريبان ساهه جي!
اي! سنڌ جي راڻي شهيد!
تون سورمي آن شاهه جي.

ڳولا ۾ تنهنجي سج اڀان،
اُيري پيو آکاس مان،
موهن دڙي، مکلي مٿان،
کنهن آس ۾ اتساهه جي!
اي! سنڌ جي راڻي شهيد!
تون سورمي آن شاهه جي!



www.bhutto.org

مـــاٺـهو گـــلاب ۾ موســـمون،
تنهنجـــي وفـــا جـــون منزلـــون،
شـــل! مـــاڳ مـــاٺين محبتـــون،
نـــتهڙ ڪُٺـــي اونداهـــہ جـــي!
اي! ســـنڌ جـــي راڻـــي شـــهيد!
تـــون ســـورمي آن شـــاهہ جـــي!

مـنهن مـــٽ ويـــا تـــي ســـيڪ وچـــن،
قاتـــل هنبوشـــي پيـــا هـــڻن،
ســـڏڪا ضـــميرن جـــا سُـــڃن،
دل تـــي ڇيـــي آڙاهـــہ جـــي!
اي! ســـنڌ جـــي راڻـــي شـــهيد!
تـــون ســـورمي آن شـــاهہ جـــي!

مـــاتم قلـــم جـــو ڇـــا لکـــون،
اکـــرن ٽـــا پـــورا پئـــون
دم دم دلاســـــو ٿـــا ڏيـــون،
هـــيءَ بنـــدگي آ چاهـــہ جـــي!
اي! ســـنڌ جـــي راڻـــي شـــهيد!
تـــون ســـورمي آن شـــاهہ جـــي!



www.bhutto.org

## ديس جي ائين سورمي

پنهنجـــي نـــالي جـــي تصـــوير،
مــت نـــه هـــن جـــو كـــو بـــه نظيـــر،
مظلـــومن جـــي آس اكيـــر،
جيئـــي جيئـــي بينظيـــر،

هـــن جـــا ســـڌ پـــڙاڏا تيـــا.
دشـــمن جـــي دل ھڄـــائي ويـــا،
هـــر كـــو ٻـــول عـــوامي ٻـــولي،
انقلابـــــي هـــــر تقريـــــر،
جيئـــي جيئـــي بـــي نظيـــر!

رات جـــا رهـــزن، ڦهـــري قاتـــل،
ڏيهہ جي ڏينهن كي جن كيو گهائـل،
رت جـــي خوشـــبوءَ ســـاڻ لكـــي وئـــي.
عشـــق جـــي ڌرتـــي جـــي تقـــدير.
جيئـــي جيئـــي بـــي نظيـــر!

كـــونج قطـــاران وڇـــڙي وئـــي،
تـــاري وانگـــر ڇـــاڻ كـــڙي وئـــي،
ســـڏكن جـــا ســـمنڊ اٿلـــي پيـــا،
زخمـــي خـــوابن تاڻيـــا تيـــر،
جيئـــي جيئـــي بينظيـــر!

www.bhutto.org

ماٽ ڏني آ مردن کي،
سسئي جيان سورن، دردن کي،
جمهوريت جي جان بڻي جا،
توڙي آمريت جا زنجير
جيئي جيئي بينظير!

ڪربل جي هن ريت نيائي،
پٿو ازم جي ساک مچائي،
سورهيہ پيءُ جي دلير ڌيءَ،
آزاديءَ جي ارڏي هير،
جيئي جيئي بينظير.

ديس جي اٿين سورمي آهين.
قوم سڄيءَ جي پيڻ سڏائين،
هر هڪ من آ ماتامي اڄ،
تاريخ رچي، ريٿي تحرير.
جيئي جيئي بي نظير!

پاڻان ارپي امر ٿي آ،
سچ کي ڏيئي عزت وئي آ،
تدبيرن کي ماڳ ڏسيو هُن،
جڳ جا جاڳائي ضمير،
جيئي جيئي بينظير!



www.bhutto.org

# جيئي جيئي بينظير

اک اک آهـــي، آلـــي اڄ بـــ
گهــر گهــر ۾ آ، جيئـــي ڀٽــو!
مـــن مـــن ۾ آ، هـــيءَ تصــوير
جيئـــــي جيئـــــي بينظيـــــر!

جند ڀُٽي سان سنڌ ڀٽي سان،
ملڪ سڄو ۽ سنڌي ڀٽي سان،
ســـچا آهـــن، ســـچا رهنـــدا،
ســچو آهــي جــن جــو ضمير
جيئـــــي جيئـــــي بينظيـــــر!

هــوءَ جـا سـنڌوءَ ڄـائي هـئـي،
۽ ديس پنهنجـي ۾ آئـي هـئـي،
ڀٽـائيءَ جـي ڄـڻ وائـي هـئـي،
ڏرتـيءَ جـو هـئـي سـچو خمير.
جيئـــــي جيئـــــي بينظيـــــر:

لال گلابـــي گيـــتن جهـــڙي،
سـهڻين رسـمن ريـتن جهـڙي،
گيـتن جهـڙي، ڳـيچن جهـڙي،
وني جـي تـڏڙي تـڏڙي هيـر!
جيئـــــي جيئـــــي بينظيـــــر!



www.bhutto.org

مــارئي سســئي، لِـيلا مومــل،
نــوري، ســهڻي، ســورٺ، جيــڏل
بهــادر نيــاڻي بختــاور ۽ ٻاگهــل،
پــر تنهنجــو ڪــوئي نــاهي نظيــر!
جيئـــــي جيئـــــي بينظيـــــر!

قــوم لاءِ پنهنجــو پاڻ ڪاٽينــدي،
ديس جي لاءِ جا سر ڙو ڏينـدي،
اهــڙي ڪــا قربــاني ٽينــدي،
لڪئــين لهــوءَ ســان تقــدير.
جيئـــــي جيئـــــي بينظيـــــر!

زنـــده آهـــن زنـــده رهنـــدا،
شهيدسـدائين جيئنـدا رهنـدا،
ڪــربلا جــي قــافلي جــي،
هئــي جــا هڪــڙي هــوءَ اميــر.
جيئـــــي جيئـــــي بينظيـــــر!



www.bhutto.org

## بينظير جي وڇوڙي جي پيڙا

اي تاريخدان لکي ڇڏيانءِ!
منهنجي غمن جا داستان...!
لفظن جا سمنڊ ڪٽي اڇجان.
احساسن جا ورق آڻجانءِ.
اي تاريخدان!
سچ جي قلم سان قلم ڪر،
ڪوڙ جي اوچي ڳات ڪي،
اي تاريخدان!
تو ڏٺا منهنجي اکين ۾،
ڪيترا منظر سڙي رهيا آهن،
تو ڇاتو منهنجي ڇهري جي گهنجن ۾
ڪيتريون صديون سُڏڪي رهيون آهن،
منهنجي ڇاتيءَ تي،
سنگينن جا نشان،
منهنجي بدن تي وقت جي مضراب،
ضرب لڳائي،
مون کي رتو رت ڪري ڇڏيو آ...!
منهنجا چپ خشڪ ٿي چڪا آهن،
منهنجي ڪيتن ۾ درد ڦٽي رهيو آهي،
منهنجا گيت نوحا بڻجي چڪا آهن،



www.bhutto.org

مون اُجين، ٻُڪين روئيندڙ ٻارن کي.
پرچائي وندرائي سمهاري ڇڏيو آ،
اي ظالم وقت بيهي رهه!!
پنهنجا قدم روڪي ڇڏ....!!
منهنجي لوليءَ ۽ ٻوليءَ تي ڏاڙو لڳو آ.
منهنجي ٽِج جي گوهن کي،
ظلم و ستم جا قذاق ڦري ويا آهن.
هاڻي انهن ٺوٺ ٽانگر نيڻن ۾.
آب به ناهي رهيو!!
مان ڪير آهيان، مان ڪير آهيان؟؟...!!
مون کي تون ڄاڻين ٿو
سڃاڻين ٿو!
پر پوءِ به اڻڄاڻ بڻجي، اڻڄاڻن جيان،
منهنجو ڏس پتو پڇي رهيو آهين؟
۽ چئي رهيو آهين..!!
ڪٿي آ موهن جي دڙي جي ڌرتي؟
ڪٿي آ؟ ڪٿي آ؟؟
جنهن کي وقت جا جلاد هر دور ۾.
ڦاهيءَ ٽنگيندا رهيا آهن،
جنهن کي هر دور ۾
بيڏوهي ماريو ويو آ!!
اي تاريخدان لکي ڇڏجان!
منهنجي گهر جي دروازي تي لڳل
نالي واري تختيءَ تي اڪريل لکت کي....!!
مان مهراڻ جي ماءُ آهيان!
۽ سنڌوءَ جي ڌيءُ!



www.bhutto.org

منهنجي ويرانين جو داستان،
اڃا پورو ناهي ٿيو.
پر مان ڄاڻان ٿي.
منهنجي رڳن ۾ جيڪا رت جي لالاڻ آ،
ها مان ڄاڻان ٿي سا رنگينديءَ زندگيءَ کي،
زنده ڪري ڇڏيندي، زندگيءَ کي.
زندگي جيڪا وڪري وڳهري،
مري چڪي آهي!!
اي تاريخدان!!
تنهنجي ساڄاهہ جي اک،
ڏسي رهي آ،
تہ منهنجي وجود جي هر هڪ زخم مان،
هڪ نئون سج اُڀري رهيو آ،
۽ تون ڄاڻين ٿو تہ،
ڇا ڇا ڇٽي رهيو آ؟؟
اي تاريخدانن!
لکي ڇڏجانءِ.

✵



www.bhutto.org

# شهيد جي ڌيءَ شهيد

ڪنهبي رت سان رڱيل، ٽڙيل ڪوئي گلاب آ،
شهيد جي ڌيءَ آ، شهيد انقلاب آ.

سنڌ توکي آ ڄڻيو تون سنڌ جو املهه مٽيو
تو جو ڇيو سو سچ هو ويرين کي سونهن وٽيو
تنهنجي رڳ رڳ ۾ سنڌو نديءَ جو آب آ.

ڪونج ڪا وڳر ڪنان، ڇني هاءِ سڳر ڳنان،
ڌيئرن، پُٽ، وَرَ ڪنان، جمهوريت جي سفر ڳنان،
وقت ويريءَ وار ڪيو قاتل بي نقاب آ.

جهلڪ جهلڪ پڪار آ، ۽ لفظ لفظ ولولو
قوم لاءِ پر جهلو آ پيڙ تنهنجو حوصلو
اتو اتو ورو ورو وڙهڻ تاج ثواب آ.

ڪنهبي رت سان رڱيل، ٽڙيل ڪوئي گلاب آ،
شهيد جي ڌيءَ آ، شهيد انقلاب آ.



www.bhutto.org

# مهراڻ جي راڻيءَ جي ڪهاڻي

مهراڻ جي راڻيءَ جي ڪُنبي جي هيءَ ڪهاڻي،
اهڙي سچي ڪهاڻي، جنهن جي نہ ڪا پڇاڻي،
هر دور ۾ نئين سا، هر دور ۾ پراڻي،
ذولفيءَ جي ڏيءَ پنڪي، سورن ۾ جا ساماڻي،
تي ڪڏهن قيدياڻي، ۽ ڪڏهن پرديسياڻي،
هئي ڏيءَ ايشيا جي، هڪ بينظير نياڻي
جنهن جي آتم ڪهاڻي، ساروئي سور آهي،
تيوهن جي گهراڻي سان ڏاڍو ڪلور آهي،
راڻيءَ جي ڪٽنب جو بس اڄ حال هيءُ تيو آ،
هڪ ذوالفقار جو نيئر پٽڙو وڃي بچيو آ،
سسئي، صنم پٽ ۽ ڏيءَ فاطمہ نياڻي،
پيا لال سپ لڏي ويا، مهراڻ جي راڻيءَ جا،
۽ پاڻ اڄ ڪري وئي، پنهنجن ڪان موڪلاڻي،
هڪ پيءُ جي ڪٿا ۽ هڪ ڏيءَ جي ڪهاڻي،
مهراڻ جي راڻيءَ جي پڙهجو ڪٿا اباڻي،
سنڌ ماءُ جي ياڪر ۾، سنڌوءَ جي ساڄي ڪپ تي،
موئن دڙي جو وارث، اتر طرف ۾ ارڏو
هڪ ڳوٺ ڳڙهي آهي، ڳڙهيءَ ۾ ڳڙي آهي،
اڄ پي ڳڙهيءَ پٽ ۾ زنده شهيد پٽ.
قائد عوام آهي، جنهن کي دوام آهي،
هر لب تي نام آهي، جنهن سان عوام آهي،



www.bhutto.org

هــن ڳـوٺ جــو حوالــو فهــم فڪــر اجــالو
هـــن ڳـوٺ جـــو مفڪــر، دانــاءُ ۽ مـــدبر،
ڪــردارُ مســيحائي، نــانءُ ذوالفقــار جــنهن جــو
بــي جــرم بــي خطــا ســو ڪلهــ دار تــي چــاڙهيو ويــو
بــي ڏوهــ فلســفيءَ جــي، گلشــن کــي اجــاڙيو ويــو
مــوهن دڙي کــي پيهــر، بــس جــڙ کــان اکــاڙيو ويــو.
ذولفــيءَ جــو پــٽ پيــارو، هــو شــاهنواز ڳڀــرو.
ملــڪ فــرانس مــان جــنهن، پئــي انقــلاب آنــدو.
تــنهن کــي بــ قــاتلن ڪلهــ، ڏئــي زهــر ڪيــو مانــدو.
بيــو گهــوٽ گهــائجي ويــو، ســناتو چــانئجي ويــو.
فرزنــد تيــون ڳڙهــيءَ جــو پــٽ ذوالفقــار علــي جــو.
هــڪ شــخص انقلابــي، مــک جــنهن جــو ماهتــابي،
ســويي شــهيد تــي ويــو پهــري وڳــو گلابــي،
شــرم وحيــا جــو پئڪــر، ســو مرتضــيٰ تــو ســڏجي.
هــي ڳــوٺ ڳڙهــي آهــي، ڳڙهــيءَ ۾ ڳــڙي آهــي،
ارڏي ڳــڙي ڳڙهــيءَ جــي، ڌيءَ بينظيــر نيــاڻي.
ســورن ۾ جــا ســاماڻي، ايشــيا جــي ڌيءَ ســياڻي،
دردن ســندي کهــاڻي، هئــي نــار هــڪ نمــاڻي،
بنت علــيءَ ولــيءَ جــي، سُــنت ســان پيــار جــنهن جــو
تــي ڪــڏهن قيــدياڻي، ۽ ڪــڏهن پرديســياڻي
مــوئن دڙي جــي مٽــي، ســنڌوءَ جــو پــاڪ پــاڻي،
ڪلهــ ســا شــهيد تــي آ، راولپنــڊيءَ ۾ راڻــي،
پهــري وڳــو گلابــي، پيهــر ڪنــوار ٻڄــي،
آئــي، آ، اڄ ڳڙهــيءَ ۾، ڳڙهــيءَ جــي مالڪيــاڻي،
وڏ ور ۽ وڏ گهراڻــي، ڌرتــيءَ ســندي ڌيــاڻي،
اڄ عــرش يــي رنــو آ، آئــي اکــين ۾ پــاڻي،

www.bhutto.org

چئي الوداع نياڻي، چئي الوداع نياڻي،
جيسين جهانُ رهندو، تيسين دنيا ۾ رهندي،
تنهنجي ڪڙم جي ڪهاڻي، تنهنجي ڳالهه سڀ اباڻي،
الوداع نياڻي، مهراڻ جي تون راڻي.
تنهنجي ڪڙم ڪي او جيجل، اهڙي ملي ڪا لولي،
تيا لال سڀ لهوءَ ۾ قاهي، زهر ۾ گولي،
ڳاڙهو ۾ ڪارو، سائو، تنئي رنگ انقلابي،
تنهنجي ڳوٺ ڳڙهيءَ جا سڀ در دنگ انقلابي،
سڀ ڪيت، ٻنيون ٻارا، جهر جهنگ انقلابي،
تنهنجي ڳوٺ جي جرئت جو وڏو داستان رهندو،
تنهنجو ڳوٺ ماءُ سنڌ جو ڏاڍو مهان رهندو،
تحقيق جي حرفن ۾، تاريخ جي ورقن ۾،
اعليٰ جناب رهندو، ۽ لاجواب رهندو،
هن ڳوٺ جي بدن مان، هر هر لهو ڳڙيو آ،
هن ڳوٺ جي عظمت جو شاعر ڪي قسم آهي،
هن ڳوٺ جي ڳيرن سان، ٿيو ڏاڍو ظلم آهي،
هن ڳوٺ جي ڳيرن ڪئي، تاريخ رقم آهي،
دور جديد ۾ هن ڳوٺ جي ڪهاڻي،
ايڏي عظيم رهندي، جيڏا عظيم آهن،
موئن دڙو، سنڌو ۾ مڪلي، ٺٽو مياڻي،
منهنجي ڳوٺ جي او ملڪا، منهنجي ڳوٺ جي او راڻي!
او الوداع نياڻي، او الوداع نياڻي.



www.bhutto.org

# نوحو بينظير جو!

اڄ جمهوريت جو قتل ٿي ويو
ماتم ڪيو....
آ ضرورت جو قتل ٿي ويو
ماتم ڪيو...

آرزو خون ٿيون، ختم ٿيون اميدون.
ٿي خوشيون خاڪ ويون رسي ويون ڄڻ عيدون،
رونقون راڪ ٿيون، انڌيون ٿيون سڀ ديدون،
سهڻي صورت جو قتل ٿي ويو.
ماتم ڪيو....

هوءَ جا هئي قوم جي تقدير، سا بينظير بہ وئي،
هوءَ جا هئي ملڪ جي زنجير، سا بينظير بہ وئي،
هوءَ جا هئي ڀٽي جي تصوير، سا بينظير بہ وئي،
اعليٰ عورت جو قتل ٿي ويو
ماتم ڪيو....

زندگي سچ جي گرهڻ جيان آهي اونداهي،
رهبري ڪير ڪندو ڀلجي ويو همراهي،
شاعري "آه" سڪندر ان بن بي واهي،
ڄڻ مهورت جو قتل ٿي ويو.
ماتم ڪيو....



www.bhutto.org

## توصدين تائين جيءُ ورتو

تنهنجو خون ڪتوريءَ جهڙا،
گيت وطن جا ڳائي پيو تو.
اڀ تي سورج، چنڊ، پارو
قاتل تي ڪرڻيون ڪائي پيو تو.

پنهنجو حال يتيمن جهڙو
پنهنجو اوهي واهي ڪونهي،
ڪنهن کي ڪرڙي اک ڏيکاري،
اهڙو ڪو ٻه سپاهي ڪونهي.

سات لتيل جا پويان پيرا،
پاڻ اهاڙڻ چاهيون ٿا،
اهڙيءَ ڪک مان جنميا آهيون،
حق ڪين لتاڙڻ چاهيون ٿا.

سب تنهنجي پويان ڊوڙن ٿا،
تون سيني ڪان آڳي آهين،
تاريخ جو وات ڪليو آهي،
تون پونءِ ڏياٽي ٻاگهي آهين.

www.bhutto.org

تـــو پنهنجـــا فـــرض نڀايـــا هـــن،
تـــو پنهنجـــا قـــرض چڪايـــا هـــن.
تـــو تـــاريخ نئـــين رقـــم ڪئـــي آ،
پيـــا بـــاقي پنـــڌ اجايـــا هـــن.

تـــو بـــي تـــرس دنيـــا وارن لئِـــ،
آ جـــامِ شـــهادت پـــي ورتـــو
گـــولين آڏو ســـينو تـــاڻي.
آ صـــدين تـــائين جِـــي ورتـــو.

٭



www.bhutto.org

## اڄُ تہ ڪو ماتم ڪجي

سنڌ جي نياڻي قتل،
قوم ساري آ ستل،
اڄ تہ ڪو ماتم ڪجي.
امن ايڪي جي زنجير،
سنڌ ڄائي بي نظير،
ڪوونج هئي ڄڻ ڪاڪتل،
اڄ تہ ڪو ماتم ڪجي.
سنڌ جي ويساهہ تي،
ساهہ ۽ ساڃاهہ تي،
ڄڻ تہ آيو ڪو اجل،
اڄ تہ ڪو ماتم ڪجي.
راڄ راڻن جي مٿان،
ڀون ۽ ڀاڻن جي مٿان،
موت جو ميڙو مٿل،
اڄ تہ ڪو ماتم ڪجي.
هن عباس سور تي
دور جي دستور تي،
دنگ دنيا جو عقل،
اڄ تہ ڪو ماتم ڪجي.



www.bhutto.org

# تي امر تاريخ وئي

شام جي پوئين پهر،
خون ٿيو ڪيڏو قهر،
هِت وري پورو ٿيو
ڏُوري ٻئي جو ڪو سفر.

شام جو پويون پهر،
سنڌ تي ڪارو قهر،
روڊ رستا خون سي،
سوڳ ۾ جهر جهنگ شهر.

سنڌ ۾ بيوس لاش آيو
سنڌ ڄائي تي شهيد،
قوم جي نياڻي مٿان،
برق ڪيرائي پليد.

آدمي وڻ ٽڻ رُنا،
ڏوٽجي سي ڏڻ رنا،
سانحي هن سور تي،
ويڙها ۽ واهڻ رنا.

سنڌ مڪلي ۾ مياڻي،
سنڌ ڪيڏارو ڪهاڻي،
قوم تان قربان ٿي وئي،
سنڌ جي نيگر نياڻي،



www.bhutto.org

قوم جي ويساهہ کي گولي لڳي،
روڊ رستي راهہ کي گولي لڳي،
بي قصور بي ڏوهہ نياڻي،
سنڌ جي چڻ ساهہ کي گولي لڳي.

سچ تي گولي هلي وئي،
خون جي هولي هلي وئي،
ٻاتڙن ٻارن وٽان چڻ،
ٻاتڙي ٻولي هلي وئي.

موت کي ماري هلي وئي،
اپ کي ڏاري هلي وئي،
پيچرن پنڌن مٿان ڪا،
باهہ چڻ ٻاري هلي وئي.

موت کي هوءَ مات ڏئي،
تي امر تاريخ وئي،
وارتا هيڏي وڏي،
پير ڪنهن ڊاهي ڪئي.



www.bhutto.org

# موٽي ايندي بينظير

هر پــل تنهنجـــي مـــارُن ۾، ڏنـــارن ۾، پنهـــوارن ۾،
تـــو رکـــي رکـــي روچ پـــوي، ســانگين ۾، ســنگهارن ۾،
آ ســنڌ ســجي او چنگــارن ۾، تـــوکي ســاريو بينظيـــر.

❊❊❊

هيءَ خون نہ خونن جهڙو هن خونيءَ سان ڪيئن نهجي؟
هي قاتل ڪيئن ياءَ ٿيو؟ هن ياءَ سان گڏ ڪيئن رهجي؟
هڪ درد هجي تہ پيو سهجي، هي دانهن تہ ڪروڙ دردن جي

❊❊❊

هـــو زنـــدانن ۾ بنـــد قيـــدي، گيـــت آزادي تـــاهين تـــا،
۽ زنجيـرن جـي ڇـڻ ڇـڻ تـي، سُـر ۾ گـڏجي ڳـائن تـا،
ڪي نوان وچن ورجائن ٿا، ساري پنهنجي شـهيدن کـي،

❊❊❊

هن ويل بہ توسان او جيجل! مخدوم بلاول گڏ هونـدو
دودو دلبـــر گـــڏ هونـــدو، ڏاهـــر، رٺمـــل گـــڏ هودنـــو
هـر شـهيد توسـان گـڏ هونـدو، آ ونٺـو ويـر ويـرين کـان.

❊❊❊

تدبير سان ٿي تقدير جڙي، هي ڳالهہ ماٺهو سمجهي ويـا،
وِکَ سورڻ سان ٿو پنڌ کُٽي، هي ڳالهہ ماٺهو پرجهـي ويـا،
هي ماٺهو ڄاڻي سُجاڻي ويا، تہ سنڌ راڻيءَ جا قاتل ڪير؟

❊❊❊

جيســين دهشــت درياءَ ۾ ســهڻي واهــڙ پئــي ترنــدي،
وهـــ تــڪ ـــ ســير منجهـــاران، وارو ويـــر پئـــي ورنـــدي،
ســاعت هـــڪ نـــہ ســرندي، مـــوٽي اينـــدي بينظيـــر!



www.bhutto.org

# هوءَ سُهائين جي شهزادي ايندي وري!!

هـوءَ آئـي ۽ ويڙهـي کـي واسـي وئـي،
راڄ ڳـولي پيـو کهـڙي پاسـي وئـي،
ڳـڻ ۽ ڳـالهيون ڪـري خـاص خاصـي وئي،
هـوءَ نـانيءَ جي آکـاڻيءَ جي سـونهن پـري،
هـوءَ سُـهائين جـي شـهزادي ايـنـدي وري،
هـوءَ ايـنـدي وري! هـوءَ ايـنـدي وري!

هـوءَ مـوهن- مٽيءَ مـان جـڙي هئـي سـچي،
وڪَ اڳـتـي وڌائـين، نـه هـڪـي هـچـي،
قـاتلن کـي ڪـري ويـئي ڪـيـڏو لـچـي،
هـن جـي جهـوري ۾ چـت تـي وئـي آ چـري،
هـوءَ سـهائين جـي شـهزادي ايـنـدي وري،
هـوءَ ايـنـدي وري! هـوءَ ايـنـدي وري!

گهـر ۾ ويـهـي پلـي ڪـو صـدي پيـو جيئـي،
گهيـڙ گهڙنـدي مگـر جـو گهـڙي کـن جيئـي،
سـير- سـنڌوءَ تـري، سـو سـدائين جيئـي،
هـوءَ سـنڌوءَ جـي لهـرن جـي هئـي جـل پـري،
هـوءَ سـهائين جـي شـهزادي ايـنـدي وري،
هـوءَ ايـنـدي وري! هـوءَ ايـنـدي وري،



www.bhutto.org

هن جي آمد سان چرڪيا دنيا جا خدا،
بوت پر هُو ڪريا سڀ منات ۽ عزيٰ
سڀ ٿي فرعون ڏڪيا ۽ فرمان روا،
ڳالهه هن ٿي ڪئي هر سچي ۽ کري:
هوءَ سهائين جي شهزادي ايندي روي!
هوءَ ايندي وري! هوءَ ايندي وري!

تو ڪُني سنڌ، سرواڻ اُن جو ڪُنو
موج پريو هي مهراڻ اُن جو ڪنو
سورمائيءَ جو اهڃاڻ اُن جو ڪنو
اڄ دانگيءَ متان آ پيو رت وري:
هوءَ سهائين جي شهزادي ايندي وري!
هوءَ ايندي وري! هوءَ ايندي وري!



ڪالهه بنگال تنهنجا ستم هئا سٺا،
تو بلوچن جا ڪونڌر سدائين ڪٺا،
سنڌ راڻي ڪُني، تو مان سنڌي مٺا
سمجهه هلڪي نه هي، ڳالهه آهي ڳري:
هوءَ سهائين جي شهزادي ايندي وري!
هوءَ ايندي وري! هوءَ ايندي وري!

ڪلهه پٺي جا به هي، ساڳيا قاتل هئا،
ساڳي وردي هئي، ساڳيا جنرل هئا،
ساڳيا پنڊت، ملا، ساڳيا ڪرنل هئا،
ڳالهه پڌري سچي، ناهه ڪوڙي ذري:
هوءَ سهائين جي شهزادي ايندي روي!
هوءَ ايندي وري! هوءَ ايندي وري!

www.bhutto.org

ڏکُ ڏينڌڙ ڪو سهنجو نہ ٿيندو ڪڏهن،
ٿاهہ قاتل سان ڪنهن جو نہ ٿيندو ڪڏهن،
ياءَ ڪو خوني، پنهنجو نہ ٿيندو ڪڏهن،
پلئہ تاريخ خونيءَ ڪان وٺندي وري:
هوءَ سهائين جي شهزادي ايندي وري!
هوءَ ايندي وري! هوءَ ايندي وري!

مَقتلن جي ٿو هر ڪو ڪهاڻي پڙهي،
ڪيئن مصلوب ٿي راڄ راڻي پڙهي،
رات تارن جي ٿم ٿم وهاڻي پڙهي،
مُنڌ مهراڻ ۾ ٿي ٻڏي ۽ تري:
هوءَ سهائين جي شهزادي ايندي وري!
هوءَ ايندي وري! هوءَ ايندي وري!

ڏيهہ سارو هو روئي ۽ سُڏڪي اٿيو
آيو ڌرتيءَ ڪي ڌوڏو ۽ ڏُڏڪي اٿيو
ڪوٽ ٽوڙڻ لئہ هر ڪوئي ڪڏڪي اٿيو
نيٺ لاهي ٿي وجهندا ڌڪن جي ٻري:
هوءَ سهائين جي شهزادي ايندي وري!
هوءَ ايندي وري! هوءَ ايندي وري!

ٽُنهنجي مارن، ڌنارن، پنهوارن ۾ ٽات،
روج راڙو ۽ سانگين، سنگهارن ۾ ٽات،
اوچنگارون ٻڌين ٻڌ ۽ ٻارن ۾ ٽات،
ٿوڪي سارين ٿا، جن وٽ نہ آ ڏرُ دري:
هوءَ سهائين جي شهزادي ايندي وري!
هوءَ ايندي وري! هوءَ ايندي وري!



www.bhutto.org

ڪيڏي ڏاهي ۽ ڪيڏي سياڻي هُئي،
هوءَ راڄن سندي، راڄ راڻي هئي،
هوءَ مارن جي لوئي اباڻي هئي،
ڪا نہ ساعت سنگهارن ريءَ هن جي سري:
هوءَ سهائين جي شهزادي ايندي روي!
هوءَ ايندي وري! هوءَ ايندي وري!

ساز ٽوڙي سرن کي ڪو پُوري نہ سگهندو،
هيءَ اعلان آزادي ڪو ٻُوري نہ سگهندو،
انقلابي اکين کي ڪو گهُوري نہ سگهندو،
هيءَ آواز هيءَ دانهن هر هنڌ ٻري:
هوءَ سهائين جي شهزادي ايندي وري!
هوءَ ايندي وري! هوءَ ايندي وري!



گيتُ آزاديءَ جا هي بند قيدي چون،
هي زنجيرن جي ڇن ڇن جا سر ٿا وڄن،
عزم انوکا ڪري، ٿا وچن کي ڪجن،
سڱن سِرَ جي هنئي آهِ بيجل وري:
هوءَ سهائين جي شهزادي ايندي وري
هوءَ ايندي وري! هوءَ ايندي وري!

توسان گڏ هوندو مخدوم بلاول بہ هُت،
دود و دلبر ۽ ڏاهر ۽ رٺمل بہ هُت،
توسان گڏ بختور ڀاڳهي، ڪوئل بہ هُت،
توسان آهي وچنُ، ويرُ ونبو وري:
هوءَ سهائين جي شهزادي ايندي وري!
هوءَ ايندي وري! هوءَ ايندي وري!

جـاڳ جـا پـاڳ تـدبير سـان ٿـا جُـڙن،
وکَ وڌائـڻ سـان ئـي منزلـون ٿيـون ملـن،
ديـر نـاهي گهـٽـي، ٿـا سـياٽا چـون،
سـا وسـامي بـہ ڪيـئن باهـہ جيڪـا ٻـري:
هـوءَ سـهائين جـي شـهزادي ايـنـدي وري!
هـوءَ ايـنـدي وري! هـوءَ ايـنـدي وري!

رَتَ ۾ وهنجـي سـوين راڄ اٿنـدا وري،
ٿـي سـگها سـيرا محتـاج اٿنـدا وري
جهنـڊا، نعـرا ۽ سـوراج اٿنـدا وري،
هـيءَ گهـر گهـر ۾ جـا باهـہ آهـي ٻـري:
هـوءَ سـهائين جـي شـهزادي ايـنـدي وري!
هـوءَ ايـنـدي وري! هـوءَ ايـنـدي وري!

اي زمانـا! اسـان ڪـان تـون ڇـا ٿـو ڇڏيـن؟
زخـم سـيني جـا هرهـر تـون ڇـا ٿـو ڏسـين؟
هـيءَ ڪربـل ڪهاڻي تـون ڇـا ٿـو ٻـڌين؟
جي ڪـرين ٿـو اسـان جي تـہ ڪـر رهبـري:
هـوءَ سـهائين جـي شـهزادي ايـنـدي وري!
هـوءَ ايـنـدي وري! هـوءَ ايـنـدي وري!

چنـڊُ چانـڊاڻ ڪـي، اڄ تـہ ڳـولي پيـو
قـول سـرهاڻ ڪـي، اڄ تـہ ڳـولي پيـو
مـنُ هـي مهـراڻ ڪـي، اڄ تـہ ڳـولي پيـو
سـنڌ سـاگر ٿيـو لهـرون لهـرون وري:
هـوءَ سـهائين جـي شـهزادي ايـنـدي وري!
هـوءَ ايـنـدي وري! هـوءَ ايـنـدي وري!



www.bhutto.org

ڇا بــ آمــر! ڪــرين، رات رهڻــي نــ آ،
لــوڪ ســاري تــي ســڪرات رهڻــي نــ آ،
وســتي واهــڻ ۾، هيهــات رهڻــي نــ آ،
ســون ورنــي پرهــ، هيــر آهــي وري،
هــوءَ ســهائين جــي شــهزادي اينــدي وري!
هــوءَ اينــدي وري! هــوءَ اينــدي وري!

هــوءَ ســهائين جــي شــهزادي اينــدي وري،
هــوءَ قــومن جــي آزادي اينــدي وري،
ملــڪ تــان لاهــي هــر تعــدي اينــدي وري،
هــوءَ جيئــري ســدا ڪــين ســگهندي مــري:
هــوءَ ســهائين جــي شــهزادي اينــدي وري!
هــوءَ اينــدي وري! هــوءَ اينــدي وري!

تنــدُ پتــائيءَ جــي حــق جــي تنــواري وئــي،
تنــد تنڻــي نــ آ ســنڌ ســنواري وئــي،
ڳالهــ آ ســنڌ جــي، جــيءَ جيــاري وئــي،
ڳالهــ ڳــوڙهيءَ ڪــي ســمجهين متــان سرســري
هــوءَ ســهائين جــي شــهزادي اينــدي وري!
هــوءَ اينــدي وري! هــوءَ اينــدي وري!

راج - راڻــي هئــي، مــوٽي اينــدي وري،
ســنڌ - ســياڻي هئــي، مــوٽي اينــدي وري،
ڏج - ڏجــاڻي هئــي، مــوٽي اينــدي وري،
جوڳيــاڻي هئــي، مــوٽي اينــدي وري:
هــوءَ ســهائين جــي شــهزادي اينــدي وري!
هــوءَ اينــدي وري! هــوءَ اينــد ي وري!.



www.bhutto.org

## وري رت سان اُپ هي ڳاڙهو ٿيو

مارئي مليـر جـي!
شام جي سُرخيءَ جيان،
اُپ ۾ اُلهي وئي!

❊❊

بُوءِ بمن جي، ڇوڏر باهيون!
لَڙڪ سُڪي ويا، اکيون ساٽيون!
رت ۾ وهنتل شام جا لمحا،
آءُ تہ گم ٿيل مُرڪون ڳوليون!

❊❊

رنگ- ريتو ٻُونءِ تي هاريو ويو
سنڌ جي خوشبو هئي، تڪڙو اُڏي!
ڇا تہ اذيت جو چٽيو نقشو لطيف:
”رڻ ڳجيو راڙو ٿيو ڌرتي ڏُڏي!“

❊❊

دلين ۾ دردُ بيحد ۽ اکين ۾ لڙڪ هن ڪيڏا!
ستارن جي ڳڻپ مشڪل، مسئلا پي وڌيا ايڏا!
عذابن جي جهانن ۾ جيا پو جانِ جو ائوڪو
مرحلا هي ڏکيا ڏاڍو ڳرا جهڙو جبلَ جيڏا!

❊❊



www.bhutto.org

سوڳَ، روڳَ، سورَ هي،
رنجُ ـ ماتمُ: سنڌڙي!
مجبورُ ۽ محڪومُ، بس
موتُ، گهاءَ، زندگي!

***

اُگري ميڊيا ـ مُهم هلي ٿي!
رت جا ڳوڙها، دل سڙي ٿي!
مَن ۾ ميَرُ، يا وَيرُ اجا ڪو،
سُڏڪن ـ سَاڻي سنڌ رڙي ٿي!

***

وري قضيو اسان جي لئه،
وري مقتل سَجايو ويو!
گلابي گُلُ، چهرو چُپ،
رڳو رَتُ رنگُ هاريو ويو!



www.bhutto.org

## ڀنائيءَ چيو! منهنجي وائي مري وئي!!

صدا: بينظير آئي، آئي اچي وئي،
تہ ظلمن جي محلن ۾ قيامت مچي وئي،
۽ ڏرتي دلي ڌڙڪنن تي نچي وئي.
بچي وئي جمهوريت بچي وئي بچي وئي،
وري سنڌ راڻي اچي وئي اچي وئي،
عوامي امنگن جو سيلاب اٿليو
اٿي سنڌ سرحد ۽ پنجاب اٿليو
بلوچي روايت جو نئون باب اٿليو
غمن جي خزان جو صفا منهن لهي ويو.
خوشين جي بهارن جو ميلو مچي ويو.
مگر خوار خدشا خوشين تي ٽٽي پيا،
امنگن جي جلسن ۾ خطرا لهي پيا،
وٺي لاڙڪاڻي کان انگلينڊ تائين،
ٽڪي تيز تاريخ کان دانهن نڪتي،
"ڳلي ۾ جمهوريت کي گولي لڳي وئي"
عوامي حقيقت کي گولي لڳي وئي،
پڙاڏو ٿيو: پورهيت کي گولي لڳي وئي،
حقيقت ۾ سنڌيت کي گولي لڳي وئي.
مگر ڇا جمهوريت ختم ٿي سگهي ٿي؟
عوامي حقيقت ختم ٿي سگهي ٿي؟
ڀلا رشني سج جي ڪم ٿي سگهي ٿي؟
حقيقت تہ دلين جي محتاج ناهي.



www.bhutto.org

انڌي رات ٻاڪُن جي سر تاج ناهي.
مجي يا مجي انڌ اونده نہ هاڻي،
حقيقت کي تاريخ جي اک سڃاڻي،
رڳو تون مان ڇا پوري دنيا ٿي ڄاڻي،
خبر پئجي وئي نئين کي ڄاتو پراڻي،
ڏنو ڪالهہ کي اڄ ۽ اڄ کي سڀاڻي
اڳي هڪ ٻلاول وڏو ويو هو گهاڻي،
تہ ٿئي کي ڏني واڳ وئي نيٽ آڻي،
زمانو ٿو ڄاڻي!
اهو ولولو سلسلو ڪو نہ ٽٽندو.
جو جاري هيو جاري آ جاري رهندو،
رڳو لاڙڪاڻو نہ پنڊي رني آ!؟
اسان کي لڳي ٿو تہ هر اک ڀني آ،
مچون ٿا تہ تون ئي ڏڪاري آن پنڊي!
وري ساڳيو تنهنجي ئي پڌرن پٽن ۾
پڇاڙي ڊسمبر جي ڏينهن ٿڌن ۾
خبر ٿئي تہ ڪيئن سنڌ راڻي مري وئي؟
متان سمجهين هڪڙي سنڌياڻي مري وئي،
سنڌياڻي نہ پر اڄ راڻي مري وئي،
اسان جي تہ ڄڻ مالڪياڻي مري وئي.
سچل سڏ ڪيو: سنڌ ڄائي مري وئي
يتائي ۽ چيو: منهنجي وائي مري وئي.
اهو ڪيس تاريخ ۾ ٿيندو داخل،
۽ ظاهر جمهوريت جو پوندو ٿي قاتل!
۽ ظاهر جمهوريت جو پوندو ٿي قاتل!.



www.bhutto.org

## تنهنجي مانَ ۽ شان تي سوين سرخ سلام

سنڌ راڻي!
شهيد جي،
شهيد نياڻي.
سنڌ جو توتي سلام!
سنڌوءَ جي پاڪ پوتر،
مٽيءَ سان تو ملهايو.
او ڌرتيءَ ڏياڻي،
او سنڌوءَ جي راڻي،
تنهنجي هٺ، همت، حوصلي،
تنهنجي عظمت ۽
امرتا کي سلام—
وڏ وقت جا تو سٺا،
جبر تاريخ جا تو ڏٺا،
ڪئي قاتل، جلاد، منڪر، منافق،
تو آڏو ديوار بڻيا_
ڪيرائي ڪوٽ ڪُفر جا،
ڊاهي زور ظلم جا،
مچايو تو پنهنجو مانُ،
تنهنجي مانَ ۽ شانَ تي،
سوين سرخ سلام!



www.bhutto.org

# سنڌ جي راڻي شهيد بينظير ڀٽو

سنڌ نگر جي سونهن سراپا، سنڌ جي راڻي پياري ڀيڻ،
ريتي رت جو ريج ڏئي، تو سنڌ جي سينڌ سنواري ڀيڻ.

ڀير وطن ۾ پائيندي تو ڀيڻ خوشي محسوس ڪئي،
آس تمنا ويرين تنهنجي، هر ڪا سوچ اڏاري ڀيڻ.

ڏور وطن کان بيوس رهندي، ڪين وساريئي قوم وطن،
قوم وطن جي الڪي اوني، منجهه گهڙي تو گهاري ڀيڻ.

عزم ارادا پختا تنهنجا، جان جي پرواهه مور نه رکيئي،
ڏاڍ جبر جي ڏهڪاءَ آڏو همت تو نه هاري ڀيڻ.

بم ڌماڪا گوليون روڪي، رستا تنهنجا ڪين سگهيون،
ساهه جي آخري گهڙي تائين، جنگ جبر سان جاري ڀيڻ.

سک جو سورج سانگين ڪارڻ، تو ته اپارڻ چاهيو ٿي ڪو،
رات هٽائڻ تو ٿي چاهي، قوم مٿان هيءَ ڪاري ڀيڻ

خون پگهر هي پورهيو تنهنجو رنگ ته آخر لائيندو،
ڪين وسامي سگهندي مشعل، رت سان تو جا ٻاري ڀيڻ.



www.bhutto.org

دائم دلين قوم مٿان هي، نانءُ تہ تنهنجو نقش ٿي رهندو
قوم نہ يلبي ڪڏهين تنهنجو هيڏو ٿورو ياري ڀيڻ.

موت وچوڙي ماري تنهنجي، جهوريءَ جهوري جهوريا جهانگي،
روئن رڙن ٿا رڙڪن تولڙِ ڏيهہ جا هاري ناري ڀيڻ.

گهيڙ گهٽيون ۽ ويڙها سيڙها، آهن اداسي ڳوٺ ڳليون،
سوڳ ۾ ورتل سانگي وانگي، سنڌ سڀاجهي ساري ڀيڻ.

لاڙ اُتر ۽ ڪاڇي ٿر ۾، ماتم جهڙو منظر برپا،
سُڏڪن ساريو سانگي توکي، هر لَبَ آهہ و زاري ڀيڻ.

اک نہ اهڙي ڏسجي جيڪا، غم ۾ تنهنجي ناهہ رُني،
سور ڪاپاري صدمي ورتل، هر دل آهي ڏکاري ڀيڻ.

سنڌ تہ توبن چني چوري، ٻچي هاڻي ڀيڻ وئي،
ويڙهيچن جي واهر هاڻي، ڪير ڪندو پوئواري ڀيڻ.

ننگ سنڌين جو سنڌ جي جائي، ڪيئن ڀُلائن مارو توکي؟
ساهہ سمايل سيني سانديل، هوندئين ياد ڏلاري ڀيڻ.

ٿيج ملهائي جيجل جي، تو، مان مٿيءَ جو ڪيڏو رکيو
جَسُ مبارڪ سنڌ جي جائي، سورهيہ صاف سچاري ڀيڻ.

پيءُ بهادر وانگر تون پي، شينهڻ بهادر شهزادي!
ٻاگهيءَ مارئيءَ لڄ محافظ، غيرت مند لوئياري ڀيڻ!



www.bhutto.org

سمجهہ سياسي ڏاهپ رکندي، ملڪن ۾ تو مچتا ماڻي،
ديس، تہ ڇا پر دنيا تنهنجي، آهي مڃي هوشياري ۾يڻ.

رنگ شهادت رُتبو اعليٰ، تو تہ برابر سوڍي ماڻيو
امر هميشہ لاءِ بڻيءَ تون، مومل ياڳ يلاري ۾يڻ.

سرخ سلامن جا هي تحفا، ڏيهہ پرانهان ڏيندا رهندا،
ننگ نياڻيءَ ناتو رشتو، ڏيءُ امڙ سان پياري ۾يڻ.

شاهہ گداگرَ ڪوڙ سلامي، هوندا تنهنجي مرقد ميڙا،
گل نڇاور، قُل ۽ ختما، رهندا پيا هيءُ جاري ۾يڻ.



www.bhutto.org

# تنهنجي عظمت کي سلام

قدر ٿُنهنجو قوم کي تنهنجي فراست کي سلام!
اي مسافر! راهه جي! تنهنجي مسافت کي سلام!

هر بشر جي دل جي راڻي، تون نياڻي بينظير،
ناهه ثاني ڪو بشر تنهنجي نزاڪت کي سلام!

سنڌ جائي، تون سياڻي، گڻ لکين تو بي حساب،
هر ادا تنهنجي وفا، تنهنجي صداقت کي سلام!

تون تہ هڪ مدبر، سياستن، ساڃهہ جو سريُ،
موهہ مجتا، روح تون، تنهنجي سياست کي سلام!

ڇا خبر ڪنهن کي لياقت باغ ۾ ٿيندينءَ شهيدُ!،
سڄ فضا جو آ ٿيو تنهنجي شهادت کي سلام!

اڄ رئاري تون وئينءَ دنيا سڄي آ سوڳوار،
هڪ سهارو سنڌ جو، تنهنجي رفاقت کي سلام!

تون تہ زنده، جاودان آهين، برابر اي شهيد!،
سرُ ڏنو تو قوم لئہ، تنهنجي حمايت کي سلام!



www.bhutto.org

راڄ راڻي، تون نماڻي، هر بشر جو تون سرورُ
مان تون مهراڻ جو، تنهنجي وجاهت کي سلام!

ديس ۾ پرديس ۾، هر ملڪ تنهنجو آ مداح،
آس پوري ناهه تي، تُنهنجي ذهانت کي سلام!

تون تہ ليڊر ملڪ جي ۽ ملڪ جو توسان پيار
درد دل ۾ قوم کي، تنهنجي قيادت کي سلام!

لفظ هڪ هڪ تي ويو آ پيش گوئي جو شعور
قوم تان قربان تون، تنهنجي سعادت کي سلام!

هر قدم شمس و قمر تي، مشتري تابع طريق،
گرد گڏ توسان هيا، تنهن جي ثقابت کي سلام!

خلق جي خدمت ٿيو دارين جو افضل ثواب،
شان تنهنجو ماڻ تون، تنهنجي شرافت کي سلام!

سوچ ڪنهن جي ڪم نہ آئي پرده تقدير دام
پار سا تون قوم لئہ، تنهن جي لياقت کي سلام!

هر جڳهہ تنهن جي ڏنم، تصوير هٿ ۾ يادگار
گل سنڌ ۽ تصوير تي، تنهنجي شباهت کي سلام!

ڪنهن عدو جي آهہ سازش، جو برابر هڪ پلان،
اي شهيدِ وطن اڄ، تنهنجي شباهت کي سلام!



www.bhutto.org

نفس آهي ظالمن جو قيد قدرت وٽ قصاص،
سر بلندي آهہ تو، تنهنجي و ثاقت کي سلام!

زندگي توکي تہ ٿي، ٻنهي جهانن جي نصيب،
تون مع القرآن آن، تنهنجي تلاوت کي سلام!

"راز" غم مون کي عمر جو آ ڏنو اڄ بينظير،
اي شهيد۔ قوم اڄ، تنهنجي شهادت کي سلام!

✲



www.bhutto.org

## امان

امـــــــان او جيجـــــــل امـــــــان!
هـيءَ کهـڙي ڪـربلا پئـي مـان ڏسـان،
جيءُ جهـوري وجهـان، توتـان گهـوري وجهـان،
تـو ۾ جرئـت هئـي سـنڌوءَ ڇـولين جيـان،
تون اڏول هئين کير ٽـر، هـاڙهي، هـالار جيـان،
تـڏهن ئـي تـہ تـو بابـا جـي شـهادت کـانپوءِ،
سندس مقصد ۽ منشور جي پاسداري ڪئـي.
تو اديءَ کي سـاڻ ڪـري وڏي بيـداري ڪـئـي.
تـو نئـين سـر مـاڻهن ۾ اتسـاهہ جيـاري وڌو!
تـو اجـايلن کـي اميـدن جـو پـاڻي پيـاري وڌو!
تـو ظـالم جـي ڏاڍ ۽ جبـر کـي للڪـاري وڌو!
مـوت ۾ سـفـاڪ قاتـل وري تـو کـان،
پيـارو ڀيـرو پٽـڙو زهـر ڏيـاري کسـي ورتـو.
پـوءِ بـہ تـو ۽ اديءَ همـت نـہ هـاري،
جمهوريـت لاءِ جدوجهـد رکـي جـاري،
نيـٺ هـڪ ڏيـنهن مظلـوم مـاڻهن کـي،
توهـــان عـــوامي حڪومـــت ڏيـــاري.
تڏهن تنهنجي مکڙي جون خوش بخت ادائون،
ٽـڙي پيـون هيـون، اصـفهاني گلابـن جيـان.
اوجاڳيـل اکڙيـون چمڪـي پيـون هيـون،
سـنڌوءَ مـاٿريءَ جـي مـائرن جيـان.



www.bhutto.org

پر ظالمن وري هڪڙو وار ڪيو
عوامي راڄ کي عوام کان ڌار ڪيو.
تو به سختيون سٺيون ڏاڍيون امان،
اديءَ ڏي به سک چين ڪو نه پئي ڏسان.
مان وران ته ڪيئن وران او امان او امان،
بابي جو وڏو پٽ به ته هو جلاوطن.
اديءَ جي ورءِ ٻارن کي به گهيري وڌو هو تڪليفن،
پر امان! تو ۾ رت هو ايران جو.
۽ سهارو هو توکي حفظ قرآن جو
او تهمينه رستم ۽ سهراب جي ڌرتيءَ جي شڪتي.
توکي لئن ۾ ملي هئي،
موهن جي دڙي جي امر مٽيءَ جي هستي.
تڏهن ئي ته تو عوامي راڄ لاءِ همت نه هاري،
اديءَ سان روشنين لاءِ نئين سر لاٽ ٻاري.
هُئي جدوجهد ۾ عوام سان ادي اڳيرو
نيٺ عوامي راڄ ماٽيو پيهر توهان.
آيو ملڪ موٽي راڄ راڻو پاهران،
پر تنهن کي به جلد ظالمن ماري وڌو.
بس تڏهن کان تڏهن کان امان،
موبي پٽ جي شهادت کان پوءِ امان!
تون غمن ۾ ايڏو ته گم سم آهين،
ويجهو هوندي به جڻ ڏاڍو دور آهين.
پر هو ڏس ته امان اٿ ڏس ته امان!
پنهنجو ڳاڙهو امر رت ڏئي،
ڳاڙهن گلابن سان ڳتيل،
سنڌو نديءَ جي پوتر پاٽي سان وهنتل.



www.bhutto.org

قائد عوام شهيد بابا جي پيرن ۾ ستل،
تنهنجي ڏيءَ پياري پنڪي بينظير.
عوامي راڄ راڻي، بي مثل بينظير،
جمهوريت ۽ عوام لاءِ شهيد ٿي.
ڪروڙين دلين ۽ دماغن تي تيون پيرو ۽ هميشه لاءِ،
سنڌ راڻي راڄ ڪري رهي آهي.

✲



www.bhutto.org

# مهراڻ جي راڻي

عالمي دنيا جي مجيل اڳواڻ راڻي،
جمهوري سياست جي تہ سرواڻ راڻي،

پورب ۾ ڄائي، يورپ مان پڙهي آئي،
مشرقي نياڻيءَ جي ڇا تہ واکاڻ راڻي،

گلشن ۾ سوين آهن، گل خوشبوءِ ڀريا،
پر سيني کي وٽندڙ هيءَ سرهاڻ راڻي.

نديون نياريون تہ اڃون اڇهائين،
مگر هيءَ تہ موجن ڀريو مهراڻ راڻي،

ريشمي اطلسمي بخملي وڳن هوندي بہ،
پاتو شهادت جو تہ پهراڻ راڻي.

✵



www.bhutto.org

# سنڌ راڻي

سمنڊ جي ڇولين پري سنڌ راڻي،
عوام جي چاهه تي چري سنڌ راڻي.

ڇانورن ۽ زيتونن جي ديس جي،
سياست جي سفر ۾ ڪري سنڌ راڻي.

وڃي ڪري امر گفتار ۽ ڪردار کي،
مظلوم ماڻهن جي پري سنڌ راڻي.

ڪو به ڏاهي نه سگهيو همت ۽ عزم کي،
روشنيءَ جو سج تي ٻري سنڌ راڻي.

تقرير ۾ تدبير ۾ بي مثل بينظير،
شهيد تي زنده رهي وري سنڌ راڻي.

✵



www.bhutto.org

## مادر جمهوريت

27 ڊسمبر 2007ع،
لياقت باغ.
راولپنڊي،
چهري تي نور.
مسڪراهٽ.
خوشين جا لمحا،
هر طرف جيئي ڀٽو.
جيئي بينظير،
ماڻهن جو سمونڊ.
چهرن تي خوشين جا آثار
اميدون، خواب.
انهن جي چهري تي عيان،
جلسي جي پڄاڻي .
پروانن جي ميڙ ۾،
خوشيءَ مان هٿ لوڏيندي،
محترمہ جو قافلو اڳتي وڌيو
۽ اچانڪ پستول مان.
شعلو نڪتو،
۽ محترمہ!!!.
خوشيون، آسون، اميدون ۽ خواب ،
سدائين لاءِ ختم ٿي ويا .



www.bhutto.org

شام غريبان،
اڄ لياقت باغ ۾ برپا ٿي.
اي مادر جمهوريت!
توکي اسان يتيمن جو.
سرخ سلام!
سرخ سلام!
سرخ سلام اي مادر جمهوريت!



www.bhutto.org

# شهيد بينظير کي سلام

سنڌ جي سرويچ راڻي، تنهنجي رخصت کي سلام،
تنهنجي همت تنهنجي جرئت ۽ جسارت کي سلام.

قوم تان قربان پنهنجو ساٿ سارو تو ڪيو
تنهنجي قربت تنهنجي قوت، ۽ قيادت کي سلام.

جستجو سان تو جبر جي، جوش کي جهوري وڌو
تنهنجي محبت تنهنجي محنت، ۽ مهارت کي سلام.

ساهہ ۾ ساندي رکيو تو سنڌ جي تهذيب کي،
تنهنجي صورت تنهنجي سيرت، ۽ صداقت کي سلام.

درد وندن جي دلين جي، ترجماني تو ڪئي،
تنهنجي الفت تنهنجي عادت، ۽ عبادت کي سلام.

ملڪ ساري ۾ ڏٺو مون، ڪو نہ مٽ تنهنجو مليو
تنهنجي نسبت تنهنجي نوڙت، ۽ نزاڪت کي سلام.

گهر خدا تنهنجو بڻايو جنت الفردوس ۾،
تنهنجي عزت تنهنجي عظمت ۽ عبادت کي سلام.

خون خوشبودار تنهنجو رنگ لائيندو ڪڏهن،
تنهنجي شهرت تنهنجي شفقت ۽ شهادت کي سلام.

ها غفور بہ هاڻ تنهنجي، شان تي لکندو پيو
تنهنجي حسرت تنهنجي حجت ۽ هدايت کي سلام.



www.bhutto.org

# سنڌياڻي سنڌ جي ڄائي آ

هــٿُ مِلائــي الــوداع چونــدي وئــي.
هوءَ ڪڏهن روئندي ڪڏهن کلندي وئي.

ڏيءَ پِنــي جــي هئــي بهــادر بــي بها.
دشــمنن ســان دويــدو وڙهنــدي وئــي.

واديءِ مهـــراڻ جـــي راڻـــي هتـــان،
وک واڌائينـــدي، اڳيـــان وڌنـــدي وئـــي.

ظلـــم جـــي زنـــدان جـــا تـــالا ٽيجـــي،
نيـــنهن جـــا نعـــرا وڏا هڻنـــدي وئـــي.

پـــٽ ڌڻـــيءَ جـــي ســـورمي هتـــڙا ڪٽـــي،
ديـــس واســـين لئـــہ دعـــا گهرنـــدي وئـــي.

ســـنڌ جـــي ســـرواڻ پنهنجـــو پـــاڻ ڪـــان،
مـــاڳ پنهنجـــي جـــا پتـــا پچنـــدي وئـــي.

ڪـــونج ڳـــر مـــوڙي اُڏاڻـــي اوچتـــو
اڏرنـــدي آڪـــاش تـــي چڙهنـــدي وئـــي.

هـــا غفـــور شـــاهہ مـــون ڏٺـــي هـــر مـــوڙ تـــي،
زنـــدگيءَ جـــا داســـتان لکنـــدي وئـــي.



www.bhutto.org

# سنڌ روئي ٿي

جمعي رات جيجل کي ماريو ويو،
سڄيءَ سنڌ کي آ روئاريو ويو.

سين سنڌ واسين جا سينا وڍي،
وري لوڻ زخمن تي هاريو ويو.

چٽانن جا مضبوط چيري هِنيان،
پهاڙن کي پل ۾ پگهاريو ويو.

اجهاٽيل ٻتين کي اُماڙيون ڏئي،
ستل سورُ ڀيهر اٿاريو ويو.

وري ڏسُ ته وارن تي وارون ڪري،
پُراڻن ڦٽن کي جياريو ويو.

اسان کي اسان جي ئي سنسار ۾،
بنائي آ باغي ٻيهاريو ويو.

غفور شاھ گلڙن کان خوشبو کسي،
گلابن جي ٻوٽن کي ٻاريو ويو.



www.bhutto.org

# سنڌ وطن جي شهزادي

سنڌ وطن جي شهزادي، ويئي جام شهادت نوش ڪري،
جابر اڳيان جا نہ جهڪي، ويئي ويرين کي مدهوش ڪري.

ڦهر ڪلفتن ڪربل ڪان، پوءِ هڪڙو ويو نئون باب ٺهي،
پاونگ پڙ تي پير جو پاتو، دشمن جي دل دوش ڪري.

حق جا نعرا هڻندي هڻندي، جيجل جڳ ۾ جوت جلائي،
هن راتيءَ رت جو ريج ڏنو، ساتہ ويئي مٽي جوش ڪري.

وات وات تي ويري وينا، گهيڙ گهٽيون گس گهاٽِ هٽي،
درس بغاوت جو ڏيئي، جا سوليءَ جوسر موش ڪري.

رهزن راهون نہ روڪ اسان جون، ظلم نہ تنهنجو ظالم سهبو،
بدلي جي هيءَ باهہ جا پڙڪي، پيچي پٿر پڙ پوش ڪري.

سرگم تي هي رقص آجاري، گونج فضا ۾ گولين جي،
ساقي تون سنسار سائي، آزادي ڏسُ توش ڪري.



www.bhutto.org

# نوحو

توکي ياد ڪري او سنڌ راڻي، انسان سدائين پيا رُئندا.
تنهنجي قبر تي ايندڙ ويندڙ ڪئين، مهمان سدائين پيا رُئندا.

هيون ڏاڍيون اميدون اي سائڻ، تنهنجي تہ هئڻ سان سک ٿيندا،
افسوس جو پورا ڪين ٿيا، ارمان سدائين پيا رُئندا.

اڄ تنهنجي اٿڻ ۽ ويهڻ جي، جاين ۾ اداسي ڇانيل آ،
هي تنهنجي اڱڻ جا گل بوٽا، گلدان سدائين پيا رُئندا.

هن تنهنجي وڇوڙي جهوري ڇڏيو هن تنهنجي جدائيءَ پوري ڇڏيو
هن دردن جا هن زخمن جا، درمان سدائين پيا رُئندا.

تنهنجي ياد ۾ روئڻ لاهياريون، ڪڏيو پار پٽڻ ٿيون ويچاريون.
اي سائڻ تنهنجي سورن جا، سامان سدائين پيار رُئندا.

توسان پيار ڪرڻ وارا ماڻهو هي هيڏي جدائي ڪيئن سهندا،
تنهنجي گهر جا در ۽ دروازا، دربان سدائين پيار رُئندا.

جن ڪوٺن ۾ تو قيد ڪٽيا، پر مارو پنهنجا ڪو نہ مٽيا.
اڄ تنهنجي شهادت جو تہ ٻڌي، زندان سدائين پيا رُئندا.

اي يار شهيد هن سانحي جو افسوس صدين تائين رهندو
داناءَ سدائين پيا رئندا، ديوان سدائين پيا رُئندا.



www.bhutto.org

# شهيد ٿي نياڻي

اکين مان اسان جي، وهي رت ۾ پاڻي،
ويو ملڪ اُجڙي، شهيد ٿي نياڻي.

اسان خواب جيڪي ڏٺا هئا سُهانا،
پانيوسين بدلجي، ويندا هي زمانا،
انهي کان ته اڳ هيءَ، ختم ٿي ڪهاڻي،
ويو ملڪ اُجڙي، شهيد ٿي نياڻي.



ڪندي پيار ڪيڏو غريبن سان هئي جا،
لهندي سار هردم، يتيمن جي هئي سا،
اها اڄ اسان کان، ڇني آ سنڌياڻي،
ويو ملڪ اُجڙي، شهيد ٿي نياڻي.

اميدون اسان جون، سڙي خاڪ ٿي ويون،
دليون درد هاڻيون، چڪي چاڪ ٿي ويون،
ڪندو ڪير واهر، وطن جي ته هاڻي
ويو ملڪ اُجڙي، شهيد ٿي نياڻي.

ننڍڙڪا ٿياسون، اسين يار يوسف،
رهيو ڪو نه اسان جو هتي ڪو به منصف،
لغاري دنيا آ، سڄي ٿي ويڳاڻي،
ويو ملڪ اجڙي، شهيد ٿي نياڻي.

www.bhutto.org

## بينظيرا

آهـ اي بـي مهـر گـردون، آهــ بـي پـر بينظيـر.
خون ۾ پنهنجي ڏنئي، ڪنهن طرح سان تـر بينظير.
عـالم اسـلام جـي، بـي مثـل رهبـر بينظيـر.
تـي نشـانو ظلـم جـو مظلـوم مظطـر بينظيـر.
جنهن ڪنهين، جنهن جاءِ ٻڌي. ان جي شهادت جي خبر.
سر پٽي هئِہ هئِہ ڪري، سينو ڪُٽيئين با چشم تر.

جنهن جو پيءُ هـڪ، عـالم اسـلام جـو همـدرد هـو
جـنهن جـو چهـرو اهـل دل آڏو مثـال ورد هـو
قيـد خـاني ۾ ڏٺـو ڏيءَ، پـيءُ جـو چهـرو زرد هـو.
ءِ تصـور ۾ ڏٺـائين، جسـم پـيءُ جـو سـرد هـو
ڪير هو جنهن جو بيان مون. هن طرح ڪيو آشڪار
روح سـو انسـانيت جـو بـي شـبهہ هـو ذوالفقـار.

جـنهن وڏايـو ملـڪ پاڪسـتان جـو عـزو وقـار
ايٽمـي قـوت بڻـايو ملـڪ کـي جـنهن آشـڪار
قـوم جـو بڻجـي ويـو هـر فـرد، ان جـو جـان نثـار
ظـالمن بـي گهـر ڪـري، ان کـي نيـو پـي سُـوئي دار
تـو سـتارن جـي اکـين سـان، هـي ڏٺـو منظـر سـچو
ڪيـئن ٽيـو مجـروح زنـدان ۾ اهـو بـي پـر سـچو.



www.bhutto.org

آخري ديدار جنهن. پيءُ جو نہ ڪيو سا بينظير،
ياد ۾ پيءُ جي پرينديءَ، هئي جا سڏڪا بينظير،
هائي بابا چئي، وهائيندي هُئي ڳوڙها بينظير،
آخرش پيءُ سان ملي، فردوس ۾ جا بينظير،
ڇا ڏسي پيءُ آهي، ساڳئي طرح گهايل بينظير.
هو نپايو جنهن کي، نصرت جهڙي آيل بينظير.

پر نہ ڪئي تو اڪتفا، ڪا بر قضائي ذوالفقار
ڀاءُ جو لاشو ڪيو تو پيڻ جي لئي ڪيئن تيار
زهر سان جنهن جي حياتي، ختم ٿي وئي آشڪار
بينظير ان لئي رُني، ڳوڙها وهايو زار زار
نوجوان ڀاءُ جو ڪٽي، آئي وطن ۾ بي وطن.
تا ڪري مدفون پيءُ جي، پر ۾ ڏئي ان کي ڪفن.

پيءُ سان جو وعدو ڪيو سو نيٽ پاريو بينظير،
پاڻ کي پنهنجي وطن ڏي، پاڻ واريو بينظير،
ڪيو بيان پنهنجي بيان ۾، سڀ کي ساريو بينظير،
جي ٿيا قربان تن لئہ نير هاريو بينظير،
جان نثارن تائين پهچايئين سلام ذوالفقار.
۽ رسايئين قوم ساريءَ کي پيام ذوالفقار.



www.bhutto.org

# تون ڪڏهن بہ مرڻي ناهين!

اي پنائي جي بيتن جهڙي سهڻي!
اي سنڌو جي لهرن جهڙي سندر!
اي سنڌ سنڌو جل جهڙي پوتر!
خبر ناهي ڪهڙي ويل،
توسان هن ڌرتي جي ٻارن ٻچن،
ننڍڙن، وڏڙن، پوڙهن،
۽ عورت جنهن کي،
تو ويساهہ ڏنو
نئون روح ڏنو
جيئڻ جو ڏانءُ ڏنو
جذبو ڏنو
حوصلو ڏنو
سڀ کان وڏيڪ ڪيس پاڻ سڃاڻڻ جو سبق ڏنو
اي سنڌ ڄائي، او سنڌ راڻي!
تو جنهن پل موڪلايو
ظالم، قاتل، ايڏو قهر ڪيو
تنهنجي ڀڪندڙ سُهڻي مک کي،
تنهنجي للڪاريندڙ آواز کي،
اسان کان اوجهل ڪيو.
ان کان اڳ اسان ڪربلا پڙهي هئي،
ڪربلا ڪيئن هئي؟



www.bhutto.org

ان جو منظر ستاويهين ڊسمبر جي لهندڙ سج
کان شروع ٿيو.
ان مهل تو نہ موڪلايو هو
ان پل اسان جي اميدن، اسان جي خوابن،
اسان جي اندر ۾ رچيل بسيل تنهنجي هجڻ جي،
احساس موڪلايو،
تنهنجي وڇوڙي،
سج جي روشني جهيڪي ڪري ڇڏي،
گلاب مان خوشبو جهيڪي ڪري ڇڏي،
گلاب مان خوشبو بہ محسوس نٿي ٿئي.
اندر جي دنيا اجاڙ بڻيل،
سمنڊ ستل،
سنڌ وسڪل،
هو جي تنهنجا قاتل آهن،
سي تہ ڪڏهن بہ بچڻا ناهن.
تون نہ آهين،
اسان سان پوءِ بہ،
ڪائنر ڊنل آهن،
جيئن اڳ بہ توکان ڊڄندا رهيا.
اها بہ ڪين پڪ آهي،
جنهن ڌرتيءَ جي جائي آهين،
تون تہ ڪڏهن بہ مرڻي ناهين،
ويس مٽائي ورڻي آهين.
تو سان منهنجو ازل جو رشتو
تنهنجو منهنجو مٽيءَ جو رشتو
او سنڌ جائي!

او سنڌ جي راڻي ڌيءَ!
تو جو ڪجهہ هن ڌرتيءَ کي ڏنو.
هيءَ ڌرتي بہ توسان پيار ڪري ٿي،
توتان پنهنجو سر گهور ڪري ٿي،
هن ڌرتيءَ جون مائون تہ ڏس،
توسان اندر اورين ٿيون،
توتان ٻچا گهورين ٿيون،
انهن کي توئي مان ڏنو
سڀ سک ڇڏي،
پنهنجو ور ڇڏي،
پنهنجو گهر،
پنهنجا ننڍڙا ٻچڙا ڇڏي،
تون جو آئينءَ هن اُجاڙ وستي کي آباد ڪرڻ،
جتي تنهنجا ماروئڙا رقص ڪندا،
تنهنجي آجيان لاءِ آيا،
لکين ڪروڙين قطارون سندن،
اهي سلسلا محبتن جا، جو قاتل ڏٺا،
سندس اندر وينل جابر جاڳي پيو
سندس بدصورتيءَ شيطان جو روپ ورتو
۽ هو تنهنجي ذهانت،
تنهنجي علم،
تنهنجي عقل،
سياسي وسعت، ڊگهي نظر،
عالمي شهرت،
سڄي دنيا ۾ تنهنجي عزت،
عوام سان تنهنجو آڻ ٽُٽ ناتو



www.bhutto.org

اهو سڀ ھُو سھي نہ سگھيو
توتي ڪيڏا وار ڪيائين،
ھُو ڪائنر تنھنجي پٺيان وار ڪري ويو
ھن ڌرتيءَ جو ھنياءُ ڏري ويو
ڪربلا جا منظر عام ڪري ويو
اي سنڌ ڄائي ھڪ ڀيرو وري آ!
او سنڌ راڻي ھڪ ڀيرو وري آ!
اسان کي ڪنھن ڏک ڀرڏسي ڪين سگھينءَ،
تون!
تون تہ ڪڏھن بہ مرڻين ناھين!
ويس مٽائي ورڻي آھين!
او سنڌ ڄائي!
او سنڌ راڻي!
اي پٽائي جي بيتن جھڙي سھڻي،
او سنڌ راڻي!



www.bhutto.org

# آ هيلُ ٻہ تنهنجي ڳونج اچا

هي خالي هٿ ڪٽي پنهنجا،
آ شام ڊسمبر جي آئي.
۽ سنڌ سڄيءَ جي نيڻن ۾
آ لال لهوءَ جي لالائي.
آ موسم ڇوڙي وار رُني،
۽ دل ۾ تنهنجي سار رُني.
تون ڏار نہ آهين ڌرتيءَ کان،
هر ڀار ڀڃي ۽ سر تيءَ کان.
پر پوءِ بہ جدائي ٿُنهنجيءَ جو،
ڏک ڪو نہ لٿو آ ڌرتيءَ تان.
او سنڌ راڻي — او سنڌ راڻي

آ پڪ اسان کي ايندينءَ تون،
ڪو سانگ نئون ۽ نينهن کڻي.
هن اوندهہ ورتل ڏيهہ مٿان،
ڪو روشن روشن ڏينهن کڻي.
ڪا لهر اُٿي آ سمندر کان،
۽ ڪوڪ ڪا ڪيٽي بندر کان.
هيءَ ڳالهہ هلي پئي ڪاڇي ۾
۽ سنڌ سڄي جي پاڇي ۾
ڪا ڪرڪي پيئي ڪونج اچان،



www.bhutto.org

آ هيل بہ تنهنجي گونج اجان!

تي جاڳ جلي هٿ مياڻيءَ جي.
۽ ويڙهہ هلي ٿي رهزن سان،
هالار بہ سندرا ساهيا هن.
مڪلي بہ وڙهي پئي رهزن سان،
هن سنڌ جا ٻيڙا ٻارَ وري،
پيا وار مٿان ڪن وارَ وري،
هي مرندا نيٺ تہ سڀ ماري،
۽ ڏرتي ٿيندي سوڀاري،
او سنڌ راڻي- او سنڌ راڻي
هي ڌرتي ٿيندي سوڀاري،



www.bhutto.org

## جڏهن موت اسان جي واديءَ ۾ داخل ٿيو

هيءَ اونداهي سڙڪ،
ڪيڏانهن وڃي رهي آ،
ڪيستائين وڃي رهي آ؟
اها منهنجي پيرن کان دل طرف وڌي رهي آهي.
منهنجي نسل جي سيني کي،
هڪ گولي چيري نڪري وئي آهي.
هڪڙي پل ۾،
سڀ ڪجهه بدلجي ويو آهي:
سڙيل ٽائرن جي بوءِ،
مني مارڪيٽ جتان تو آخري پيرو ڪنهن جي لاءِ،
ڪرسمس ڪارڊ ورتو هيو،
اهو باهه جي لپيٽ ۾ آهي.
(پر مستقبل باهه جي لپيٽ ۾ آهي هتي ته).
سڀ ڪجهه سڙي رهيو آهي.
۽ منهنجو ديس smoke ۾ تبديل ٿي ويو آهي.
هڪڙي پل ۾
تون تون نه رهي آهين!
۽ مان مان نه رهيو آهيان!
اسان ڇا جو شڪار ٿياسين؟
بنياد پرستي؟
بين الاقوامي سازش؟



www.bhutto.org

ريجنل تبديلي۔
ڪرزئي، تو هن جي آخري مرڪ ۾ ڇا پسيو هو؟
جنرلن ۽ ڪرنلن جي راڄ ۾
تون اڪيلي ڪري ماري وئينءَ!
جڏهن باقي سڀ تنهنجي قتل جا،
اميجز رڪارڊ ڪرڻ لاءِ بيٺل هيا.
تون جڏهن هالي ووڊ جي ڪنهن ڊائريڪٽر کي،
شوٽ پئي ڏني،
۽ ان لاءِ تو آخري ڀيرو هوا ۾ هٿ لهرايا پئي!؟
يا الله يا رسول!
هاڻ هي ملڪ تو "بيقصور" جي قتل جو ڪيتو ڏيندو...
تنهنجي ٻانهن ۾ ٻڌل امام ضامن،
ڀِٽائي ۽ قلندر جي درگاهه تي گهريل دعائون،
شهيد نظام سمي جي امڙ!
(جنهن کي تو ياڪر ۾ پري رکيو آهي،
جڏهن تون ديس کي آخر جنگ کان بچائي رهي هجين)
لاڙڪاڻي جي چونڪ تي هو پڪوڙائي،
هو لياريءَ واريون مائرون ڀينرون،
۽ تنهنجا لال ٻائر،
جيڪي تنهنجي وطن آمد تي ائين نچيا،
جيئن تنهنجي شاديءَ تي نچيا هئا.
ستر ڪلفٽن ۽ المرتضيٰ کان گذرندي،
توکي ڇا محسوس ٿيو؟
۽ تو پنهنجي ڀائٽيءَ جي،
سنگدليءَ تي ايترو ڇو رنو هيو؟
پنهنجي پوڙهن هٿن تي،



www.bhutto.org

جوان پٽ جو لاش
۽ اندر ۾ هڪ پٽ جي گرفتاريءَ جو درد کڻي هلندڙ
پوڙهي شخص سان تون،
بنا ڪنهن اطلاع،
۽ بنا ڪنهن پروٽوڪول جي،
ملڻ چو وئين؟
تو پنهنجي آخري سفر جي تياري ائين ڪئي.
جيئن ڪوئي پليٽ فارم ٽڪيٽ کڻي
مهمان جو آڌر ڀاءُ ڪرڻ لاءِ بيٺل هجي...
ڇڻ ڪا فيري ٽيل (Fairy tale)
گريڪ ٽرئجڊي،
ڪربلا ڪربلا...
جيڪي اڪيون ڪي ايام،
رڻ بڻجي ويون هيون،
اهي تو لاءِ سنڌو درياهه بڻجي
ويون آهن.
تحفظ جو ياڪر،
سياسي اتساهه،
۽ تبديليءَ جي خواهش،
اسان جي ڊائريءَ مان هاڻ،
ڏتل لفظ بڻجي ويا آهن.
۽ تنهنجو موت!
سياسي موت بدران،
اميد جي موت جيان بڻجي ويو آهي.
۽ سياري جي سحر،
۽ سرد شام جي پهر،



www.bhutto.org

ڇڏي ويل اداس پاڇولن وانگر،
ديس تي ڇانئجي ويا آهن.
.......
مڪمل بلئڪ آئوٽ،
ستارن ۽ چنڊ بنا رات،
ساهه بنا زندگي.
شهر جي ڪچي آباديءَ وارين جهوپڙين مٿان،
تنهنجي پارٽيءَ جو جهنڊو جهولي رهيو آهي،
ويلڪم واري بورڊ تي تنهنجي تصوير ڪي ڏسي،
مون سوچيو: ”هاڻ آرام جي ننڊ ڪر،
رات گهڻي تي وئي آهي،
ڏکيو سفر، اجاتل اوجاڳي،
۽ گهڻي برداشت ڪان پوءِ
آرام جي ننڊ ڪر....
ها، بس گهڻو ٿيو...“!
۽ رات، اُف، هيءَ ڪاري ڏکي رات،
نان سويلين رات،
دهشتگرديءَ خلاف جنگ واري رات،
”روشن خياليءَ“ واري رات....
ڪابل ۽ قنڌار جي تاريخ جهڙي رات،
(ظلم قائم آهي ظلم سهڻ تائين...)
اسان سڀ ڪجهه ساڙي رک ڪري ڇڏينداسين....
اخبارن ۾ قاتلن جا تعزيتي اشتهار
(هيءُ ملڪ هاڻ هڪ اشتهار بڻجڻو آهي)
نيلام عام،
قتل عام،



www.bhutto.org

تاريخ غلام،
هو چون ٿا: ”نئين قيادت“ اچا مئي ناهي،
پوئتي اسان قيادت سنڀاليندا سين۔
.....
جارج ڊبليو بش
مصري رقاصائن جي رقص ۾ محو آ،
۽ عرب سڳورا،
هنن کي شڪرو آڇي رهيا آهن.
۽ پيون مصري رقاصائون!؟
اسلامي جوش جذبو...
ڪوفي جا حڪمران،
”لينڊ آف پيوئر“:
سارڪوزي هني مون تي آ.
۽ جارج بش عرب ورلڊ جي دوري تي آهي.
۽ صدر مُش (Mush)
زندگيءَ جا فرحت بخش ٺهڪ ڏئي رهيو آهي،
سنڌ غم جي نئين تاريخ لکي رهي آهي.
اسين هن دنيا جي گولي تي موجود آهيون:
۽ جنهن کي ”سنڌ جو برين“ چيو ويندو هو،
اهو رٽائرڊ جنرل سان ويٺل آهي،
ڪليل بٽڻ سان ڇاتيءَ جا پوڙ
دهليءَ جي هاءِ فاءِ ”سوسائٽيءَ“ مٿگزين لاءِ ڏيندڙ
هي ڪالهوڪو پلي بواءِ اڳواڻ،
نئين دهليءَ ۾ پريس ڪانفرنس ڪري ٿو
۽ اسلام آباد ۾ ڪنهن جي بہ پيشانيءَ ۾ گهنج جا،
آثار نمايان نہ آهن....



www.bhutto.org

انهن سيني ۾ رڳو تون هئينءَ،
جنهن جي انتظار ۾ هڪ گولي هئي،
(ٻ ڪيئي قاتل پيچي ۾ هيا).
ٻڪريءَ چور جا پيرا ٻه ٻن ڏينهن،
تائين نه متاثبا آهن.
اسٽريٽ وزڊم چوي ٿي.
پر هنن تنهنجي مقدس رت کي اڌ ڪلاڪ اندر
ڌوئي ڇڏيو.
”هوءَ پنهنجي موت جي پاڻ ذميوار آهي“؛
جنرل رٽائرڊ چوي ٿو.
انهيءَ سازش ۾ ڪير ڪير شامل آهن-
(هوائن جا پيرا پنهنجا آهن).
جڏهن قاتل جي هٿن تي دستانا پهريل هوندا آهن،
تڏهن خون هن جي اکين مان وهندي نظر ايندو آهي.

..........

مون کان پويون سفر وسري ويو آ،
اڳتي کهڙي ڏس کان وڇڙو آ،
اف، هن اونده انبوهه ۾ مون کي،
ڪو گس معلوم ناهي....
تنهنجو هٿ مون کان ڇڏائجي ويو آهي،
ڇو ته تون غم ۾ منهنجو ساٿ
وساري چڪي آهين.
اوه، هيءُ گن تاٿيل پهريدار!
يونڪندڙ ڪتا،
رکي رکي سنڌيءَ جي سيٽيءَ جو آواز
منهنجي سيني ۾ سنگين وانگر لهندو ٿو وڃي.



www.bhutto.org

اهي اُصطلاح جيڪي،
خوف ۽ هاريل دل کي ڏڍُ ڏيندا هئا،
مون ڪان وسري چڪا آهن.
شديد ڏک ۽ غصي منهنجي اظهار تي پوئون،
پرَ ڪاپاري ڏک هنيو آهي،
ٻولي جيڪا منهنجي تلوار هئي،
اها هٿن مان ڪري پئي آ،
۽ منهنجي قوم پٿر تي ويٺل آهي....
(ظلم قائم رهندو آ ظلم سهڻ تائين)
تنهنجا ٿهڪ!
اماوس ۾ ڪنهن جلترنگ وانگر ايرندا هئا.
اڄ ڪٿي گم ٿي ويا آهن؟
اهو هڪ لمحو هو:
فقط شام هئي ۽ هڪ خبر
جيڪا اسان جي اندر ۾ خنجر جيان لٿي:
اسان سڀ ڪجهه وڃايو:
ويساهه،
دوستي،
محبت ـ ۽
اُتساهه جا گيت.
مان دوکي کاڌل سپاهيءَ جي واپسيءَ وانگر،
سڀ رستا وڃائي رهيو آهيان ـ
جيڪي خواب تو ۽ مون سانيي رکيا هئا،
اهي هڪ گولي ـ
اکين جي روشنيءَ وانگر،
ڪٿي هلي وئي آهي ـ ڏور گهڻو ڏور....



www.bhutto.org

هاڻ سنڀالجڻ ۾ ڪي ايام گهرجن.
۽ تيستائين مان اهو سچ ڏسي نہ سگهندس،
جيڪو هن ڏکي شام جي درد کي،
ختم ڪري ڇڏي.

......

يسوع! اُهو تنهنجي جنم ڏينهن کان،
بہ ڏينهن پوءِ جو لمحو آهي
جڏهن موت منهنجي واديءَ ۾ داخل ٿيو.
هُنن ملي اسان جي مرڪ کي ماري ڇڏيو...
هاڻ هيءَ رات،
ڏکي ڪاري رات آ،
جڏهن قاتل چوڪيدار بڻيا آهن،
۽ پلانرس منصف.
جلاوطنيءَ پڇاڻان،
تو ديس پورو بہ نہ ڏٺو.
۽ هنن توکي ماري ڇڏيو..
ها، تنهنجو موت،
هن ملڪ کي صوفيءَ جي بد دعا جيان لڳڻو آ.
(جيتوڻيڪ تو اُهو ڪڏهن نہ چاهيو هو)
منهنجي ديس مان،
ڪا بہ "جرنيلي سڙڪ" نہ ٿي نڪري:
هتي تازو ڏوتل گلابن جي خوشبوءِ آهي،
جنهن ۾ مستقبل ننڊ پيل آهي.
۽ ان کي قاتل گوليءَ سان اڏائي نہ ٿو سگهي.
هو اسان ڏانهن سدائين تابوت موڪليندا،
۽ اسان جي ديس جي ماڻهن جا



www.bhutto.org

ڏڪويل، پر ٻاجهارا هٿ ان ٿي مٽيءَ جو ٻوسو ڏين،
۽ سدائين هتي لڙڪن جي سنڌو رهندي رهندي،
موت ڪان پوءِ ڇانئجي ويل،
سناٽو۔
پر سناٽي ۾ هي شور محشر آهي،
اسان جي دلين ۾ هي يوم محشر آهي.
ڇا قاتل هي شور ٻڌي رهيو آهي؟

✲



www.bhutto.org

# شهيدن جي علمدار

۽ اوچتو... صليب تي لٽڪيل عيسيٰ ء جو مجسمو...
غائب ٿي ويو ٿو...
هڪ روح ڏاريندڙ دانهن فضا ۾ بلند ٿئي ٿي...
”مسيحا! مسيحا!
اڄ اسان جي مسيحا ٻه قتل ٿي وئي.“

پٽ شاهه... شام جا ڇهه لڳي ويهه منٽ...
يڪتاري جي تار ڇڙي ٿي...
۽ فضا ڪاري چادر پائي... سر ڪيڏاري ۾ گم ٿي وڃي ٿي.
مخدوم نوح جي درگاهه ڏانهن ماڻهن جو انبوه......
سسڪيون، سڏڪا،.... رڙيون.... ماتم...

مخدوم بلاول جي روضي تي ڳاڙهي روشني،
.... شهيد کي هڪ ٻي شهادت جي،
دانهن.... سنڌ جي دانهن....

جهوڪ شريف....
او سنڌ جا شهيد صوفي!
اڄ سنڌ کي هڪ نئين شهادت جو تحفو....
ٻڌي سگهندين ڪنهن کي شهيد ڪيو ويو...؟



www.bhutto.org

سنڌ جي نياڻيءَ کي... نياڻي ست قرآن....
هي ڪميڻن ڪنهن کي قتل ڪري ڇڏيو!!!

هڪ روح جو آواز..
سنڌ ۾ هيل محرم ايڏو جلدي اچي ويو؟ ۽ هي ڇا؟... يوم
عاشور بہ ٿي ويو......
۽ شهادت بہ ٿي چڪي.....!!!

هڪ ئي شهادت... هڪ ئي شام غريبان!!

اندر مان رڙ نڪري وئي....
اڙي سنڌو! اڄ تون بہ فرات ٿي وئينءَ!!!

اڄ وري هن ڌرتيءَ تي هي يوم عاشور،
اڄ وري خيمن ۾ شام غريبان، اڄ وري ڪربلا،
ياخدا.... اڄ وري ڪربلا!

وري ٻڙهي خدابخش....! ابا ڙي.. اڙي بابا....!!
تو تي بہ ڇا گذرندي...
توکان پوءِ ٻن ڳڀرو پٽن جا لاش....
۽ اڄ هي.... تنهنجي پنڪي بہ.... شهيد ٿي وئي....!!

منهنجا حوصلا خطا ٿي ويل تا.... مان اوچتو
پنهنجي ريڊنگ ٽيبل ڏانهن ڊوڙان ٿو.. ۽ اتي
رکيل ڏُلفي پٽي جي تصوير کي ڀاڪر پائي....
اوڇنگارون ڏئي روئي پوان ٿو....



www.bhutto.org

## خوشيون ساڻ ڪٽي وئي

ساري سنڌ جون پيڙ،
خوشيون ساڻ ڪٽي وئي.
هر ڪو جيءُ جهري پيو،
سڌ ڪيا سيئي سيڙ،
خوشيون ساڻ ڪٽي وئي.
مائرن ماتم ڪيو،
پورا هر ڪا پيڙ.
خوشيون ساڻ ڪٽي وئي.
شهر بڻيا شمشان ۾،
رت رُنا پي نيڙ،
خوشيون ساڻ ڪٽي وئي.
ساري سنڌ جون پيڙ
خوشيون ساڻ ڪٽي وئي.



www.bhutto.org

# قاتل پڪڙي ڦاهي چاڙهيو

جنهن پاءُ اسان جو ماريو آ، جنهن پيڻ اسان جي ماري آ.
سو قاتل آ، سو ماري آ، سو ڌرتيءَ جو ڌوهاري آ.

(1)

هوءَ چا به هئي پر نياڻي هئي، هو ڪنهن جي من جي راڻي هئي،
ڪنهن جي گوليءَ گهاءُ ڏنو تي سنڌ سڄي جڻ ساڻي هئي،
هن جو والد، پاءُ ڪنو هوءَ بيشڪ درد ڪهاڻي هئي،
جيءَ جهري پيو جهانگين جو ۽ سوڳ اندر سنڌ ساري آ.

(2)

پاپ پنڊيءَ ۾ ڪيو هو پاپين، ڪار ڪراچي سان تي ساڳي،
شهر سڄو هو لاشا لاشا، گلي گلي هئي رت ۾ راڳي،
مائن منڙين جي لاءِ منڙا، سا هئي ڪيڏي رات نياڳي،
دهشت گردن ڪي ڪيئن چڏيون، ڏيٺي نيٺ پڇاري آ.

(3)

ڪراچيءَ ۽ پنڊيءَ وارا، قاتل پڪڙي ڦاهيءَ چاڙهيو
ڳن ڳنا ۽ مشرف پارا، قاتل پڪڙي ڦاهيءَ چاڙهيو
سنڌ سڄيءَ ۾ گونجن نعرا، قاتل پڪڙي ڦاهيءَ چاڙهيو
چئو واتن تي ٽنگيو تن کي، جن به ڪئي هي غداري آ.



www.bhutto.org

## بينظير الوداع!

سندّ جي سلامتيءَ جي، تصوير الوداع!
بيواهه يتيمن جي، تقدير الوداع!

توسان تہ جڙيل جذبن جون جنتون هيون،
هر دل جي دعا توکي، بينظير الوداع!

✵



www.bhutto.org

## مظلوم سنڌ

مظلــومِ ســنڌ تنهنجـــي،
نيـڻن جـا خــواب ســارا.
تـــي ويـــا يتــيم آهـــن،
شـــامِ غريبـــان جهـــڙا.
دل جـــا اداس رســـتا،
ڪـــا ســوڳواري دل تـــي.
ويڙهـــي ســمهي پيـــا هـــن،
هـر هـڪ صدا جـو سڏڪو.
ڪـــو درد چـــيخ بڻجـــي،
گـــونجي پيـــو گگـــن ۾.
هـــيءَ وار وحشـــتن جـــو،
ڪـــنهن آ ڪيـــو امـــن ۾.
جـوهَرِ خوشـيءَ جـو سـينو
صـــدمن ســـان چـــور آهـــي،
ســـاهن ۾ پيـــو آ ســـهڪي.
ڪيـــڏو نـــہ ســـور آهـــي،
ســـپ راحـــتن جـــا رشـــتا.
معـــذور تـــي پيـــا هـــن،
مايوســـين جـــي منـــد ۾.
ڏس رت تـــي رنـــا هـــن،
چـــڙ ڪـــربلا متـــل آ،



www.bhutto.org

تصوير سنڌ جي ئي.
ڪانئر هٿان قتل آ.
احساس جو هي عالم،
سارو ٻٽيل آ ماتم.

مرڪن جا لاش لڇندي،
ڳلڙن تان پيا ڳڙي هن.
جذبا ٻر جُرئتن جا،
تاندبن جان پيا ٻري هِن.
گڏجي اچو اٿاريون،
آواز انقلابي،
گهرجي نه سامراجي،
بيباڪ همتن سان،
ئي حوصلو ڪپي تو.
دورِ يزيد مان بس،
ڪو آجپو ڪپي تو.
ها آجپو ڪپي تو.



www.bhutto.org

## خواب ناهن مرندا

چـــون تـــا راڻـــي شـــهيد ٿـــي وئـــي،
بهـــار رُت بـــس يتـــيم ٿـــي وئـــي.
وري نـــہ ســـچ جـــو ســـڪار ٿيـنـــدو!
چـــون ٿـــا، پوپـــٽ وري نـــہ ايـنـــدا!
چمـــن، چـــون ٿـــا اجـــاڙ هونـــدو!

مگـــر اســـان جـــي بـــہ ســـوچ آڪـــا!
ڪـــديو نـــہ پـــاپي! پٿـــر تـــي ليڪـــا،
شـــهيد راڻـــي امـــر آ ٿـــي وئـــي،
صـــدين تـــي هـــاڻي محـــيط ٿـــي وئـــي.

هـــوءَ تـــہ هـــاڻي چـــڙ ســـانوڻي آ،
چمـــر جـــي هـــاڻي هـــوءَ چـــاٽ آهـــي،
گلـــن تـــي پونـــدڙ ڪـــا مـــاڪ آهـــي،

شـــهيد راڻـــي ڪـــا گـــونج آهـــي،
گجـــي پئـــي هـــوءَ گگـــن ســـان گـــڏجي،
اڏامـــي اڀ تـــي پئـــي بـــادلن ســـان،
ڪٿـــي ٿـــڙي ٿـــي گـــلاب بڻجـــي
ڪـــڏهن اچـــي ٿـــي ڪـــو خـــواب بڻجـــي،

پـــلا خـــواب ڪيـــئن شـــهيد ٿيـنـــدا؟
چـــون ٿـــا، راڻـــي شـــهد ٿـــي وئـــي.



www.bhutto.org

## مالِڪ! هُن جي ڇهري کي روشن رکُ

مرڻ وارو ماڻهو ڪير آهي؟
جنهن جي سوڳ ۾ به جوش آهي.
جنهن جي ڏک کي،
عبادت جان ورتايو پيو وڃي.

مالِڪ! هن جو ڇهرو
ڌرتيءَ جي ڪئنواس تي
چِٽي ڇڏيو آهي،
جنهن کي اسان پنهنجين اکين تي
رکي ڇڏيو آهي،

مالِڪ! هُن جي ڇهري جو سج
اسان جي جيون ۾ سدائين روشن رک،
ته جيئن اسان اوندهه سان ويڙهه ۾ سُرخرو ٿيون.



www.bhutto.org

# تووڃي ديس کھڙو وسايو امان!

تو وڃي ديس کھڙو وسايو امان!
مون سڄو گھر آ روئي پسايو امان!

هي نہ تنهنجي وڃڻ جا هيا ڏينهڙا،
ياد تنهنجيءَ ٻچن کي ستايو امان!

تو شهادت کي منزل چيو مُرڪندي،
تو ڪڏهن ڪين سِرُ هو جهڪايو امان!

تُنهنجو ٻاريل ڏيئو آءُ ٻاريان پيو
خُون ٻارڻ ڪري تم جلايو امان!

تو پڄاڻان سُکن آ ڪئي الوداع،
ديس ۾ درد ديرو ڄمايو امان!

اڄ بہ گوليءَ جو آواز گونجي پيو
آ ستاويھ ڊسمبر جو آيو امان!

خُون خالد اکين مان وهي تو اچان،
وقت اهڙو تہ خنجر ڪپايو امان!



www.bhutto.org

# محترمہ بينظير ڀٽو جي نالي

ٻڌايو تہ هوءَ سنڌ راڻي ڪٿي آ؟
جمهوريت لئہ وڙهندڙ سياڻي ڪٿي آ؟

اُها پنڪي جا فَخُر ايشيا جي ٻچڙي،
تُنهنجي ييڻ منڙي، مُنهنجي ييڻ منڙي،
بلاول جي امڙ نماڻي ڪٿي آ؟

وَڏي موٗت ڪي تو آ ماريو امان!
سڄي قوم کي تو رُئاريو امان!
پڇي گهر پيو گهر ڏياڻي ڪٿي آ؟

شهيدن جي وارث غريبن جي پياري،
ڏُکن ۾ تو پنهنجي حياتي گذاري،
سڄي قوم جو ڏڍُ هاڻي ڪٿي آ؟

ڪُتو جنهن بہ توکي سو خنزير هوندو
لڳي تو حرامي سو ٻي پير هوندو
يلا سچ جي تي پُڄاڻي ڪٿي آ؟

تيا ڳل آلا، رُنو راڄ سارو
سڄي مُلڪ آهي ڪيو ويس ڪارو
پڇن ٿا تہ "بادل" نياڻي ڪٿي آ.



www.bhutto.org

## ڀينَ هئي، ڀينَ هئي

ڳالهه سڀ ڪنهن سُئي،
واڻ ويندي مٺي،
ڪير هئي، ڪير هئي؟

دل رُني، دل چيو
ديس تي انڌلٺ،
روشني ڇڙ هئي،
نينهن هئي، مينهن هئي،
پٺي گَجي، پٺي وَسي،
اَمنُ هئي، آس هئي،
سنڌ جي ڏيلَ هئي،
صبح جي ويل هئي،
اُس ۾ ڇانوَ ڇٽي،
بيوسن جو ٻلُ هئي،
ٻانهن هئي،
ديسَ جي دانهن هئي،
ساهه هئي، راهه هئي،
آجپو راضپو
ديس جو ڀاڳ هئي،
روح جو راڳُ هئي!
هر ڏسا تي ٻري،



www.bhutto.org

جا بجا ٿي ڪڙي،
چنڊ هئي،
ڪو وڏو منڊ هئي.
ڪونج هئي. گونج هئي.
دشمنن جي مٿان،
وارُ هئي.
عشق جو آرُ هئي.
سنڌ جي سينڌ هئي،
هينئين جو هارُ هئي،
پيارُ ئي پيارُ هئي.
سنڌ جي ساک هئي،
پرهه هئي، باکَ هئي،
سرخ هئي، لاک هئي،
چا چوان، چا هئي!
تابُ تجلو هئي،
معجزو ڪو هئي،
ڪِپهه هئي، ميڻ هئي:
پيڻ هئي، پيڻ هئي!
پيڻ هئي، پيڻ هئي!



www.bhutto.org

عبدالرحمان سيال

# شهيد بينظير ڀٽو کي ڀيٽا

سنڌ راڻي تو پڇاڻان ڇا ٿيو ۽ ڇا نہ ٿيو مان ڇا چوان؟
ديس وارن درد وارن جي مٿان ڇا ڇا گذريو مان ڇا چوان؟

سنڌ جڻ ڇوري ڇني ٿي، سنڌ جڻ وڏوا بڻي وئي ڪربلا!
هر طرف ماتم مچي ويو سنڌ جڻ ساري سڙي وئي ڪربلا!

ڪا بہ اهڙي اک نہ هئي جا نم نہ ٿي، جنهن رت جا ڳوڙها نہ ڳاڙيا،
ڪا بہ اهڙي دل نہ هئي غم ۾ نہ هئي، جنهن درد جا دوهانہ ڳايا.

جڻ تہ ڪنهن آتش فشان ۾ ڪيرٿر جا ۽ هماليا جا جبل ڦاٽي پيا،
جڻ تہ ڪو طوفان هو جو سنڌ جا ۽ هند جا ساگر سيئي اٿلي پيا

جڻ ستارا سڀ ٽٽي پيا، ٽڪرا ٽڪرا چنڊ ٿي ويو.
سج کي گرهڻ لڳي ويو چوطرف بس انڌ ٿي ويو.

آسمان ڀي سوڳ ۽ ماتم ڪيو ڏاڍو رنو ۽ رت جا ڳوڙها ڳڙيا،
ڏک جا ڪارا ڪڪر ڪڙڪي پيا، ۽ رت جا ڳاڙها ڪڪر برسي پيا!



www.bhutto.org

## بلاول بينظير آهي!

انهيءَ ۾ ڪو بہ شڪ ناهي، بلاول بينظير آهي،
قبول آهي، قبول آهي، بلاول بينظير آهي.

ڪيو آصف ڪي مقرر هو اسان جي (لاڏلي) مدبر،
مگر آصف ڪيو مقرر بلاول کي آهي رهبر،
وصيعت ۾ لکيل آهي، بلاول بينظير آهي.

امڙ امر، پٽ نالو ابو آصف علي آهي،
انهي غلمان سهڻي جو وڏو ڪو مرتبو آهي،
جڏهن انگلش تو ڳالهائي، بلاول بينظير آهي.

چيائين ماريو دشمن، مگر مرندو جمهوريت سان،
مڃايو پارٽ کي ليڊر، مگر مڃبو بصيرت سان،
چڏيئين دشمن کي ٻولائي، بلاول بينظير آهي.

اها صورت اها سيرت. اُهي وصفون منجهس آهن،
اُها تربيت اُهي ڳالهيون، اجان ماڻهن پڏيون ناهن،
امڙ وانگر تو ڳالهائي بلاول بينظير آهي.

اهو ئي فلسفوان جي، اڪابر جو دليل آهي،
ڏسي هي حوصلو افضل، تيو دشمن عليل آهي،
پلي پوءِ تاج سرپائي، بلاول بينظير آهي.



www.bhutto.org

# مان زنده آهيان

متان سمجهو مئي آهيان، مئي ناهيان مئي ناهيان،
بلاول جي مان صورت ۾ زنده آهيان زنده آهيان.

وڏا جلسا ڏسي منهنجا، گهٽن جا هانوَ ڦاٽي پيا،
مون کي گوليون هڻڻ وارا، ڏٻڻ ۾ پاڻ ڦاسي پيا،
لڪائي ڇا لڪايان مان، زنده آهيان زنده آهيان.

ڪجو اڳواڻ آصف کي، وصيت نامون آ منهنجو
بلاول ۽ امين محمد، مشن پورو ڪندا منهنجو
بڌو دشمن بڌايان مان، زنده آهيان زنده آهيان.

رهن خوشحال ماروئڙا، هجن شل شاد جهانگيئڙا،
غريبن جا وسن گهرڙا، سڪيا تين شال سانگيئڙا،
ڏسڻ اکڙين سان ٿي چاهيان، زنده آهيان زنده آهيان.

زنده آهي زنده رهندو پٽي جو نانءُ زنده رهندو
جدا شل ڇئن صوبن کي، ڪري دشمن نہ ڪو سگهندو.
قبر ۾ مان سٽل ناهيان، زنده آهيان زنده آهيان.

وڃي اعلان ڪر افضل، خدا وٽ فيصلو ٿيندو
قلندر ۽ پٽائي پڻ، اوهان کي حوصلو ڏيندو
شهيدن ساڻ گڏ آهيان، زنده آهيان زنده آهيان.



www.bhutto.org

# سنڌ راڻي

سنڌ جي راڻي پياري بينظير،
قوم تان تو جان واري بينظير.

وقت جي يزيد ڪيو توکي شهيد،
جنهن ڪئي قيامت پنهنجي ڪاري بينظير.

تو شهادت جو وڏو رتبو ورتو
بيبي زينب جي پياري بينظير.

تنهنجي جرئت، تنهنجي عظمت کي سلام،
واهه تو همت ڏيکاري بينظير.

پيءُ، ڀائرن، پاڻ کي قربان ڪيئي،
تو نه ڪئي ڪا چيز پياري بينظير.

سوڳ تنهنجي ۾ ٻڏي ويو ملڪ آ،
۽ روئي ٿي سنڌ ساري بينظير.

ڏيهه ڇا پرڏيهه ڀي تولئه رنو
ساري دنيا جي دلاري بينظير.



www.bhutto.org

روز تولئـــ پئـــي قـــرآن خـــواني ٿئـــي،
آهـــين بيشـــڪ پـــاڳ واري بينظيـــر.

هي وڇـوڙو تنهنجـو ڪيئن برداشـت ٿئـي؟
خلـــق آ تولئـــ ذڪـــاري بينظيـــر.

جـــيءُ "ســـاجد" جـــو جهـــري تولئـــ پيـــو
ٿِ لـــبن تـــي آهـــ زاري بينظيـــر.

✡



www.bhutto.org

## محترم بينظير ڀٽو جي ياد ۾

ڪيئن! ڀيڻ تي ڏرتيءَ تان صدقي!
هن ڀيڻ تي ڇو نہ فخر ڪريون،
ڪيئن ڀيڻ تي ڌرتيءَ تان صدقي.

جنهن جو تي جنگ هئي جابر سان،
ڪنهن ڏاڍ اڳيان جا ڪا نہ جهڪي.
جنهن مظلومن جو ساٿ ڏنو
جنهن خوب عوامي خدمت ڪئي.
جنهن مسڪينن کي مان ڏنو
جنهن آندي ملڪ ۾ خوشحالي.
ڪيئن ڀيڻ تي ڌرتيءَ تان صدقي!

جنهن مزدورن کي سگهہ ڏني.
جنهن علم عقل کي عام ڪيو.
جنهن حق ۽ سچ جي ڳالهہ ڪئي،
جنهن باطل کي آ ڏوڙ ڪيو.
جنهن مات ڏني آ ظلمت کي،
مون هن کي آهہ سلام ڪيو.
ڪيئن ڀيڻ تي ڌرتيءَ تان صدقي!



www.bhutto.org

جنهن ماڻهن کي اميد ڏني،
۽ جيئڻ جو ويساهه ڏنو.
هيءَ ڌرتي شال! رهي دائم،
هُن ڌرتيءَ خاطر ساهه ڏنو.
تو هر کو هن سان پيار ڪري،
هُن هر ڪنهن کي هو چاهه ڏنو.
ڪيئن پيڙ تي ڌرتيءَ تان صدقي.

جنهن خوف نه کاڌو آمر کان،
سا ڪيڏي پيڙ بهادر هُئي.
جنهن خوب مهاڏو اتڪايو،
هوءَ جڙ ته هماليه وانگر هُئي.
جنهن کي نه پلائي تو سگهجي،
هوءَ اڻمٽ ڪوئي منظر هئي.
ڪيئن پيڙ تي ڌرتيءَ تان صدقي!

جنهن سياسي سوچ شعور ڏنو،
جنهن سنڌ جو نانءُ ڪيو روشن.
هئي سنڌ جي مارئي بختاور،
جنهن گهوريو ڌرتيءَ تان تن من.
هوءَ اڳتي وڌندي رهندي هُئي،
پل راهه هجي ڪيڏي به ڪٺن.
ڪيئن پيڙ تي ڌرتيءَ تان صدقي.



www.bhutto.org

جنهن دهشتگردن سان جهيڙي،
هيءُ دنيا کي پيغام ڏنو.
سڀ پيار امن کي ڦهلايو
هن ڏيهه سڄي کي جرڪايو.
سڀ ظالم ڳولي ماريو
۽ گيت خوشيءَ جا پوءِ ڳايو.
ڪيئن پيڻ تي ٽرتيءَ تان صدقي!

✵



www.bhutto.org

# سنڌ راڻي بينظير

سنڌ تي توکي پڪاري، سنڌ راڻي بينظير!
ڪو نہ ٿيندي باب تنهنجي، جي پڄاڻي بينظير!

ذڪر ٿُنهنجو رهنمائي، تو ڪري هن ملڪ جي،
تو ڪئي جا روشني، نا هي وساڻي بينظير!

تنهنجي سياست، تنهنجون سوچون، آمرتا ماڻي ويون،
عام آ پيغام تنهنجو، تنهنجي واڻي بينظير!

ييڻ ٿُنهنجي ياد ذهنن، ڪي جنجهوڙي تي چڏي،
اڄ بہ هر هڪ اک آهي، پاڻي پاڻي بينظير!

تو ڪئي بي لوث خدمت، هئي ڏکويل خلق جي،
تنهنجي آ عظمت پري، جيون ڪهاڻي بينظير!

تنهنجي صدقي شل حڪومت، سنڌ جي سيوا ڪري،
ديس جي بدحالي ساڳي، آ پُراڻي بينظير!

تو پڄاڻان درد ڌرتيءَ، جا نہ گهٽجي هن سگهيا،
سور سهندي هاڻي ٿي پئي، سنڌ ساڻي بينظير!

ڪير اهڙو مرتبو "ملهار" تو ماڻي سگهي؟
ساري دنيا منجهہ تو عظمت جا ماڻي بينظير!

✵



www.bhutto.org

# شهادت بينظير جي

شام ڊسمبر جي پوئين،
پيو اهلي سج پهاڙن ۾
سڏڪا سڏڪا ديس سڄو
رات لٿي آ راڙن ۾

هن ڏيهه ڏُکايل ڌرتيءَ تي،
مون عمر گنوائي گيڙوءَ سان.
هُو ساڳيا رهزن روڳي ٿيا،
جن ٺهڪ ڏنا هن ٽيڙوءَ سان.

اکڙيون ٻوٽي ڪيئن سُمهان،
هن سرد سمئي جي ٻانهن ۾
لال لهوءَ ۾ لٿ پت چنڊ،
۽ ديس سڄو آ دانهن ۾

تو بادل ٻڌجي رات رُئان،
گهايل من جي ڌرتيءَ تي.
زخمي پنهنجو روح ڪٺي،
سوچان ٿو پرڪرتيءَ تي.

ٿي لهس اڇي لُونءَ لُونءَ کي،



www.bhutto.org

چا گل چنو ڳرنار منجهان.
هوءَ روشن روشن ڪِرڻا هئي،
جا چمڪي پئي چوڌار مٿان

هوءَ باک پليريءَ آئي هئي،
ڪلهه مُڪڙي مُڪڙي موتي ٿي.
۽ پنيرڪي جي ويلا ۾،
هوءَ جاڳ جُڳن جا جوتي ٿي.

هوءَ تاريخن جو سُڏ هئي،
يا ڪوئي سَڏ پڙاڏو هئي؟
جنهن ڪانء قبولي هارَ ڪڍهن،
هر وقت اَجلَ جي آڏو هئي.



جيئن ماڪ پوي هر موتيءَ ۾
هوءَ لوئيءَ لَڄ بَچائي ويئي.
جا آڳ ٻري آ ڏوتيءَ ۾،
هوءَ ڪيئي سِڄَ سَمائي ويئي.

هوءَ خواب اکين ۾ پوئيل هئي،
جا هر ڪنهن کي جاڳائي وئي،
هوءَ سِندڙي جي ڪا جندڙي هئي،
جا جنمن کي جَرڪائي وئي.

هوءَ برڪا برڪا سوچ هئي،
هوءَ ڪائي ديس ڪهاڻي هئي.

www.bhutto.org

جا ماري وئي جلاد هٿان،
هوءَ جهانسيءَ جي جيئن راڻي هئي.

هوءَ نيٺ تہ ورندي ڌرتيءَ تي،
جا دور ستارن اڳتي وئي.
تا ڪِرڻا ڪِرڻا لُڙڪ ڪِرن،
اڪ سارو وقت نہ جهپڪي پئي.

اڄ پنهنجا گيت ڏيئي پيڻا،
سُر سِنڌڙيءَ جي سارِيان ٿو.
ڪجهہ دير رهي چانڊوڪيءَ ۾،
هُن ياد ۾ ڏيئا ٻاريان ٿو
هن ياد ۾ ڏيئا ٻاريان ٿو.



www.bhutto.org

## سنڌ جي نياڻي

اي سنڌ جي نياڻي!
ساھ سيباڻي.
وڙهندي، وڙهندي،
ويڙھ عوامي،
آھ شهادت تو ماڻي!
جيئن پير پڌاريئي ڌرتيءَ تي،
ڏس ويرين ڪيڏا وار ڪيا؟
بارودن برسات وسائي،
ڪيئي ڪونڌر ڏار ڪيا،
پر ڪين ڊڄي ميدان ڇڏيئي،
هر شهر ۾ توڙي ڳوٺ وڃي،
ڳليءَ، ڳليءَ اعلان ڪيئي،
ويڙھ اجان هڪ وڙهڻي آهي،
دهشت جي پوڄارين سان،
موذين ۽ مڪارن سان،
غاصب ۽ غدارن سان،
جيئن مرڪن منهنجا ماروئڙا،
شل سکيا هجن هي سانگيئڙا،
ڪي تهڪ ڏيئن هي وانگيئڙا،
ڪلاچيءَ ڪان ڪالام تائين،
مٺي، ميهڙ، ڪوٽ اسلام تائين،

www.bhutto.org

اعلان ڪيئي خوشحاليءَ جو،
جمهوريت سنڌي بحاليءَ جو.
تون خوشحاليءَ جا خواب ڪٽي،
آئيندي لئهِ انقلاب ڪٽي،
نئين نئين جوت جلائي وئينءَ!
پيار پريت ۽ امن سنڌي،
خوشبو چڙ ڦهلائي وئينءَ!
دڙڪن ڪان تون ڪين ڊنينءَ،
ميدان ڇڏي تون ڪين ڀڳينءَ
راتي ريتو رت ڏيئي وئينءَ!
ساهه ۽ سارو ست ڏئي وئينءَ
اوندهه گهگهه انڌيري ۾،
وڪ وڪ دڪ جي ديري ۾،
هاءِ شهادت تنهنجي راڻي!
سنڌ سموري آهي ساٿي،
دونهان، دونهان ديس سڄو،
دانهون دانهان ديس سڄو،
گهر گهر آهي تڏو تنهنجو!
هر ساهه ۾ آهي! اڏو تنهنجو!
شام غريبان سارو ديس،
مارن اوڇيل ڪارو ويس،
سنڌ آ ڌرتي صوفين جي،
لاهوتين، لاڪوفين جي،
ڪيڏا هتڙي ڪنڌ ڪرن ٿا؟
ڇو سنڌ کي آخر لاش ملن ٿا؟
اي ساهه سيباڻي!

او سنڌ جي راڻي!
تنهنجي مُرڪن موت پچاڻان!
جاڳن شل هي سڀ اياڻا،
ڪيئن اڃانۡ خاموش رهون؟
چو ڪنهن کي پنهنجو پاءُ ميون؟
سنڌ کي هاڻي سوچڻو پوندو،
هارِ سُياڻ لئِہ گڏجي، سڏجي،
ها.... سوچڻو پوندو، لوچڻو پوندو.
اي سنڌ جي راڻي ساهہ سيباڻي!
تنهنجي رت جو قسم کڻي،
ساهہ ۽ ست جو قسم کڻي،
وچن ڪريون ٿا توسان سائڻ،
تنهنجي ديس جا ماروئڙا،
تنهنجي جهنگ جا جهانگيئڙا،
هاڻي پاءُ نہ چوندا، ويرين کي،
ڪين ڪڏهن پي معاف ڪندا
لوٽن ۽ لٽيرن کي.
اي سنڌ جي نياڻي!
ساهہ سيباڻي!
وڙهندي وڙهندي،
ويڙهہ عوامي
آهہ شهادت تو ماڻي!

✵



www.bhutto.org

## بينظير ڀٽو جي نالي؟

جذبن جي جاگير هئي بينظير،
سوچن جي زنجير هئي بينظير!

تاريخ جي سنهري لفظن ۾ لکيل،
خوبصورت تحرير هئي بينظير،

فيصلا هُن جا پڪا ۽ پختا چٽ،
پٿر تي لڪير هئي بينظير!

هِن سموري قوم جي قسمت وانگي،
ٽٽل ڪا تقدير هئي بينظير!

انڌي ۽ گونگي هن سماج ۾،
جذباتي تقرير هئي بينظير!

صدين کان ڪا ساھ ۾ سانديل،
ڀٽي جي تصوير هئي بينظير!

✵

www.bhutto.org

# شهيد راڻي ڪي لفظن جي ڀيٽا

اي سنڌ جي راڻي!
ڳائيندي سڄي دنيا،
تنهنجي ئي ڪهاڻي.

---

او نياڻي نماڻي!
تنهنجي ويئي ڪان پوءِ
هر اک ۾ آ پاڻي.

---

ساري قوم اُداس،
ها مگر تون وئين ءَ لکي،
هڪ امر اتهاس.

---

مون ڀي سُڃاتا،
تنهنجي قاتل ڪي ڏنا،
پٿون پاراتا.

---

ڀٽي جي پنڪي،
مير ۽ شاهه جي ڀيڻ تون،
تولاءِ سنڌ رُني.

---



www.bhutto.org

هر گهر ۾ سُڏڪو،
تو جو ڏڪ ڏنا هئا،
شال نہ ڏسي ڪو.

---

سنڌڙيءَ جو ضمير،
تنهنجو نالو زنده آباد،
تون واقعي بينظير.

---

هر گهٽيءَ هر گام،
تنهنجي مٽي پڇاڻان،
اداس هر ڪا شام.

---

هوءَ تہ بينظير،
موهن دڙي جي مٽيءَ جو
قاتل بي ضمير.

---

سنڌ جي ناري هئي،
رات جي رهزن هٿان،
هوءَ جا ماري وئي.

---

توکي آهي، سلام
آمر جي لاءِ موت هو
تنهنجو هر پيغام.

---

سورج جا ڪرڻا.
اٺاويهن ڊسمبر تي،



www.bhutto.org

سارا نيڻ رنا.

---

ڳڙهيءَ جو رستو.
تنهنجي سفر ساڻ گڏ،
ڪيئي ڏينهن رنو

---

ماڪ ڀنل رستا؟
ماڪ ته اُها ڪا نه هئي،
ڳوڙها ڳوڙها ها!



www.bhutto.org

## يتيم ديس تي ويو!

هوءَ خواب هئي،
گلاب هئي،
اکين ۾ جنهن جو
گهر هيو!
اکيون اُهي غريب جون،
سچ ته بدنصيب جون،
درياءَ جيان وهن پيون
جڏهن ته ائين ڇڇون پيون،
يتيم ديس تي ويو!
چنڊ محرم کان اڳي،
ڪارو ويس تي ويو!
هتي جي ديس جي فضا،
سموري سوڳوار آ،
ڪٿي نه ڪو قرار آ،
هر اک اشڪبار آ،
رڳو ئي آهه و زار آ،
جڏهن ته قيامت جي گهڙي،
سنڌ مٿان اچي لٿي!
هر خوشي سڙي وئي،
جڏهن روشني مري وئي
چوطرف بس هڪ صدا
ڪربلا، ڪربلا، ڪربلا...



www.bhutto.org

## شهيد ڀٽو جي بهادر نياڻي

مون پئي محسوس ڪيو
آسمان ۾ ڏ،يو ٽرٽلو
زمين ڏُڏي رهي هئي،
سمنڊ پئي ڪاوڙ ۾ ڇليو.
شور هو رڙيون هيون، واڪا هُيا،
هر اک مان ٽي،
رت جا ڳوڙها ڳڙيا.
ساري ڪائنات ٽي اُچاريو،
ڪربلا، ڪربلا، ڪربلا.
هر جيءَ هيو جُهريل،
سڀ جو هيو سينو ڪٽيل.
حشر هيو ماتم هيو
يزيدن جي هٿان وري اڄ.
لٽيو زينب جو قافلو
ٿيو شهيد وري ڇڙ شاهہ عنايت،
ٽٽو آزاديءَ جو سلسلو.
هارين جي همت ۽ حوصلو
مري ويو تلوار جي گهاءَ سان.
سنڌ جو وري ڪو روپلو
بيروت بڻي آ سنڌ ساري،
عراق جهڙي روز بمباري.



www.bhutto.org

فلسطين جهڙي آهہ زاري،
ويٽنام جهڙو واءُ گهليو آ.
هر موڙ تي آ سنڌ ڄائو ڪنو
ڪٿي بلاول آهي.
گهاڻي پيڙهيو
ڪٿي منصور آهي.
سوليءَ چڙهيو
ڪٿي ٿيو آهي شهيد.
ڪمال راهمون،
ڪٿي هوشو هيمون،
شهادت جو هلاڻو.
ڪٿي نواز ڪنراڻي،
گولين جو نشانو.
ڪٿي شاهنواز مرتضيٰ ،
تہ ڪٿي نذير آهي شهيد ٿيو.
ڪٿي علي رضا وڙهندي مئو
سنڌ راڻيءَ جو پاءُ سڳو.
سورهيہ، سرويچن جي هئي،
پيڻ پياري!.
سنڌ ڄائي، سنڌ جي راڻي،
شهيد پٽنو جي بهادر نياڻي.
ٻاگهل جي ٻانهن جو ٻل،
بختاور جي دانهن جي اُتل.
آهي، ڦاپيءَ جي ڦٽن جو مرهم،
۽ جندو جي صدائن جو پرم.
منوءَ جي ماتم جي پڇاڻي،



www.bhutto.org

فضيلا جي، ماءُ جهڙي وارثياڻي.
مارئيءَ جو مارن سان،
ورجايل قسم.
سرمد جي گيتن جو تسلسل،
شاهه جي بيتن جو ڪردار.
مڪمل،
سچل جي ڪافين جي هلچل.
استاد، اياز جي غزل جي وراڻي،
تنوير جي واين جي سمجهاڻي.
هيءُ سنڌ راڻي، هيءَ سنڌ راڻي،
سنڌ جي آجپي جي،
هتي ڪا نئين ڪهاڻي.
زنده آهي، زنده رهندي،
شهيد پنو جي بهادر نياڻي

✡



www.bhutto.org

# پناهيءَ جو گيت

پناهي جي راڻي جي پهلوءَ ۾
ملير جي مارئي.
ڪٿيءَ جي ڪفن ۾ هاڻ هاڻ آرامي ٿي آهي،
سنڌ جي لوڪ داستانن جا سمورا ڪردار.
هڪ پيرو پيهر اڪيون مهتي اٿيا آهن،
۽ حيرت مان ڏسي رهيا آهن.
تہ خود شناسيءَ کان خالي هن دور ۾،
ڪو اٿين بہ پنهنجو وچن پاڙي سگهي ٿو!!.
آئون دونهين ۽ درد ۾ گهيريل،
اونداهيءَ ۾ پڌل ماتمي هوائن واري شهر جي هڪ ويران رستي تي،
چار پريل مٽي ۽ خالي جهوليءَ سان،
پنهنجي ان ديس جي آئيندي بابت سوچي رهيو آهيان.
جنهن جي ويرانن مٿان،
جهڙ جي آخري موسم بہ،
اجهو هاڻ بنا وسڻ جي گذري وئي آهي.
۽ جهور اکين تي ڏڪندڙ هٿ رکي،
ڳوٺن جا پوڙها ۽ پوڙهيون،
هڪ وڏي ڏکهي ڏڪار جي اڳڪٿيءَ کان اڳ،
ڪا آخري دعا گهرڻ لاءِ،
”سائينم سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار“



www.bhutto.org

واري ست ٻہ جھونگاري رھيا آھن،
تہ پنھنجي جوان ڇوڪرن توڙي ڇوڪرين کي،
امام ضامن بازو بند ڪري رھيا آھن.
شايد ھنن پوڙھن ۽ پوڙھين سمجھي ورتو آھي تہ،
ان دعا جي قبوليت واري گھڙيءَ کان اڳ.
ھڪ وڏو طويل پنڌ اوس اچڻو آھي،
۽ آئون حيران آھيان اھو ڏسي.
تہ نوجوان ڇوڪرن سان گڏ نوجوان ڇوڪرين کي بہ،
مائرون امام ضامن بازو بند ڪري رھيون آھن.
شايد ان ڪري جو ھاڻ ھن ديس جي،
نہ فقط پائرن پر پيرن کي بہ.
پنھنجي ان پيڻ جو پلئہ ڪرڻو آھي،
جيڪا ھڪ ڏينھن ڏٺي جي ڏاڙي ۾.
اسان جا جگر ڇيري اسان کان جدا ڪئي وئي آھي،
ان لمحي کانپوءِ.
آئون ھڪ پيو اسرار ڏسان ٿو.
منھنجي اکين مان ٻہ لڙڪ.
منھنجي خالي جھوليءَ ۾ ڪرن ٿا،
لڙڪ جيڪي سدائين جھوليون.
آليون ٿي ڪندا رھيا آھن،
پر ھيءَ لڙڪ عجيب آھن.
اکين مان ڪرڻ سان ئي،
پٿرن جو روپ ڌاري وٺن ٿا.
۽ ائين مسلسل اکين مان ڪرندڙ پٿرن سان،
منھنجي خالي جھولي ڀرجي وڃي ٿي.
آئون جيڪو سالن کان،



www.bhutto.org

سازهٽ ۾ ڪٽي هلندو رهيو آهيان.
لمحو ساز ڏانهن نهاريان ٿو
لمحو پٽرن سان ٻرجي ويل جهوليءَ ڏانهن:
ايتري ۾ ماتمي. هوا جو هڪ جهونڪو
سنڌ جي هڪ حلالي فرزند جو.
هي پيغام ڪٽي اچي ٿو:
Soil of sindh
Will ereate
Handreds of new bhuttos
And benazirs
As a great nation
We don't accept defeat
And we will fight back
Long live sindh
اجرڪ جي ڇاڙيءَ ور جهڙو پيغام.
منهنجي مري ويل دل کي،
جيئاري وجي ٿو.
ڇڻ ڪوئي جام صحت پياري وجي ٿو.
آئون پاڻ سنڀاليان ٿو
ايتري ۾ خبر ناهي ڪير آهي،
جيڪو اچي مون کان ساز وٺي ٿو
۽ نئون هڪ گيت چوي ٿو.
"ڀٽو زنده باد ڀٽائي- ڀٽو زنده آباد"
ايتري ۾ جو آئون،
سندس گيت ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ،
هٿ ڪڻ جي ڪيان ٿو.



www.bhutto.org

ته دودي سومري جي شبيهه وارو اهو راڳي،
پيار سان ڀرپور مهربان هدايت واري انداز ۾.
مون کي چوي ٿو:
"ٻچا! سنڌيال... سنڌيال اهي پٿر سنڌيال،
جو ته هاڻ سنڌ ۾
اکيون خوابن،
۽ جهوليون پٿرن سان ڀريل گهرجن".



www.bhutto.org

## سا پيڻ اسان کان وڇڙي وئي

خلق جو هوءَ جا چاهه هئي،
۽ ملڪ سڄي جو ساهه هئي،
سا پيڻ اسان کان وڇڙي وئي.

ڇا ملڪ سڄو ئي سنواري ها،
۽ هيٺن کي هوشياري ها،
سا پيڻ اسان کان وڇڙي وئي.

هوءَ ظالم جي اک ۾ ڪنڊو هئي،
هر جابر جي لاءِ ڏنڊو هئي،
پڙڪيل دشمنن لاءِ باهه هئي،
سا پيڻ اسان کان وڇڙي وئي.

جا دل دل جو ڏڙڪو هئي،
هر امر لاءِ جا دڙڪو هئي،
جنهن جمهور جي ڏيکاري راهه هئي،
سا پيڻ اسان کان وڇڙي وئي.

ويندي ويندي، ويندي رهي،
پر مور نه ظالم ساڻ ٿي،
جنهن حق جي ورتي راهه هئي،
سا پيڻ اسان کان وڇڙي وئي.

وڇڙي وئي ليبر سا عظيم،
ملڪ ڪري وئي آ يتيم،
"دانش" دل جو جا اتساهه هئي،
سا پيڻ اسان کان وڇڙي وئي.



www.bhutto.org

## جمهوريت جي امام جو قتل

27 ڊسمبر.....!!
سانجهه جي پوئين پهر ۾،
وحشت هئي،
ڇا دهشت هئي.
هر طرف روڄ راڙو
۽ سوڳوار سارو جهان هو.
ڄڻ هيو حسيني قافلو
۽ پنڊي ڪربلا جو ميدان هو.
تاريڪ راهن منجهان،
وري هڪ ٻيو ثاني يزيد آيو!!
۽ قتل ٿيو جمهوريت جي امامَ جو.
اڄ وير زينب جي لٽيل قافلي منجهان.
ڪڇيو آ لهوءَ سان لاشُ،
اونداهي شام جو.
اڄ وري...!
اجڙجي ويو آ،
عوامي اميدن جو چمن،
ڪيڏو نہ ڪري ويا قاتل،
عظيم تر الميو!
۽ سڀ ڪجهه لٽجي ويو.
سنسار سارو ٻڏجي ويو آهي،



www.bhutto.org

بي جان بُتَ!
چوطرف باهه، بارود،
۽ ڪارا ڪڪر ڇانيل!
پنهنجي ڌرتيءَ تي،
واٽڙن وانگي،
هرڪو ڇڙ حيران ۽ پريشان آ،
زخمي آ زمين جو ذرو ذرو!
اجڙيل ۽ اداس.
ڪارو آسمان آ،
هر ماڻهو ماتم ماتم آ،
هر گهر شام غريبان آ!
ساري سنڌ شام غريبان آ!!



www.bhutto.org

## چڱو الوداعي، ادي! الوداعي

ڪيان ڪيئن توکان ادي الوداعي،
چڱو سنڌ چائي، چڱو سنڌ چائي!

هي مزدور هاري سنيارين توکي،
۽ پائر وطن جا پڪارين توکي،
۽ سنڌي پنجابي ٻـ سارين توکي،
هئي تنهنجي تن من ۾ ڪيڏي سچائي.
چڱو الوداعي، ادي! الوداعي



وطن لئِہ ادي تو ابو پاءُ گھوريو
اباڻي چمن لئِہ وري چاهہ گھوريو
وري تو ٻـ مرڪي ادي ساهہُ گھوريو
نہ برداشت ٿيندي ها تنهنجي جدائي،
چڱو الوداعي، ادي! الوداعي

وري ماءُ نصرت نہ نياڻي چٽيندي،
وري اهڙي ڪائي نہ راڻي چٽيندي،
وري سنڌ اهڙي نہ سياڻي چٽيندي،
ڏکن ۾ ڏسان تو مان ساري خدائي.
چڱو الوداعي، ادي! الوداعي

www.bhutto.org

وري جيل ٿاڻي ۾ ماتم ڏسان ٿو
ادا لاڙڪاڻي ۾ ماتم ڏسان ٿو
وري گهر اباڻي ۾ ماتم ڏسان ٿو
ڪري واهه جو ويئي سنڌ سان سچائي،
چڱو الوداعي، اديا الوداعي

روئاري وجهي ٿي، ڪهاڻي ڀُٽي جي،
ڳُٽي رهزنن آ، نياڻي ڀُٽي جي،
ڪڏهن ڪين ٿيندي پڇاڻي ڀُٽي جي،
نه آ جن قبولي ڪڏهن سر نمائي،
چڱو الوداعي، اديا الوداعي



www.bhutto.org

## ستاويھين ڊسمبر!

ستاويھين ڊسمبر تي،
شھيد جي خون جي لالاڻ،
جڏھن شفق تي ايري.
تہ سج آخري سڏڪو ڀريو.
ساري ڌرتي گھري تاريڪيءَ جي
چادر ۾ ويڙھجي ويئي.
ڪائنات پنھنجي نياڻيءَ جي،
بي رحماڻي قتل تي روئڻ لڳي.
چوڏھن سئو سالن کان پوءِ
ھيءَ ڪھڙي ماتم واري رات،
آئي آھي،
جو سڀ نيڻ رت ڳاڙھ
لڙڪ ڳاڙي رھيا آھن.
۽ ھر روح زخمي زخمي آھي،
چنڊ بہ سوڳوار آھي.
ستارا ڀنل نيڻن سان،
دنيا کي تڪي رھيا آھن،
پکي اوچتو چرڪ کائي،
آکيرا ڇڏي
سرد ھوا ۾
بد حواس اڏري رھيا آھن.



www.bhutto.org

وري دلين جا خيما،
جلي رهيا آهن.
وري ڳڙهي خدابخش ۾
شام غريبان آهي.
وري العتش العتش جي صدا،
فضائن ۾ پري رهي آهي.
وري المدد المدد جي پڪار آهي.
وري زندگي، موت جي سامهون،
جُهڪي چُڪي آهي،
وري ڪوڙ ۽ فريب جا ڪارا ڪانءَ
سڄي آسمان تي
اڏري رهيا آهن.



www.bhutto.org

# ڪائنات ٿي تڙپي

وفاق جي علامت سلامت نہ رهي آ.
زنجير، زنجير، بينظير نہ رهي آ.

مظلوم ملي حق، بدلي زندگي،
تقدير، تقدير، بينظير نہ رهي آ.

آصف، بلاول، بختاور جي لُٽي،
جاگير جاگير بينظير نہ رهي آ.

ماءُ پيءُ، دوست ساٿي سنگتي،
دلگير، دلگير، بينظير نہ رهي آ.

سانت، سسڪيون، سُڏڪا، آهون دانهون،
شمشير، شمشير، بينظير نہ رهي آ.

سنڌ ڌرتيءَ جي، هوءَ نياڻي سا،
توقير، توقير، بينظير نہ رهي آ.

ڪائنات ٿي تڙپي، سنڌ سڏڪي،
ملير، ملير، بينظير نہ رهي آ.

جام شهادت ماڻيو تنهنجي قسمت،
امير، امير، بينظير نہ رهي آ.

تولاءِ پيتا، منهنجي محبت،
سفير، سفير، بينظير نہ رهي آ.



www.bhutto.org

# سنڌ سوڳوار آ

اسان جي ٻاغ ۾ خزان، رُسي وئي بهار آ،
او بينظير! تنهنجي لئہ هيءَ سنڌ سوڳوار آ.

عوام لاءِ حوصلو هوءَ آسرو اميد هئي،
نہ ڄاڻ ڪنهن جي ديد هئي، نہ چين ڪو قرار آ.

جڏهن ڪان آ خبر پئي، اسان ڪي آ ڇڏي وئي،
تڏهن ڪان ساهہ مٽ ۾ وڏي ويو انتشار آ.

شهيد ڀيڻ، ڀائرن ۽ پيءُ جو پلئہ ڪجي،
اچو اهو وچن ڪجي. گهڻو ٿيو انتظار آ.



www.bhutto.org

## عجيب احترام آ

بمن سان آجيان هتي، بمن سان اختتام آ،
ڏجي نہ جا جهڪي نہ جا، انهيءَ ڪي سلام آ.

جڏهن بہ تي خبر پوي، تصوير تي نظر پوي،
اکين مان لڙڪ ٿا ڪرن، عظيم احترام آ.

صبر جي آهي انتها، نہ ڪائي جرم جي سزا،
شهيد ڪتنب جي ادا، عجيب ڪو مقام آ.

غريب خلق جي اجا، نہ ٿو ڪو رهبري ڪري،
نہ آسرو نہ پرجهلو نہ ڪوئي انتظام آ.

✵



www.bhutto.org

# ڇو تہ هو بينظير هئي

باوقـــار، بيخـــوف، بهـــادر، ســـراپا ســـچ ســـير هئـــي،
ڇـو تـہ هـوءَ بينظيـر هئـي،
هـــر قـــول ۾ هـــر فعـــل ۾ شـــهيد جـــي تصـــوير هئـــي،
ڇـو تـہ هـوءَ بينظيـر هئـي،
جرمنـــي، جاپـــان ڇـــا يثـــرب ۽ يـــورپ ايشـــيا،
پـوري پاڪستان سـان گـڏ سوڳ وار ڪشمير هئـي،
ڇـو تـہ هـوءَ بينظيـر هئـي،
ڪئي حر ملن حملا ڪيا ۽ حق ڪان ڪريل جملا ڇيا،
بـس دشـمنن لاءِ تيـر هئـي، سـڄڻن لاءِ ڪنـڌ ڪيـر هئـي،
ڇـو تـہ هـوءَبينظير هئـي،
پئـي رنـو پختـون، پنجـابي، بلـوچ، سـنڌ بيحـال هئـي،
سـنڌ واسـين واسـطي، هـيءَ مـاروي مليـر هئـي،
ڇـو تـہ هـوبينظير هئـي،
لاڙڪـاڻي جـون فضـائون، ويـون لهـو ۾ لال ٿـي،
سينو پٽي هر ڪنهن چيو هيءَ قوم جي تقدير هئي،
ڇـو تـہ هـوءَ بينظيـر هئـي



www.bhutto.org

# قاتل

اي منهنجي ڀيڻ جا قاتل!
جنهن وقت تو منهنجي ڀيڻ تي گوليون هلايون،
تنهن وقت ڇا توکي پنهنجي ڀيڻ ياد نہ آئي؟
تنهن وقت ڇا تنهنجي اندر جو انسان ڪنهن جو ڀاءُ نہ هيو؟
تنهن وقت ڇا تنهنجي مت موڙهي هئي،
تنهن وقت ڇا تو بہ اوتري ڀيڙا ڀوڳي،
جيتري ڀيڙا منهنجي ڀيڻ،
ڀوڳي هئي؟
اي منهنجي ڀيڻ جا قاتل!
جنهن وقت تو منهنجي ڀيڻ تي وار ڪيو ٿي،
تنهن وقت ڇا توکي منهنجي ڀيڻ جي روپ ۾،
پنهنجي ڀيڻ نظر نہ آئي هئي.
تنهن وقت ڇا تنهنجا هٿ ڏڪيا نہ ها،
تنهن وقت ڇا تنهنجا احساس ڏڪيا نہ ها،
مان سمجهان ٿو.
تنهنجا هٿ ڏڪن بہ ڇو ها،
تنهنجا احساس ڏڪن بہ ڇو ها،
تو جا ماري سا تنهنجي ڀيڻ نہ هئي،
تو جا ماري، سا منهنجي ڀيڻ تہ هئي ڙي ظالم!!



www.bhutto.org

# او بهادر بينظير!

امــر آهــين امــر تــون
او بهـــادر بينظيـــر!
مــارئي، ٻــاگهي ۽ ٻيــون
توکان گهٽ سڀ سورميون،
او بهـــادر بينظيـــر!
تنهنجي عظمت کي سلام
نــازُ تــا تــوتي ڪيــون،
او بهـــادر بينظيـــر!
افــق شــفق جــون رونقــون
ٿيــون تــو کــان پــوءِ ٻُسيون
او بهـــادر بينظيـــر!
هلنديون تنهنجي واٽ تي،
ڪنڌ ڪٽي هاٿي گهٽيون،
او بهـــادر بينظيـــر!
تنهنجــي هــر قاتــل مٿــان،
لعنتــون وســن پيــون،
او بهـــادر بينظيـــر!
امــر آهــين امــر تــون.
او بهـــادر بينظيـــر!



www.bhutto.org

## شهيد محترمہ جي ياد ۾

سور ڏسڻ لئہ جڻ ساماڻي،
دردن ماري سنڌ جي جائي.

پيءُ عظيم کي ڦاهي آئي،
دانهن نہ هن جي ڪنهن ورنائي.

هن عورت کي آهي سلام،
جنهن پيتا ڏکڙن جا جام.

پاڻ هن جا ارڏا مارئون،
رت سان پئي تن کي سينگاريئون.

تن ارڏن کي ڪيئن وساريون،
تن لئہ لڙڪ اڃا پيا هاريون.

ويچاريءَ جا درد الاهي،
ان جي ڪٽنب جي ٿي وئي تباهي.

هر ڪنهن جي دعا جڻ ٿي اگهائي،
رب جي ٿي وئي خاص پلائي.

هر پاسي کان ٿي سرهائي،
موٽي جيئن وطن هوءَ آئي.



www.bhutto.org

جيئن لهندي هن جهاز منجهان،
هت لوڏيائين انداز منجهان.

مسڪينن جو جڻ تہ سهارو،
هر سنڌي جڻ هو سوپارو.

گونجيو نعرن سان جڳ سارو،
گلڙن جو پئي ٿيو وسڪارو.

جوشيلي تقرير ڪري پئي،
جذبو دل ۾ هوءَ ڀري پئي.

ڀيڻ سنڌين جي عظمت ساري،
ملڪ ۾ باهہ ٻريل چوڌاري،



ڪونج اڪيلي ڪنهن هيءَ ماري،
هر پاسي ڪان ماتم داري.

تنهن جو آ ارمان گهڻو ٿيو،
وڇڙي وئي نقصان گهڻو ٿيو.

هر ڪو شخص ڪري پيو ماتم،
هر ڪنهن جي اکي ٿي پيئي نم.

هر ڪو هيءُ ملهائي پيو غم،
ڀيڻ جو ساڻ ڪٽي هو پرچم.

سنڌ سڄي جڻ اجڙي وئي آ،
رهبر اهڙي وڇڙي وئي.

www.bhutto.org

# تنهنجي تڏي تي!

مان تنهنجي تڏي تي،
ڪيئن اچان؟
اچا منهنجو من ٿو ڪو نہ مڃي،
تہ تون مري سگهين ٿي!
ٻُتي جي ٻاريل شمع کي،
تون ڇڏي سگهين ٿي.
توبن،
ڇا ٿيندو.
پيپلزپارٽي جو
سنڌ جو
سنڌي ماڻهن جو
پاڪستان جو.
ايئن لڳي ٿو
خواب ڏسان ٿو
تنهنجي خاڪي جسم کي،
ڪٽندي ڏسان ٿو
ٽي وي تي ڏسان ٿو
تون اسان سان ڪو نہ آهين،
توکي ڪنهن.
شهيد ڪيو آ،
اسان کان هميشہ لاءِ.



www.bhutto.org

ڏور ڪيو آ،
گلاب جي گل کي ڪنهن،
توڙي مروڙي ڇڏيو آ.

پر پوءِ بہ
منهنجو من ڪو نہ مڃي ٿو
مان تنهنجي تڏي تي.
ڪيئن اچان،
ڪيئن اچان.

✲



www.bhutto.org

## سنڌ ڄائيءَ شهيد کي پيڙا

تاريڪ دور جي درد ڪٿا،
هُن ٻڌي ورنائي جيئن.
خوف جي آڏو بڻي للڪار هوءَ،
آس جي اميد جي.
هوءَ نشاني هتي بڻي،
رات جي ڀاڃ ڪي.
لفظن جي اماڙين سان،
هن ڪيو روشن سدا.
هوءَ جتي پهتي اُتي،
ولولا نعرا ۽ جذبا.
هئا جاڳي پيا!!،
ننڊ مان ڪيئي اياڳا،
ڇرڪ ڏئي، جاڳي پيا.
وقت جي نبض تي هن رکيو
پنهنجو تي هٿ،
رات جي رهزنن کي ،
هن جڏهن للڪاريو،
سچ جيان روشن ضميرن،
تي سندس آجيان ڪئي.
هُن جي مٽي موهن دڙي،
جي مهڪ مان ڳوهيل هئي.



www.bhutto.org

تنهن ڪري هوءَ غير تن
۾ جرئتن جي ٻٽي مثال هئي!!
بي سهارن جي اکين ۾
خواب هن هُئا پوکيا.
زندگيءَ مان نراس ٿيندڙ
نوجوانن جي اندر ۾
پيار جا جذبا هُئا هن اوتيا.
هُن ڪيو هو ڏوهه هيءُ،
رات کي هن رات چيو
۽ ٻگهڙن جي آڏو
اونچو پنهنجو ڳاٽ ڪيو.
تنهن ڪري هوءَ ماري وئي.
پر سچ تہ اهو آهي،
هوءَ پاڻُ آ جياري وئي،
هوءَ پياري پنڪي بابا جي،
توڙي جو شهيدن جي پر ۾
اڄ گهري ننڊ سمهاري وئي،
هوءَ زنده آهي، زنده رهندي،
خوابن، خيالن لفظن ۾.
سنڌ جي ٻرندڙ روڊن تي،
نعرن جي گونجن ۾.
هوءَ زنده آهي زنده رهندي،
معصومن جي مُرڪن ۾.
شاعرن جي شعرن ۾،
گيتن جي آلاپن ۾
۽ نيڻن جي خوابن ۾.



www.bhutto.org

هوءَ زندهہ آهي زندهہ رهندي،
تنهن ڪري اي! رهزنو!
هي متان سمجهي وٺو
ماٺ هي ملڪ ٽيندو.
رات هيءَ ملڪ ٽيندو،
ٽهڪ هي سڀُ اوهانجا.
چارڻ ٽيا ڪوڪلا،
سنڌ آ جاڳي پئي،
خون ڪيئن ڳڙڪائيندي،
خوشبو،
هوائون پيئي سدا اڏائيندي،
رات کي ماٺ ٽيندي،
سنڌ جي نجات ٽيندي،
سنڌ جي نجات ٽيندي



www.bhutto.org

## هر دور آ شهادتون......!؟

مان ڪيئن مڃان؟
زوال آ،
پنهنجي سنڌ تي پرين!
تاريخ جي ڪردار ۾
هر دور آ ذلالتون،
هر دور آ شهادتون،
هر دور آ بغاوتون،
هر دور آ عداوتون،
هر دور آ شهادتون،
مان ڪيئن مڃان
زوال آ.
پنهنجي سنڌ تي پرين!
تاريخ جا ٻه رخ ٿيا،
هڪ: ڊونڊ تي ڪتي مثل!
ٻيو: چپ وات مان ڪتيل
مان ڪيئن مڃان.
زوال آ
پنهنجي سنڌ تي پرين!
ڇا گل تڙيو
پٽي ويا؟
هو باغ ۾



www.bhutto.org

هزار ڏس!
هي سونهن سوپيا سندا،
کي خواب آفتاب جا،
جي تياس کي
چمي ويا!
پرينءَ جي ڪنهن سڳيءَ جيان،
ءِ نعرا هي لڳي ويا:
مرون تہ بس بهار لئِہ،
خزان تہ پنهنجي راهہ آ،
جا قافلن جا قافلا
پسمر ڪري تي او پرين!
تہ بہ راهہ گذاري ريت سان،
هلي پئي تي
پريت سان.
مان ڪيئن مڃان
زوال آ،
پنهنجي سنڌ تي پرين!؟



www.bhutto.org

# ڪيڏاري سنديون هوائون

اج ڪيڏاري سنديون ڪي،
هوائون گهليون هن.
ڏکيءَ جي ڏکن جون ڪي،
ڳالهيون هليون هن.
هُو انسانيت جي اندر جا،
وحشي ڪتا،
ڀٽائيءَ جي نگريءَ تي ٽيا هن ڇتا.
هُو نوريءَ سندو هاءِ،
ڪينجهر پرين!
ڪنواري ڪنول جيان،
مرجهائيو آ،
غربت جي مٽيءَ مان،
پيدا ٿيل،
وڻجارن جي ويڙهي جون،
لٽجن پيون.
جتي واتن جا سڏڪا ٻ،
سڏڪي پون،
جتي غيرت جا جذبا چڙ،
ڦٿڪي مرن.
هن ينيور ڪي
ڇا تہ ٻاهيون لڳيون،



www.bhutto.org

سسئيون سموريون بہ،
ڦٽڪي پيون،
ڀٽائيءَ جي تنبوري،
هاءِ تٽڪاٽ ڪيا!
اسان جا پرين چڙ تہ،
هڏڙا ڀڳا،
لهندڙ سورج،
اسان کي رڳو
بيحسيءَ سندا،
ڪيئي پوندا ڏنا،
۽ پڇتاءَ جي پوئين،
پهرن مٿان،
اسان جون صدائون بہ
سنگسار ٿيون!
اسان جون صدائون بہ،
سنگسار ٿيون!



www.bhutto.org

# ڀٽائي جون اکيون ڀنل آهن

ڀٽو۔
ڀٽائيءَ جي ڪاڪ جو راڻو هو.
سنڌ جنهن جي مومل هئي...
۽ شهيد جي، شهيد اعظم نياڻي
منهنجي محبوب ديس....
موهن جي دڙي جي مهاراڻي هئي.
اڄ سنڌ سوڳوار آهي....
سنڌو روئي رهيو آهي...
ڀٽائي جون اکيون ڀنل آهن
۽ شيخ اياز جو روح،
ماتم ڪري رهيو آهي.



www.bhutto.org

# شهيد ڀيڻ بينظير کي ڀيٽا

شــهيد تــي آ ســنڌ جــي عظـيم نيــاڻي بينظيــر مــولا.
تــنهن لئــ ســنڌ ســموري تــي آ شــام جهـــڙي هــاءِ كــربلا.

پٺــي جيــان دليــر هئــي دلبــر ســنڌ جــي ليــدر بينظيــر،
جــنهن جــو انتخــابي نشــان هــو پيــارو دل وارو تيــر.

زنــده هئــي زنــده آ زنــده رهنــدي ڀــيڻ بينظيــر
اهــو نعــرو ســنڌ جــي عــوام هڻنــدي ڀــيڻ بينظيــر

اڄڪلهہ ســنڌ ســراپا تولئہ سڏڪا سڏڪا آهــي بينظيــر!
ســنڌ تــي وري ٿيــو مــاتم برپــا آهــي بينظيــر!

جــن چئــي آهــي اســان جــي پيــاري ڀــيڻ بينظيــر.
تــن جــي مٿــان قهــر جــو ميــنهن وســائي مــولا ميــر.

جــنهن قــوم جــي خــاطر پنهنجــي جــان جــو نــذرانو ڏنــو.
تــنهن کــي مــوت کــان ســواءِ ڇــا زمــاني ڏنــو؟



www.bhutto.org

جـنهن وٽ علـم عقـل ڏاهـپ جـي ڪـل جـوت جمـع هئـي.
سـا سـنڌ جـي، سـنڌين جـي، روشـن مسـتقبل جـي شـمع هئـي.

حيــف تــوتي آ حيــف تــوتي آ حيــف تــوتي آ قاتـــل،
هــا تــو توڙيــو آ هــا تــو ٻوڙيــو آ ســنڌ جــو گـــلاب.

هميشـہ معصــوم دلـــين مـــان نعـــرو نڪرنـــدو جيئـــي ڀٽـــو
پـيڙ بينظيـر جـي قـاتلن کـي سـرعام ڏيـو ڦاسـي ڏيـو گهٽـو.

✲



www.bhutto.org

## راڻي راڄ رئاري وئينءَ

تنهنجو منهنجو
ڪو رشتو تہ هوندو،
ها يقينن آهي،
ڇو تہ تون عوام جي روح جي رڙ آهين.
عوام لاءِ سوچيو تو
عوام لاءِ وڙهينءَ تون،
عوام لاءِ جدوجهد ڪئي تو
ان هڪ رشتي سبب،
تون ڪلهہ بہ هئينءَ،
تون اڄ بہ آهين،
۽ سياڻي بہ رهندينءَ
ڇو تہ تون ماءُ بہ آهين ڀيڻ بہ آهين.
ڇو تہ تون عوام جي اڳواڻ بہ آهين.
تون هر عمل ۾،
هر محاذ تي،
هر ميدان تي،
ڀلائيءَ بهتريءَ لاءِ،
پتوڙيندڙ هڪ آواز آهين
هڪ جُهد جو انداز آهين،

جنهن ڪلهه به،
۽ اڄ به آمر سان،
دوبدو جهيڙيو آ،
سياست جي بساط تي،
سوچون متبيون رهنديون آهن.
پر او سنڌ ڄائي!
تو هر چال، هر حال تي سوچيو،
پنهنجن لاءِ جهڙو تو وٽ پيار،
دشمن سان اهڙو ورتاءُ،
اک ۾ اک ملائڻ جو
فتح جو تو ڏنو ويساهه.
ها تون هر پل عوام لاءِ
اتساهه هئينءَ،
ڪو پڙلاءُ هئينءَ.
هڪ دور،
ٻيو دور،
ڪرسيءَ تي براجمان،
وري به تون عوام ڏانهن آئينءَ.
تون دورا ڪيا،
هيڏا سارا لاش کڻڻ بعد به،
هڪ قدم به پٺتي نه هٽي ثابت قدم هئينءَ
جمهوريت جي فتح لاءِ
سياسي ميدان ۾،
تو مٿان الزامن جا تير،
وسايا ويرين،
تڏهن به تون هلندي رهينءَ



www.bhutto.org

سپنا سانڍي ڪري،
عوام ۾ رلجي وئين ٿو!
عوام جو سمنڊ،
وري هڪ دفعو پيهر،
اٿلي پيو.
حق ۽ باطل جي جنگ،
جو ٿيندي،
تو پنهنجو ورثو،
جيڪو هڪ امانت هو،
جيڪو سچ آ،
جيڪو دار آ،
جيڪو موت آ،
تنهن کي تو
پنهنجو سمجهيو.
تنهن سان
پيچ اڙائي،
ان رت جي راند کي،
قبولي ورتو تو!
تون مُوت سان مقابل هئين ٿو!
ها! تو موت سان اک ملائي،
زندگي اربي ڇڏي،
تو مشرق ۽ مغرب،
سڀ جي سامهون،
عوام جي ويساهه لئه،
موت کي خوشي ءَ مان
قبوليو.



www.bhutto.org

جيڪو اوهانجو جو ورثو آ،
سو آ شهادت،
جنهن سان ملي. وري هڪ تاريخ بڻجي وئينءَ!
تون امرتا جو ويس پهري،
وري هڪ نئين تاريخ،
جوڙي وئينءَ!
موت وڏي شئي ناهي
اهو ثابت ٿيو
سچ وڏي شئي آهي.



www.bhutto.org

## ڌرتيءَ ڌياڻي

ديس سموروئي چوندو
تم ڪتني پٿو ماروگي،
گهر گهر سي پٿو نڪلي گا،
هي شهيدن جو آ ديس وطن،
هت دودا آهن ڪيئي دفن،
هوءَ ديس جي نازڪ نياڻي هئي.
تهذيبن جي، تاريخن جي،
ديده ور ڌرِ ڌياڻي هئي،
هوءَ مارئيءَ جو ڪو روپ هئي،
۽ سسئيءَ جا اهڃاڻ هئي.
هوءَ ٻاگهل ٻائي سنڌوءَ جي،
۽ پيڙ بختاور پاڻ هئي.
هوءَ سياڻن ڪان وڌ سياڻي هئي.
جل ٿل موجون درياءَ جون،
۽ سنڌوءَ جو پاڻي هئي.
هوءَ هيڻن جو هٿيار هئي.
ماڻهن لاءِ ميگهه ملهار هئي.
تون آهين، يزيدي ٽولي مان،
۽ تو وٽ ساڳيا آهن پرچم،
هوءَ بيبي زينب جي وات مٿي،
هن وٽ ڪربل جو هو علم،



www.bhutto.org

هوءَ اڄ بہ جڻ تہ حياتي آهي،
۽ غازي هن جو ساٿي آهي،
تون قاتل قاتل بزدل آهين،
هن دور جو ابن ملجم آهين،
تون ڪهڙا روپ مٽائيندين،
۽ پاڻ کي ڇا بہ سڏائيندين،
پوءِ بہ تون ڪو آجو ناهين،
تون معزز آخر ڇا جو آهين،
تون قاتل هڪڙيءَ نياڻيءَ جو
جا سنيهو هئي سويرن جو
۽ آمر تنهنجي انڌيرن جو
هت گهيرو ٿيندو غيرن جو
۽ هڪڙو نعرو ئي لڳندو،
هيءُ ديس سمورو ئي چوندو،
تم ڪتني ڀٽو مارو گي،
گهر گهر سي ڀٽو نڪلي گا.



www.bhutto.org

## اي بنت حوا!... اي بنت حوا!...

اي بنت حوا! تو ساڻ ظلم،
ڪيڏو ٿو ٿئي هن دنيا ۾،
جيڏي ڌرتيءَ جي وسعت آ،
تيڏي هت وڪريل وحشت آ.

اي بنت حوا! چولا اُڏريل،
قاتل ليڙون ڳالهائين ٿيون،
انصاف جي لئه واجهائيندي،
انساني ڪنڌ جهڪائين ٿيون.

اي بنت حوا! هي سماج سڄو
تنهنجي، لتيل ارمانن جو
سچ روز ازل کان ڏوهي آ،
هت ظالم جي وک ڇوهي آ.

اي بنت حوا! تنهنجي ديس اندر
وک وک تي نوان هن ڪيڏارا،
فرياد بڌڻ وارا قيدي،
ڇوڏاري دانهون او سارا.

اي بنت حوا! تنهنجي عظمت جو
قرآن سڄو هي ساکي آ،

www.bhutto.org

پـوءِ ديـن جـا مفتـي ڇـو منڪـر؟
تنهنجـا حـق لڪـائين پيـا هـر هـر.

اي بنـــت حـــوا! تـــورائيءَ ۾
هـــت آهـــن ســـچ چـــوڻ وارا،
ســـرمد، منصـــور جـــا ســـاٿاري،
ســپ ڪــو نـــ ڪتـا آهــن ســارا.

اي بنــت حــوا! مــايوس نــ تــي،
هــڪ جهــڙو وقــت نــ رهڻــوآ،
ذهــنن تــان زنــگ لهــي وينــدا،
تنهنجـا ســپنا ســاپيا تــي وينــدا.
تنهنجـا ســپنا ســاپيا تــي وينــدا...



www.bhutto.org

## ٽيو نقصان آ سنڌ جو.

چيچي تي چيلھ ڏرتيءَ جي،
قتل تي سنڌ جي راڻي.
جمھوريت جي امر ديوي،
ڇڄي موھن دڙي کان وئي،
فضا ۾ چئو طرف سڏڪا،
ويا ٿي بندھن نغما،
ڇپن تي مرثيا نوحا،
وڏو نقصان ٽيو آھي،
تلافي تنھن جي ناممڪن،
وڏو سياسي خلا آھي،
انھيءَ کي پُر ڪرڻ جي لئِہ،
ڏکھو هِت وقت گُھربل آ،
قتل تي سنڌ جي راڻي،

جنھن جي ريتي رت جون ڦھنگون،
لڳل وحشين جي ڇھرن تي،
مٿي ھيءَ لاڙڪاڻي جي،
شھيدن جون اھي قبرون،
توھان تي شاھديون ڏين ٿيون،
قيامت تائين جند تن کان،
ڇڏائي ڪو نہ ھت سگھدئو



www.bhutto.org

قتل بيڏوھ ٽيو جنھن جو،
اھا وارث شھيدن جي،
ھتي نئين ڪربلا آھي،
لٽيو ويو ڪافلو سنڌ جو
گھٽيو آواز ويو سنڌ جو
جمھوريت جي امر ديوي،
دفن اڄ خاڪ ۾ آھي،
ٻئي ڪنھن جو نہ ڪجھ ويو آ،
ٽيو نقصان آ سنڌ جو...

✵



www.bhutto.org

## مذاق جي انتها

ڪروڙين دلين ۾ جا وسي پئي.
لکين اکين ۾ گهر هو جنهنجو.
۽ سڀ جي ساهن ۾ جا رچيل هئي،
ائين تو ان کي هٽائي ڇڏيو!
حواس سوچڻ ڇڏي ڏين ٿا.
مذاق جي به ڪا انتها آ.

اڳي سندس پيءُ ڇني جدا ڪيئي.
۽ پوءِ ان جا جوان پائر،
حيات جيئري مُنوانهيءَ کي،
هيو تو زنده ڳنوانهيءَ کي،
دغا تي ان سان ڪئي دغا آ.
مذاق جي به ڪا انتها آ....

سمورا انسان سوڳ ۾ هن،
پکي جمادات روڳ ۾ هن.
جهنگل به خاموش وڻ به خاموش،
ڏنار خاموش ڏُڙَ به خاموش،
فضا پئي سڏکي رني هوا آ،
مذاق جي به ڪا انتها آ...

سدائين ظُلمت جي ڪاري چادر،
اسان جي ٿن تي اوڍائي آ تو!



www.bhutto.org

شعور جي گونج ڦٽي تہ مس هئي،
اها بہ جڙ مان پٽائي آ تو!
سراپا ماتم سڄي دنيا آ.
مذاق جي بہ ڪا انتها آ...

فريب ڏيئي دولاب ڏيئي،
وسيلا ذريعا لُٽيئي اسان ڪان.
قدم قدم تي اسان آ هاريو
قدم قدم تي ڪٽيئي اسان ڪان.
نہ ڪرت آهي نہ روزگار آ.
مذاق جي بہ ڪا انتها آ...

اٿي لٿي ۽ اڇهي جو توڪي،
نہ فلسفو هي وٺيو هو توڪي.
هئي ان جي سياست غريب غربت ،
۽ تنهنجي سياست فريب دهشت،
نہ رهندا ڪڏهين اوهان بہ سرها،
مذاق جي بہ ڪا انتها آ...

ذليل تنهنجا بيان بہ ظالم.
ٻولي بہ ظالم زبان بہ ظالم.
تون ظالمن جو سالار تنهنجي،
اڳيان بہ ظالم پٺيان بہ ظالم.
اسان تي اڄ سڪتو چئو ڏسا آ.
مذاق جي بہ ڪا انتها آ،

✲


www.bhutto.org

## نعرو حق جو

نعرو حق جو هنيون وئي آ.
پنهنجي جيئري ناالا دشمنن جا،
لکي خط صدر کي ڏيون وئي آ.

نعرو حق جو هنيون وئي،
وڇوڙو ٻچن سان ناراضگي پائرن سان،
سُکي نہ سنڌ آ، ڏک اهو کنيون وئي آ،

نعرو حق جو هنيون وئي،
راولپنڊيءَ ۾ مرڻ کان اڳ ۾
جلسو آخري ڪيون وئي آ.

نعرو حق جو هنيون وئي،
هاڻي جاچ تہ ٿيندي صنم ابڙو
پر مجرم اهو آ جنهن لاءِ چيون وئي آ.

✵

www.bhutto.org

# شهيد ٿي سنڌ جي راڻي

اوچتو بادل وڪريا،
آسمان رنو.
ڌرتي لُڇي،
عجيب هوا هلي،
ڏيئو اُجهاميو
ڪبوتر اُڏاميو
گلاب ڪُماڻيو
روشني نہ رهي،
پروانا ويا،
امن نہ رهيو
ديوانا ويا،
خوشبو نہ رهي،
پوپٽ ۽ پؤنرا ويا،
وڻ ٽڻ ٻوٽا اداس ٿيا،
ماروئڙا نراس ٿيا،
جوش ۽ جذبا حساس ٿيا،
سمنڊ جون ڇوليون رُڪيون،
نياڻين جون چوڙيون ڀڳيون،
دلڙيون ڏکايل لڳيون،
اهڙيون هوائون گُهليون.
سنڌ کي زخم مليو



www.bhutto.org

سانگيئڙن کي غم مليو
نوجوانن ماتم ڪيو
خوشيون ويون،
مائرون رُنيون،
هر پاسي آهون رڙيون،
پوڙها اٿيا،
روئڻ لڳا،
وري ظلم جي ابتدا،
وري انصاف ٿيو تنها.
هي ڇا ٿيو؟
ڇو ٿيو؟
انصاف ڪٿي آهي؟
امن ڪيڏانهن ويو؟
هر هڪ پڇڻ لڳو
سج رت جيان ڳاڙهو ٿيو
پنهنجي ماڳ ڏانهن هليو
آخر ڪار لهي ويو.
ڪاري اونداهي رات ٿي،
هر طرف سانت ٿي،
بيهي رهيو سنڌوءَ جو پاڻي
رقم ٿي نئين ڪهاڻي،
شهيد ٿي سنڌ جي راڻي.
شهيد ٿي سنڌ جي راڻي.
شهيد ٿي سنڌ جي راڻي.

✵



www.bhutto.org

# واديءِ مهراڻ جي راڻي

واديءِ مهراڻ جي راڻي، شهيد ٿي وئي،
شهيد جي ارڏي نياڻي، شهيد ٿي وئي.

قلب جي ڪارڻ ڏسو ڪيڏو آ ڪال ڪيو
پرجڻ سان نه پرجي جو اهڙو آ خال ڪيو.

ءِ عقل جي لڪير، سياڻي شهيد ٿي وئي،
جا مجبور لاچار بيواهن جي واهه هئي.

سنڌ چائي سنڌين جو جڻ ته ساهه هئي،
اي سنڌ تنهنجي سنڌياڻي شهيد ٿي وئي.

هن سوڳ ۾ سوڳوار هر هڪ مسڪين آ،
غمگين غم ۾ بلڪل رهيو غمگين آ،
جنهن تي ناز هو نوحا ٽي شهيد ٿي وئي.



www.bhutto.org

# ڪيڏارو ڪير لڪندو؟

پنڌيءَ ۾ ٽيو سنڌ جي، لوٽي ۽ لڄ تي حملو
سياست جي افق، وراڪي ۽ وڄ تي حملو
هاءِ پٺاڻي ٻه ڪونهي هتي، ڪيڏارو ڪير لڪندو؟
اڙي وقت تنهنجي ڪالهه، سياڻي ۽ اڄ تي حملو

****

پنڌيءَ ۾ ٽيو ايڪيهين صديءَ تي حملو.
سنڌ جي بختاور مومل، مارئي دلير ڌيءَ تي حملو.
هن ظلم جو ڪوئي مورخ باب ڪارو لڪندو.
اڙي سنڌ تنهنجي تهذيب، تمدن، نديءَ تي حملو.

****

پنڌيءَ ۾ ٽيو سياست، جي برق تي حملو.
سنڌ جي ٽوپي، پٽڪي ۽ اجرڪ تي حملو.
قوم تي پڇي اي وقت جا حاڪم ٻڌاءِ!
ڀلا ڇو ٿيو آهن اليڪشني ورڪ تي حملو.

****

پنڌيءَ ۾ ٽيو چئين صوبن جي زنجير تي حملو.
عوام جي دردن لاءِ درمان. اڪثير تي حملو
ڇو نٿو ڪنهن جي ڳلي مان سچ جو آواز نڪري
ڪوئي ته ٻڌائي ڇو ٿيو بي قصور بينظير تي حملو.



www.bhutto.org

# شهيد بينظير ڀٽو زنده آ

ڏيئي سرڙو پنهنجو ملڪ مٿان، قربان ڪري وئي،
سڄي قوم مٿان محترمہ، احسان ڪري وئي.

هي سر وجي منهنجو ڀلي، عوام جي خاطر،
ويا جان ڏيئي تن جي مٿان بابو ۽ ڀائر،
ڪونہ جهڪيو ڪڏهن ڪنهنجي اڳيان اعلان ڪري وئي،

پنهنجي ڪرسي جي ڪري ڪونہ ڪنهن سان ڊيل ڪيان ٿي،
پنهنجي عوام جي خاطر مان، پنهنجي ديس اچان ٿي،
پنهنجي لفظن ۾ اهو هر گهڙيءَ، بيان ڪري وئي.

ڀلي بم لڳن گوليو لڳن، ڪونہ مان ڊڄندس.
ڀلي سر وڃي منهنجو فدا، قوم تان ٿيندس،
تي شهيد دشمنن کي، حيران ڪري وئي،

چون ماڻهو گهڻا پيا، بينظير ڪونہ هٿ ايندي،
آهيان ڏيءَ ڀٽي جي، ڪونہ واعدي کان ڦرندي،
آئي واعدو ڪري قوم جو مٿي مان ڪري وئي.



www.bhutto.org

هي مرتضيٰ جا ٻچا ۽ منهنجا ٻچا سڀ اتو امانت،
آهن ٻچڙا پٽي جا سڀ آ عوام کي پارت،
ڏجو ووٽ پٽي کي تير، نشان ڪري وئي.

هيءَ نواز جمالي سدائين نعرو پيو هڻدس،
آ جيستائين حياتي جيئي پٽو پيو چوندس،
ڪيڏا تورا وڏا سڀ تي، مهربان ڪري وئي.



www.bhutto.org

سيد غضنفر علي راجا

# شهيد بينظير ڀٽو کي ڀيٽا

ڏک جي لهر اهڙي آئي آ دوستو!
لوڻ لوڻ روئڻ لڳي آ دوستو!

آه و فغان سان گونجي ٿو عرش پيو
دل جي ڌرتي پئي ڏڏي آ دوستو!

موت جي نيڻن ۾ پئي ڳوڙها هيا،
زخمي لمحن کان پڇي آ دوستو!

آخري ميد هئي مظلوم جي،
رت ٿي جيڪا ٿمي آ دوستو!

چوطرف اونداهه ويو ويڙهي صفا،
روشني جڻ ڪا رني آ دوستو!

چئني صوبن جي جيڪا زنجير هئي،
ٿي ڪڙي هڪ هڪ ڇني آ دوستو

روپ پيا هوءَ وٺي ورندي ضرور،
واعدي جي هوءَ پڪي آ دوستو!



www.bhutto.org

جا جمهوريت جي علامت هئي بٽيل،
جڳ اڪيلو وئي ڪري آ دوستو!

هُن شهادت جي پائي چادر چڙهي،
هِتِ قيامت ڪال تي آ دوستو!

هن ڪٽنب تي رحم ڪريءِ قوم تي منهنجا خدا،
التجا مولا ڪي هيءَ راجا ڪئي آ دوستو!

✵



www.bhutto.org

# اڻ ليا اٿو

چيو جنهن پئي،
ڏيندس اوهان کي،
اگهاڙي بدن جي ڍڪڻ لاءِ
ڪپڙو-
ڪڏهن پيءُ نہ مارو
بکئي پيٽ مرندا،
نہ ئي ٻار ڪوئي (امان ماني!)
پڪاري،
ڪڏي پار روئي،
بکايل ئي سمهندو
نہ ئي منهنجا سانگي،
سياري جي ولهہ ۾
يا آرهڙ جي اُس ۾
ٺرندا يا سڙندا،
مگر ماٺيي جي ويري ڪَپُر،
اچانڪ هٽي جهڙپ،
بند آ ڪيو،
آواز جيڪو صدين جي صدا هو،
ڪنهن پوسٽ جي ماحول ۾ جڙ هوا هو
۽ هاڻي هو آهون ۽ دانهون پڏو،
بدن هو اگهاڙا.



www.bhutto.org

ڏسو هو بکيا پيٽ،
جن لاءِ هتڙي
مهانگوءِ اڻ لڀ تيو آ اتو
مهانگوءِ اڻ لڀ تيو آ اتو!!



www.bhutto.org

جاويد شيخ

## ڳڙهي خدابخش جي بي بها مٽي

ڳڙهي خدابخش جي مٽيءَ ۾
چا تہ ڪشش، ذهانت،
طاقت، حشمت،
عزت، غيرت،
مردانگي، اصول پسندي،
ايمان، ارڏائي،
سورهيائي، سچائي، سخا
۽ جانثاريءَ جا جزا،
شامل آهن،
جو هن ننڍڙي تاريخي ڳوٺ جي
پٽن ۽ ڌيئن موت قبوليو
پر جهڪڻ ۽ موٽڻ مهڻو ڄاتو هن مٽيءَ جاوا
مرد تہ مرد،
پر عورت بہ،
ايتري اڏول، عظيم ۽ بينظير!
جيڪا بي خوف،
۽ ايترو اڳتي وڌي،
جو دنيا ڏسندي رهي،
مان سوچيان ٿو
جيڪڏهن
دنيا جي خالق،



www.bhutto.org

هن دنيا جي خاتمي کان پوءِ،
پيهر پيو جهان ٺاهڻ چاهيو ته،
آءُ نهايت ادب،
۽ انڪساريءَ سان ڪيس چوندس،
هن ڀيري آدم کي،
ڳڙهي خدابخش جي،
مٽيءَ مان ٺاهجانءِ.
جنهن مان
شهيد ذوالفقار،
شهيد شاهنواز
شهيد مير مرتضيٰ،
۽ محترمه بينظير پيدا ٿيا،
جيڪي سڀ جا سڀ پوري دنيا ۾
انساني عظمتن جا،
بي مثال ڪردار ٿي ابريا.
هميشه لاءِ اجاري ويا!!
ديس جو آئيندو.



www.bhutto.org

# شهادت سان پنهنجي ڪئي هن پڃاڻي

بهادر ۽ سياڻي، سنڌ جي نياڻي،
رب آ يقينن جنت ۾ راماڻي.

ڏهاڙي جمعي جي دنيا کي ڇڏي وئي،
ڪروڙن کي ڇورو ڪري هوءَ لڏي وئي.
وڏي ۾ وڏي جنهن شهادت آ ماڻي،
بهادر ۽ سياڻي، سنڌ جي نياڻي.

دليري ۽ جرئت سان جنهن حياتي گذاري،
وڙهي ظالمن سان هئي عمر ساري.
شهادت سان پنهنجي ڪئي هُن پُڄاڻي،
بهادر ۽ سياڻي، سنڌ جي نياڻي.

ڀٽي جي گهراڻي جا سمورا بهادر
چارئي شهادت ۾ آهن برابر.
لکڻ وارا تن جي پيا لکندا ڪهاڻي،
بهادر ۽ سياڻي، سنڌ جي نياڻي.

امر ٿي وئي هوءَ شهادت کي پائي،
اهو حڪم قرآن پيو ٿو ٻڌائي.
پياري خدا هن کي شل ڪوثر جو پاڻي،
بهادر ۽ سياڻي، سنڌ جي نياڻي.



www.bhutto.org

# پنڪيءَ جي شهادت

موت جو منظر هتي، اج تي پيو آهي برپا.
تي شهيد راڻي وئي اج، سنڌ کان آهي جدا.

هو ستاويهه شام ۾، ٻارهون مهينو سنگدل..
آ سنڌي قيادت وئي، اج موڪلائي يا خدا...

موڪليو راولپنڊيءَ مان، لاش ويو آ سنڌ ڏانهن،
سامراجي سازشن ۾، لانگ بوٽن جي ادا،

هڪ ته هيڏو سانحو پيو ٻارڙَ پنهنجا نه ماريو،
سنڌ جي شهرن کي لٽڻ جي، تي وئي آ انتها.

آ دليري جي پهاڙ ثابت ڪيو "پنڪي" آ تو،
آخري لمحا به توئي، هن عوام لئه وقف ڪيا.

سياسي دنيا منجهان ڇڻ، اج ٿيا سيئي يتيم.
ملڪ مان سنڌي سهارا، دوستو ڪسجي ويا.

ٻارڻ پنهنجو ٻارڻ کي تا، تباهه و برباد ڪيون
غير جي ڏرتي نه آ، هيءَ يون پلاري سنڌ آ.

خون ئي بس خون تي. ڌرتي سڄي آهي اياز
ڪربلا ماضي هيو ۾ سنڌ ان جو حال آ.



www.bhutto.org

# محترم بينظير شهيد جي ياد ۾

ٻڌو لاڙڪاڻي سندي هيءَ ڪهاڻي،
ستي سيج تي پئي آهي راڄ راڻي.
وڃي اڄ اکين سان ڏٺم لاڙڪاڻو
ٻي ٻي بينظير جو جتي گهر اباڻو
لڌي پينگهي ۾ پئي صدوري سياڻي.
ستي سيج تي پئي، آهي راڄ راڻي.
پڙهيو مون ته لااله الاالله اکر ڪي،
چمي سائي چادر ڏسان پيو قبر کي،
مون سان گڏ گهڻن جي هو اکڙين ۾ پاڻي.
ستي سيج تي پئي، آهي راڄ راڻي.
تنهنجو بابو تنهنجي ئي پرسان ستل آ،
ٻنهي تنهنجي ڀائرن تي ميڙو متل آ،
تنهنجي آجيان ڪن پيا ڏي تون وراڻي.
ستي سيج تي پئي، آهي راڄ راڻي.
صدمو سڄي ڏئي دنيا کي ته وئي آ،
اتر چين، ڪوريا، رني خود دبئي آ،
سڄو ملڪ ٿيو ءِ تي آ سنڌ ويڳاڻي.
ستي سيج تي پئي، آهي راڄ راڻي.
اتر لاڙ ڪاڇو وڃي ڏس تون تر ۾
جهنڊو توکي ملندو سين جي ته گهر ۾
وڏي ڪيڙ واري هئي گهر ڏجاڻي،
سُتي سيج تي پئي، آهي راڄ راڻي.



www.bhutto.org

ڪيو سوڳ سنڌ جي شاعرن، اديبن،
مٿو مُنهن پٽيو آهه سنڌ جي غريبن،
يتيمن سهارو هئي هيءَ نياڻي.
سُتي سيج تي پئي، آهي راڄ راڻي.

ڪراچي کان ڪينجهر، ٺٽو ۽ ٻوررو
کاهي، ڪپرو، سانگهڙ، رُنو آ سنجهورو
تيا ذڪ ۾ شامل پٽ ۽ پٽياڻي.
سُتي سيج تي پئي، آهي راڄ راڻي.

حيدرآباد، هالا، مٽياري ۽ ڪيبر،
مورو، ملدسي ۽ شهدادپور قمبر،
شاهپور، سڪرنڊ، نوابشاهه، نماڻي.
سُتي سيج تي پئي، آهي راڄ راڻي،

ٽري مير واهه ۽ خيرپور ميرس،
وڏو ڳوٺ پير جو مهيسر وڏا ڏس،
وري ڏس تون موتي اچي ودااڻي.
سُتي سيج تي پئي، آهي راڄ راڻي.

اچا هو پٽي جو نه اسان قرض لاٿو،
وري بينظير وئي ڪولي آ نٿون ڪاتو
اڳيان ڪنهن به ظالم جهڪي نه جهڪاڻي،
سُتي سيج تي پئي، آهي راڄ راڻي

ڪٽي دوڙ ٻانڌي، وري ڏس سڪر ۾،
ڪٽي ميهڙ ۽ ڪٽي دادو پڇڻ جي چڪر ۾،
ڦري جيئن ويو تازو ڪردار شاهاڻي.
سُتي سيج تي پئي، آهي راڄ راڻي.



www.bhutto.org

پريا روڊ ڏس تون، پريا ڏس سنڌي تون،
اُتي جاڳُ هاڻي اُٿي ڪر ٻڌي تون،
سڏي قوم توکي سڏي ٿي سنڌياڻي.
سُتي سيج تي پئي، آهي راڄ راڻي.
هتي آهون دانهون، پري لوڪ سُڏڪا،
قيامت ڪان اڳ ۾ قيامت بہ ٿي ڪا،
ستاويهين ڊسمبر، شهادت جنهن ماڻي.
ستي سيج تي پئي، آهي راڄ راڻي.
ٽپي تي ٽپو آ، ٽپو تير تي آ،
اهو ٽورو ڪنهن تي، نہ ڪنهن مير تي آ،
اليڪشن ۾ هاڻي، ڪبي هڪ هڪاڻي.
سُتي سيج تي پئي، آهي راڄ راڻي.
خدا نيت ٻڌندو. غريبن جون آهون،
اٿو مرد ٿيو ۽، ڇڏي ڏيو صلاحون،
عجب ڇو اوهان کي، لڳي ٿي آڪاڻي،
سُتي سيج تي پئي، آهي راڄ راڻي.
ٿيا جيڪي لوٽا، سي لوٽا ئي سڏبا،
مٿان تاج تن جي، وري کھڙا رکبا،
ڦريا جي مري ويا، رهيا ڪجهہ نہ هاڻي.
سُتي سيج تي پئي، آهي راڄ راڻي.
قسم توکي ڏيان ٿو باداشاهہ دستگير جو
ووٽ تنهنجو ۽ منهنجو آهي بينظير جو
ڦرندين تہ توکي پوندي، خدائي ڪا گهاڻي.
سُتي سيج تي پئي، آهي راڄ راڻي.



www.bhutto.org

سخي نوح سرور، تي حاضر هڪل ۾،
ٻڌاءِ ڪنهن جو هٿ آ، بي بيءَ جي قتل ۾،
ڪئي ڪنهن آ حرڪت، اها قاتلاڻي؟
سُتي سيج تي پئي، آهي راج راڻي

ولي پير ڪامل، قطب سڀ سڏيان تو،
هي ڪهڙو ظلم آ، پڏي خون چو تو،
پتائي پڏين تو قلندر سيوهاڻي.
سُتي سيج تي پئي، آهي راج راڻي.

وئي عوام لاءِ بي بي، پنهنجي جان ڏئي،
نشاني بلاول، ٻچڙو جوان ڏئي،
مون ڪان پو اوهان جي، ڪندو هي اڳواڻي
سُتي سيج تي پئي، آهي راج راڻي.



✵

www.bhutto.org

# شهيد بينظير کي پيغام

ايءَ مهربان! محبتن جي مثل آڌار.
ايءَ اڙيلن جي آدرشي اوتار!
مهر واري ماڳ جي مهندار مهجبين،
اي عالمي امن جي سخنور سفير،
اي قوم حسناڪ جي اسير اُتم ديوي!
هڪ غريب الوطن جو رسي توکي سلام!
وطن جان من جو رسي توکي سلام!!
سنڌوءَ جي پني مٽيءَ جي خوشبوئن ۾ تون وسين ٿي،
قوم مظلوم جي دلين ۾ اکين ۾ تون وسين ٿي،
مسيحائي موهن دڙي جي تون، مرڪ تنهنجي مٽي مر مرين،
موت تي زندگيءَ جيئن لڳم، قول تنهنجا ظرف جهڙا زرين،
ايءَ ڌرتي جي دادلي ڌيءَ! ننڍڙڪن کي هيڪل ڪيمَ ڇڏين ها.
ٻرندي رهي شل ٻاٽ ۾ تنهنجي صورت جي روشني!
پيرن ننگن ٻرجهان تو بن، هت ڪيئن هيڪل سري،
درد اڄ درياهه پنهنجو ٻئي سان ڏس ڪيئن سلي!
منهنجي ڪلاچيءَ جي ٻيٽن جي، مالڪي هاڻ ڏسِ ڪير ڪري؟
ڏاڍن جي ڏاڍ کي ڪير للڪاري، ڪير ڪرو سچ چوي؟؟
برهه باغ و بيگاهه جو رسي توکي سلام!
درياهه بي داد بادشاهه جو رسي توکي سلام!!
تون هئينءَ جڳت ۾ روشنيءَ جو هڪ منارو
هر ڪنهن نبلَ کي هاڻ هو تُنهنجو سهارو



www.bhutto.org

هاءِ هاءِ ڪيو تو تنين ڪان ڪيئن ڪنارو
زخم تنهنجا نہ ڏٺا، ٽيا سڄي جڳ ڪان،
سنسار جي نيڻن ۾ شمشان ٻري پيا،
اڄ سنڌ جي ٻچڙن جون بهارون سڙي ويون
پريي جڳ ۾ هن ڏک مان اوچنگارون وري پيون،
پرن زخم هيءُ ڪيئنَ حاذق هي حڪيم،
سمجهن بہ ڪيئن سمجهو فاضل هي فهيم،
غمگين لڳي ڌرتي، وري نئين غم زني ٿي،
اڄ سنڌ جي هر نياڻي نڌڻ چوري چني ٿي!
هاءِ هاءِ خوشيون جي سيرن تہ سيرن ڪيئنَ؟
هاءِ هاءِ ڏاڪڙا ڏکن جا، گهارجن تہ گهارجن ڪيئن؟
اڄ هٽن ڪيئن جهمريون، مارو هي کلن ڪيئن؟
ٻڌن موڙيينر پائر لائئون لهن ڪيئن،
سينگار ڪري پيٽون هندورن ۾ لڏن ڪيئن،
ڏس پيار تنهنجي ڪانسواءِ پنهوار جيئن ڪيئن؟

✵



www.bhutto.org

# سنڌ جي شهيد راڻي

آسون اميدون کوڙ ڪٺي آئي چمن ۾
رهندس وچي عوام سان گڏ پنهنجي وطن ۾

اٺ سال جنهن دور گذاريو هو وطن کان،
آئي ته لکين لڙڪ هئا ان جي اکين ۾

پنجاب، سرحد، بولان جا ماڻهو به خوش ٿيا،
پيو ساهه سنڌ جي ته هو سڪل گلن ۾

هٿ لوڏي کلي ملڻ جو انداز هو پنهنجو
آئي پيڻ پائرن سان ملڻ پنهنجي ڪکن ۾

هڪ باهه جو شعلو جيڪو پڙڪي ختم ٿيو
پروانا رهيا روئندا، وجهي خاڪ مٿن ۾

سا سنڌ جي راڻي ٿي، جنهن جو تخت فلڪ تي،
تنهن پيڻ جا پائر ٿيا، هزارن ۾ لکن ۾

پنهنجي اکين سان مرڪندي، جنهن موت کي ڏٺو
ويٺي نه ڪڏهن خاموش ٿي، گولين ۾ بمن ۾

وسري نه سگهندو ڪنهن کان، اهو موت جو منظر،
جنهن وقت لڳيون گوليون، سڏيون ان جي بدن ۾



www.bhutto.org

ڳٽي پائرن جا لاش، هوءَ ٽڪجي گهٽو پئي،
چيائين تہ هاڻي هلجي، پائرن جي هٿن ۾.

تاريخ جنهن کي سانڻ، زينب عہ جي ٿي نصيب،
مولا حسين عہ ساٿي، رهيو جنهن سان ڏکن ۾.

محرم کان اڳ ۾ ٿي ويو محرم جو هو منظر،
هر شهر، ڳوٺ واهڻ، ماتم هو گهرن ۾.

ڇا ڇا نہ ڪٽي دل ۾ آئي سنڌ جي راڻي،
سڀ خواب دل ۾ ڪٽي، پيڙ ستي ڪفن ۾.

هندو، مسلم عيسائي. هر ماڻهو اشڪبار
تون سنڌ جي راڻي، آ تنهنجو درد دلين ۾.



وصيت ۾ هڪڙو تحفو ڏئي آهي ڇئي وئي،
بلاول اوهان سان گڏ هوندو جنگ امن ۾.

امين سائين، محترمہ جو وفادار سپاهي،
ٽڪرائي آچون گڏجي رهيو ڏکن سکن ۾.

چاليهي تائين ڪا نہ ٿي، ماڻهن ۾ ڪمي ڪا،
اڄ بہ ساڳيو هجوم آهي. شهيدن جي صحن ۾.

ڪجھ ڪو نہ لکي سگهندين. تون امداد سروي،
اڄ قلم آهي ڪيترن، شاعرن جي هٿن ۾.

www.bhutto.org

سرور ڳورائي

# 27 ڊسمبر 2007ع

ستاوهين ڊسمبر جا پاڇا لڙي ويا،
جڏهن سج لڪيو پي لالاڻ ۾.

تڏهن ايشياءَ ۾ آيو زلزلو ڇڻ،
مچي ويو ڪوماتام مهراڻ ۾.

نہ ماريو ها مشرق جي ملڪ او قاتل،
مغربي ۾ اوهين ڇا لڳو پاڻ ۾.

سنڌوءَ جي پاٽيءَ تي پليل پوپري،
لڪي ويئي هر اک جي آلاڻ ۾.

شهادت اسان جو وڏو ڏاج سرور
گواهي آ اجرڪ جي ڳاڙهاڻ ۾.



www.bhutto.org

# سنڌ جي مارئي

پئي ڪونج ڪري ڪنهن جي گوليءَ سان.
ظلم سنڌ سان ٿيو سنڌي ٻوليءَ سان.

هوءَ مومل مارئي نماڻي هئي،
هوءَ سسئي هئي، سنڌياڻي هئي،
هوءَ راڄ ڌڄاڻي، سنڌ راڻي هئي،
جنهن لاءِ سنڌ اٿي پئي هوليءَ سان.

موت معاف ٿيس، هوءَ شهيد چوان،
بينظير جو ڪنهن کي نظير چوان،
بلاول کي سندس تصوير چوان،
جيڪو سونهي شهيدن جي ٽوليءَ سان!

هر ماٺهو غلام سرور رُنو
ڪيڏو مڪلي رني ۽ ڪينجهر رُنو
ڪشمور، ڪراچي، ڪيٽي بندر رنو
روئي سنڌو ندي پئي چوليءَ سان.

✱



www.bhutto.org

# شهيد راڻيءَ جو وڇوڙو

وڏو ڪري وئين ويري وار!
ياڻرن ڪان تو ييئڻ چني.
انت ڀهر جي خبر نه ڪائي، قضا ڪهر جي ڪاٿئون آئي،
ڏيهه ۾ پئجي ويو ڏهڪار.
سنڌ امڙ جي ارڏي نياڻي، ڪري هلي سڄي سنڌ ويڳاڻي،
ڪير اسان جي لهندو سار.
سنڌ سڄي تي ماتم آهي، ڦهر ڪيو ڪيو تو ظالم آهي،
رُنا ٻڪا ۽ پوڙها ٻار.
خواب ڪٿي هئي جيجل آئي - سنڌ جي راڻي سنڌ جي ڄائي،
سڀ اميدون تي ويون ڇار.
ماري به هن کي سگهيو نه ماري— ويئي پنهنجي ذات ڏيکاري،
آئي حصي ۾ تنهنجي هار.
عرش رُنو آ فرش رنو آ، دامن هر آدم جو ڀنو آ،
آهون سڏڪا ۽ اُڇنگار
مليو شهادت مان ٻُٽن کي، واهه ڏنو سنڌ مان ٻٽن کي،
ڳايون ويٺا ڳڻ ته هزار.
اداس آصفه ۽ بختاور، روئي بلاول به پيو زر زر،
پيئي صنم جي پئي سڏڪار.
ڏس او يزيد! ڪيسين لڪندين! نيت ته قاتل ظاهر ٿيندين!
ڪبي توسان به اهڙي ڪار.



www.bhutto.org

ذک ۽ سک ۾ سڀ جي ساٿي، سنڌڙي تان وئي گهوري حياتي،
اڙيـــن اپـــوجهن جـــي آڌار.
تنهنجو چهرو صاف سچاٽو، تنهنجي نيت کي بہ ٿا ڇاٽو
غيـرن سـان ٺئـين گـڏ غـدار.
سمجهہ نہ آئي تنهنجي ٻولي، ياءُ سڏائي هلائي گولي،
ڪـوڙجـا ڳـوڙهـا هـاڻ نـہ هـار
جـاٽـئي ڀـوڪي سـائي لٽـنـدين، ڇـوي شـبيرڻ هتـڙا هٽـنـدين،
مهـٽـــا ملنـــدئي لـــک هـــزار

✵

قـادر تنهنجـي قـدرت جـو هـي ڪـهـڙو آ دسـتـور،
سـاڙي وڏئـي سـاهہ کـي، رڳ رڳ تـي پئـي چـور،
ڪن سينو پٽيو سڏڪي، ڪـي وڃـائي ويـنـا نـور،
هيءُ ڪهڙو ڪيئي ڪلور، جو پيڻ ڇڳي تو پائرن ڪان!

ٻُـــڌن ســـندا يـــاڳ بـــہ، آهـــن ڏاڍا عجيـــب،
اميـــرن کـــي اڻـــاري، لاٽئـــون ڳـــل غريـــب،
شـهادت سـندو شـان ئـي، مـولا ڪـين نصـيب،
پيـارا، قريـب رقيـب، مـاتم ڪنـدي مـون ڏٺـا.



www.bhutto.org

## يڪتائيءَ جي تحرير

او منهنجي پياري ڀيڻ!
توکي مان ڀيٽا ڇا سان ڏيان؟
بي سبب هي تنهنجو خون،
۽ تنهنجي لحد تي اهي گلاب،
۽ گلابن جي اها خوشبوءِ،
تنهنجي مُسڪراهٽ جي
مهڪ ٿا مچائن!
اي با ضمير!
اي يڪتائي جي تحرير!
اي ڄامشوري جي هير!
توکي هزارها سلام!
توکي هزارها سلام!



www.bhutto.org

## يتائيءَ جي سورمي

يتائيءَ تہ ستن سورمين کي ڳائي ڇڏيو،
پر هيءَ جا...
ستن سورمين جي
مثل هڪ سورمي آهي،
ان کي کهڙو يتائي ڳائي..؟
ها! اڄ اهو خيال،
دل ۾ اچي ٿو تہ:
يتائيءَ ئي توکي ستن سورمين جي،
شڪل ۾ ڪيترو پهرين،
ڳائي ڇڏيو آهي!



www.bhutto.org

## مان سڀ ڄاڻان

ساڳيو لُٽيرو وري اڄ لُٽي ويو
ڪسي ويو اسان ڪان خوابن جي ساپيان.
تون ڇا ڄاڻين! مان سڀ ڄاڻان،

فريبي، ناهي ڪيئي بهانا،
توئي ظلم ڪيو آ ظالم زمانا.
جيڪو يي عوم جو سهارو بڻي ٿو
سماج ٿي ان تي آگر ڪٽي ٿو.
لفظن جي تيرن جا بڻيا سي نشانا،
تون ڇا ڄاڻين! مان سڀ ڄاڻان.

جيڪو جبر اڄ اسان تي ٿيو آ،
جي زمين تي ٿي ها،
مان دعوي سان چوان ٿو تہ.
ڦاٽي پوي ها.
پر اسان جا ضمير اڄ يي ناهن وڪاڻا،
تون ڇا ڄاڻين! مان سڀ ڄاڻان.

تاريخ جو ورق ورائي ڏسو
هر هڪ شهيد جو پڙهو هَرِ قصو
تن ۾ بہ سڀ ڪان امر هي رهندا،



www.bhutto.org

ڳڙهي جا ڍُنتا ڪڏهن ڪو نہ مرندا،
مرندا وري پِي يزيد جا مِتاٽا،
تون ڇا ڄاڻين! مان سڀ ڄاڻان

نئين سج مان نئون روپ ايندو
بهادر ٻچي سو واڳون جهليندو
وچن ٿا ڪيون اسين پيڙ توسان،
ڏکيو وقت آيو تہ ٿينداسين قربان،
نعري ڍُنتي جي تي اٿندا اباٽا،
تون ڇا ڄاڻين! مان سڀ ڄاڻان،

ستاويهينءَ جا سجڙا تون نہ لهين ها،
قيامت اچي ها پر رڪجي وڃين ها!
ڦورو آيا اسان کي ڦرڻ لاءِ،
جو ڪجهہ هو سڀ ڪجهہ ڦري ويا،
هڪ مان ناهيان، لکين هن لٽاٽا،
تون ڇا ڄاڻين! مان سڀ ڄاڻان،

خدا دَرِ اها اڄ دعا ٿا ڪيون،
ملير جي مارن جو سهارو ٿئي،
بلاول اسان جو سگهارو ٿئي،
ڪري هو سرعام اهو اعلان،
بي سهارا ناهن سانگي سياٽا،
تون ڇا ڄاڻين، مان سڀ ڄاڻان.



www.bhutto.org

# او سنڌ جي نياڻيءَ جا قاتل

اڙي او سنڌ جي نياڻيءَ جا قاتل!
اڙي او سنڌ جي راڻيءَ جا قاتل!
تو ڇو اسان کان پيڙ کسي؟
تو ڇو اسان کان ڇت ڇني؟
تون ڇو انهي اچي رئي تي،
لال رت جا ڇنڊا ڇاڻيا.
سنڌين جي اکين ۾ لڙڪ آڻيا.
ڇا توکي خبر ناهي،
بينظير سنڌ جو شان هئي؟
اڙي او سنڌ جي نياڻيءَ جا قاتل!

بينظير سنڌ جي جان هئي.
سنڌ کان تو آن ڇني،
شان ڇني، جان ڇني،
اسان سنڌين لاءِ جان ڏئي وئي،
رب کانسواءِ ڪنهن کان نہ ڊني،
هن بهادر سنڌياڻي جي شهادت تي،
ڏس ڪئن ڏرتي رت جا ڳوڙها رني.
اسان کان اسان جي پيڙ ڇني،
اڙي او سنڌ جي نياڻيءَ جا قاتل!



www.bhutto.org

ڇا تنهنجي اندر ۾ دل ناهي؟
ڇا تو کي ڪا نياڻي ناهي؟
ڇا تو کي ڪا ڀيڻ ناهي؟
جي آهي تہ اڄ سمجهي وڃ،
تو پنهنجن جو ئي خون وهايو
پر هڪ ڏينهن نيٺ تون بہ مرندين،
مري ويندين نہ واپس ورندين،
پر ڀيڻ منهنجي مئي ناهي،
هوءَ تہ اسان جي دل ۾ آهي،
هوءَ تہ "شهيد" ٿي وئي،
"شهيد" هميشہ زنده آهن،
"شهيد" ڪڏهن بہ مرڻا ناهن،
هو تہ هميشہ ورڻا آهن.
مري تہ تون وئين
اڙي او سنڌ جي نياڻيءَ جا قاتل!

✲



www.bhutto.org

# شهيد راڻيءَ کي پيتا

شهيدن جي پيڙ ۽، شهيدن جي نياڻي
هاءِ سنڌ جي راڻي، هاءِ سنڌ جي راڻي.

رڻ پي رنو آ، پٿن پي رُنو آ،
توکي ساري سانئڻ، وطن پي رُنو آ.

سٽي سانحو هي، پکي ماتمي ٿيا،
شهادت پڌي تو سکي ماتمي ٿيا.

پٿر دل رنو آ، ۽ هر دل رُنو آ،
کويءَ جي کهاڻين، قصن پي رنو آ،

هي مقتل بہ گُونجي اٿيا، اڄ وري هن،
جهانگيئڙن سندا جيءَ، پيا اڄ جهري هن.

نوحو توتي لکندڙ هٿن پي رنو آ،
هي صدمو سهڻ کان مٿي ڳالهہ آهي.

کٿان کان کٿي، جي کٿي ڳالهہ آهي،
کٿا هن تي کربل، بہ حيران آهي.



www.bhutto.org

يزيـدي هـي ٽولـو هـي لشـڪر شـمر جـو
ڪتـان ڪـان ڪتـي پهتـو شـيطان آهـي.

ڇا نياڻين جي هستيءَ کي، بي ايمان سمجهن،
ڇـا سـي شـهيدن سـندو شـان سـمجهن.

مگـر جـن بـہ سـمجهيو انهـن ايئن ڇيـو آ،
ڪيـو رب راضـي،، اٿئـي سـورهياڻي.

شـهيد جـي ڀينـر، شـهيدن جـي نيـاڻي،
اڄ بهـادر تنهنجـا پـاءُ، مـرڪن پيـا.

۽ بهـادر بـہ پـيءُ مـاءُ، مـرڪن پيـا،
اسـان جـو علـم پنڪـي اونچـو رکـي ويئـي.

اسـان جـي ڇـن کـي، آ پـاڻي ڏيئـي ويئـي،
اسان تنهن کي جيئن هو ڇيو، تيئن ڪيو آ،

ڇيـو جيڪـو تـوکي بـہ سـانئڻ شـهيدن،
انهـن جـي لهـوءَ جـو پـرم تـو رکيـو آ.

ڏرتـيءَ تـي تنهنجـي، وهيـل خـون جـو سـنهن،
اسـان جيسـين تـائين، بـہ هونداسـين جيئـرا،

او....! شهيدن جي نياڻي، هـي توسان وچـن آ،
تنهنجـي هـر ويـريءَ سـاڻ ويڙهانـد رهنـدي،

✵



www.bhutto.org

# درد ۽ غم جي ڪهاڻي بينظير

اڄ وري بهارون مونسان روئي ويو
سڄي سوڳوارو مونسان روئي ويو.

اڄ هڪ ٻي ڪربلا تي ماتم ڪجي،
انهيءَ سانحي تي، وري غم ڪجي.

صدين تائين غم ۾ لُڇندو رهي،
نئون نسل ڪري، ڏک روئندو رهي،

جيئن هر دور ۾ وڇوڙو تازو پائجي،
هي نوحو ساري، خلق ۾ ڳائجي،

هي آواز فلڪ تي پهچائجي،
اداس گلابن سان، گڏجي ڳائجي،

دلين کي آيل عذاب تو ڏسجي.
سوڳوار آفتاب، مهتاب تو ڏسجي.

فريبي راتين ۾ هوءَ آ اسير تي،
سنڌ جائي، سنڌڙي بينظير تي،



www.bhutto.org

وقت جي وار تي، الوداع ڪري وئي،
مرڪندي دار تي، الوداع ڪري وئي،

اڏوري آس جي پڄاڻي بينظير تي،
هن درد و غم جي ڪهاڻي بينظير تي.



www.bhutto.org

# بينظيرڪي ڀيٽا

سنڌوءَ کي خون ڏيندا سين...!!
منهنجي نيڻن ۾ ماتم آ،
منهنجي نيڻن ۾ ماتم آ،
منهنجي ڌڙڪن ۾ ماتم آ،

شهيدن جي جيالن جو،
سڄي ڌرتيءَ ۾ ماتم آ،
روئي ٿي سنڌ هيءَ ساري،
چمن ۾ روج راڙو آ.
ڪيڏي مجبور آهي سنڌ،
ڪيڏو ظالم ڏهاڙو آ،
ڪيان ڪهڙو بيانِ غم،
ڏکن جي انتها آهي.
ٽٽي پيو باغ، باغيچو.
سڄي جوڀن ۾ ماتم آ.

سڄي ڌرتي انڌيري هئي.
ذهن هر هڪ ميڇالو هو.
سنڌين سان ظلم هو هر جاءِ،



www.bhutto.org

نالي ماتر اُجالو هو.
ڀُتي جي ڏيءُ، جي ايندي،
خزان ۾ ڪا بهاري ٿيندي،
ٽڙيل گلدان جي گل ڦل،
حسين گلشن ۾ ماتم آ.

نڌڻڪي سنڌ آهي اڄ،
ڪوئي روشن نہ راهي آ،
لڳي ٿو سنڌ ڌرتيءَ جو،
هاڻي الله واهي آ.
اٿو غيرتمند سنڌيو!
اسان کي قوم ساري ٿي.
سنڌين جي تن بدن تڻ،
سڪل لبڙن ۾ ماتم آ.

شهيد بينظير تنهنجي،
لهوءَ جي آب جو سوڳند،
تنهنجي نيڻن ۾ وڪريل اُن،
سموري خواب جو سوڳند،
سنڌوءَ کي خون ڏيندا سين،
نئون هڪ ولولو ايندو،
اسان جي جيءَ ۾ حاڪم،
سنڌي جذبن جو ماتم آ.



www.bhutto.org

# شهيد بابا جي هئي نشان بينظير

ڀريان ڪيان ٿو پچار پروردگار جي،
عقل ڇيو حمد ڪر، ڀريان پالڻهار جي،
ساراهہ ڏٺيءَ پوءِ ڳالهہ، نبين جي سردار جي،
آهيون اُمتي احمد جا، مرضي آ مختيار جي،
پر اڄ سگهڙ جي نظر آ، ڪائناتي ڪردار جي،
دنيا ديس ۾ درد هي ڪهڙو سالڪ سوالي سوڳوار جي،
عالم اکيون آليون، مٿي مات ملهار جي،
ها اها آهہ آ، شهيد بينظير جي اظهار جي،

شهيد بينظير جي، اظهار جي ڳالهہ ڳري،
خبر هن ٻڌڻ سان، ٽپ ويم ٽري،
دانهن دنيا ڪئي ديس جي، رني هر دري،
اڳڻ ارمان ۾ رهيا. ويچار ٿيا وري،
ٽن ڀٽن جي شهادت، پر موت جي عادت نہ ڦري،
نياڻي نماڻي سالڪ سياڻي، ڀرم جي ڪنئي هئي ڀري،

ڀرم جي هيءَ ڀري، ڀٽن جو آ شان،
بينظير بابا شهيد جو، هئي ناںءَ نشان،
موت ٿيو مهمان، آيل اجاريو.

آيل اجاريو پريت هي پنهوار
جمال ساڻ ڪمال، سندو هيءَ وهنوار
ساڻيهہ تان زندگي، ٿي اڄ سنوار



www.bhutto.org

ساٺيهه تان زندگي سنوار تي بڻي بينظير!
آهه عوام ڪئي، آهه بينظير!
درد ديس جو بڻيو ساهه بينظير!
عظيم تو عظمت ماٺي واهه بينظير!
مليرملهائي سنڌوءَ چاهه بينظير!

۞



www.bhutto.org

## قهر پوندو قاتلن تي...

قهر پوندو قاتلن تي، ٿي ويندا ڪامي ختم،
جن سڳوري سنڌ سان، آهي ڪيو اهڙو ظلم.

سنڌ صدين کان سدائين، آ سٺي صادق صفا،
محبتي ماڻهو منجهس، ۽ صاف دل سهڻا سُٺا،
هن ڌرتيءَ تي هزارين، ڪيترا ڪونڌر ڪُٺا،
قرب جون قائم ڪچهريون، سي ڪندا هئا دم بدم.

پر جڏهن بڻيو اسان جو ملڪ پنهنجو ماڻ هي،
سک سانگين جا ڦٽي ويا، ٿيا گهڻو حيران هي،
ڪو نہ ڪو انصاف مليو آ انڌو ايوان هي،
ڇا ٻڌئي ڇا ٻڌايان، ساري مان کهڙا ستم.

هت بکايل باز وانگي، ڳُل ٻُکيا ٿيا هِنِ ڪني،
سنڌ واسين جا سمورا ويا سيئي لانگا لتي،
مائيتاڻيون ملڪتون سي، چور وانگي ويا چٽي،
ڪو نہ اج تائين ٿيو آ، ڪو انهيءَ جو غور غم.

جو ڪري هت ڳالهہ حق جي، سو وڏي آ ويل ۾،
چور چوڪيدار ٿيئڙا، يا ڳيا پيا جيل ۾،
هو وڏيرا وات ڦاڙيو، خوش ٿين هر کيل ۾،

www.bhutto.org

ظالمن تي ظلم جو قادر ڪٽي شل ڪو قدم.

ڪو نہ تو قانون گهرجي، حاڪمن جو هاڻ ڪو
تاهہ ٿيٽو مور ناهي، تن لٿيرن ساڻ ڪو
نہ ڪپي عالم اسان ڪي، بس انڌو اڳواڻ ڪو
تي خدا جي مهرباني، سنڌ ۾ ٿيئڙو جنم.



www.bhutto.org

## هوءَ واقعي بہ بينظير هئي

ڪاش! ايئن نہ ٿئي ها، تہ ڇا ٿي پوي ها،
جي ڪجهہ اڳتي هلي ها، تہ ڇا ٿي پوي ها

هڪ اُن ٻراسان جون، هيون ڪجهہ اميدون،
جي پوريون ٿين ها، تہ ڇا ٿي پوي ها،

دلين تي اسان جي، لڳل گهاوَ آهن،
هوءَ مرهم ٿئي ها، تہ ڇا ٿي پوي ها،

ٻُڌي هر زبان تي، اها ڳالهہ آهي،
اڃا جي هجي ها، تہ ڇا ٿي پوي ها.

شهادت انهن جي، تہ ميراث آهي،
جي تاخير ٿئي ها، تہ ڇا ٿي پوي ها.

غريبن يتيمن، جو ٻڌجي سهارو
وري جي اچي ها، تہ ڇا ٿي پوي ها.

زماني جي ظلمن، جي اونداهہ آهي،
هوءَ سج ٿي اچي ها، تہ ڇا ٿي پوي ها.



www.bhutto.org

اسان جي خوشين کي، ستو ڪنهن نہ آهي،
جي نظر نہ لڳي ها، تہ ڇا ٿي پوي ها.

اسان جي تہ بس، هوءَ تقدير هئي،
هوءَ نالي پنهنجي جيان بينظير هئي.

خرم چئني صوبن جي هوءَ زنجير هئي.
هوءَ واقعي بہ بيشڪ بينظير هئي.

✲



www.bhutto.org

## سنڌ راڻي جي نانءِ

بي سريون بي وقتائون،
موت تنهنجون وارتائون.

اڄ چئني تو سنڌ راڻي،
ڪُل دنيا تي درد هاڻي،
پيڻ پيٽن ڪان چڳاڻي،
ڪربلا جي ٻر ڪيائون.

جرجي ڦوٽي زندگاني،
سپ ڇڏيندا دنيا فاني،
پر ڦريا جي، جيءَ جاني،
سور سارا، سپ سزائون.

موت تون مارين لکن کي،
قوم قومن ۽ ننگن کي،
پر جهلن ڏاڍن ڏڏن کي،
بي منديون آڻي بلائون.



www.bhutto.org

کوڙ ماري تو کپايا ،
جن نہ موٽي مُنهن پسايا،
جي ويا واپس نہ آيا،
ڪر نہ ڪنهن جي ڪا لڏائون.

بي خوديءَ ۾ يي جهليا تو
ننڊ ستيءَ ۾ يي جهليا تو،
گس گهٽيءَ ۾ يي جهليا تو
هر هر ڪري هڪلون هلائون.

نيٽ ايندو تنهنجو وارو
موت ڏيندين بي سهارو،
مِلڪ مالڪ مُلڪ سارو،
علي حسن وس التجائون،
بي سُريون بي وقتائون،
وقت تنهنجون وارتائو.

✵



www.bhutto.org

# اندر ۾ آگ ٻرڻي آ

سدائين سنڌ راڻيءَ جي، اندر ۾ آگ ٻرڻي آ،
خوشيون ڪرِ خَر نہ تون ايڏيون، قيامت توتي اچڻي آ.

رُنا مسڪين محترم، رنا رهبر ۽ ڏاها سڀ،
وچن توسان آ مرداڻو جمهوري واٽ ونڻي آ.

هوشو هيمونءَ سان پريل آ، سموري سنڌ هيءَ ساري،
قتل قاتل ڪندين ڪيڏا، نرن گڏ نارِ وڙهڻي آ.

ڏيئي سِرُ ساهُہ صدقي ۾ ڪري وئي قوم تان قربان،
سندس هي ياد سيني تان، ڪڏهن ٻي ڪا نہ منڻي آ.

اٿيا ڄهرَ جهَنگ جُهوپا هن، سُپر ساهي هي سيني ڪي،
ڏهوڻي ڏاڍ جي قيمت، هاڻي توکي ئي ڀرڻي آ.

ڏيئي لت ڪنڌ مٿي قاتل، ٿاهي گس ماڻبي منزل،
ماڻِن مسڪين آزادي، گهڙي سا نيٺ اچڻي آ.

علي حسن ڪي آهن آسون، اجهو جڙ پار پهتاسون،
ٻڌي، محبت ۽ يڪجهتي، وڏائي واٽ ونڻي آ.



www.bhutto.org

## شهيد لاءِ نظم

آڪاس چيو منهنجي!
ڌرتيءَ به گھريو هن کي.
ٻنهي کي ڪيئين راضي؟
ويو روح اڏي هُن ڏي،
۽ جسم مليو هِن کي.



www.bhutto.org

# شجاعت هُئي بينظير

الله جـي عنايـت ۽ بشـارت هئـي بينظيـر،
ڪيـڏي نـہ ڪرامت ۽ سـعادت هئـي بينظيـر.

رب جـنهن کـي ڏنـي ذات گهڻـي ڏيهہ سـڄي ۾
تصـوير نمانيـت ۽ شـجاعت هئـي بينظيـر.

هُئـي جيڪـا ملـي، مُحب وطـن پـيءُ پُٽـي کـان،
سا ڪيئن نـہ سنياليندي، امانـت هئـي بينظير.

وفـا، سـونهن، سـيپتا ۽ سـخاوت جـي نشـاني،
تهـذيب جـو آواز روايـت هئـي بينظيـر.

آواز اُپـوجهن جـو غـريبن جـو سـهارو
مظلـوم جـي تقـدير ۽ دولـت هئـي بينظيـر.

خُـواب هـو خوشـحالي جـنهن جـو امُـن ارادو
قـوم جـي ترقـيءَ جـي ضـمانت هئـي بينظيـر.

ملڪ جـي ماڻهن کـي رکيـو ميـڙي سدا جـنهن،
امـن جـي اتحـاد جـي علامـت هئـي بينظيـر.



www.bhutto.org

ظالمن ۽ غاصبن، آمرن ۽ جابرن،
ڪيئن نہ قاتلن سان ڪئي بغاوت هئي. بينظير.

منزل مقصود جنهن جو هو عوامي راڄ هت،
ناحق سان رڪندي ڪيئن نہ عداوت هئي بينظير،

پنجتن پاڪ گهراڻي سان رکي واسطو سچو،
ماڻي سا وئي ڪيئن نہ شهادت هئي بينظير.

تاريخ ڪڏهن ڪو نہ ڏسي سگهندي لمحا سي،
جنهن وقت وئي باغ لياقت هئي بينظير.

عاجز نہ ڪڏهن آهي ڏٺو اهڙو واقعو،
ڪئي برپا وچوڙي سان قيامت هئي بينظير.

✵



www.bhutto.org

## ڪري ويئي جدائي

ڪـــري قـــوم ڪـــان وئـــي ادي الـــوداعي،
خبـر ڪـا نـ پئـي ڪـا، تـ ڏينـدي جـدائي.

ڪـڏهن ڪنـڊ پنهنجـو نـ مـوڙي چـڏيائين،
ظلـم ظـالمن جـا بـ سـر تـي سـٺائين،
اهـو مـان نـ هـڪ پـر تـي جـاٽي خـدائي،
خبـر ڪـا نـ پئـي ڪـا، تـ ڏينـدي جـدائي.

ويـران تـي ويـا سـتارا وطـن جـا،
سـر سـبز ٻنيـون ۽ ٻـارا وطـن جـا،
گهـر گهـات تـي ويـا سـارا سـودائي،
خبـر ڪـا نـ پئـي ڪـا، تـ ڏينـدي جـدائي.

يتـي ذالفقـار جـي نيـاٽي ويچـاري،
سـڄي سـنڌ جـي ييرڻ سـاري ويچـاري،
ڪـري سـوديبازي ڪميـٽن ڪهـائي،
خبـر ڪـا نـ پئـي ڪـا، تـ ڏينـدي جـدائي.

آ مـزدور هـارين جـي تـ نيـٽن ۾ پـاٽي،
ٻـڌُو جـوانُ ٻچـڙو چئـي تينـدو چـا هـاٽي؟
اسـان جـو تـ هـاٽي الله آهـي واهـي،
خبـر ڪـا نـ پئـي ڪـا، تـ ڏينـدي جـدائي.



www.bhutto.org

تيـــــو لاڙكـــــاڻي ۾ آهــــــي روڄُ راڙو.
ســچي ملــڪ جــو آهــي اوڏانهــن ئــي لاڙو.
جتـــي آ دفـــن تـــي نصــرت جـــي جــائي،
خبـر ڪـا نــ پئـي ڪـا، تــ ڏينـدي جـدائي

قصــــو يـــار عـــاجز لکـــڻ ڪـــان وڌو آ.
ادا نوحپوتـــــا پـــــڙهڻ ڪـــــان وڌو آ.
ڪُـڏن سـيج سـورن جـي آهـي سـجائي،
خبـر ڪـا نــ پئـي ڪـا، تــ ڏينـدي جـدائي.



www.bhutto.org

## سگنڌ جو قتل

سـگنڌ اڄ ڪسـي وئـي آ،
گـلاب منـد رسـي وئـي آ.

پرهـ مٿـان ڏسي ڪفـن ڪـي،
دنيـا سـڄي لڇـي وئـي آ.

مٿـي بـ سـنڌ ۽ شـهر جـي،
مڪـي جيـان چُمـي وئـي آ.

انـدر منجهـان اُميـد جـي،
ٻريـل شـمع اجهـي وئـي آ.

سـراب راهـ تـان تنهـا هـوءَ،
شـهيد سـج لٿـي وئـي آ.



www.bhutto.org

## ستاويهه ڊسمبر

چوڏس شام، جنهن اسان کان،
اسان جي عزت، عظمت، همت، طاقت ۽
حوصلو چند گهڙين ۾ کسي ورتو!
اها شام سڄي سنڌ لاءِ،
ته ماتم بڻي ئي، پر-
ملڪ ۽ عالمي دنيا لاءِ،
به هڪ المناڪ سانحو بڻجي وئي!
انهيءَ شام جو اسان جي پيڙ،
بينظير جيڪا اسان جي،
مٿان ڇپر ڇانو هئي.
تنهن کي اسان کان هميشه،
ڇني ڌار ڪيو ويو.
۽ سڄي سنڌ نه پر-
سڄو ملڪ ۽ عالمي دنيا کي،
ڪيو ويو ڏکارو ۽
يتيم ڪيو ويو!
ها! سوڳوار! سوڳوار!
سوڳوار يتيم ڪيو ويو!

✵



www.bhutto.org

# ڀُٽي جي ڄائي

وري ظلم جي ٿي وئي انتهائي،
ڪٺي آ ڀٽي جي، سرعام ڄائي.

غريبن ۽ هارين جي، هڏ ڏوڪيائي،
ڏٺي اوچتو وئي، آهي جدائي.
ڪُٺي آ ڀُٽي جي سر عام ڄائي.

انهيءَ مهل ماتم، ويو ملڪ ۾ ٿي!
خبر موت جي جڏهن، ڊاڪٽر ٻڌائي،
ڪٺي آ ڀٽي جي سرعام ڄائي.

سچي قوم سان ۽ وفادار هئي جا،
ڪري پيرڻ وئي سا، هاٺي الوداعي،
ڪٺي آ ڀٽي جي سرعام ڄائي.

ڪري قيس قاتل، ڪيڏو نه ناحق،
نصرت ڀٽو جي، دل آ رنجائي،
ڪٺي آ ڀٽي جي سرعام ڄائي.



www.bhutto.org

## اي سنڌ راڻي الوداع...!!

سـنڌوءَ هَـنجَ پـاليو تـوکي سـورمي الـوداع!
ڪيئـي ذک سـور صـدما سـٺا تـو تـوکي الـوداع!

مـوهن جـي دڙي جـي سـهڻي سـمجهدار سـياڻي،
رات جـي رهـزنن گهـٽ وٺـي ڪٺـو تـوکي الـوداع!

اڄ وري غمگـين شـهر مٿـان مينهن ڪٽيـون برسـيون،
تـولاءِ آسـمان بـہ پئـي رنـو تـوکي الـوداع!

مهـراڻ جـي مـاءُ، ڪينجهـر جـا ڪنـارا،
سـڀ تـولاءِ رنـا شـهيد پٽـي جـي نيـاڻي هـاڻي الـوداع!

سـوڳ ۾ وورتـل لـيلا، مومـل، سـهڻي ۽ سـڀ سـرتيون،
ڦـولار جـي سـنگ ۾ نـہ رهـي سـرهاڻ تـوکي الـوداع!



www.bhutto.org

## سنڌ ڄائيءَ جي هڪڙي ڪهاڻي ٻڌو

سنڌ ڄائيءَ جي هڪڙي ڪهاڻي ٻڌو!
هوءَ سسئي هئي، هوءَ راڻي ٻڌو!

هوءَ ديوي هئي ڀاڳ، مقدر سنڌي،
هوءَ ارڏي هئي ۽ سياڻي ٻڌو!

يا حسين، يا حسين هڪ صدا ٿي اچي،
ڪربلا سنڌ هاڻي ٻڌو!

ڪير دانهون ٻڌي ڪير پُرسا وٺي،
ٻات جي لاٽ آهي اُجهاڻي ٻڌو!

سر ڏنئين ڪين آخر جهڪي جا ڏسو.
جا نه ڏن زور آڏو وڪاڻي ٻڌو!

پيڻ توکي سلامن مٿان هي سلام،
سامراجن کسي ديس نياڻي ٻڌو!

هڪ نه "سانول" رُنو ڪوڙ سانول رُنا،
خال پربو نه اڄ يا سياڻي ٻڌو!



www.bhutto.org

## صدائون ديس وارن جون

وري آڪاش تي پهتيون، صدائون ديس وارن جون.
وري بادل ويون بڻجي، نگاهون ديس وارن جون.

بڻي جا ديس لئه سسئي، ڪڏهن ڀاڳهل ڪڏهن مارئي،
انهيءَ لئه ويڙهه ها ماتم ۾ دانهون ديس وارن جون.

ڏسو اڄ سامراجن چا ڏنا، تحفا اوهان کي هن،
سوين گوليون، سوين لاشون، ڏنائون ديس وارن جون.

ڪنئون ڪيئن سنڌ ڇائي کي، شرم تن کي نه آيو ڪو
سوين آسون اميدون پڻ، ڪٺائون ديس وارن جون.

وڏي تي ڪربلا وئي آ، سموريءَ سنڌ جي اندر
ڏئي اڄ کير آتت کو پڇائون ديس وارن جون.

وري جا آڳ ٻڙڪي آ، انهيءَ کي ڪير تاريندو؟
ٻڌي رَبُ شال سانول، التجائون ديس وارن جون.



www.bhutto.org

## رُنو جڳُ جهانُ

ٻـڌايان اوهـان کـي تـو بيحـد هـيءَ بيـان،
سـتاويهين ڊسـمبر تـي، رنـو جـڳ جهـانُ،

مـاريءَ مـروان کيـو گـوليءَ جـو تـہ نشـان،
بينظيـر جـي شـهادت جـو جـڏهن ٿيـو اعـلان،

ڏنـائين ڏيهـہ کـي، سـورن جـو تـہ سـامان،
زخمـي زبردسـت ٿيـو پـورو پاڪسـتان،

ڳڙهـي خـدابخش ٿيـو مـاتمي قبرسـتان،
رنـو انهـيءَ غـم ۾ ڌرتـيءَ تـي انسـان،

سـيئي گـڏجي پئـي رُنـا، هنـدو مسـلمان،
جنـت ٿـيس مکـانُ، ورثـي ولـي محمـد چئـي.



www.bhutto.org

# ها سنڌياڻي هئي

سنڌ ديس تنهنجي دڳ دڳ تي،
چچرجي وئي هر چاهت آ.
ظلم جي ڪا ناهي انتها،
هي ڪوئل ڪلهہ جا اُڏاري وئي،
سا ديس تنهنجي راڻي هئي.
ها سنڌياڻي هئي، ها سنڌياڻي هئي،
شهادت پائي امر ٿي وئي،
سنڌ کي وڏو سوڳ ڏئي وئي،
سوڳ مٿان هت سوڳ آ،
ڪيئن ڪافر سندو هيءَ يوڳ آ،
هي جو ڪليون ڪيچن پيون،
گلشن جي نگريءَ ۾ ڏسو!
روز رابيل پيو مرجهائي ٿو
اُماس آٿي ڪيئن وحشي انسان؟
سنڌ ٿي آ ساري سُنسان.
وکري ويو آ جو پنهنجو خاندان.
سوچي وٺو سنڌيو ڪو ساماڻو آ!
وڙهڻ جو پيو هوندو ڪو تاڻو آ،
هي روز شهادتون وڏن پيون،
هي سلطان سسيون لڙڪن پيون،
هت روز ڪونڌر ڪٽو ٿو وڃي.



www.bhutto.org

هت روز راڙو رنو ٿو وڃي،
سنڌڙي سنڌا هي سور سميٽي،
مڪلي بہ هاڻي ٿڪي پئي آ،
هي روز ڪهاڻيون اماڻي پيو ڪير؟
سنڌين سان رکي ايڏو وير،
تاريخي حوالن جي سينن مٿان،
ورق سمورا پيري ڇڏيا هن،
خون سان ويو پگهري آ چڻ،
سنڌ جو سينو سگري آ چڻ،
هي روز لاشن سنڌيون ڪاٽيون،
ٽانڊن جيان ٽمڪن پيون،
انصاف پيي ويو اُڏري آ چڻ،
ديس پيي ويو اُجڙي آ چڻ ،
ڪوئي سنڌي ڪچي بہ نٿو
ڪوئي ڳوڙهو ڳڙي بہ نٿو
سنڌ جا سور سٽي بہ نٿو.
اٿو سنڌيو ڪا جنگ جوٽيون،
ڇو نظر اوهان جي جُهڪي پئي آ؟
ممتا بہ هاڻي ٿڪي پئي آ.
اٿو سنڌيو ڪا جنگ جوٽيون
اٿو سنڌيو ڪا جنگ جوٽيون.
هيءَ ڪوئل ڪلهہ جا اڏاري وئي.
ها سنڌياڻي هئي ها سنڌياڻي هئي.

✲



www.bhutto.org

## راڻيءَ جا قاتل ٿا گهرجن

هيءَ ڌرتي ڪيڏو بار سهي،
۽ لاشن جا انبار سهي.
هر روز شهيدن جو تحفو،
هر روز نئون آزار سهي.
راڻيءَ جا قاتل ٿا گهرجن،
نياڻيءَ جا قاتل ٿا گهرجن.

او ڌرتي! منهنجي ماءُ مٺي،
تو اهڙي هڪڙي ڌيءُ جڻي!
جا رت سان ملڪ سجائي وئي،
پر دنيا کي ڌهڪائي وئي.
راڻيءَ جا قاتل ٿا گهرجن.
نياڻيءَ جا قاتل ٿا گهرجن.

هاري ۽ مزدور چون ٿا،
پيٽ، بکيا مجبور چون ٿا.
منهنجي سنڌ جي ڌرتيءَ جا،
ماڻهو سڀ منصور چون ٿا.
نياڻيءَ جا قاتل ٿا گهرجن.
راڻيءَ جا قاتل ٿا گهرجن.



www.bhutto.org

## ڪاڪ جي ڪوئل

سنڌ جا دشمن ڏار هزارين،
پنهنجا ٻه ويري يار هزارين.

ڪسندا اڇن تا سورهيه سنڌ جا،
يتيم ٿين تا سنڌي ٻار هزارين،

سرمد، شاهنواز مرتضيٰ ٻه قتل ڪيائون!
ماري ڇڏيائون ذوالفقار هزارين.

پٺي جي صورت بينظير ٿي آئي!
اڇي مارن ڀروپا هڪار هزارين،

جلاوطني ختم ڪير آئي سنڌ ۾،
تنهن تي ٻه ڪيائون گولين جا وار هزارين.

18 آڪٽوبر تي آئي ڪاڪ جي ڪوئل!
ڪيا هڪ هڪ پئي ديدار هزارين!

تنهن ڪي ٻه لياقت باغ ۾ شهيد ڪيائون!
توڙي گارڊ هيس چوڌار هزارين!



www.bhutto.org

خبـــر هلـــي وئـــي شـــهيد پٽـــو ٽـــي وئـــي!
مچـــر جـــي پيـــا پـــوءِ تـــ جانثـــار هـــزارين!

ڪـــنهن ڪـــي ڪنـــدي ســـجاڳ تـــون ســـاگر!
تـــو جهـــڙا ويـــا مـــري شـــر مختيـــار هـــزارين!



www.bhutto.org

## هوءَ ڪڪر ڇانوَ قوم جي هئي . . .

ولر ڪان وڇڙي وئي آصف، پڏائج ڪا خبر،
سنڌ جو ضمير بينظير، تنهن کي لڳي ڪنهن جي نظر،
اسير ٿئين ان جي ڪري، ۽ زبان تي هئي ڇري،

آصفا، بختاور، بلاول، روئندا رهيا زارو قطار،
هوءَ ڪڪر ڇانوَ قوم جي، هئي قوم لاءِ بيقرار،
مارو وتن ٿا مرڪندا، وطن سارو ويو پري،

اڄهي، لٿي، اٿي، ڏيڻ جو ڪيو اقرار جنهن،
ڏُکر ڏاڍ کي ڪيڻ جو ڏنو منشور تنهن،
اُمنگ هئي ملڪ جي، نہ ملڪ رهيءَ منهنجي سري،

يا خدا هن گهر سان، هيڏيون وڏيون زيادتيون،
ادي وئي، انڌو ٿو اچا ڪري رقابتون،
قائم ڏٺي در فرياد، پيڙي بلاول جي ويندي تري،



www.bhutto.org

## جائي سنڌ جي هئي بينظير يٽو

يتـيم هـاٿي ڪـري آ راٽـي ويئـي.
خـون جهـڙي تـي هـر اڪ پيئـي.
هـر دل جـي آس اُ.ڪيـر يٽـو
❊❊❊❊
جـان صـدقو پنهنجـيءَ جـو ڏئـي،
مـان سـنڌ جـو آ وڏائـي وئـي،
هـر مظلـوم لئـہ هئـي هيـر يٽـو.
❊❊❊❊
سـيني لاتـو آ چمـي مـاءُ متـي.
هـنج آهـي سـتي ڏيءُ دليـر سـتي.
حـق جـي تـي سـچاڻ بينظيـر يٽـو.



www.bhutto.org

# تنهنجي سنڌ نڌڻڪي ناهي

اي روح پنهو مون کي تنهنجو قسم!
تنهنجي سنڌ نڌڻڪي ناهي تي.
هر گهر ۾ تنهنجي صورت آ،
هر گهر ۾ تنهنجي نياڻي آ.
گهر گهر مان نعرا گونجن ٿا،
اي روح پنهو مون کي تنهنجو قسم!
تنهنجي سنڌ نڌڻڪي ناهي تي.



هي قدرت جو ڪو راز آهي،
هر ڳالهه ۾ تنهنجي ڳالهه آهي،
تنهنجو ڪربل جهڙو ماتم آ،
هر پٿر دل به تي نم آ،
اي روح پيتا مون کي تنهنجو قسم!
تنهنجي سنڌ نڌڻڪي ناهي تي.

جن سنڌ کي سمجهيو ماءُ آهي!
۽ جن جو تو ۾ ساهه آهي.
سي هوشو هيمو جا ڳيا ٿئي،
سي ٻاگهل ٻايون جا ڳيون ٿئي.
۽ دشمن کي للڪارين ٿا،
اي روح پيتا مون کي تنهنجو قسم!
تنهنجي سنڌ نڌڻڪي ناهي تي

www.bhutto.org

طوفان تکا ٿيا وحشت جا،
۽ دور هليا جڏهن دهشت جا،
تو جيئڻ جو ويساهه ڏنو
۽ جيجل جهڙو چاهه ڏنو
سو قرض اسان تہ نہ لاٿو آ،
اي روح پيٽا مون کي تنهنجو قسم!
تنهنجي سنڌ نڌڻڪي ناهي ٿي.

جڏهن حق جو شامون لنبيون آهن،
تڏهن رت جو نديون وهنديون آهن،
جڏهن شور ٿين ٿا محشر جا،
تڏهن هاڻ ڏکن ٿا ڪافر جا،
وري علم دلين ۾ ٿيا آهن ايا،
اي روح پيٽا مون کي تنهنجو قسم!
تنهنجي سنڌ نڌڻڪي ناهي ٿي.



دلشاد اسان جي دليڙين کي.
تماشا بڻائڻ وارا ٻڌ!
اي ابن زيد اا اي ابن شمر
منهنجي سنڌ کي جلائڻ وارا ٻڌ!
توسان قيامت تائين جهيڙو آ،
اي روح پيٽا مون کي تنهنجو قسم.
تنهنجي سنڌ نڌڻڪي ناهي ٿي.

www.bhutto.org

# ڪنهن ڪان پڇون؟

ملڪ ۾ ڇا پيو ٿئي، ڪنهن ڪان پڇون ڪنهن ڪان پڇون؟
موت ٿو ڪنهن ڏانهن نئي، ڪنهن ڪان پڇون ڪنهن ڪان پڇون؟

دور ڪهڙي مان پيا گذرون، دانهون ڪهڙي در ڏيون!
ڪا خبر ٿي ڪا نہ پئي، ڪنهن ڪان پڇون ڪنهن ڪان پڇون؟

جان ڪنهن جي يي سلامت، ڪا نہ آهي ڇو يلا!
ڪير ڏس اهڙو ڏئي، ڪنهن ڪان پڇون ڪنهن ڪان پڇون؟

مسجدون ۽ بارگاهون، محفوظ ناهن، ملڪ جون،
روحُ رَتَ ڳوڙها رئي، ڪنهن ڪان پڇون ڪنهن ڪان پڇون؟

عالمي ليڊر ڪي گوليون، تو حرامي ڦَرَ هيَون،
حيف ٿئي هر ڪوچئي، ڪنهن ڪان پڇون ڪنهن ڪان پڇون؟

تي امر امدادُ چئي، آهي بهادر بينظير،
تاريخ ۾ جڳ جڳ جيئي، ڪنهن ڪان پڇون ڪن ڪان پڇون؟



www.bhutto.org

## آهون، دانهون سڏڪا آهن

هر آس اجهامي وئي آ.
توکان پوءِ سنڌ راڻي!
آهون، دانهون، سڏڪا آهن،
هر اڪ آلي ٿي آ.
توکان پوءِ سنڌ راڻي!
ولر سڄي جي واهر هئين ءَ،
سڄي قوم ئي وکري وئي آ.
توکان پوءِ سنڌ راڻي!
ڏاڍ، ستم سان جنگ آ جاري،
آڻ اسان نه مڃي آ.
توکان پوءِ سنڌ راڻي!



www.bhutto.org

# شهيد سنڌ راڻي

تون لاڙڪاڻي جي ڪک جي سنڌ راڻي،
تون سڄي سنڌ جي مک جي مکڙي راڻي،
تون پورب جي چائي سنڌ جي نياڻي،
تون جمهوريت جي آهين شهيد سنڌياڻي،
تون موتئي ۽ گلابن جي مائٽياڻي،
تون بيشڪ موهن جي دڙي جي مٽي ماڻي،
تون مهراڻ، راوي، خيبر ۽ بولان جي راڻي.
تون سنڌو درياهه ۽ ڌرتيءَ جي شهيدياڻي،
تون ذوالفقار علي ڀٽي جي ڌيءَ اميرياڻي،
تون قلندر ڀٽائي، سچل ۽ داتا جيٰ فقيرياڻي،
تون آهين بهادر بي باڪ هوشيار سنڌياڻي.
تون آهين فخر دنيا فخر علم شهيدياڻي،
لاڙڪاڻي ڪراچي کان سڄي دنيا ۾ تنهنجي ڪهاڻي
دنيا ٻڌي پئي تنهنجي ئي ڪهاڻي شهيد سنڌياڻي،
الوداع ۽ خدا حافظ شهيد سنڌ راڻي!



www.bhutto.org

# توں سنڌ جي زينت هئينءَ

او ادي! منهنجي ادي سڀ جي ادي!
مٺڙي ادي، پياري ادي،
سياڻي ادي، سڀاجهي ادي،
هيءَ سنڌ توکي ساري ٿي،
تون سنڌ جي غيرت هئينءَ،
تون سنڌ جي عزت هئينءَ،
تون سنڌ جي عظمت هئينءَ،
تون سنڌ جي شهرت هئينءَ،
تون سنڌ جي زينت هئينءَ،
تون سنڌ جي طاقت هئينءَ،
تون سنڌ جي نياڻي هئينءَ،
تون سنڌ جي راڻي هئينءَ،
تنهنجي دليري تي فخر،
صدين تائين سنڌ پئي ڪندي،
او ادي! منهنجي ادي، سڀ جي ادي!

توکي سڪايل ڇهرا سڏن ٿا،
توکي بکايل ڇهرا سڏن ٿا،
توکي اڃايل ڇهرا سڏن ٿا،
توکي ستايل ڇهرا سڏن ٿا،
توکي ايذايل ڇهرا سڏن ٿا،
توکي ڪومايل ڇهرا سڏن ٿا،



www.bhutto.org

توکي ڏکايل چھرا سڏن ٿا،
توکي مرجھايل چھرا سڏن ٿا،
توکي منجھايل چھرا سڏن ٿا،
توکي لٽايل چھرا سڏن ٿا،
توکي وسايل چھرا سڏن ٿا،
توکي اجھايل چھرا سڏن ٿا،
توکي ٿڪايل چھرا سڏن ٿا،
توکي گھايل چھرا سڏن ٿا،
توکي هيسايل چھرا سڏن ٿا.
او ادي! منھنجي ادي، سڀ جي ادي!

تو حق جو علم بلند ڪيو
احساس جي ديوي تون،
۽ امن جو تون چنڊ هئينءَ،
هماليا تنھنجا هيا حوصلا،
غريب جي واهر تو ڪئي،
مظلوم جي ساٿاري هئينءَ،
مزدور جو تون هئينءَ اجھو
۽ هارين لاءِ ڇپر هئينءَ،
هي شهر توکي ٿا سڏن،
هي بحر تو کي سڏن ٿا،
هي جھنگ توکي ٿا سڏن،
هي جبل توکي ٿا سڏن،
هي ڳوٺ سارا ٿا سڏن،
رستا ۽ چارا ٿا سڏن،
ڍنيون ۽ ٻارا ٿا سڏن،



www.bhutto.org

سمندر ڪنارا ٿا سڏن،
پکين لامارا ٿا سڏن،
گل ڦل نظارا ٿا سڏن،
رمجهم ملهارا ٿا سڏن،
۽ بي سهارا ٿا سڏن.
مظلوم ويچارا ٿا سڏن.
اکين جا تارا ٿا سڏن.
مونجهون سڏن، اهنجون سڏن.
آهون سڏن، دانهون سڏن.
ريهون سڏن، ڪيهون سڏن،
سڏڪا سڏن، واڪا سڏن.
آسون سڏن، باسون سڏن،
ڪي خواب اميدون سڏن.
ننڍڙا سڏن وڏڙا سڏن،
پوڙها سڏن، پڪا سڏن.
مزدور سارا ٿا سڏن،
پورهيت ويچارا ٿا سڏن.
او ديا! منهنجي ادي، سڀ جي ادي!

تنهنجي قتل سان قهر ٿيو.
دنيا وئي غم ۾ ٻڏي.
ماحول زهريلو ٿيو.
رت جو سمنڊ اٿلي پيو.
هر اک رني، هر دل رُني،
رڙيون ڪري واڪا ڪري،
سڏڪا ڀري، ڳوڙها ڳري،
ماتم ٿيو محشر ٿيو



www.bhutto.org

تهرام ٿيو قتلام ٿيو
واويلا ٿي، ويڌن ٿيو
ٿي ملڪ ۾ وئي ڪربلا،
اوندهہ ۽ انڌوڪار ٿيو
شعلا ٿيا، شمشان ٿيو
بربادي ٿي، ويراني ٿي،
سک، چين ۽ آرام ويو
امن ويو احساس ويو.
سڄي ملڪ ۾ ٿي سوڳ ويو
سڀ سُر ڏڪارا ٿا لڳن.
سڀ سوز پريا ساز هن،
سنسان منظر ٿي ويا،
برباد رهبر ٿي ويا،
قاتل تنهنجو ظالم هيو
جابرُ هيو جلاد هيو
فرعون هو نمرود هو
مروان هو ملعون هو
بزدل هيو يزيد هو
او پيرڻ سڀ جي بينظير!
ظالم ويو برباد ٿي،
تنهنجو عزم آباد ٿيو
توکي شهادت وئي ملي،
تنهنجي دليريءَ جا نظم،
دنيا سڄي ڳائي پئي،
او پيرڻ سڀ جي بينظير!!



www.bhutto.org

# ڌرتيءَ لاءِ اعزاز

شهر، وستيون، واهڻ
ويران.....
دليون رڙيون پيون.
اکيون، چهرا،
روڊ، رستا،
اداس....
سنڌ جي سينڊ ۾
گهاءُ لڳو.....
اداسين جو واءُ لڳو....
ماڻهن چيو
ڪا ڏند ڪٿا هئي.
خوابن جي،
سايان هئي....
اُجري اُجري ڏينهن جيان،
سچ هئي.
اميد
۽
اتساهه هئي.
اڄ وري....
ڪربلا جي وارتا
هئي ورجائي وئي....



www.bhutto.org

محرم ڪان پهريان،
هئو محرم ٿيو.
سڏڪا....
دانهون.....
ريهون......
ڪوڪون.....
هر گهر عزادار ٿيو.
هن مٽيءَ جي مورتيءَ لئہ،
هندُ رُني،
سندُ رُني،
هر جندُ رني
ڪا نئر جيڪو موت سمجهيو هو.
ان موت کي ڏئي مات وئي،
”هن ڌرتي کي اعزاز مليو“
واقعي!!!
هوءَ بي نظير بڻجي وئي.

✵



www.bhutto.org

## اڄ ويڙهوآ ويران ٿيو

توکي پيئي سارينديءَ
هاءِ ڳوڙها پيئي هارينديءَ
سڏکي سڏکي سنڌ.
۽ سنڌ جي هر هڪ جند.
سنڌ امڙ جي راڻي.
او
سنڌ امڙ جي راڻي!

تون سرتي سنڌ جي ڄائي،
تون پيئر ڀاڳ ڀائي،
تون سرت پري ۽ سياڻي،
تون ڏاهي ڏکڙن هاڻي،
سنڌ امڙ جي راڻي.
او
سنڌ امڙ جي راڻي!

تو پيءُ وانگي ڦهلائي،
ڪاراڻ اندر روشنائي،
۽ جاڳرتا جي مهم،
تو جاري رکي هر دم،
سنڌ امڙ جي راڻي.
او
سنڌ امڙ جي راڻي!



www.bhutto.org

تو اوچو عوامي رکيو علم،
تي قوم کي چاهيو مستحڪم،
ان لاءِ عوامي بڻجي صدا،
تو چاهي تي جمهوري فضا،
سنڌ امڙ جي راڻي.
او
سنڌ امڙ جي راڻي!

پر موت ۾ توتي بند ٿتا،
اڏمن، ظلمن ۽ قهر سندا،
تنهنجو بابو عظيم قيد ٿيو،
۽ ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاهي چڙهيو،
سنڌ امڙ جي راڻي.
او
سنڌ امڙ جي راڻي!

تنهنجا شهيد جوڌا ياٺر ٿيا،
۽ ساٿين ڪوڙا، قيد سٺا،
پر بلند رهيا تنهنجا حوصلا،
جذبا جا ڪوڙي ولولا،
سنڌ امڙ جي راڻي.
او
سنڌ امڙ جي راڻي!



www.bhutto.org

ائين سور ستم ۽ سختيون سهي،
ڪيئن قيد ۽ نظر بنديون سهي،
دانشمندي ۽ همٿ سان،
هلچل هلائي تو جُرئت سان،
سنڌ امڙ جي راڻي.
او
سنڌ امڙ جي راڻي!

انساني حقن ۽ وطن جي لئِہ،
انصاف، تحفظ، امن جي لئِہ،
اٿي، لٿي ۽ اجهي لاءِ،
قومي دفاع ۽ ٻڌي لاءِ،
سنڌ امڙ جي راڻي.
او
سنڌ امڙ جي راڻي!

سا ڪيڏي گهڙي منحوس هئي،
جڏهن ظالم توکي گولي هنئي،
جلاد ڪميٽي، شهيد ڪري،
آ پيڙ ڪروڙين دلين چني،
سنڌ امڙ جي راڻي.
او
سنڌ امڙ جي راڻي!



www.bhutto.org

آ ڪرڻن جو اُڄ موت ٿيو
آ ذهن زبان جو موت ٿيو
هي موت آهي بيباڪيءَ جو
آ سچ پچ موت سجاڳيءَ جو
سنڌ امڙ جي راڻي،
او
سنڌ امڙ جي راڻي!

دنيا جو وڏو نقصان ٿيو
هر ويڙهو آ ويران ٿيو
ڪو قابل ذهن آ قتل ٿيو
اميد جو مسڪن قتل ٿيو
سنڌ امڙ جي راڻي،
او
سنڌ امڙ جي راڻي!

هي صدمو سانحو آهي وڏو
چوڌاري وچايل آهي تڏو
هر دل آ غم ۾ هارئي پڏل،
ٿيو قوم سڄيءَ جو آهي قتل،
سنڌ امڙ جي راڻي،
او
سنڌ امڙ جي راڻي!


www.bhutto.org

آ ڳڪ جمهوري ڦٽي وئي،
۽ خواب جي وستي لٽي وئي،
سفاڪ ظالم آ ظلم ڪيو
ڌرتي کي آهي گرهڻ هنيو
سنڌ امڙ جي راڻي.
او
سنڌ امڙ جي راڻي!

ويران هي واهڻ واديون ٿيون،
هَرِ ڳوٺ شهر اونداهيون ٿيون،
غمن ڏکن جا پهاڙ ڪريا،
جهر جهنگ وڏا احتجاج ٿيا،
سنڌ امڙ جي راڻي.
او
سنڌ امڙ جي راڻي!

او عوامي راڄ جي راڻي،
اڄ سنڌ آهي ويڳاڻي،
هاءِ آهي هر اک آلي،
ويڙهيو چمن کان مالي،
سنڌ امڙ جي راڻي.
او
سنڌ امڙ جي راڻي!

نيٺ سچ ٿيندو سويارو،
منهن ڪوڙ جو ٿيندو ڪارو،
جڳ روشن ڪرڻا ٿيندو



www.bhutto.org

خوشحالي ڏيهه ماڻيندو
سنڌ امڙ جي راڻي.
او
سنڌ امڙ جي راڻي!

ڪو راڄ عوامي اڇڙو آ،
۽ ڏينهن خوشي جو اچڙو آ،
تنهنجو سپنو ساپيان ٿيندو
مسڪين سکيو گهاريندو
سنڌ امڙ جي راڻي.
او
سنڌ امڙ جي راڻي!



www.bhutto.org

## دشمن لئہ چڻ تير هئي

بينظير تہ سچ بينظير هئي،
دشمن لئہ چڻ تير هئي.

ماروئڙن ۽ جهانگيڙن لئہ،
تڏڙي تڏڙي هير هئي.

ملڪ پنهنجي جي پيشانيءَ تي،
قسمت جي لڪير هئي.

ظلمت جي هن زندان ۾
واقعي هوءَ اسير هئي.

ڏکندڙ پرندڙ دلين لاءِ،
هوءَ تہ مثل اڪسير هئي.

وقت جي طوفانن ۾ ”عاجز“
تيندي نہ هوءَ دلگير هئي.



www.bhutto.org

## هنجون هاري سنڌڙي

نياڻي توکي ساري سنڌڙي،
هنجون توليءِ هاري سنڌڙي

ادي تنهنجي اوسيئڙي ۾،
ڏيئا ويٺي ٻاري سنڌڙي

ظالمن ڪيڏو قهر ڪيو آ،
سڏڪن ساڻ سنياري سنڌڙي

تنهنجو پيچن تا مزدور هاري،
پل پل توکي پڪاري سنڌڙي

ايڏو اسان کان ڏور وئين ءَ ڇو؟
راهون روز نهاري سنڌڙي

تننجون ياد ڪري قربانيون،
روز غمن ۾ گهاري سنڌڙي

سنڌ جي نياڻي شهيد راڻي!
توکي ڪيئن وساري سنڌڙي؟



www.bhutto.org

# سياست بينظير جي

مجي تي دنيا ذهانت بينظير جي،
همت شجاعت جرئت بينظير جي.

اصول پرست هئي سچا هئا اُصول،
بي لوث هئي سياست بينظير جي.

برابر هُئا هن جي نظر ۾ ڪارڪن،
سچي سين سان هئي محبت بينظير جي.

ڀڄي نه رهي جدا ڪڏهين عوام کان،
هر ڪنهن کي ياد رهندي همت بينظير جي.

تعبير هئي عوام جي خوابن جي بي بها،
ملڪ کي هئي اجان ضرورت بينظير جي.



www.bhutto.org

## پيڻ بينظير کي ارپنا

الـــوداعي ملاقـــات توســـان کئـــي،
خوشــبوئن جــي آ پيتــا اڪـين ســان ڏئــي.

جــي وجــين تــي پلــي وچ متــيءَ مــاءُ ڏي،
پر اسـان جـو بـہ ڪـنهن کـي هتـي وچ چئـي.

تنهنجـي وچـڙي وچـڻ جـي خبـر جيئـن ٻـڌم،
چنـڊ ـ چـارن ۾ اُڏنـدي ڏٺـي مـون رئـي.

بـــادلن ســـان ســـجي رات آڪـــاش ۾،
هــي ڪتيــون، چنــڊ، تــارا، رنــا هــا ٽئــي.

تــون جــي نــاهين تــہ راڻــي ائــين تــو لڳــي،
تــي ويــا هــون اســان چــورا چنــا ســيئي.

هــڪ قبــر تنهنجــي ڳڙهــي خــدابخش ۾
ٻــي ســنڌين جــي دلــين ۾ نهــي آ وئــي.



www.bhutto.org

# نياڻي موتي آ

سنڌڙيءَ جي مظلوم نياڻي موتي آ،
قوم چوي ٿي سنڌ جي راڻي موتي آ.

دنيا جا انسان ڪروڙين سڏڪن سان،
توکي سڏن ٿا پيڙ نماڻي موتي آ.

سڏڪا تون محسوس ڪري مسڪينن جا،
لاڙڪاڻي جي راڄ ڏياڻي موتي آ.

تنهنجي جدائي جيءَ اسان جو جهوري ٿي،
اکڙين جو ڪيئن سڪندو پاڻي موتي آ.

تنهنجي شهادت کان پوءِ سنڌ يتيم ٿي وئي.
خاور جي پڌ درد ڪهاڻي موتي آ.



www.bhutto.org

# جام شهادت پيتو جنهن

سنڌ جي مارئي بينظير، پنهنجي سنڌ ملهائي وئي.
جام شهادت پيتو جنهن، سچ تي سر ڪٽائي وئي.

ارڙهين آڪٽوبر تي ئي قاتل، ڪيس ڪيو هو ڪيڏو،
نيٺ ستاويهين ٰ تي هن کي، جيجل جهوليءَ پائي وئي.

آهي بلاول بختاور، آصف پنهنجو جي تصوير،
پنهنجو سهڻو ست سمورو، بلڪل آهي بچائي وئي.

قوم سڄي تي سڪتو طاري، آهون دانهون توبهه زاري،
دشمن دنگ بہ رهجي ويا، ڏيهه سڄو ڏولائي وئي.

جيستائين دنيا باقي، تيستائين آهي ”امر“،
پرجي سگهڻو ناهي هي، اهڙو گهاءُ لڳائي وئي.



www.bhutto.org

# شهيد بينظير ڀٽو

بينظير ڀوري ڪٽا، يا حسين!
سنڌ ساري ڪربلا، يا حسين!

جنهن ڏٺو ڏسندو رهيو گهائجي پيو
سخت سينا ميڻ ٿيا، يا حسين!

ذهن ٿيو مائوف، جسم سن ٿيو
ڪيس جي ٿي انتها، يا حسين!

سنڌ جي راڻي، اسان کان اوچتو
ٿي وئي آهي جدا، يا حسين!!



www.bhutto.org

# وڻ وڻ رنو واٽ جو....

ماري وئي ميدان تي، راڄن جي راڻي،
اها آڪاڻي، اتساهيندي عام کي.

پنڌي پگهر جي وئي، سنڌ سڄي ساري،
"زاري ڙي زاري" عالَم آهَ پري چيو.

وَڻُ وَڻُ رُنو واٽ جو پَن پَن ڪڍيو پار،
سنڌڙي سوڳوار، صديون رهندي سور ۾.

جيجل تنهنجي جستجو وساريندو ڪير؟
ائين پاريندو ڪير؟ مڇُ سموري ملڪ ۾.

جيجل تنهنجي جهد کي، سدا آهه سلامُ
تنهنجو اوچو نامُ، اڳواڻن ۾ ليکبو.

جيجل تنهنجي خون جي، رهڻي آ خوشبو،
سانئڻ سڀ سمجهو ساريندا سُرهاڻ کي،

سانئڻ تو لئه سنڌ ۾ رهندا گُل غمگين،
رهي سگهندو ڪين، روئڻ بنا روح کو.



www.bhutto.org

سانئڻ تو لئہ سنڌ ۾ لکبا افسانا،
تڙپي ترانا، ڳوٺن ۾ پيا ڳائبا.

قاتل ڪٽي ٿهر جا، ڪيا ڪڙڪي وار
ڏرتيءَ ڪان پر ڏاڻ ڏرتيءَ جائي ڪين آ.



www.bhutto.org

# شهيد ٿي وئي

ڌرتيءَ لاءِ لڙندي، شهيد ٿي وئي،
حق سنڌ جو گهرندي، شهيد ٿي وئي.

سنڌين جي ماءُ، سنڌ ڌرتيءَ جي ليڊر،
رت ديس لئه وهائيندي، شهيد ٿي وئي.

مون کي ماريو پل ظالمو مان ايندس وطن،
ملڪ تي ساهه ڏيندي، شهيد ٿي وئي.

سنڌ جي مٽيءَ کي، اکين تي رکي هر هر،
چمندي ئي چمندي، شهيد ٿي وئي.

مرڪندي مرڪندي، بينظير صاحب،
شهادت جو رتبو ماڻيندي، شهيد ٿي وئي.

ڪڏهن به نه گذارجو غلاميءَ ۾ سنڌيو
آزادي جو آواز اٿاريندي، شهيد ٿي وئي.



www.bhutto.org

# تون بينظير تون بينظير

تون بينظير- تون بينظير
تنهنجي صورت بينظير- تنهنجي سيرت بينظير،
تنهنجو ادب بينظير- تنهنجو اخلاق بينظير،
تون بينظير- تون بينظير.
تنهنجي سوچ بينظير – تنهنجي گفتار بينظير،
تنهنجي ذهانت بينظير – تنهنجي بيباڪي بينظير،
تون بينظير- تون بينظير.
تنهنجو نظريو بينظير – تنهنجو نعرو بينظير،
تنهنجي تحرير بينظير – تنهنجي تقرير بينظير،
تون بينظير- تون بينظير.
تنهنجو جوش بينظير- تنهنجو جذبو بينظير،
تنهنجي سياست بينظير- تنهنجي شرافت بينظير،
تون بينظير- تون بينظير.
تنهنجي عزت بينظير- تنهنجي عظمت بينظير،
تنهنجو مان بينظير – تنهنجو مرتبو بينظير،
تون بينظير- تون بينظير.
تنهنجو بابا بينظير – تنهنجا پائر بينظير،
تنهنجو آصف بينظير- تنهنجا ٻچڙا بينظير،
تون بينظير- تون بينظير.



www.bhutto.org

تنهنجا بهادر جانثار بينظير – تنهنجا غريب جيالا بينظير،
تنهنجي مسڪينن سان محبت بينظير –اوليائن سان عقيدت بينظير،

تون بينظير ـ تون بينظير.

تنهنجي غريبن لئِ عزت بينظير ـ تنهنجي وطن سان محبت بينظير،
تنهنجي قوم لاءِ قرباني بينظير – حق لاءِ شهادت بينظير،

تون بينظير ـ تون بينظير.

تنهنجو نالو سنڌ نياڻي بينظير – تنهنجو لقب بينظير،
مظلومن جو آسرو بينظير –بيواهن جو سهارو بينظير،

تون بينظير ـ تون بينظير.

قابل احترام تون بينظير –اسان جي محترمہ تون بينظير،
پنهنجي ذات ۾ مجسم بينظير –پنهنجي ذات ۾ مڪمل بينظير،

تون بينظير ـ تون بينظير.

عظيم نياڻي تون بينظير –شهيد راڻي تون بينظير،
هر دور ۾ تون بينظير – هر حال تون بينظير،
اڳ بہ تون بينظير – هاڻي بہ تون بينظير،

تون بينظير ـ تون بينظير.
تون بينظير ـ تون بينظير.



www.bhutto.org

## هوءَ ويس متائي ورٽي آهي

سنڌ جي شهيد نياڻي،
ڪائنرن هٿان مرڻي ناهي،
هوءَ ويس متائي ورٽي آهي.
هوءَ دلين جي ديس ۾،
زنده رهڻي آهي.
هوءَ ڪالهه به،
بي مثال ۽ بينظير هئي.
هوءَ اڄ به،
بي مثال ۽ بينظير آهي.
سچ ۽ اسان جو ساٿ،
زنده رهندو.



www.bhutto.org

# شهيد راڻي

اي شهيد راڻي!
تنهنجي شهادت پڄاڻان،
اميدن جي سر زمين جا، سمورو ڏيئا اجهامي ويا،
سمنڊ جي لهرن بہ جهڻ، گيت ڇيڙڻ وساري ڇڏيا،
هاءِ هڪڙي ڏهاڪڻ گهڙيءَ،
سيني ۾ ڪيئي گهاءَ ٻڻائي ڇڏيا،
تڏهن کان غم، ياس جي سمنڊ ۾
ٻڏان ۽ تران ٿي،
ويئي سوچيان ٿي،
هيءَ ڇا ٿي ويو؟
اڄ ڌُتي جا پرهہ آ،
تنهن جي روشنيءَ ۾
ڇو ٿڏاڻ جو ڪو احساس ناهي؟
۽ سج جيڪو
اڀري نئون ٿو،
انهيءَ ۾ بہ اڄ ڪوئي پيغام ناهي.
جيون روان تہ آ،
روانگي ناهي،
محفل متل تہ آ،
۽ تصوير تنهنجي سامهون رکيل آ،
تنهنجي نانءَ جا نعرا گونجن ٿا.



www.bhutto.org

پر
انهن ۾ ڪا صداقت ناهي،
ڪو مايل چهرا چُپ ۾ پيچن تا.
ظالم ڪهڙي هيءَ ظلم آ ڪيو!
اجا ڇو بي خبر آهيون؟
اسان پنڌ پهڻ ٻڌجي ويا آهيون؟
اي شهيد راڻي!
ڪلهه تائين اسان لئه ڇپر ڇانو هيئڻ!
هر ڇوُنري مٿان چاندني جو تاج هُيئڻ!
هر ماروءَ جي ٺهڪن ۾ هبڪار هئينءَ:
تون اسان جي هيئڻ جو سڪي! تار هيئڻ،
اڄ تنهنجي پڄاڻان.
هر شهر، ڳوٺ، واهڻ ۽ وستيءَ ۾،
ٿيو ويرانين جو جڻ وسڪار آ.
سڀ اميدن جا ڏيئا هَنِ اجهامي ويا.
اوچتو خواب سيئي لٽجي ويا.
اي مظلوم، سنڌ جائي شهيد راڻي!
تنهنجا ماروئڙا وانئڙا ٿي ڏسندا رهيا،
مجبوريءَ ۽ لاچاريءَ جي باهه ۾،
رت جا ڳوڙها ڳاڙيندا،
هر، هر چوندا رهيا،
يا حسين ڪربلا.
يا حسين ڪربلا،
آهي ميدان نئون ڪربلا جو سجيو،
مورڙي جو آهي ماڳ لٽجي ويو.
سنڌ سموري اڄ موهن جو دڙو بڻجي وئي.



www.bhutto.org

سنڌ جي آڪاش تي جو ڪڙي چنڊ ٿو
هُو چنڊ ساڳيو نٿو هاڻي چمڪي،
نڪوئي چڪور ڪوئي.
هتڙي ٿو ڇهڪي.
ستارن جي جهرمر تہ ساڳي ئي آهي،
اُنهن ۾ بہ سُرخي نظر ٿي اچي.
جهڙو سرخ ٻڌجي ويو تنهنجو ڪفن،
اجا راهہ ۾ هاريل آهي رت ريتو
اهو نہ مٽيو آ نہ مٽجڻ ڏيندا سين.
اسان سيني اندر سانڍي رکي آڳ آ،
جيڪا ناز هڪ ڏينهن پڙڪو ڪائي اٿندي،
جو قاتل آ
هڪ ڏينهن پڪڙ ۾ تہ ايندو
زمين ساڻ گواهہ آسمان ٿيندو.
هي رت ريتو ضرور رنگ لائيندو
خون ڪٿوري هڪ ڏينهن وفا ڪندو.
خون ڪٿوري
هڪ ڏينهن وفا ڪندو.



www.bhutto.org

# سنڌڙيءَ جي راڻي

امن جو پرندو صدائون نه ڏيندو،
وري ٻولڙيون ٻول ٻولي نه سگهندو،
وري ڪنهن لاءِ پيچرو ڪو کولي نه سگهندو،
وري جان ٻين لاءِ ڪو رولي نه سگهندو،

وري ڏار وڻ تر ولر لاءِ تڙپيا.
وري ڪونج ڪرڪي، سحر لاءِ تڙپيا.
سحر جنهن جا سپنا سڙندي ڏٺا سون،
اچا بانسريءَ جا نه سڏڪا رڪيا هئا،

ستر وارو صدمو اچا ڪو نه نڪتو
مٿان هي ڊسمبر جو کهرام پهتو.
چون ٿا تہ دوزخ جو پيغام پهتو.
اچا پاڻ ٿورو سنڀاليو ئي مس هو.
ڪٿي زندگي توسان جاليوئي مس هو.
اسان ڪي قتل گاهه کولي ٻڌايو،
ڏئي جان توکي تہ پاليوئي مس هو

جڏهن سِرُ ڪپي ڪنڌ اسان جو ڪپيو هو
وهيو رت اسان جو رڳو رت وهيو هو
ڪڏهن پيي جهڪيو ڪو ٽڪيو ڪو نہ موتيو.



www.bhutto.org

يلــي روڪيــو پــر هوائــون نــہ روڪيــو
خـــدارا خـــدارا گهٽـــائون نـــہ روڪيـــو.

هتــي ڪــو ســويرو ڪـڏهن ڪــو نــہ اينـدو
اميـدن جــو جهــو نڪــو نــہ ٽيــو آ نــہ ٽينـدو
هتــي ڪـنهن جـي ٻيـڙي ٻُـڏي وئـي تـہ ڇـا ٿيـو
چڱــو ٿيــو چمــن ڪــي نــہ ســڙندي ڏٺــائين،
وطــن جــي انــدر ڪــي نــہ ڪڙهنــدي ڏٺــائين.

چڱــو ٿيــو مڪــارن ســان وڙهنــدي مئــي آ،
اهــڙي ڪــا شــهادت ڪـڏهن ڪـنهن سـئي آ،
همــالا ڪــان اوچــي امــر ٿــي وئــي آ،
قلنــدر جــي داســي قلنــدر ٿــي وئــي آ،



www.bhutto.org

## 27 ڊسمبر گلابي راڻيءَ جي شهادت

تنهنجي منهنجي ساهه کي گولي لڳي.
سنڌ جي درياهه کي گولي لڳي.

شام جو راولپنڊيءَ ۾ ساٿيو!
روشنيءَ جي راهه کي گولي لڳي.

هوءَ جيڪا ئي صدين جو سڏ هُئي،
هن وري ويساهه کي گولي لڳي،

اوچتو قاتل ڏسو ڪاهي پيا،
چوڏهين جي ماهه کي گولي لڳي.

وڻ، واٽون، سڀ وري ويران ٿيا،
چيٽ خوشبوءِ چاهه کي گولي لڳي.

موهن دڙي جو بادشاهه روئي پيو
سنڌ جي ساڃاهه کي گولي لڳي.

مارويءَ لاءِ ملڪ ۾ ماتم ڏسو!
ڇهڇ سائي گاهه کي گولي لڳي.

سسئي سورٺ سهڻي مومل وئي ڪسي،
ڇو ته رهبر شاهه کي گولي لڳي.



www.bhutto.org

# بيگناهہ هئي بينظير

گولي ٻہ ڏس! گسي نہ سگهي،
پنهنجي نشاني کان، رُسيءَ نہ سگهي.
بيگناهہ هئي بينظير مگر،
اک قاتل جي پسي نہ سگهي.

اڃان تائين وجود يزيد آهي،
جن ٻيبي کئي شهيد آهي،
"جيئي ڀٽو" سان جلڻ واري سان،
مون کي نفرت شديد آهي.

اڇو سنڌ ڇائيءَ جو پلاند کريون،
غير تمند مائيءَ جو پلاند کريون،
کوسياٽي جي ڌئي تنبوري کي تيلي،
ان کان اڳ ڀٽائيءَ جو پلاند کريون.



www.bhutto.org

# نہ جهڪي ظالم اڳيان

سنڌي ليڊر ڪي ڦاهي، يا گولي يا حسين!
کھڙو ڪيو ڏوھ، سنڌي ٻولي يا حسين!

هر جاءِ سنڌي لٽجندي، ڪسجندي ڏٺم،
جنھن دور جي تاريخ، مون ڪولي يا حسين!

ارڙھ آڪٽوبر تي، ڇا تہ ڪيس ھو ٿيو
گھر گھر ۾ سڏڪا، نڪتي ڪٿولي يا حسين!

نہ جهڪي ظلم ۽ جبر اڳيان بينظير،
هر امتحان ۾ ارڏي، اڏولي يا حسين!

ستاويھين ڊسمبر تي، ھر اک ھئي آلي،
چوطرف آھون سڏڪا، جھليل جھولي يا حسين!

"زخمي چولياڻي" ٿھر جا سيء ڪوٽ ھي ڪرندا،
عوامي صبر ڪاڏي جڏھن، ڇولي يا حسين!

www.bhutto.org

## ڪٿي اڄ آراڻي

وٺي سنڌ ساري صفا تي ويڳاڻي.
ڪٿو ڪالهه راڻو ڪٿي اڄ آ راڻي.

هي آهون هي دانهون، هي ڪوڪون هي سڏڪا،
سنڌي سڀ ٿياسون وري اڄ نڌڻڪا،
اسان جو سهارو جيا پو هٿي جا،
نئين سنڌ سندو ڪو نيا پو هٿي جا،
اسان جي ته خوابن جي تعبير هٿي جا،
يٽي جي ته بيشڪ تصوير هٿي جا،
وٺي هوءَ وڇڙي ويا ياڳ اُجڙي
ڪٿو ڪالهه راڻو ڪٿي اڄ آ راڻي

ڪيو ظلم ظالم رنو آهي عالم،
شهر، ڳوٺ، گهر ۾ رڳو آهي ماتم،
گهڻن جا ڏٺاسون پيا هانءَ ڦاٽي،
ڪٿي خودڪشي ڪنهن، ڪُٽي ڪنهن تي ڇاتي،
نٽا يار بيهن ڳلن تان هي ڳوڙها،
ننڍا ٻار نياڻيون روئن پيا ٿا پوڙها،
عجب درد آهي نٿو پلُ به گهٽجي،
رڳو سِسڪيون هِن پيو هانءُ ڦاٽجي،
هُئي ماءُ جيجل هٿي پيرڻ پنهنجي،



www.bhutto.org

اچي ياد هر هر نياڻي نماڻي.
ڪٿو ڪالهہ راڻو ڪٿي اڄ آ راڻي.

ٿي بي حال ڪيڏو امڙ هوندي نصرت،
پيئ آزمائي اڃا ڪيس قدرت،
ڪسي ورُ اڳي پوءِ، سڄو گهر لٽيائون،
مگر اڄُ جيجل، جگرُ پيءِ لُٽيائون،
ڪري هوءَ بيوس، ڪنهن کي پڪارون،
ڏٺائين هميشہ هي لاشن قطارون،
پکي سڀ ڪري ويا، پڏر تان اڏارون،
وئي ڪونج وچڙي، بيون ڪن تنوارون،
پئي سوچي سانئڻ، بچيو ڇا هي باقي،
انهيءَ سوچ جيجل، صفا ڪئي آ ساڻي،
ڪٿو ڪالهہ راڻو ڪٿي اڄ آ راڻي.



جڏهن قوم تي ڪو ڏکيو وقت آيو
تڏهن قوم سان هن وچن تي نڀايو
ڏٺي ڪيس صدما ضيائن ستايو
مگر ڪين پوئتي قدم هن هٽايو
وڙهي ويڙهہ حق جي، نہ سر کي جهڪايو
هلي راهہ سچ تي اٿس ڪنڌ ڪپايو
رڳو ڪو نہ منهنجو سين جو آ رايو.
امامن جيان آ پُٽن گهر لٽايو
اڳي تي پڏي سون، مگر اڄ ڏٺي سون،
نئين ڪربلا جي، نئين هيءَ ڪهاڻي،
ڪٿو ڪالهہ راڻو ڪٿي اڄ آ راڻي،

www.bhutto.org

زنده هوءَ رهندي، اسان جي دلين ۾
پئي ڳائبي هوءَ، شهر ڳوٺ ڳلين ۾
اسان کي ڏسي جا وئي واٽ آهي،
انهيءَ واٽ تي هيءَ روان ڪافلو آ،
سوين سور سختين. سندو سلسلو آ،
سنڌين جو سلامت مگر حوصلو آ،
ڇڏي سازشون ڏي، دهشتگرد پنهنجون.
ڪڏهن ڪو نه تنهنجي، ڪنداسون غلامي،
اڃان ڪو نه غيرت وئي سنڌ مان آ،
ڪندين جي ڪنداسين، نئين اڄ مياٽي.
ڪنو ڪاله راڻو ڪُني اڄ آ راڻي.

ڏئي موت ڪيَ اڄ، ته هوءَ مات وئي آ،
قبولي شهادت اوچي ڳاٽ وئي آ،
نيائي سچائيءَ، سندو ساٿ وئي آ،
ائين ٻاٽ ۾ هوءَ، ڪري لاٽ وئي آ،
سين جي ته وائي، اها واٽ آهي،
وري ڏينهن ٿيندو رهڻي رات ناهي.
حسيني هي ڪافلو ڪڏهن ڪو نه رڪبو
جهنڊو هي ترنگو ڪڏهن ڪو نه جهڪبو
ٿيندي جيت سچ جي، ختم ڪوڙ ٿيندو
سنڌي سڀ اٿي پيا، اٿي آ سنڌياڻي.
ڪنو ڪاله راڻو ڪني اڄ آ راڻي.

ناهي ملڪ ۾ ڪو اهڙو ٻيو گهراڻو



www.bhutto.org

ڏيندو ساک ان جي، هتي هر ڪو ماڻهو
جتي شاهنواز آ، جتي مرتضيٰ آ،
شهيدن جي ڌرتي، شهر لاڙڪاڻو
اتي ذوالفقار آ، اتي بينظير آ،
ڪري زنده ويئي، اسان جو ضمير آ،
چوي دل تي منهنجي، سدا ڏيان سلامي،
جهين آهي سچ جي، ته معراج ماڻي،
ڪنو ڪالهه راڻو ڪٺي اج آ راڻي.



www.bhutto.org

# شهيد راڻي کي خراج

تنهنجي سورهيہ سچائي، ۽ ساڃاهہ تي،
تنهنجي ڪانئر تي ڪڙڪي، ڪرڻ ڪاهہ تي،
تنهنجي چاهت چري، ۽ چٽي چاهہ تي،
تنهنجي منزل مٿي، ۽ مٺي راهہ تي،
ناهي لفظن ۾ ممڪن، بياض و بيان.
اي منهنجي ادي! اي منهنجي امان!



ڇا لکي ڇا لکان، ڇا لکي ڇا لکان.
جڻ تہ ڏرتي ڏڏي، ۽ ڪي راهون رڙيون،
وقت ماتم ڪيو ڪي دليون ٿيون چريون،
شعور قتلام ٿيو ڇا ڪري ڇا ڪريون،
بس اندر مان اٿن، ٿا پيا دردن دونهان،
اي منهنجي ادي! اي منهنجي امان!

سنڌ جي سورمي، توتي سوسو سلام،
تو حق لاءِ لڙي، پيتو شهادت جو جام،
تو کي الله عطا، ڪيو اعليٰ مقام،
تات تنهنجي رهي ٿي، هر ڪنهن تمام،
درد تنهنجي جدائي، جو رهندو روان،
اي منهنجي ادي! اي منهنجي امان!

www.bhutto.org

سنڌ ڌرتيءَ سندي، هاريائي بہ تون!
پنهنجي سانگين سندي، سانگياڻي بہ تون!
هر پورهيت جي دل جي، ڏياڻي بہ تون!
ءِ جهانگين سندي، جهانگياڻي بہ تون!
وانجهياڻي بہ تون، مانجهاڻي بہ توکي سڏيان،
اي منهنجي ادي اي منهنجي امان!

گار غدار تي، توتي گلڙا وسن،
نانءَ تنهنجي مٿان، سڀ صدقي ٿين،
نعرا تنهنجا هڻي، ٿا جيالا جيئن،
شال ويرين ڪنان، وير واري وٺن،
”نفيس“ پنهنجي اکين سان اهو سڀ ڏسان،
اي منهنجي ادي، اي منهنجي امان!

هار هُن کي ملي، جيت توکي ملي،
واهہ امڙ، واهہ ادي، تنهنجي درياءَ دلي...!!
ڪنهن تہ ڪانئر ڪئي، آ وڏي بزدلي،
خون تنهنجي سان مهڪي، اُتي هر ڳلي،
هاءِ شيرين سخن، هاءِ شيرين زبان،
اي منهنجي ادي، اي منهنجي امان

✵

446

www.bhutto.org

# توڪي پئي سنڌ ساري

اڙي او سنڌ راڻي!
ماريءَ جا توڪي ماريو.
ڏڪار ڏيهه ۾ آيو!
هر شام توڪان پوءِ،
اداس ڏاڍي آهي،
هر گام توڪان پوءِ!
هر شهر جي تولئه
زخمي جا تي آهي!
هر گهٽي ۾ تولئه گهايل!
نهار آتي آهي!
هر دريءَ ۾ تولئه غمگين،
گمنام جهاتي آهي!
۽.....
رڳو اداسي آهي!
هر گهر جي، در تي.
ٿر تي، بر تي،
ماتم تي ماڪ ڪري،
هر روز تولئه گل تي،
ڳوڙها تولئه آهن،
هر ڳوٺ جي ڳل تي!



www.bhutto.org

صحرا تي تولئہ تڙپي.
سمنڊ تي سڏڪي تولئہ!
سنڌو آڇا تو ڪان ڇنو!!
ريھون ڪري ھي رنو!
اتر جون اکڙيون تولئہ،
اڄا بہ اليون آھن!!
ڪاڇي جون تولئہ ڳلون،
اڄا بہ ڳاڙھيون آھن!
لاڙ پيو لڙڪ لاڙي!
ھنجون پيو تولئہ ھاري!
توکي پئي سنڌ ساري!!
توکي پئي سنڌ ساري!!

✡



www.bhutto.org

## ڇو قتل ڪيو تو ظالمو؟

بينظير بي مثال آهي،
جواب ڏيو هيءَ سوال آهي،
ڇو قتل ڪيو توَ ظالمو؟

ديس جي ڌرتي هيءَ ساري،
ڏسو تہ لهوءَ ۾ لال آهي،
جواب ڏيو هيءَ سُوال آهي.
ڇو قتل ڪيو توَ ظالمو؟

هئي وطن جي عظيم رهبر،
شخصيت بہ باڪمال آهي.
جواب ڏيو هيءَ سوال آهي،
ڇو قتل ڪيو توَ ظالمو؟

هڪ بهادر نياڻي هئي هوءَ،
اڄيو ذهن ۾ خيال آهي
جواب ڏيو هيءَ سُوال آهي.
ڇو قتل ڪيو توَ ظالمو؟

27 ڊسمبر ياد رهندو،
2007ع نياڳو سال آهي،
جواب ڏيو هيءَ سوال آهي.



www.bhutto.org

چو قتل ڪيو تو ظالمو؟

"اداس" اکين ۾ هي ڳوڙها،
ڏکن ڀريو احوال آهي،
جواب ڏيو هيءُ سوال آهي.
چو قتل ڪيو تو! ظالمو؟



www.bhutto.org

## وڇوڙو سنڌ راڻيءَ جو

اسان جي سنڌ واسين لئہ،
وڇوڙو سنڌ راڻيءَ جو
نئين شام غريبان آ،
دلين تي راڄ هو جنهن جو
جا هڪ عزم ۽ شجاعت هئي.

محبت جي علامت هئي.
وفائن جي صداقت هئي.
اُنهيءَ جي اُن وڇوڙي تي،
هوائن لڙڪ لاڙيا هِنِ،
گلابن آ، ڪيو ماتم.

پکين پوليون وساري ۽
ملهائي سوڳ جي موسم.
سمورن سنڌ واسين جون،
اکيون پيون رت رنيون آهن،
جگر دليون، جليون آهن.

نئين شام غريبان آ،
ٻڌي ڇڏ وقت ڳنَ ڪولي!!
عزم انسانيت جو هي،



www.bhutto.org

اجـــا يـــي اڳيـــرو آهـــي،
هماليـــ كـــان بـــ اوچـــا هِـــنِ.

اســـان جـــا حوصـــلا يـــارو،
جلائينـــدا ئـــي رهنداســـين،
اســـين رت جـــا ڏيئـــا يـــارو.



www.bhutto.org

# سلام

او شهيد راڻي! توکي سلام!
ڌرتي جي نياڻي! توکي سلام!

وطن تان سر قربان ڪندي اڄ،
تو شهادت آ ماڻي، توکي سلام!

او شهيد راڻي! توکي سلام!
ڌرتي جي نياڻي توکي سلام!



www.bhutto.org

# هر منظر سُڄ لڳي ٿو

تون ايڏو ڏور هلي وئين آن،
جتان ڪوئي ڪڏهن موٽيو ناهي،
دل ڇريءَ کي پلا ڪير سمجهائي،
تون ڪڏهن موٽي اچڻي ناهين،
ڪا بهار ٻڄي ڪا پڪار ٻڄي،
تون گهري ننڊ ۾ ستي پئي آهين،
توکان پوءِ هر منظر سڄ لڳي ٿو
مون کي منهنجو گهر سڄ لڳي ٿو

توکان پوءِ سنڌ لٽجي وئي آهي،
ڌارين جي هٿن ۾ اچي وئي آهي،
سنڌ جون نياڻيون ڪونه کلن ٿيون،
ويٺيون بس تو لاءِ رئن ٿيون،
تنهنجون سهيليون ٿي ويون اڪيليون،
تن جي ڇپن کان مرڪون کسي،
تون ڏاڍو ڏور هلي وئين آن،



www.bhutto.org

اڄ ٻــ ســنڌ جــون ســيئي نيــاڻيون،
تــوتي ســوچين ٿيــون ويڳــاڻيون،
ســنڌين جــون اميــدون تــو ۾ هيــون،
خوشــيون ۽ عيــدون تــو ۾ هيــون،
اڄــا ٻــ پئــي تــوکي دل ســاري ٿــي،
ٿــي لاچــار بيــوس پئــي پڪــاري ٿــي،
ســيئي خوشــين جــو قتــل ٿــي ويــو،
پنهنجــي ســنڌين جــو قتــل ٿــي ويــو.
سنڌ يتيم ٿي وئي، سنڌ يتيم ٿي وئي!!



www.bhutto.org

## شهيد سالار

شام و سحر گهايل،
پهر پهر گهايل.

پيو پير شيشن تي،
سفر سفر گهايل.

ٻه ڏل لفظ رت ۾،
خبر خبر گهايل.

ٻرن پيون ٻاهيون،
شهر شهر گهايل.

وڇايل تڏو من ۾،
جگر جگر گهايل.

هئي عظيم رهبر،
ذڪر ذڪر گهايل.

سياسي شعور جو،
فڪر فڪر گهايل.

ٿيا روح زخمي،
ڊسمبر ڊسمبر گهايل.



www.bhutto.org

## شمع جمهوريت ٻاري ويئي!

منـــزل شـــهادت مـــاڻي ويئـــي،
شـــمع جمهوريـــت ٻـــاري ويئـــي،

ملهـــ مخـــالفن مـــاري ويئـــي،
شـــمع جمهوريـــت ٻـــاري ويئـــي.
لٽيـــرن کـــي للڪـــاري ويئـــي.
شـــمع جمهوريـــت ٻـــاري ويئـــي.

شـــهيد پٽـــي جـــي قـــدمن تـــي،
ثابـــت قـــدم ســـچ ســـان هلنـــدي.
راهـــ حـــق ســـچ جـــي ڏيکـــاري ويئـــي.
شـــمع جمهوريـــت ٻـــاري ويئـــي.

ســـونهن راڻـــي ســـنڌ جـــي نيـــاڻي.
مرڪنـــدي مرڪنـــدي شـــهادت مـــاڻي.
جيـــئڻ ســـبق ســـيکاري ويئـــي.
شـــمع جمهوريـــت ٻـــاري ويئـــي.

ســـسئي ســـنڌ جـــي/مـــارئي/ مومـــل،
بهـــادر مـــائي/ ٻـــائي ٻاگهـــل،



www.bhutto.org

جبــل، پٿــر، پگهــاري ويئــي،
شــمع جمهوريــت ٻــاري ويئــي.

بــم گــولن کــان مــور نــہ هٽنــديس،
عــوام کــان هرگــز ڏار نــہ ٿيـنـديس،
جگــر شــينهن جــو ڏاري ويئــي.
شــمع جمهوريــت ٻــاري ويئــي.

مــاڳ، مکــان، روزگــار ڏيـنــديس.
امــن خوشــحالي اوهــان کــي ڏيـنـديس،
شــهر ڳــوٺ، راڄ رئــاري ويئــي،
شــمع جمهوريــت ٻــاري ويئــي.

مســلم ملکــن جهنــڊا جهاڪايــا،
ســوين مــاڻهن، ســوڳ ملهايــا.
يــاد ســين کــي ڏيــاري ويئــي.
شــمع جمهوريــت ٻــاري ويئــي.

شــهيدن لســت ۾ نــالو لکــائي،
ســڄي دنيــا ۾ پــاڻ چمکــائي،
واعــدا قــوم ســان پــاري ويئــي.
شــمع جمهوريــت ٻــاري ويئــي.

پــار جــي پــري، ملڪــ ۾ جمهوريــت،
ٻهــادر پــيڻ ۽ باصــلاحيت،
شــهادت ســيج ســينگاري ويئــي،



www.bhutto.org

شـــمع جمهوريـــت ٻـــاري ويئـــي.

وفاق جي علامت، سنڌ جي شناخت،
”مخمور“ بينظير هئي سراسر صداقت،
خوشيون سنڌ جون ٻهاري ويئي،
شـــمع جمهوريـــت ٻـــاري ويئـــي.



www.bhutto.org

# منهنجي شهيد ڀيڻ نماڻي

تون تہ شهادت مرڪي ماڻي!
منهنجي شهيد ڀيڻ نماڻي!

سون ۾ توکي توريان ها مان،
حال اندر جو اوريان ها مان،
هي سر مال ڀي گهوريان هان مان،
ڪونہ ٿو ٻيهي اک مان پاڻي،
منهنجي شهيد ڀيڻ نماڻي!

خبر هجي ها گڏ رهان ها،
پل ڀي پري ڪونہ ٿيان ها،
ويرين تي ڀي وار ڪريان ها،
ٻانهن جا توکي هار پريان ها،
ڪيو وار غيرن هي ڄاڻي واڻي،
منهنجي شهيد ڀيڻ نماڻي!

سنڌ جي ڄائي سمجهي ماريئون،
ڳليءَ ڳليءَ هي ٻارڻ ٻاريئون،
بينظير پٽو تي راڄ روئاريئون،
ياحسين گهوڙا وائي نہ واريئون،
سور انهي دل ڪئي آ ساڻي،



www.bhutto.org

منهنجي شهيد پيڻ نماڻي!
ملڪ ۾ روج ۽ راڙو تي ويو
ديس، ٻوليءَ سان ڏاڙو تي ويو
پٽر گهر گهر پاڙو تي ويو
هر ٻول مٿو اڄ ٻاڙو تي ويو
واديءَ مهراڻ جي سخي راڻي،
منهنجي شهيد پيڻ نماڻي.

صدين ۾ هڪ ليڊر ٿئي ٿو
ديس مٿان جو سر ڙو ڏئي ٿو
قوم جي خاطر مري جيئي ٿو
سر سوا پيو ڪجهه نہ ڏئي ٿو
اهڙا پتا رب پيا ٻہ ڪي آڻي.
منهنجي شهيد پيڻ نماڻي.

ٻڙهي خدابخش واري مٽي،
راج وڏا جنهن روئاري مٽي،
اها ملڪن ڪي وئي ماري مٽي،
جا هر ڪواج پيو ساري مٽي،
ڳالهہ نہ تو تون تنهنجي ڄاڻي،
منهنجي شهيد پيڻ نماڻي.

وڏو صنم، بلاول، بختاور روئاري،
آصف خود پيو هنجون هاري،
وڏو فاطمہ، جونيئر راج روئاري،
انهي محبوب ليڊر ڪي هر هر ساري،
وچڙي تي جا هوندي ويڳاڻي،



www.bhutto.org

منهنجي شهيد پيڻ نماڻي.

سرتين سوڌي ثمينا ساري،
روئي وڏا ڄڻ راڄ روئاري،
اُتر مينهن جيان هنجون هاري،
رهيون نہ پچر ڪان تيمر ڪو تاري،
هيءَ نہ مون ڪان تي پوري ڪهاڻي،
منهنجي شهيد پيڻ نماڻي.

✲



www.bhutto.org

# عقيدت جا گل

هي سارو عوام الناس رُنو، تو لاءِ شهيد جمهوريت،
هر ماڻهو جو احساس رُنو تو لاءِ شهيد جمهوريت.

هر ماءُ رُني، هر پيءُ رُنو هر ڀيڻ رني، هر ڀاءُ رُنو.
هر عام رنو هر خاص رنو، تو لاءِ شهيد جمهوريت.

هيءُ پڪ آ، توکي جن بہ ڳنو تن پنهنجو پوٽ ڳتيو هوندو.
پڇتاءُ ڪري راڪاس رنو، تو لاءِ شهيد جمهوريت

اي سنڌ جي راڻي! تا قيامت، اڄ تنهنجو نانءُ امر ٿي ويو
تاريخ سندو اپياس رنو، تو لاءِ شهيد جمهوريت.

بلبل بہ رُني، ڪوئل بہ رني، گلشن ۾ رنا سڀ گُل عزمي،
هر پئونر رُنو هر واس رنو، تو لاءِ شهيد جمهوريت.



www.bhutto.org

# شهيد جمهوريت

سنڌ جي راڻي، سنڌ جي نياڻي، موٽي ملڪ ملير وئي،
پر نہ اچا ماڻهن جي دل مان، سانئڻ سندي اڪير وئي.

هَرِ دل ۾ ماتم آهہ متل ۽ هَرِ گهرِ تڏو وڇايل آ،
ڪيئن الائي وڇڙي اسان کان، پيٽي جي تصوير وئي.

اهڙي پيڻ نہ ملڻي هاڻي، توڙي ڳوليون ملڪ سڄو،
اهڙو واءُ وريو جو هٿن مان، پاڳ جي ڍهي لڪير وئي.

ڇورو ڇنو ڪري وئي سڀ ڪي، راڄ جي راڻي هڪ پل ۾
ڪيڏي هئي منحوس گهڙي جا، مٽي سڄي تقدير وئي.

همت واريءَ جام شهادت، مرڪي مرڪي پي ورتو
ڇڻ تہ ملي نياڻيءَ کي پنهنجي، خوابن جي تعبير وئي.

ڏک نہ هي وسرڻ جهڙو "بابر"، جيءَ کي سدا پيو جهوريندو،
دل ۾ درد ڇڏي وئي ڪو ۽ اکين ۾ ڪي نير وئي.



www.bhutto.org

# ذوالفقار! تنهنجي نياڻي

سهڻي، سباجهي هُئي، سلڇڻي ۽ سياڻي،
بي ڏوهه وئي ماري، ذوالفقار! تنهنجي نياڻي!

ويو درد وڪوڙي آ، هي درد وڏو آهي!
گهر گهر ۾ آهي ماتم، گهر گهر ۾ تڏو آهي،
سڏ سڏ ۾ آهي سڏڪو اک اک ۾ آهي پاڻي،
بي ڏوهه وئي ماري، ذوالفقار! تنهنجي نياڻي!

عورت هوندي هن هو ظلمت سان ڪيو جهيڙو.
پاپين کي ڪيئين پڏرو، مارين جو پڳئين ميڙو!
بيشڪ هئي بهادر هوءَ بيشڪ هئي راڻي،
بي ڏوهه وئي ماري، ذوالفقار! تنهنجي نياڻي،

”محبت“ جو باري ڏيئو ”همت سيکاري وئي،
”زندگي“ جو ڏئي تحفو ”موت“ کي ماري وئي!
”شهادت“ جو پائي چولو هن منزل پنهنجي ماڻي،
بي ڏوهه وئي ماري، ذوالفقار تنهنجي نياڻي.



www.bhutto.org

# باوفا سنڌ جي ڌائي

شهادت جو چوغو لوئي لعل پائي، مومل پاڻ ملهائي،
هلي وئي هلي وئي
ڏکن ڏوجهرن ۾ وطن کي هو ساري، لهو لاٽ ٻاري،
هلي وئي هلي وئي
لکين لوڪ سارن روئي ڏينهن گهارن، اندر تن جو ٻاري،
هلي وئي هلي وئي
وطن سارو جهوري ڪفن ڪورو پائي، سيئي سور گهاري،
هلي وئي هلي وئي
بهارن جي اميد ۾ آس هڻي هوءَ "گلابن جي خوشبو" ڏيا ڏات ٻاري،
هلي وئي هلي وئي
ڪٿي ڪانئرن آ سنڌ سان برائي، سپر سينو سهائي،
هلي وئي هلي وئي
ڪوفين جي سڏ تي ترتي چمي هن سهاڳڻ سينڌ رت سان سنواري
هلي وئي هلي وئي
ڪرم قادر سان سنڌ جي هي ڄائي، سچ ڪي سرخرو ڪرائي،
هلي وئي هلي وئي
ڪٿان ڪونج آئي وطن ڪي جيارڻ، لهو لال ڳاڙهي،
هلي وئي هلي وئي
ڪري دانهون ڪوڪون حقن لاءِ ئي، شهه رڳ ڪٽائي،
هلي وئي هلي وئي



www.bhutto.org

گھر گھر آ ماتم سڄو سور ڌرتي سرڙو سهائي،
هلي وئي هلي وئي.
خوشين منجهه پاليل دردن سنواري سڀ ڏک ڏاري،
هلي وئي هلي وئي
نمائي ڏيري ماءُ ڇڏي سورن سهاري، ڪنڌ ڪپائي،
هلي وئي هلي وئي.
ڪٽي هٿ دعا لاءِ خدا کان گهرڻ سک سرتيون سڀ ساري،
هلي وئي هلي وئي.
سهارن بنا هو سهارو سنڌين جو ستل سڀ جاڳائي،
هلي وئي هلي وئي
رب جي عطا هئي خطا ظالمن ڪئي، لهو لاٽ ٻاري،
هلي وئي هلي وئي
انڌيرن جي ڌرتي سورن جي سر تي، ڏيا جوت ٻاري،
هلي وئي هلي وئي
سندس منهن اهڙو چوڏهين چنڊ چمڪي، افق کي اجاري،
هلي وئي هلي وئي
ياد هن جي سڄي سور وساري وساريو سيئي سور ساري،
هلي وئي هلي وئي
ڪيئن منٿ امڙ لاءِ ڏئي دان سر جو سنڌڙي سنواري،
هلي وئي هلي وئي



www.bhutto.org

www.bhutto.org



# مستقبل ڳوڙها ڳوڙها

هيءَ جو آسمان جي وسعت کان وڏو غم مليو آ.
جنهن غم جي پڄاڻيءَ جو
ڪو اعلان نہ آ.
ويريءَ بہ سنڌ جي،
هڪ تاريخ کي،
غم، الم، سڪ، ڏڪ، بڪ، بدحالي، ظلمن ۾
رنگيو ويو آ،
ماضي، روڄ راڙا،
حال تي ڏاڙا،
مستقبل ڳوڙها ڳوڙها،
لکجن جي سنڌ ڄائيءَ جون ڪٿائون،
تہ وري لطيف سرڪار کي موٽڻو پوندو.
سر مائي، سر سسئي،
سر سهڻي، سر سورٺ،
۽ سر بينظير ڪير لکندو؟
اسان جون اکيون جنهن کي آڇن ٿيون،
ڪو سا لڙڪ.
اسان جا سڏڪا ۽ صدائون،
جيئي ڀٽو جيئي بينظير ،
مگر سچ هي بہ آ،
سنڌ ۾ ڪو جيئي نٿو.
۽ سنڌ ڄائيءَ جهڙو
صدين تائين خال پورو ٿئي نٿو.

## سنڌ ڄائي بينظير

او سنڌ جي ڄائي، سنڌ جي ڄائي!
ڪهڙو توکي نانءُ ڏيان مان؟
سوليءَ جو سرواڻ ڇوان مان،

تنهنجا جذبا ارڏا ڪيڏا،
ڏاڍا پختا جبلن جيڏا،
ڏنئي تڏهن حوصلا تيڏا،
اشڪ وهن ٿا نيڻن ايڏا،
جيئن ڪي بند ٽٽا هن هيڏا،
هاڻي ڳوڙها ڪيئن جهليان مان،

ڪهڙو توکي نانءُ ڏيان مان!
احساسن جا خون ٿيا هن،
هر ڪنهن جا ارمان مُئا هن.
تنهنجا اڄ هي ساٿ ٽٽيا هن.
ويتر جُهريل جيءَ جهريا هن.
اندر جا وشواس پُريا هن.
ڪيئن ﭜڏاءِ بيان ڪيان مان!
ڪهڙو توکي نانءُ ڏيان مان!



www.bhutto.org

هر ڇهري تي آ تنهائي،
جڻ تہ خزان جي موسم آئي.
تڙپي تي اڄ ساري خدائي،
ڪنهن نہ هو سوچيو تيندي جدائي،
ڪسجي وئي ائين امنگ ڪائي.
ويئو غم جا ميت لڪان مان!
ڪهڙو توکي نانءُ ڏيان مان!

حق جو تون آواز نياڻي،
موجن ۾ مهراڻ جي راڻي،
هڏ ڏوکي ۾ خوب سياڻي،
ميجي نہ تي هيءَ دل ويڳاڻي،
ائين ڪا تيندي قوم نماڻي،
توکي يا ڪو راز سڏيان مان،
ڪهڙو توکي نانءُ ڏيان مان،

هر ڪنهن جي اميد هلي وئي.
خوشين جي خريد هلي وئي.
مسڪينن جي عيد هلي وئي.
راهي تي شهيد هلي وئي.
ائين لڳي ٿو ديد هلي وئي.
هر پاسي اُماس ڏسان مان.
ڪهڙو توکي نانءُ ڏيان مان.



www.bhutto.org

## درد جي ڪٿا

هڪ درد جو سمنڊ آ،
هڪ نئين ڪربلا جو هي نئون پنڌ آ.
دل هر ڪنهن جي ماتم ڪدا
من هر ڪنهن جو شام غريبان
پر هن سموري سفر جي ڪٿا منجهہ،
هوءَ ـ لاهور کان لاڙڪاڻي جي ”فرق“ ۾
رهي ۽
وچ تي — ”راولپنڊيءَ“ وارن،
هڪ وڏي ”لڪير“ ڪڍي ورتي.
۽ ان جي قيمت — هن کان
”وراثت“ جيئان ”ڪنڌ“
جي گهري ورتي،
۽ هن خوشي وچان پانهو کوليون،
اسان مان ئي الله ڏانهن،
مُرڪندڙ مک سان وڃين ”مقتل گاهہ وٽان،
”ڪنڌ“ آڏو ڪري سندس
بارگاهہ منجهہ پهتي
۽ اسان هڪ دفعو وري
شام (سنڌ) جي گهٽين ۾
اڪيلا، نڌڻڪا، ويڳاڻا ۽ لاوارث ٿي،
منهن مٿو پٽيون ويٺا



www.bhutto.org

۽ هڪ نئون نوحو ۽ مرثيو چئون ويٺا.
۽ ماتم ڪندي،
"يزيد" جو انت ڪيئن.
ٿيندو؟
سوچيون۔ ويٺا!..

✲



www.bhutto.org

## اٿي رائو ريل

شام منتظر اڪ جهڙي آهي،
ءِ جي گلي ۾ رهجي ويل،
ڪنهن گيت جو
ڪو رنگ آهي تہ اُهو،
باڪ جي رنگ جهڙو آهي!
گهٽائن جي ڇانوَ هيٺ،
ڏس! پکي ٽڙڪي رهيا آهن.
ءِ بارش سان گڏ،
رنگ ءِ نور برسي رهيا آهن،
آس پاس، هتي ئي ڪٿي...
محبت جي قدمن جي ٽاپ،
ٻڌجي رهي آهي!
روح جا ڪن ٻوڙا نٿا ٿي سگهن.
يادگيريءَ جي پلڪن ۾ وقتُ،
ڳنڍيل پل موتين جيان پروئي ويو آهي،
يادون...
اسان جي املهہ ميراث،
يادون...
چنڊ جي لئہ ۾
هر رات، پيار مان،
ڪنهن سنديس جي ڳنڍ،
اخر ڪير ٿو ٻڌي؟
چنڊ جيڪو انهي ڳالهہ کان،
بنهہ بي خبر آهي.

www.bhutto.org

تہ هوا ڄ ڪنهن جي،
ياد جي اُپ تي ڪڙيو آهي.
سار ۾ هي اڄ ڪهڙا ساز سانگور جي رهيا آهن؟
سارا جنهن جي اکين کي تہ، ڪڏهن بہ ننڊ ناهي آئي،
اولهہ ڏانهن ڪلندڙ
دري مان
ٽپي،
سورج ڪرڻن،
ڪنن ۾ سرٻاٽ ڪندي چيو
”اٿي رائو ريل، ويڻلن تان واري وري“
هوا جي پيشانيءَ تي نئين تحرير،
لکجي رهي آهي!
سالن پٺيان،
هڪ ٻيو سال بہ
ماضيءَ جي ڊنڊ ۾
گم ٿي ويندو
ڊنڊ، جيڪا ڪڏهن بہ
ڇنٽي ناهي!
هي من چوي ٿو
هوءَ دور ڪٿان ڪان،
امن جي ٻيڙي،
اچي رهي آهي،
اها هن سال،
هن عالم جي ساحل سان
نيٺ اچي لڳندي،
۽ عالم ۾
امن جا گيت
گونجي پوندا.



www.bhutto.org

# منهنجو عڪس

منهنجي انگ انگ ۾ پڙڪو ڪائي باهه!
جلائي ٿي زبان ڪي! ۽ جلائي ٿي زبان ڪي!
نه چوان تون قاتل آن، تون خوني آن!
تنهنجي هٿ ۾ هي ۽، جيڪو ريوالور آهي.
ان جي لڳل مون کي گولي، توکي ٿي لڳندي.
اڄ منهنجي خون جا قطرا،
هر هڪ انگ ۾ سمائجي ويا آهن.
۽ منهنجو عڪس ٻڌجي پيا آهن.
جيڪي چڪائيندا، ان باهه جو حساب.
هر هڪ انگ ٻڌجي پيو آهه منهنجو عڪس.
جيڪو! اي قاتل توکي، ڊيڄاري ٿو چرڪائي ٿو
تون هر بار ڪرين ٿو تڙپين ٿو!
هر ڳالهه تي قدم تي، الزام ٿيين تي مڙهين ٿو.
پر ڇا منهنجن انهن ٿهيل عڪسن مان،
تون پاڻ پنهنجي جند ڇڏائي سگهندين؟
جيڪو منهنجن اکين ۾ تنهنجو ٿهيل عڪس
ڇا ان کي مٽائي سگهندين؟!



www.bhutto.org

## انصاف ڪر هِن سان

مون تي پريا سڏڪا،
۽ لڙڪ ڪريا جڳ ڪان.
نياڻي جي شهادت تي،
هي ديس سمورو.
تو سوڳ ملهائي پيو.
اي وقت جا منصف تون!
انصاف ڪر هن سان!
ڪو داد ڪر هن سان!

## سنڌ جي راڻي الوداع....

هوءَ جيڪا مظلوم سنڌ جي،
بهادر نياڻي هئي.
سنڌ جي راڻي هئي،
جنهن دشمنن جو ساهه،
سڪائي ڇڏيو هو.
دشمن ڪائنس ڏڄندا هئا.
سنڌي عوام کي هُن تي ناز هو،
۽ هن کي به سنڌين تي ناز هو.
جڏهن دنيا هن کي ڏسندي هئي،
ته ائين سمجهندي هئي،
جڻ ذوالفقار علي ڀٽو پاڻ هجي.
خدا ڪيس وڏو دماغ عطا ڪيو هو.
جنهن ذريعي هوءَ دشمن ۽ سڄڻ جي پرک
بخوبي ڪري سگهندي هئي.
پر ظالمن ڪيس نه ستو،
۽ هن کي گوليون هنيائون.
اهي گوليون هن کي نه هنيون ويون.
اهي گوليون سنڌ کي هنيون ويون.
اهي گوليون پاڪستان کي هنيون ويون.
اهي گوليون جمهوريت کي هنيون ويون.
اهي گوليون غريب عوام جي خوابن،
۽ خواهشن کي هنيون ويون.



www.bhutto.org

هن کي گوليون هڻي قتل تہ ڪيو ويو
پر ان سان گڏ سنڌ کي بہ قتل ڪيو ويو.
سنڌين جو بہ قتل ڪيو ويو
هوءَ شهيد ٿي وئي.
سنڌ ۽ سنڌي قوم کي يتيم ڪري وئي.
سوچيون پيا!
هوءَ اسان کي ڪنهن جي،
سهاري ڇڏي وئي؟
اي يٽائي جاڳ!
تنهنجي سنڌ جو ۽ سنڌ جي،
راڻيءَ جو خون ٿي ويو.
تنهنجي سنڌ اجڙي وئي.
هوءَ مهراڻ جي راڻي هئي.
شهيد پيءُ جي نياڻي هئي.
هوءَ سنڌ جو آئيندو هئي.
ڪروڙين پائرن جي،
اڪيلي ڀيڻ هئي.
۽ هن جا ڪروڙين پائر ها،
جن کي مٿس فخر هو ناز هو.
هن کي اهڙن پائرن تي فخر هو.
اڄ اهي پائر هن جي وئي کان پوءِ،
وکري ويا آهن.. ٽٽي پيا آهن.
جن جو سالن تائين سميٽجڻ مشڪل آهي.
هر گهر مان آواز بلند ٿي رهيو آهي.
هاءِ محرم کان اڳ محرم اچي ويو.
هاءِ ان سال ۽ ان شهر کي
قاتل سال ۽ قاتل شهر سڏيان ٿو.
جن اسان کان...



www.bhutto.org

اسان جي پيڙ ڪسبي ورتي.
اي ظالم شهر!
تو اسان کي سان جي پيارن،
جا لاش تحفي ۾ ڏنا آهن، پر ياد رکج!
هي مظلوم قوم توکي پٽون
۽ پاراتا ڏئي ٿي.
شال تون بہ اجڙي وڃين!
ظالمن جي ور چڙهي وڃين!
او مظلوم قوم جي راڻي!
هي قوم ۽ هي ڌرتي توتي فخر ڪندي،
۽ فخر وچان ڳاٽ اوچو ڪري هلندي توکي ڪيئن
بڌايان تہ توکان پوءِ،
اسان ڪيئن جيئنداسين؟
پر ها تنهنجي مشن کي مڪمل ڪنداسين.
تنهنجي مشن کي اڌورو نہ ڇڏينداسين.
تنهنجي خون جو قسم!
اسان حق ۽ سچ جي جنگ جاري رکنداسين.
او منهنجي پيڙ توکي ڪهڙو نالو ڏيان؟
او ملير جي مارئي ڇا چوان، ڇا لکان!
ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نٿو اچي.
تون تہ گلاب جو گل هئينءَ
تون تہ سنڌ ۾ سنڌي عوام جي عزت هئينءَ.
او منڙي سنڌ امڙ بہ ميارون ٿي ڏي تہ،
اسان هڪ پيڙ کي بہ بچائي نہ سگهياسين.
او مارئي! مان ڪئين جيئندس؟
مان مري ويندس... مان مري ويندس
چڱو پيڙ هاڻي موڪلاڻي ناهي.

✵



www.bhutto.org

محمد جوکيو

# اي بينظير

اي بينظير!
تون پاڻ بينظير، تنهنجو شان بينظير،
تنهنجي سوچ بينظير، تنهنجي لوچ بينظير،
تنهنجي آس بينظير ۽ اميد بينظير،
تنهنجي مرڪ بينظير، تنهنجي مهڪ بينظير
تنهنجي سونهن بينظر ۽ ورونهن بينظير،
تنهنجي همٿ بينظير، تنهنجي محنت بينظير،
تنهنجي محبت بينظير ، تنهنجي چاهت بينظير،
تنهنجي سچائي بينظير ۽ وفائي بينظير،
تنهنجي سوڀ بينظير، تنهنجي سگهه بينظير،
تنهنجي عزت بينظير، تنهنجي عظمت بينظير،
تنهنجي مٽي بينظير، تنهنجي پوتي بينظير،
تنهنجي ڌرتي بينظير، تنهنجي سرتي بينظير،
تنهنجو ديس بينظير، تنهنجو ويس بينظير،
تنهنجو وقت بينظير، تنهنجو بخت بينظير
تنهنجو عزم بينظير، تنهنجو نظم بينظير،
تنهنجو جوش بينظير، تنهنجو هوش بينظير،
تنهنجو علم بينظير تنهنجو عمل بينظير،
تنهنجو جڳ بينظير ۽ جهان بينظير،
تنهنجو ساٿ بينظير ۽ سهڪار بينظير،
تنهنجو ساهه بينظير ۽ ويساهه بينظير،
تنهنجو آواز بينظير ۽ انداز بينظير،
تنهنجو صبح بينظير، تنهنجي شام بينظير،



www.bhutto.org

تنهنجو عقل بينظير، تنهنجو فهم بينظير،
تنهنجو نانءُ بينظير، تنهنجو ڏانءُ بينظير،
تنهنجو ڀاڳ بينظير ۽ سياڳ بينظير،
تنهنجو مان بينظير تنهنجو سان بينظير،
تنهنجي ساڀيان بينظير، تنهنجي سخا بينظير،
تنهنجي جان بينظير تنهنجي جند بينظير،
تنهنجي واهر بينظير، تنهنجو وسيلو بينظير،
تنهنجي تقرير بينظير، تنهنجي تحرير بينظير،
تنهنجي ذات بينظير، تنهنجي ڏات بينظير،
تنهنجي سڪ بينظير، تنهنجي سار بينظير،
تنهنجي پچار بينظير ۽ پڪار بينظير،
تنهنجي رمز بينظير، تنهنجو راز بينظير،
تنهنجي وک بينظير ۽ وقار بينظير،
تنهنجي مهراڻ بينظير ۽ ان جي موج بينظير،
تنهنجي جاکوڙ بينظير ۽ جدوجهد بينظير،
تنهنجي شخصيت بينظير تنهنجي حيثيت بينظير،
تنهنجي سياست بينظير تنهنجي قيادت بينظير،
تنهنجي زندگي بينظير ۽ شهادت بينظير،
تنهنجي حققيت بينظير ۽ فضيلت بينظير،
تنهنجي طاقت بينظير، تنهنجي تابش بينظير،
تنهنجو جذبو بينظير، تنهنجو جلوو بينظير،
تنهنجي ساک بينظير، تنهنجي باک بينظير،
تنهنجي قوم بينظير، سنڌي قوم بينظير،
تنهنجي ريت بينظير، تنهنجي رسم بينظير،
تنهنجو مک بينظير ۽ ماهتاب بينظير.
منهنجي ادي بينظير



www.bhutto.org

# سنڌ جي نياڻي

سياست ۾ سين ڪان سياڻي، سنڌ جي نياڻي،
حسين ذهين راڻين جي راڻي، سنڌ جي نياڻي.

سدائين سات سچ جو ڏيندي رهي، امن لاءِ،
ظلم جي باهه مٿان پاڻي، سنڌ جي نياڻي.

پيءُ پنهنجي سان ڪيئن ملي قيد تنهائيءَ ۾
لکي اها درد ڀريل ڪهاڻي، سنڌ جي نياڻي.

عوام جي محبوب اڳواڻ سنڌ جي سونهن هئي،
ذوالفقار جي پياري پنڪي نماڻي سنڌي جي نياڻي.

جنهن شام ڏرتي رني هر چهرو هو اداس
ان شام عظيم شهادت ماڻي، سنڌ جي نياڻي.



www.bhutto.org

# حياتيءَ جو عڪس

هوءَ پنهنجي بہ هئي،
۽ پرائي بہ هئي،
هوءَ حياتيءَ جو عڪس هئي،
۽ ڪنهن موت جي موت تي،
زندگيءَ جو رقص هئي،
هوءَ مسافر بہ هئي ۽ منزل بہ هئي،
هوءَ صديون بہ هئي ۽ پل بہ هئي.
رات جي جاري ۾ جر ڪندڙ
ڪنهن ڏيئي جي لاٽ هئي،
ڪيئي چون ٿا وات هئي.
خانہ بدوشن جي گيت جهڙي هوءَ هئي،
سٽ هئي جڻ ڪنهن نثري نظم جي،
۽ ڪنهن نيايل ريت جهڙي هوءَ هئي.
هوءَ اُس هئي ۽ چانڊوڪي بہ هئي.
ڪنهن اجايل ڌرتيءَ تي ڪو مينهن هئي.
رات نہ، پر ڪو ڏينهن هئي.
جڻ نڪورو نينهن هئي.
پر،
ڪنهن اجاڙيل وستيءَ ۾
اوندهہ سان جو هوءَ اٽڪي پئي،
تاريخ بہ جڻ تہ چرڪي پئي.
وقت ويو ويڙهجي ماتمي لباسن ۾
گوليءَ جو ورجاءُ وريو هو لمحن تي،
جڻ ڏيو گهمي ويو رستن تي.



www.bhutto.org

# پيڻ منهنجي بينظير

جهڙو هو نالو سندس، اهڙي لفظن ۾ سدير.
بي سهارن جو سهارو پيڻ منهنجي بينظير.

افق کان آکاش تائين، اڄ ٻه نعرا تا لڳن،
چيني صوبن جي زنجير، بينظير بينظير.

جيل ۾ سختيون سٺيون، پر نه ڪڏهن ڪنڌ جهڪيو
ويا اچي سڀ ويل ۾، هي چوڙ، ڦورو پير مير.

وات وائي يار جي، مايون مڙئي ياد ڪن،
ذڪر ڪن صوفي سدا، آستانن ۾ فقير.

سنڌ کان تي جا اُڏاٽي، محبتون ميڙي سيئي،
تو مچي پوڙهو ڀڪو هند سنڌ سارو برصغير.

آسرو ايو جهن کي، اڄ ٻه آهي بس اهو.
شهيد آ ورندي واپس، ۽ بدلائيندي تقدير.

توکي قاتل ڪيئن مچان ته، تون ٻه پيءُ جو پٽ آن،
يزيد کان ٻه وئين چڙهي، او بي حيا او بي ضمير.

اڄ نظر کان آهي اوجهل، ڪيئن چوان ناهي هتي،
شان آهي جنهن جو اعلي، ۽ سادگي ڀڳت ڪبير.



www.bhutto.org

# زندگيءَ جي فتح

رتُ آڪاس تي اُڏاري ويئي.
ديس پنهنجي کي جياري ويئي.

نئون اتهاس جُڙيو رستن جو،
پير جِن جي تي وساري ويئي.

ڪڪر جان هوءَ وَسي وَئي رڻ تي،
سچيءَ صحرا کي سنواري ويئي.

عڪس ڳوڙهن سان ٽيا ڏنڌلا پر،
دل جا آئينا اجاري ويئي.

هُن جي فوٽوءَ کي ڏسي ٿيو معلوم،
زندگي موت کي ماري ويئي.



www.bhutto.org

# شهيد بينظير ڀٽو (سوانح عُمري)

ڀُٽي جي ڌيءُ پنڪي جي ڪراچي ۾ ولادت ٿي،
خدا طرفان ڀُٽي کي بينظير نياڻي عنايت ٿي،
ڀُٽي جي خاندانن کي اها حاصل سعادت ٿي،
ڌيئي جا روشني جڳ کي سياڳي سا علامت ٿي،
هيو سَنُ ٽيونجاهون عيسوي جو جوُن ايڪيهين،
اوهان سڀ دل مٿان لکجو اها تاريخ اُن ڏينهين،

شروع تعليم ٿي اسڪولُ سو پڻ هو ڪراچي ۾
ملي تعليم پنڊيءَ مان مريءَ جي خُوب وادي ۾
گرامر جو سُٺو اسڪولُ هو تعليمَ بنيادي ۾
وطن پنهنجي منجهان جملي ڪئي حاصُل حياتي ۾
وَنڻَ تعلنيم بهتر، آمريڪا ڏي رواني ٿي.
اُها تعليم هُنَ جي لاءِ ترقي جي نشاني ٿي.

اُتي هُنَ ريڊ ڪلف ۽ هارورڊ ۾ داخلا ورتي،
هئي قابل اُتي ڊگري بي اي بر ملا ورتي،
ادب جي راهہ لاءِ چڙهہ روشني واري جلا ورتي،
وڏي اُن مُلڪَ مان ڀي حوصلي سان حاصلا ورتي،
عُمر ننڍڙي عقلُ ايڏو سندس مڃبو هوشياريءَ کي،
وڏي عزت ڏني مولي، نياڻي اِنَ پياري کي.

چڏيو پو آمريڪا کي وئي لنڊن پڙهائيءَ لئِہ
ارادا ڀي هيا پختا وٺڻ ڊگري سوائي لئِہ



www.bhutto.org

گهٽائي ڪين ٿو انسان تعليمي ڪمائي لئہ
وڏيون ڊگريون ڪجن حاصل جهان جي رونمائي لئہ
ڏني لنڊن سياست ۽ اڪانامڪس جي ڊگري،
اُتي پي پاڻ اسٽوڊنٽس جي ليڊر بڻي اُڀري.

لقبُ هُنَ کي سندَ وارو بہ مايہ نازُ هو حاصل،
مٿي جلدي ائين اُڀرڻ الاهي رازُ هو حاصل،
ڪرڻ تقرير سان قبضو اهو انداز هو حاصل،
وڏا آمر جهڪائي جو اهو آواز هو حاصل،
ڪئي شادي ڏنو هو ماءُ هن کي مڙس زرداري،
ستاسي عيسوي تاريخ ارڙهن ڊسمبر واري.

نسب اعليٰ چوان هن جو پُٽن واري گهراڻي مان،
اهو هلندو اچي هن جي سندس ڏاڏي سياڻي مان،
وڏي ملڪيت ملي جيڪا هئي انگريز ناڻي مان،
پُٽي سان گڏ گهمي نڪتي سياست هيٺ گهاٽي مان،
هنيو نعرو اجهي وارو اٿي وارو لٿي وارو
سچو نعرو هنيو آئي اهو والد پٽي وارو.

اچڻ لئہ پاڪ ۾ بيهر حڪومت پي جهليو هن کي،
صفا هستي مٿاڻ جو بہ اهڙو خط مليو هن کي،
ڏنائين موت، عزرائيل پي شايد رليو هن کي،
عوامي جوش جذبن پي نہ روڪيو ۽ پليو هن کي،
ستاويهين ڊسمبر جي هيو سنُ عيسوي ست جو
"مسافر چا تہ گولي سان وهيو درياهہُ هو رت جو.

✲



www.bhutto.org